# ڳاءِ انقلاب ڳاءِ

## (مزاحمتي شاعري)

## شيخ اياز



مرتب

اسحاق سميجو

روشني



# گاۓ انقلاب گاۓ

جڏهن مان انهيءَ تي سوچان ٿو تہ مون کي چا ڪرڻو آهي، تڏهن مان هڪ عقاب وانگر هوا ۾ پرواز ڪيان ٿو ۽ مون کي محسوس ٿئي ٿو تہ مون ۾ پوري پهاڙ کي هٽائڻ جو ٻل موجود آهي.

...

جنهن ڏينهن انسان آزاديءَ جي اميد پلي ڇڏي، ان ڏينهن قيامت ايندي، ڇو تہ زندگيءَ جي وجود لاءِ ڪوبہ ڪارڻ نہ رهندو.

...

"اي ذات! تون هڪ عظيم قوت آهين. تون هي ديوارون ڍاهي سگهين ٿي، هي اوچا ڪوٽ ڪيري سگهين ٿي. مون کي هن قيد مان آزاد ڪر، تہ جيئن مان ايتريءَ محويت سان لکي سگهان، جيتريءَ سان جيل کان ٻاهر بہ لکي نہ سگهندو آهيان. سارا سنساري بندڻ ڇني ڇڏ. سارا دک درد هٽاءِ ۽ ڀرپور آواز سان ڳاءِ، متان هيءَ جندڙي گيت جي پورنتا کان اڳ پوري نٿي وڃي. جهڪي آءُ اي آڪاس ۽ مون کي هن پيڙا مان ڪڍي، پنهنجي گود ۾ ڪٺي وٺ! اي سنڌو مون کي پاڻ وانگر آجيت بڻاءِ! اي ڌرتي، اي جڳت جنني، مون کي منهنجي مڪتي ڏي! آءُ! آءُ! هيءَ منهنجي پوئين پڪار آهي، ان کي آواز ڏي، سگهہ ڏي، سُتنترتا ڏي، تہ جيئن مان ثابت ڪري ڏيکاريان تہ ماڻهوءَ جو من ڪوٽن ۾ قابو رهي بہ پنهنجي آجڪائي پائي ٿو سگهي."

▣ شيخ اياز

# ڳاءِ انقلاب ڳاءِ

(شيخ اياز جي باغيانه، مزاحمتي ۽ انقلابي شاعري)

مرتب

اسحاق سميجو

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2015ع

# ارپنا

**پنهنجي والد**
**جاڙي خان جي نالي.**

هُو مخدوم بلاول کان ڏيڊ ڪلوميٽر جي پنڌ تي بهاول پور ڳوٺ ۾ 1926ع ڌاري ڄائو ۽ 26 سيپٽمبر 2014ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪري ويو. هُن کي سنڌي سُگهڙن جا ڪيئي منظوم قصا ياد هُئا. سندس آواز ۾ اثرانگيزي ۽ مٺاس هو. ڪيس چندر جا ايترا گيت ياد هُئا، جيترا چندر کي پاڻ کي ئي ياد ٿي پئي سگهيا. پهريون ڀيرو هُن ئي مون کي، دودي-چنيسر جو منظوم قصو ٻڌائي، رزميہ شاعريءَ سان واقفيت ڪرائي هئي. ان قصي جون ڪيئي سٽون اڄ بہ ماڪيءَ ۾ ٻُڏل ٻاڻ وانگر هانءَ ۾ کُتل آهن.

# فهرست


❖ مهاڳ 9
1. دوها 25
2. بيت 33
3. وايون 201
4. گيت 349
5. نظم 391
6. غزل 731
7. قطعا 771
8. ٽـ سِٽا / هائيڪو 775
9. ڏيڍ سٽا 795

مهاڳ

# اياز جي بغاوت

گذريل اڌ صديءَ جو سنڌي ادب ۽ خاص طور ان جي شاعريءَ اياز جي نالي ۽ حوالي کان سواءِ هر لحاظ کان اڌورا ۽ اڻ پورا آهن. جيتوڻيڪ اڌ صديءَ جي ان ڏکي پنڌ ۾ دنيا جهان جي انسانن، سنڌن آزادين ۽ مرضيءَ سان جيئڻ جي ويڙهه ۾ سنڌن سهڪاري ٿي بيهڻ، پنهنجي تحفظ ۽ تشخص کي برقرار ۽ بحال رکڻ لاءِ جابر قوتن سان ٽڪر کائڻ ۽ پنهنجي وطن، ان جي ماڻهن ۽ سنڌن ٻوليءَ سان محبت جي ان عبادت جهڙي رستي تي، اياز سان ساڻ ۾ هڪ پورو قافلو هيو پر ان قافلي جي واڳ، نمائندگي ۽ سرواڻي اياز وٽ ئي رهي- ۽ هو ئي صحيح معنيٰ ۾ ان جي اهل به هيو. هو پنهنجي اپياس، شعور، احساس ۽ فنڪارانه نگاهه وسيلي، ماضيءَ جي ماضي ۽ مستقبل جي مستقبل ۾ جهاتي پائي سگهڻ جي غير معمولي سگهه جو مالڪ هو. ذات ۽ ڏاهپ هن جي ذات ۾ ايئن رلي ملي ويون هيون، جيئن پاڻي مٽيءَ سان يا محبت دل جي ڌڙڪنن سان رلي ملي ويندي آهي، ۽ اهو سمجهي نه سگهبو آهي، ته ڪير ڪنهن جي زندگي آهي. هُن جي شاعري هڪ مڪمل ديس جو روپ اختيار ڪري چڪي آهي. توهان هن جي شاعري پڙهي، هڪ مڪمل سنڌ سان ملي سگهو ٿا. هڪ اهڙي سنڌ، جيڪا فقط لڪيرن وسيلي دنيا جي گولي تي ڪڍيل نقشو نه آهي، پر وٽس هڪ ڪبوتر جي دل ۽ عقاب جي اک به آهي. جيڪا مور جو پَر به آهي ۽ رڃ ۾ هرڻ جي ڊوڙ به آهي. جيڪا پاٽياريءَ جي مٽي تي بيلهڙو آهي ۽ دور کان نظر ايندڙ اٺن جو قافلو آهي. سنڌ جيڪا ڪڏهن تاڙي جي تنوار ۽ ٻاٻيهي جو ٻول آهي، ته ڪڏهن ڪاريهر جو وِهُ ۽ چڙيا گهر ۾ بيٺل واگهه جي گهُور آهي. اها ئي سنڌ هن جي شعرن ۾ سانوڻ جي سنڌوءَ وانگر اٿلون کائيندي، ڏسي سگهجي ٿي.

اياز جيڪڏهن اها دعويٰ ٿي ڪئي، تہ هو پنهنجي شاعريءَ وسيلي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي نہ اورانگهي سگهڻ جهڙو حفاظتي لوڙهو ڏئي رهيو آهي، تہ هو ڪو ايترو غلط بہ نہ هيو. اسين هڪ ننڍڙي ۽ رواجي معيار وسيلي بہ اياز جهڙي وڏي ماڻهوءَ جي اهڙيءَ دعويٰ کي آسانيءَ سان پرکي سگهون ٿا. هونئن ڪنهن بہ وڏي ماڻهوءَ جي وڏ- ماڻهپائيءَ کي پرکڻ لاءِ ڪي وڏا معيار مقرر ڪرڻ ايترا لازمي بہ نٿا ٿين. اوهان پڻائيءَ جي وڏائي پرکڻ چاهيو ٿا، مخدوم بلاول کي جاچي ڏسڻ جا خواهشمند آهيو شاهہ عنايت شهيد، دودي سومري، ڄام نندي، جي ايم سيد، پٺي، بينظير، حيدر بخش جتوئيءَ، سچل، ساميءَ، ميين عنات، خليفي نبي بخش، ڪشنچند بيوس، ڪنهن بہ ٻئي وڏي ماڻهوءَ کي هڪ ننڍڙي معيار آڌار سولائيءَ سان پرکي سگهو ٿا- معيار فقط اهو آهي، تہ جنهن هنر، ڪم، شعبي يا سماج ۾ ان شخص جي وڏ ماڻهپائي تسليم ٿيل آهي، ڪانئس اڳ ان جي حالت، سطح ۽ معيار ڇا هو ۽ ڪانئس پوءِ اهو ڪهڙين تبديلين مان گذري، ڪهڙي معيار ۽ مقام تي پهتو! جيئن پڻائي آهي. پڻائيءَ کان اڳ سنڌ ڪيئن هئي، ان جا قدر ڪهڙا هئا، ان وٽ نند وڏائيءَ جو معيار ڇا هو ان ۾ ڪهڙي قسم جو ماڻهو قابلِ عزت سمجهيو ويندو هو ان جا هيروز ڪير هئا، حاڪم تصورَ ۽ ڪلچر ڪهڙو هو ڪنهن بہ نئينءَ ڳالهہ، فڪر ۽ سوچ کي قبولڻ جي منجهس گنجائش ۽ سهپ ڪيتري هئي، وٽس رائج ڏندڪٿائون ڪهڙي قسم جون هيون، سندس ٻوليءَ کي ان جي ٺئي سماج ۾ ڪهڙي حيثيت ۽ مقام حاصل هو ۽ ان دور جي شاعريءَ ۾ رائج قدر، لاڙا ۽ رويا ڪهڙا هئا- ۽ جڏهن پڻائي 63 سالن جي ياترا پوري ڪري هليو ويو تڏهن سنڌ ۽ سنڌي شاعري انهن سيني معاملن ۾ ڪٿي پهتي هئي. انهن سوالن جا جواب ڳولي لهڻ شرط پڻائيءَ جي وڏماڻهپائي خودبخود نکري سامهون اچي بيهندي. اياز کي بہ اسان کي ايئن ٺئي پرکڻ گهرجي، تہ هن کان اڳ سنڌ ڪيئن هئي ۽ هو جڏهن هليو ويو تڏهن سنڌ کي ڪٿي ڇڏي ويو. چوندا آهن، تہ جڏهن بہ ڪو ماڻهو تري درياءُ پار ڪندو آهي، تہ ان کان پوءِ اهو درياءُ ساڳيو رهندو آهي، نہ ٺئي اهو شخص ساڳيو رهندو آهي. اياز بہ اهڙن ٺئي ماڻهن منجهان هو. هن جي وڃڻ کان پوءِ، نہ فقط اهو تہ هن جي شخصيت

هڪ نئين ڪردار طور ابري سامهون آئي، پر هن جو وطن سنڌ به، هڪ نئين تشخص سان بلڪل نرالي وطن طور متعارف ٿيڻ لڳو. ايئن ئي سنڌي ٻولي، جيڪا ڀتائيءَ کان پوءِ روايتي فارسي زده شاعرن هٿان زنگجي، ڪاراتجي، پنهنجي اصلوڪي معصوم ۽ سڀاجهي صورت وڃائي چڪي هئي، اياز ان کي نئين سر سنواريو سينگاريو ڳهه ڳٺا پارايا ۽ سونهن راڻي بڻايو. اهو سمورو ڪم هن پنهنجي بي مثال باغيانه فطرت، گهري شعوري صلاحيت ۽ دنيا جهان جي اعليٰ تخليقي روايتن جي اپياس ۽ ادراڪ وسيلي ڪيو. خاص طور بغاوت کي هن اڳ موجود فرسوده روايتن ۽ قدرن جي مينارن ۽ ڪوٽ قلعن کي ڊاهڻ لاءِ بهترين ۽ مضبوط هٿيار طور ڪتب آندو. بغاوت هن جي شاعريءَ ۽ شخصيت جو تخليقي گڻ ئي نه آهي، غالب رويو به آهي. هن کي خود به پسند هو ته دنيا کيس هڪ باغي شاعر طور سڃاڻي.

هن جيڪا سڀ کان پهرين بغاوت ڪئي، سا شاعريءَ جي روايتي ٻوليءَ سان هئي. هن جو پهريون شعري مجموعو ”ڀونر ڀري آڪاس“ ته گهڻو پوءِ 1962ع ڌاري آيو ان کان اڳ ۾ ئي هن ورهاڱي کان ڪجهه وقت اڳ جيڪي سهڻا، سجيلا، نفيس احساسن تي ٻڌل، رسيلي ٻوليءَ وارا گيت لکيا هئا، سي هن جي پنهنجي ٻوليءَ سان اٿاهه محبت ۽ پنهنجي لوڪ ۽ اساسي شعري روايت سان ڳنڍجڻ جي سلسلي ۾ پهرينءَ ڳنڍ مثل هئا.

آءُ سرنهن گل ڪيا، مينهن پيا آءُ
آءُ پرين آءُ!
پنڌ پيو آنهه ڇا؟ چنڊ هنئين جو پڙي؟
آءُ سڀاجها سڄڻ! آءُ گهڙيءَ لئه گهڙي،
چنڊ جيان ڪر چٽاءُ
آءُ پرين آءُ!.

هن کي اهڙي رشتي جي ڳنڍ سان ڳنڍجڻ ۾ بلاشڪ ته ’بيوس‘ ۽ ’دلگير‘ جي شعرن ڪافي مدد ڪئي هئي، پر اياز ان تعلق ۾ اڳتي هلي جيڪا شعوري ۽ جذباتي شدت پيدا ڪئي ۽ خاص طور ”ڀونر ڀري آڪاس“ کان پوءِ واري شاعريءَ ۾ جنهن حسن سان نيائي ڏيکاريو

تنهن کي 'بيوس' ۽ 'دلگير' جي ڪيل ابتدا کي انتها تي پهچڻ سان تعبير ڪري سگهجي ٿو. اياز "مهراڻ" رسالي جي ايڊيٽر محمد ابراهيم جويي صاحب کي لکيل هڪ خط ۾ چوي ٿو:"مون کي سنڌيءَ جي نوجوان اديبن لاءِ اها شڪايت آهي تہ هو مطالعو بلڪل نٿا ڪن. اهو دور ختم ٿي ويو جڏهن 'ناسخ' ۽ 'انشا' جا چار غزل پڙهي، اسان جا شاعر انهن جي قافين ۽ رديفن تي طبع آزمائي ڪندا هئا ۽ اردو زبان جون ورهين ڪان لتاڙيل ترڪيبون، تمثيلون ۽ تشبيهون هنن جي سچي ادبي دنيا هوندي هئي. منهنجي ادب جي ابتدا انهيءَ دقيانوسي قسم جي شاعريءَ ۽ ادب سان بغاوت سان ٿي هئي."

اياز جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ جي سفر ڪهاڻيءَ کي پڙهجي ٿو تہ لڳي ٿو هو هڪ ڳوڙهي بي چيني ۽ اٿل پٿل مان گذرندو رهيو آهي. اها بي چيني ۽ بي قراري، هُن جي روح جو پرتوو ٿي محسوس ٿئي، جنهن ۾ مزاحمت ۽ بغاوت ائين پريل آهي، جيئن هوا ۾ خوشبو يا گوليءَ ۾ بارود پريل ٿيندو آهي. هن جي ذات توڙي ذات، ٻيئي، هر دور ۾ بغاوت جي تمثيل رهيون. جيڪڏهن هڪ ليکڪ طور اياز کي فقط ڪنهن هڪ لفظ سان شناخت ڪرڻو پوي، تہ مان هُن کي "هڪ باغي ليکڪ" سڏڻ پسند ڪندس. چاڪاڻ تہ پنهنجي ابتدا کان آخر تائين، هُو پنهنجي تخليق، سوچ، نڪتہ نظر، فڪر توڙي عمل ۾ هڪ مڪمل، ڪميٽيڊ ۽ ڀرپور باغي هو. سندس ڀهريون ٿي ڪتاب "سفيد وحشي" باغي منڊل ڪراچيءَ پاران ڇپيو جنهن جي ابتدا ۾ هن جيڪو ڪجھ لکيو سو "لوڪ وهي لهوارو تون اوچو وهہ اوڀارا" جو مثال ٿو پيش ڪري "سفيد وحشي" اپريل 1947ع ۾ ڇپيو هو ۽ پاڪستان ۽ هندستان آگسٽ ۾ الڳ الڳ ملڪن جي صورت ۾ دنيا جي نقشي تي بظاهر آزاد ملڪن طور اڀري سامهون آيا هئا. اياز لکي ٿو:

"مان نہ پاڪستاني آهيان، نہ اڪنڊ هندستاني، نہ سماج جي سطحي رسم ۽ رواج جو پابند. نہ انقلابي طبقي جي اجائي جوش سان شامل، نہ ساهتيہ جي جهُوني، يڪ رنگہ تصور جو قايل، نہ ڊؤنگي ترقي پسندن جي جنسي (Sexual) اگهاڙپ جو مشتاق. منهنجي راهہ الڳہ آهي، منهنجو سياسي ۽ سماجي تصور علحدو آهي. منهنجا خيال ۽

احساس، امنگ ۽ اُڌما هر ڪنهن رڪاوٽ کي ٽڪرائيندا، پنهنجو رستو تلاش ڪندا آهن. ۽ جي اها نہ ھتندي آهي، تہ منهنجي بغاوت بہ رَتيون زور ٿي ويندي آهي – پوءِ اها رڪاوٽ سماج هجي يا سياسي طاقت، مذهب هجي يا رسمون روايتون، ترقي پسند يا غير ترقي پسند.“

آگسٽ 1947ع ۾ ”اڳتي قدم“ جي پهرئين ئي پرچي ۾ هن پنهنجي ڪتاب ”سفيد وحشيءَ“ جو جيڪو اشتهار ڇپيو آهي، سو هن ريت آهي:

”پڙهو!
سنڌ جي باغي اديب شيخ اياز جون ڪهاڻيون
سفيد وحشي!“

”اڳتي قدم“ جي ٽئين شماري ۾ (آگسٽ 1947ع) هن ”رولو ڪلب جي شاعر جو خط“ جي عنوان هيٺ لکيو: ”ٻارن کي تہ شاعر هميشہ گلن سان تشبيهہ ڏيندا رهيا آهن. خوبصورت، دلڪش گل، جن ڪڏهن بہ سرءُ جي سَٽ نہ سَٺي آهي... گل هي ڪيئن ٿيندا – لِيڙ لِيڙ قميصون، ڇيڙهہ ڇيڙهہ چڳون، رِيڙهہ پيڙهہ زندگي!..... هر عورت طوائف نہ آهي، پر هر طوائف عورت آهي! ڪٿي آهي ان جي عصمت ۽ پاڪدامني، حيا! جيستائين اهڙين عورتن جو وجود آهي، تيستائين مان ڪنهن عورتن کي شرم ﮬوتيءَ سان پيٽي سگهندس...؟

توهان ئي چئو تہ انهن احساسن هوندي، منهنجي شاعري سنڌ جي اڳئين شاعريءَ کان علحدي نہ ٿيندي! مان خوبصورتي پيدا ڪرڻ چاهيان ٿو پر اول بدصورتي تہ مٽايان! مان موسيقيت پيدا ڪرڻ چاهيان ٿو پر اول دک درد جون دانهون، بک بيماريءَ جون پڪارون تہ وڃايان!

ان ڪري مون هن سماج، حڪومت، مذهبي، رسمي رواجي خيالن سان بغاوت جو اعلان ڪيو آهي. مان رزمي، بزمي، عشقي فشقي شاعر نہ آهيان. مان هن سرشتي کي ڊانوان ڊول ڪرڻ چاهيان ٿو. هن زندگيءَ کي نئين سانچي ۾ پلٽڻ چاهيان ٿو.“ – ۽ خط جي آخر ۾ هن پنهنجو تعارف، هنن لفظن سان ڪرائڻ پسند ڪيو آهي:

”اوهان جو
باغي شاعر –“

ايازجو هڪ فنڪار طور، هڪ شخص طور ۽ هڪ رويي طور ان کان بهتر تعارف ٿي به نٿو سگهي. ڇاڪاڻ ته هن پنهنجي دور جي هر برائيءَ سان علي الاعلان بغاوت واري هئي ۽ اها ڪڏهن به ختم نه ٿي. اها فقط پنهنجا ٽارگيٽ ۽ محرڪ بدلائيندي رهي. ڪڏهن مذهب هن جي زَد ۾ آيو ته ڪڏهن تصوف. ڪڏهن اشتراڪيت کي چئلينج ڪيائين ته ڪڏهن هر قسم جي کوکلي سياست کي، ڪڏهن دهشت ۽ تشدد پسند روين کي نشانو بڻايائين، ته ڪڏهن اهنسا کي. حڪومتن، حڪمرانن، آزاديون سلب ڪندڙن، راءِ جي اظهار کي گوليءَ سان خاموش ڪرائيندڙن ۽ مقدس نالن ۾ ماڻهن کي ڪچلي، ڇيپاٽي زندگيءَ جي سرحدن مان پري ڌڪيندڙ سمورين ڌرين خلاف هن جو قلم هڪ لاڳيتي مزاحمتي ويڙهه وڙهندو رهيو- ۽ هن پنهنجي شعر لاءِ جيڪا "انوکيءَ ذات" واري تمثيل استعمال ڪئي هئي، تنهن جو اصل جوهر به اهو ئي هو. سندس شعر توڙي رويو، بغاوت جي جذبي ۾ ڳوهيل ۽ ڳنڌيل هو. ان معاملي ۾ هو سنئون سڌو سچل کان متاثر هو جنهن جي شعر جو مُک محرڪ به بغاوت هُئي، ته مذهب ۽ مسلڪ به بغاوت هو. بغاوت ئي هُن جو عشق هُئي ۽ بغاوت ئي هن جي شعر جو جوهر هُئي. نه فقط ترقي پسند، قومپرستي ۽ وطن دوستيءَ جي اثر هيٺ لکيل شاعريءَ ۾ اهو عنصر حاوي آهي، بلڪ رومانوي شاعريءَ ۾ به هن جو تخليقي وجدان غير معمولي حد تائين باغيانه تصورن جي چوگرد گهمندي نظر اچي ٿو.

ڪنهن به انسان جو گدازِ دل
هر خدا جي ڪلام کان بهتر!

....

ڪير هن حال جو سبب آهي،
ڪاٿي آهي، جي تنهنجو رب آهي؟
نعمتون بي حساب، سانڍي رک
منهنجي مانيءَ ڳيو طلب آهي!

...

تن تي افسردگي وسي ٿي اياز،
جي خداءِ بهار هوندا هئا!

...

هن زمين کان وڏيڪ سهڻو آ،
زاهدا! ڏس ته آسمان ڪوئي!

...

راز جيڪو ڪنهن پيمبر حل نه ڪيو
اي پرهه! تنهنجا پکي سمجهائي ويا!

....

ڪفر ۾ آ بُوءِ گل، رنگِ حنا،
هر نفي مون لئه پريںءَ جو پُور آ.

....

حسرتِ اقرار منهنجي اي پرين!
ڪنهن نه جاچي جرئت انڪار ۾.

....

محبت اياز آهه زنجير، تنهن کان
چڱي آهه آزادگي تنهنجي منهنجي!

....

بغاوت ڪئي آ مون دير و حرم سان،
جهڪايان ڪٿي مان جبين، تون ڪٿي آن!

ترقي پسندن عام طور غزل کي هڪ صنف طور گهربل اهميت نه ڏني آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو خاص طور اردوءَ ۾ ڏسبو ته، فراق گورکپوريءَ کي ڇڏي، اڪثر وڏا ترقي پسند شاعر جهڙوڪ فيض، مخدوم، جوش، سردار، مجاز، قاسمي، سڀ جا سڀ نظم کي اظهار جو ذريعو بڻائيندي نظر ايندا. اياز غزل سميت ڪنهن به گهاڙيٽي سان نفرت نه ڪئي. هن پهرئين دور جي پيءَ وک ۾، ڪجهه اردو شاعرن جي صحبت ۽ سنگت ملڻ سبب، ٻوليءَ طرف نج پٽي واري روش کي ترڪ ڪري، جڏهن روايتي فارسي انداز ۾ غزل لکڻ شروع ڪيا، تڏهن به هن انهن ۾ روايتي موضوعن کي گهٽ ئي ڇهيو- ۽ اهڙا اهڙا معاملا، سوال ۽

مضمون ڪٽي آيو. جيڪي ڪانئس اڳ ممنوع ٿيل ميوي مثل رهيا هئا. اهو ئي سبب آهي جو "پؤنر پري آڪاس" ڪي رائيٽرس گلڊ جي ايوارڊ ملڻ باوجود ضبطگيءَ جو منهن ڏسڻو پيو.

جيتوڻيڪ اياز جي بغاوت هر دور ۾ مختلف صورتون اختيار ڪندي رهي آهي، پر پنهنجي ابتدائي زماني ۾ اها هڪ انقلابيءَ جي بغاوت محسوس ٿئي ٿي، جنهن وٽ پنهنجي سماج ۽ ان جي ماڻهن جي مسئلن جي حل لاءِ هڪ پيو ۽ متبادل نظام آهي. هن وٽ اهو نظام نهايت چٽو ۽ واضح نموني ڏسي سگهجي ٿو. "اڳتي قدم" جي شمارن ۾ اياز هڪ سلسلو لکندو هيو "سوچو ۽ بغاوت ڪريو." ان عنوان هيٺ هو آگسٽ 1947ع جي پهرئين ئي شماري ۾ لکي ٿو:

"هن سماج جي سيني ۾ سوين ناسور آهن. جتي ڇُهجيس، اتي پيو ڏکي! ڇا اسلام انهن جي ٻه ڪا جراحت ڪري ٿو؟ ڇا اسلام امير غريب، اوچ نيچ جو تفاوت متائڻ چاهي ٿو؟ جي ها ته اچو ته ان ارادي جي تڪميل لاءِ لڙون. جي نه، ته چونديو- اسلام يا سوشلزم؟"

ايئن هُو نه فقط پنهنجي زماني جي هڪ نظام ۽ اسٽيٽسڪو کي چئلينج ٿو ڪري، پر گڏوگڏ هڪ نئين نظام لاءِ سوچڻ جي ٻه ڳالهه ڪري ٿو. جيڪا ان وقت هن جي خيال مطابق سماجي ناسورن جي جراحت جي اهل هئي. هن جي اها سوچ سندس ان دور جي شاعريءَ ۾ ٻه چٽي ۽ واضح آهي. 1946ع ڌاري مقبول ٿيل هن جو مشهور گيت اهڙي انقلابي بغاوت جو اولين مثال آهي:

ڍاهه هن سماج کي
لوڏ سامراج کي
آڻ ڪو نئون نظام
جو چڱو چئي عوام
انقلاب، انقلاب، ڳاءِ انقلاب ڳاءِ...

پنهنجي اهڙي شاعريءَ جي حوالي سان "اڳتي قدم" رسالي ۾ اياز لکيو: "هي گيت عوام جي جهنڊي سان لهرائيندا، انقلاب جي نعري جو آڌرياءُ ڪندا... جيئن زمين آسمان گونجي اٿي، هيءُ بي اتفاقيءَ، بد

انتظاميءَ جي دنيا لڏي وڃي ۽ زلزلي ۽ ظلمات مان نئين دور جي پريات نچندي اچي ۽ دنيا تي پنهنجا سِيتل ڪرڻا ڦهلائي! ۽ پوءِ مان پنهنجا نفيس جذبا ۽ لطيف احساس چٽيندس ۽ اهڙو لفظن جو خوبصورت جهان اڏيندس، جو خدا جو بهشت بہ اُن اڳيان هر هر جُهڪي سلام ڪندو.“

اياز جي سنڌي ڪلام جو پهريون مجموعو ”ڀؤنر ڀري آڪاس“ 1962ع ۾ شايع ٿيو ۽ وقت جي سرڪار ان کي ٻن سالن کان پوءِ 1964ع ۾ ضبط ڪيو. ايئن ئي سندس شاعريءَ جي ٻئين مجموعي ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ ۽ سنڌي نثر ۾ ڪلاسڪ جو درجو رکندڙ سندس غير معمولي خطن تي ٻڌل مجموعي ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيءَ“ تي 1968ع ۾ بندش وڌي وئي. اياز 1947ع ۾ ”اڳتي قدم“ کي لکيل پنهنجي خط ۾ اڳواٽ ئي ٻڌائي ڇڏيو هو”تہ ڇيو وڃي ٿو تہ منهنجن بغاوتي ترانن تي حڪومت بندش وجهندي، جي ائين آهي تہ توهين پنهنجي رسالي رستي آواز اٿاري، منهنجي مدد ڪجو.“ اياز جو اهو خدشو صحيح ثابت ٿيو ۽ ائين هن جي بغاوت بہ نئين کان نئون رنگ اختيار ڪندي رهي، تہ مقدمن، الزامن، بُهتانن ۽ فتوائن جون بارشون بہ ٿينديون رهيون. اياز کي نہ ڪفر جي فتوائن ڪنبايو نہ الحاد جي الزامن، نہ دشمنن جون سازشون ڪيس جهڪائي سگهيون، نہ دوستن جون بيوفايون. هُن سمورا وار پنهنجي سيني تي سَٺا، جيل ڪاٽيا ۽ شهر بدريون ڏٺيون- پر پنهنجيءَ بغاوت ۽ مزاحمت جي آواز کي جهيڻو ٿيڻ نہ ڏنو. هن جي ذات جي ڏيئي جي وَٽ وڌيڪ تهائين اُڀي ۽ اُونچي ٿيندي، جنهن جي روشنيءَ ۾ اُهاءَ منجهان هڪ نئين، جرڪندڙ ۽ صاف شفاف سنڌ جي صورت ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي.

اياز جنهن زماني ۾ اک کولي، اها گهٽو ڪري تہ هڪ واضح لڪير تحت ماڻهن جي ٻن گروهن ۾ ورهايل هُئي. هڪڙا اُهي هئا، جيڪي، چاهيندي نہ چاهيندي، ڪنهن نہ ڪنهن جنگ جو حصو هُئا ۽ کين ايتري بہ خبر هئي تہ هو ڪنهن جي جنگ وڙهي رهيا آهن، ۽ جن سان وڙهي رهيا آهن، تن جو ڏوهہ ڪهڙو آهي. اها صورتحال عالم کان وٺي علائقي تائين، جيئن جو تيئن موجود هئي. ٻن عالمي جنگين جي وچ واري زماني ۾، جڏهن اڌ دنيا چند ملڪن جي غلاميءَ هيٺ

تڳي رهي هئي ۽ هر هنڌ کي ڇڙوڇڙ، ڪمزور ته ڪٿي منظم ۽ سگهاريون آزاديءَ جون تحريڪون پيدا ٿي چڪيون هيون. هند ۾ به هڪ پاسي گانڌيءَ جي سوراج پارٽي، ڪانگريس، مسلم ليگ ۽ ٻيون ڏريون منظر تي هيون ته، ٻئي طرف ڪرتار سنگهه ۽ سبحان سنگهه وارن جي هٿيار بند ويڙهه ڪندڙ غدر پارٽي، ڀڳت سنگهه وارن جي هندستان سوشلسٽ ريپبلڪ آرمي، سڀاش چندر بوس جي انڊين نيشنل آرمي ۽ سنڌ ۾ پير صبغت الله شاهه جي حُر تحريڪ موجود هيُون. اياز ان سموري دور کي ڏٺو ته هڪ ٻار جي اک سان، پر ان کي محسوس پنهنجي ادراڪ جي اک سان ڪيو. اڳتي هلي، جڏهن ان سموري دور منجهان ڪيس پنهنجي لاءِ هيرو ۽ آئيڊيل طور ڪنهن شخص جي چونڊ ڪرڻي پئي، ته هن کي پنهنجي مزاج ۽ آئيڊيالاجيءَ جي ويجهو وري به هڪ باغي ۽ ويڙهاڪ شخص ئي نظر آيو يعني ڀڳت سنگهه! جيتوڻيڪ "ڀڳت سنگهه کي ڦاسي" هن 1971ع ڌاري سکر جيل ۾ رشيديٽيءَ سان قيد ڪاٽڻ دوران لکڻ شروع ڪيو هو ۽ 1973_74ع ڌاري اهو مڪمل ڪيو هُئائين، پر ڀڳت سنگهه هُن جي ذهن تي ابتدائي ڏينهن کان ئي حاوي هو. ڇاڪاڻ ته هن جي ڪردار ۾ تبديليءَ ۽ آزاديءَ لاءِ جيڪا اجهل ۽ بي قابو قسم جي تڙپ ۽ لُڇ پُڇ هُئي، سا خود اياز ۾ به هُئي. هُن به ڀڳت سنگهه وانگر سڀ ڪجهه ڏاهي، ڏانوان ڏول ڪرڻ ٿي چاهيو:

آ ڪيڏي برف هماله تي،
ڪيئن ڇئجي سا ڪنهن وقت رِجي!
او شال! گهٽا گهنگهور اُٺي،
۽ اُپري زوران زور اُٺي،
او شال! تکا طوفان اَچن
۽ ڏول گِريءَ کي ڏڏڪائن،
۽ گوري شنڪر کي گهائن
۽ چوهه ڇپن کي ڪيرائن
۽ ڦرندي ڦرندي ڦيرائن

ڪنهن وقت اٿاسيءَ ڏرتيءَ کي
هن يوريءَ ناسيءَ ڏرتيءَ کي،
۽ اُن جا سارا ٽاڪ ٽڏي
شل تارن تائين برف اُڏي
۽ ساري ڌرتي ڏونڏاڙي
هي جهُونا وڻ سڀ جهونجهاڙي
شل آڪيرن جي اوٽ ٻهي
۽ ڪهه ۾ هرڪو جيءَ ڪهي!
هي گهاگهرا، گنڊڪ، ياڳ متي،
۽ گنگا، جمنا، سرسوتي،
سڀ جيسين تارئون تار وهن
۽ گرجي ساگر طرف ڳهن،
۽ جيسين هيڏي برف رجي،
اڄ تيسين ڪوطوفان ٿِجي!
طوفان ضروري آ يارو!
گهمسان ضروري آ يارو!

ائين ئي هُو سياش چندر بوس کان بہ گهڻو متاثر هو، جنهن انڊين نيشنل آرمي ٺاهي هئي ۽ آزاديءَ لاءِ هٿياربند ويڙهہ جو قائل هو. جيتوڻيڪ آخري وقت ۾ ايازکي دهشت پسند سوچ رکندڙ سمورين تحريڪن سان نفرت هُئي ۽ هُو گانڌيءَجي اهنسا واري نظريي کان سخت متاثر هو پر پوءِ بہ هُن کي اهي باغي ڪردار اُتساهيندا رهيا.

پنهنجيءَ آتم ڪٿا جي ٽئين ڀاڱي ۾ هو لکي ٿو: ”مون کي تشدد ۽ فاشزم لاءِ نفرت آهي، پر جي بوس جپان سان معقول سمجهوتو ڪري سگهي ها، تہ انڊين نيشنل آرمي اقتدار ۾ اچي ها ۽ هن ڳڙ ڳڙ ڏاٽي واري فضا ۾ مونجهاري مان جان ڇُٽي پئي ها. فاشزم هونئن بہ اچي ها ۽ هيئن بہ آئي.“

ڪتاب جي ساڳئي ئي صفحي تي هو لکي ٿو: ”ڪيئن چئجي تہ بوس هوائي حادثي ۾ نہ ماريو ويجي ها، تہ برصغير انڊين نيشنل آرميءَ

جي هٿ ۾ اچي ها ۽ برصغير جي تقدير ٻي هجي ها. آخر بوس پاڻ تہ فاشسٽ نہ هو!"

آخري وقتن ۾ جيتوڻيڪ هُو سوشلزم ۽ ڪميونزم جو سخت مخالف ٿي چڪو هو پر ان جو مکيہ سبب اسٽالن جون پاليسيون ۽ روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو اظهار جي آزاديءَ ۽ شخصي آزادين تي زنجير وجهڻ وارو رويو هو جنهن متعلق هن تمام گهڻو ادب پڙهيو هو. تڏهن بہ کيس سوشلزم ۾ چڱن پاسن ۽ حاصلاتن سان آخر تائين محبت هئي، ۽ هو رکي رکي انهن جي ساراهہ بہ ڪندو رهيو." جي فرض ڪجي تہ، جن صحافين، تاريخ نويسن ۽ فلسفي جي تجزيي دانن ۽ ايس ايس آر جي ٽالان والان ٿي وڃڻ کي تاريخ جو انت سمجهيو، سي صحيح ها، تہ تڏهن بہ ان چوڻ کان انڪار ڪري نٿو سگهجي، تہ هن ڪيترن ئي ملڪن جي پٺتي پيل زرعي زندگيءَ کي اُتساهيو ۽ ان ڏس ۾ رفتار وڌائڻ (Accelerator) وارو ڪم ڏنو."

'ڪٿي تہ پهچبو ٿڪ مسافر' جي صفحي 726 تي هو لکي ٿو:"نٽشي ان لاءِ خودڪشي ڪئي، ڇو تہ هن کي زندگيءَ ۾ معنيٰ نظر نہ آئي. يوناني فلسفي زينو (Zeno) سچي زندگي آپگهات لاءِ ماڻهن کي چوندو رهيو ڇاڪاڻ جو 'نجات جو ذريعو فقط اهو ئي هو'. مٿيون اختصار مون اوشوءَ جي ڪنهن ڪتاب مان ڏنو آهي. سچ تہ مان بہ فقط ڪورٽن، بار رُومن ۽ رپورٽن جي مطالعي ۾ سارو وقت وڃايان ها، تہ منهنجي ڪيفيت بہ اُنهيءَ نوجوان (ڪاميو جي ناول جي هيرو) جهڙي هجي ها، جنهن بي سبب خون ڪيو هو پر شراب نوشيءَ، شاعريءَ، وڪالت ۽ مصروفيت ۽ ڪميونزم سان وابستگيءَ مون کي بچائي ورتو."

اياز پنهنجي زندگيءَ جي ابتدا ۾ ئي جنهن سوچ يا آئيڊيالاجيءَ ڏانهن متوجهہ ٿيو سا اشتراڪي يا سوشلسٽ فڪر تي ٻڌل هئي. ان دور ۾ ائين ٿيڻ عين فطري بہ هو. ڇاڪاڻ تہ اياز جي باغيانہ ۽ انقلابي طبيعت کي هڪ اهڙي ئي آئيڊيالاجي يا فڪرمتاثر ڪري پئي سگهيو جنهن وٽ غلاميءَ ۽ ڏاڍ خلاف ويڙهہ جو نصاب ئي نہ عملي دستور بہ هجي. جنهن جا خواب آسمان لتاڙيندا هجن ۽ سمورن زمانن تي حڪمرانيءَ جا قائل هجن. اياز خود بہ پنهنجن تصورن ۽ تخيلن ۾

زمينن ۽ زمانن تي حڪمراني ڪري رهيو هو ۽ هن جو ڪلام سموريءَ ڪائنات کي پنهنجي گهيري ۾ آڻڻ لڳو هو. شايد اهو ئي سبب هجي، جو هُو ايم اين راءِ جي ريڊيڪل پارٽيءَ جو ميمبر بہ ٿيو تہ 1946ع واري اليڪشن ۾ سندس پارٽيءَ جي هڪ اڳواڻ ڪامريڊ عبدالغفور جي ورڪ لاءِ عمرڪوٽ بہ ويو ۽ هڪ مهيني تائين ٿر جي پٽن ۾ محمد ابراهيم جويي ۽ ٻين سان رُلندو رهيو. نعري بازيءَ جي الزام هيٺ آيل سندس مشهور گيت "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ" ان ئي زماني جو لکيل آهي.

اياز ريڊيڪل پارٽيءَ سان وابستگيءَ دوران ڪافي سرگرم رهيو ۽ انگريز حاڪمن خلاف هندستان ۾ هلندڙ هر قسم جي باغيانہ ۽ احتجاجي تحريڪن سان سڌي يا اڻ سڌي نموني لاڳاپيل رهيو. ورهاڱي کان ڪجھ وقت اڳ ڪراچيءَ ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ سان لاڳاپيل ماڻهن جو هڪ جٿو ڪافي سرگرم هيو. سوڀي گيانچندا ڻي ۽ اسلم رحيل مرزا "سنڌ ڪي چند انقلابي دانشور اور عوامي رهنما" ۾ لکيو آهي:

" 1946ع ۾ جڏهن هندستاني بحري ٻيڙي واري بغاوت عمل ۾ آئي، تہ پارٽيءَ جي رهنمائيءَ ۾ هن گروپ جون سرگرميون ڪراچيءَ جي فيڪٽرين ۽ ڪارخانن جي ٻين ڪئين مزدور ڪارڪنن سان مليون، وڏي ويون ۽ برطانوي سامراج جي غلامي، محڪوميءَ ۽ آفيسر شاهيءَ خلاف بحري ٻيڙي جي ملاحن جي حمايت ۾ سڄي ڪراچيءَ ۾ هڪ طوفاني جوش ۽ ولولي وارو ماحول پيدا ٿي ويو. مظاهرن، جلسن جلوسن ۽ هڙتالن جي هڪ اڻ کٽ سلسلي ڪراچيءَ کان سواءِ هندستان جي ٻين بندرگاهي شهرن بمبئي، ڪلڪتي ۽ مدراس کي بہ پنهنجي گهيري ۾ ڪري ورتو. اياز بہ ان سموري عرصي ۾ هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ انهن انقلابي سرگرمين ۾ شامل رهيو... اياز جهازي ملاحن جي برطانوي حڪومت خلاف ملڪ گير بغاوت واري صورتحال ۽ واقعن کان متاثر ٿي ڪجھ نظم ۽ افسانہ بہ لکيا. "سفيد وحشي" نالي ڪتاب ۾ ان ئي عنوان هيٺ شامل افسانو بہ ان ئي باغي فضا جي پيداوار آهي."

اياز جي ابتدائي زندگي جنهن قسم جي سياسي ماحول ۾ اُسري نسري ۽ نظرين ۽ ڪردارن سان وابستگيءَ ۾ گذري، انهن جو مٿس

سچي زندگي اثر رهيو. جيتوڻيڪ اياز جي سموري تخليقي، علمي، سياسي ۽ فڪري سفر تي نگاهه وجهڻ سان پتو پوي ٿو تہ، هُن هڪ اشتراڪيءَ طور پنهنجي فڪري زندگيءَ جي شروعات ڪئي هئي ۽ پوءِ ترقي پسند، وطن دوست، قوم پرست، جمهوريت پسند، اسلامي فڪر جي مثبت پهلوئن جي حامي ۽ آخر ۾ هڪ اهنسا وادي ۽ صوفيءَ طور پنهنجو سفر پڄاڻيءَ تي پهچايو- پر ٿلهي ليکي، هُو انهن مان هر هڪ فڪر ۽ نظريي جي ڪمزورين ۽ خرابين تي چوٽون ڪندڙ ۽ هر قسم جي جبر، ڏاڍ، فاشزم ۽ راءِ جي اظهار کي چيپاڻ جو سخت مخالف رهيو.

اهڙي لاڳيتي تبديليءَ جا بلاشڪ تہ ڪي منفي پاسا بہ ٿين ٿا، پر اهڙي تبديلي هڪ دانشور، اديب ۽ ذهين ماڻهوءَ جي زنده هجڻ جي نشاني بہ آهي. اهو بدلاءُ ۽ سوچ جو تحرڪ ئي زندگيءَ جي سفر کي اڳتي وٺي هلڻ جو ڪم ڪري ٿو.

اياز ۾ انڪار ڪرڻ جي بي پناهہ قوت ۽ جرئت هئي. هن هائوڪار بجاءِ انڪار جو ڪنڊن ۽ ڪاون ڀريو رتوڇاڻ ڪندڙ رستو پاڻ ئي چونڊيو هو. ڇاڪاڻ تہ هُن جي پڙهڻ ۽ لاڳيتي پڙهڻ، هُن کي سيکاريو هو تہ جيڪي ماڻهو انڪار نہ ڪري سگهندا آهن، انهن جي هائوڪار کي بہ ڪا معنيٰ نہ ٿيندي آهي. هُن جي شخصي ۽ فڪري تضادن کان انڪار ڪري نٿو سگهجي، پر هُن جي ذات ۽ ڏات ٻنهي ۾ بغاوت ۽ ويڙهہ ڪائي سگهڻ جي جيڪا صلاحيت هُئي، سا هُن جي پوري دؤر ۾ ڪنهن وٽ بہ نہ هُئي. بنگال خلاف هلندڙ آپريشن دوران، جڏهن فيض سميت اردوءَ جا اڪثر وڏا اديب ”غالب ڪي دربارِ آمر“ نالي رٿيل پروگرام ۾ سرڪار پاران انبن جون دعوتون ڪائي رهيا هئا، تڏهن جي ايم سيد، شيخ اياز رشيد ڀٽي ۽ سنڌ جا ٻيا روشن خيال اديب، عالم ۽ فنڪار جيلن ۾ قيد ڪاٽي رهيا هئا. ساڳيءَ ريت اياز سچي ننڍي کنڊ جو واحد شاعر هو جنهن ”هي سنگرام سامهون آ نارايڻ شيام، هن تي ڪيئن بندوق کڻان مان، هن کي گولي ڪيئن هڻان مان“- چئي، 65ع واريءَ جنگ ۾ ٻنهي طرفن کان ٿيندڙ انساني قتلِ عام تي پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو هو. اياز ”ڪپر ٿو ڪن

ڪري“ ۾ بنگال خلاف ٿيل آپريشن وارن ڏينهن ۾ پنهنجي جيل جي يادگيرين مان هڪ يادگيري هيءَ به لکي آهي:

”رات ريڊيو تي ’غالب ڪي دربارِ آمر‘ پروگرام ٻڌي رهيا هياسين. ’فيض‘ جي صدارت ۾ ڪيترا ئي شاعر ۽ اديب ’غالب‘ تي ۽ هن جي انبن سان رغبت تي شعر ۽ مضمون پڙهي رهيا هئا. هنن لاءِ انبن جي دعوت به ڪئي ويئي هئي، جنهن ۾ پاڪستان جا قسمين قسمين انب آندا ويا هئا. جنهن وقت هو انب چُوسي رهيا هئا، ان وقت اوير پاڪستان جا لکين ماڻهو- ڪيرو پار ٻيا ۽ زالون- سرحد ٽپي، هندستان وڃي چڪا هئا، ۽ لکين ماڻهو پنهنجا ماڳ مڪان ڇڏي، هِت هُت ڀٽڪي رهيا هئا. مون اُن وقت ڏاڍو ساهه ٻري سوچيو هو ته، ’شاعر به ذلت جي تري ۾ ائين ئي ڪري سگهن ٿا. جيئن ٻيا ماڻهو! تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي جڏهن ڪوٽي ۽ ڪري جي پرک ٿيندي، تڏهن هي چلڪڻا سِڪا ڪوڏيءَ جي ملهه به نه ويندا.“

بنگال سانحي تي سنڌ جي اديبن جو رد عمل ڏسڻو هجي، ته علي بابا جي ڪهاڻي ”مدرگاديس“ ڏسڻ گهرجي. ان سانحي تي اهڙي ڪهاڻي خود بنگاليءَ ۾ به ورلي لکي وئي هوندي. اها ڪهاڻي سنڌي ماڻهن جي انسانيت پسنديءَ ۽ هڪ باوقار قوم طور ڳاٽ اوچو ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

جيتوڻيڪ آخرِ اياز ”تصوف کي انسان جي آخري نجات“ ۽ ”جدلياتيماديت جو نعم البدل“ سڏيندو رهيو پر هن کي انقلابي باغي ۽ ويڙهو قسم جا ڪردار تڏهن به ساڳئي انداز ۾ انسپائر ڪندا رهيا. آخري دور جي شاعريءَ ۾ هُن شعوري طور تي اهڙن ڪردارن کي ڳائڻ کان پاسو ڪيو پر نفسياتي ۽ ذهني طور هن لاءِ اهڙا ڪردار ئي افسانوي حيثيت جا مالڪ ۽ هيرو هُئا. مثال طور آتم ڪٿا جي آخري ڀاڱي ۾ هُو پنهنجي زندگيءَ جي هڪ اهڙي ڪردار کي جهڙيءَ ريت پيش ٿو ڪري، تنهن مان به هن جي ذهني رغبت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سنڌ ۾ جڏهن ٻوليءَ وارا فساد شروع ٿيا ۽ پراڻي سکر ۾ اياز جو گهر خطري هيٺ هو تڏهن پيرل پنيري نالي هڪ شخص اياز جو پهريدار ٿي اچي وٿس ترسيو هيو. پيرل پنيرو ڳڙهي ياسين جو

پنيرو هو جنهن کي اياز خون جي هڪ ڪيس مان آزاد ڪرايو هو. اياز پيرل جي زباني سندس ذڪر هنن لفظن ۾ تو ڪري:

”مان تنهنجي گهر رهندس، تولاءِ ماني پچائيندس، ۽ توتي پهرو ڏيندس.“ پوءِ آهستي پڇيائين: ”ڪارتوس، اٿئي؟“ مون هن کي جواب ڏنو: ”پنجاهہ کن تہ آهن.“

”بس، بس، بس...“ پيرل چيو. ”مان اڪيلو پراڻو سکر اُڏائي ڏيندوسانءِ! هيءَ ڪهاڙي، جا سج وانگر چمڪي ٿي، اُن سان بہ پنجاهہ سِر تہ اُڏائي سگهندو آهيان.“

اياز هن سان اهڙي گفتگوءَ کان اڳ لکي ٿو: ”مون کي مڙس ماڻهو وڻندا هئا، پيرل پنيرو سورهيہ، مهل وارو، ٿورائتو ۽ وير وَٺو هو. ويڙهہ ۾ هُو وڻ وجائي ڇڏيندو هو. هيٺي سان هيٺو ۽ ڏاڍي سان ڏاڍو هو.“

⁂ اياز جي هيءَ شاعري فقط بغاوت، انقلاب، آزادي ۽ مزاحمت تائين محدود نہ آهي بلڪ اها پنهنجي دامن ۾ زندگيءَ، فطرت ۽ فرد جي ذات جي ڪائنات جا هزارين اسرارن پريا پهلو، سوادَ ۽ خوبصورتيون سمايو ويٺي آهي. هيءَ زندگيءَ سان پرپور ۽ زندگيءَ جي بچاءَ جي شاعري آهي، جنهن تي ايندڙ ڪيئي زمانا ناز ڪندا رهندا.

هن ڪتاب ۾ اياز جا منظوم ناٽڪ، جهڙوڪ: دودي سومري جو موت ۽ پڳت سنگهہ کي ڦاسي وغيره جهڙا ڇاڻي واڻي شامل نہ ڪيا ويا آهن، جو تہ انهن کي اياز جي صنف وار سهيڙ واري سلسلي ۾ الڳ شايع ڪيو ويندو.

_ اسحاق سميجو



# دوها

ڪافر ناهي، مومن ناهي، ’سچو‘ پوءِ بہ سچ،
سچ چوي تو ’اچ، اچي سوريءَ تي لٽڪي نچ‘.

◈

ڪٿي نہ ڪوئي ڪونڌر ڏسجي، ڪٿي نہ اُبري ڪنڌ،
آءٌ اڪيلو هان اوجهڙ ۾، پري پرينءَ جو پنڌ.

◈

شال ڪسي مان توتي تاڻيان، تنهنجا ڪان ڪمان،
. . . . . هاءِ، پکيئڙا پيارا پيارا، اُڏري ويا نادان!

◈

ڏيئڙ ڏياريءَ جو ناهيان مان، اتم اُجالو آس،
لڇندي منهنجي لاٽ اڪيلي، گهر گهر آهہ اُماس.

◈

وڍي چڏي ڪنهن نڙي نڙيءَ جي، گهُٽجي ويا آواز،
ساٿا ۽ ويڳاٽا تي پيا، سُڏڪي سُڏڪي ساز.

◈

چَڙو اسان جو چُپ چو آهي، چُري نہ تو چو چنگ!
ويو لتاڙي لاٽ اسان جي، ڪير هيو اڙٻنگ!

◈

منهنجي سنڌڙي، منهنجي سنڌڙي، سنڌڙي، منهنجي ماءُ!
ڪيئن مڃان مان، تنهنجي ڪُک مان، سک ڇڏي وئي ساءُ!

◈

مُنجهي پيا سڀ تنهنجا مانجهي، او منهنجا مهراڻ!
آءُ ڪپر تي وينو سوچيان، ڇاڻ هٽي تي ٻاڻ.

◈

سدا نہ رهندو ڪوبہ سڪندر، ٿيندو نيٺ تباهہ،
ايندا ويندا ڪيئي، وهندو رهندو درياهہ شاهہ.

◈

ڀڄري ڀڄري، نيٺ تہ تنهنجو جيءُ ڪندو جاڪوڙ،
وسندا مينهن مٿيءَ تي تنهنجي، اُٿندين نيٺ اَروڙ.

◈

اڇو اڇو اي ڄَر جا ڄاڻو! لُڇي پئي اڄ لاٽ،
ڪوليو ڪوليو هي ڪنيڙاتيون، ڳٽيو نہ پنهنجا ڳاٽ.

◈

وَٽ ۾ وڃڙي ويون ڪنِيڙاتيون، آيا نينهن-نسنگ!
ڪير چوي، چو ڄاٽي واٽي، ڀڄريا ڀاڻ پتنگ!

◈

ييج يني آ، ماڪ وسي تي، ڪوئي ڪول ڪلالَ،
آڻ تہ پيئان، آڻ تہ جيئان، جيئين سدائين شال!

◈

من آ مالامال اسان جو، ڪوئي ڪول ڪلال،
اَٿئي گهٽيئي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾، قرب سوا ڪنگال.

◈

مَيءِ تي ناهه ميار، اديون ڙي، مَيءِ تي ناهه ميار
سيج اسان جيءَ جا سُوريءَ سان، اڳ ئي ها اِقرار.

◈

ڪَوي، اسان پرنام ڪيوسي، چميا اوهان جا پير،
ڪَوي، ڏسين تو ڪلجڳ آئي، ڪيڏا تو انڌير!

◈

ڪَوي، ڏٺا آهن توکان پوءِ، ڪيڏا اسان ڪَلور!
سچ کي سوريءَ تي چاڙهيو ويو، مات رهيا منصور!

◈

ٻري ٻَئي ڌرتيءَ جي ڇاتي، مري ٻَئي مخلوق،
ٻرين ٻري تي، ڇڏ تہ ڪٽان مان، ٻري اها بندوق.

◈

مُڙين نہ تو اي مگٽا! اڄ ڪلهہ رهيو نہ آ هو راءِ،
چورين تو جي چنگ تہ چارڻ، پنهنجو ڪنڌ ڪپاءِ.

◈

مان ئي سچل، مان ئي سامي، مان ئي آهيان شاهہ،
منهنجي من ۾ ڇوليون ماري، سنڌو! تنهنجو ساهہ.

◈

هاءِ، بکيون، اڏ_ننگيون نياڻيون، تن جي لج لِڪاءِ،
آءُ هوا، هن يونگيءَ ۾، ڏِيئي جي وَٽِ وساءِ.

◈

ڪٽي هنيئہ ڪانياٽي هن کي، ڪيئہ نہ کو کهڪاءُ،
ننڍڙا نينگر، هن ڳيري کي تو وانگر آ ماءُ!

◈

آيو موت تہ روح مري ويو، جسم ٿيو آزاد،
مٽي اول، مٽي آخر، مٽي زنده باد!

◈

مرنداسي تہ مٽيءَ مان پنهنجي، جُڙندا ڪيئي جام،
نوان نوان متوارا ايندا، هٽندا تن جي هام.

◈

مرنداسي تہ مٽيءَ مان پنهنجي، ڦٽندا سرخ گلاب،
ڪڙندا ٽڙندا جَن ۾ پنهنجا، بسنت رُت جا خواب.

◈

مرنداسي تہ مٽيءَ تي پنهنجي، چنڊ ڪندو چانڊاڻ،
ساهہ اسان جي سانپِي جا، سا سونهن ڪندي سرهاڻ.

◈

مرنداسي تہ مٽيءَ جو پنهنجي، ويندو دور غبار،
چنڊ ڦري چوڌار چميندو پيو اسان جو پيار.

◈

مرنداسي تہ متيءَ سان پنهنجي، ملندو هي مانڊاڻ،
ڳتيون اسان جَي ڪچ ۾ هونديون، چنڊ اسان سان ساڻ.

◈

*(پونر پيري آڪاس)*

تون چاهين ٿو ڏنار ٿيان، تو ۾ تہ بگهڙ جو واسو آ،
هيءَ تنهنجي تقرير رڳو هڪ دوکيباز دلاسو آ.

◈

ويرا واهہ وري وسٽو آ، اي پوڏيسر پُون،
ٿوري دير تہ پَوندي ليڪن، هاڻ نہ هارج تون!

◈

ڪِيئن وجھ وارن جا پيرا، ڏاهين ٿو نادان،
اِيهي شخص تہ ها جن تولئہ، منزل ڪئي آسان.

◈

ڏرتي ڏوئو اُپُ بہ ڏوئو هر شيءِ جنهن تي رَت سا ڏوئو
اَمن چڱي شيءِ آهي يارو ديس سڄو لت پت آ ڏوئو!

◈

دولهہ دريا خان[1] جو نالو تو کي ڪنهن نہ ٻڌايو
آنءُ ٻُڌايان ها پر مون کي، نالو راس نہ آيو.

◈

---

[1] نوٽ: دولهہ دريا خان جو اصل نالو مبارڪ خان هو.

هِتِ بہ هريانہ ۾ خالصتان پيو ٿاهين،
مورڙئي جو ديس اَٿي هي، مانگر! تون ڇاهين؟

◈

هي ڪهڙي ڳِجَهہ اُڏامي ٿي، جنهن سنڌ سموري تاڙي آ؟
هڪ پاسي دودو دفنايل، ٻئي پاسي روپا ماڙي آ!

◈

چوڌار سمنبر گرجي ٿو ۽ سامهون ڪيڏيون ڇوليون آهن،
پر هي ايڏيون آسان نہ آهن، جيب اندر جي گوليون آهن.

◈

"سارو ديس تہ پنهنجو آهي، منهنجا پنهنجا ڪهڙا؟"
ائن چوندا ها هن دنيا کي، سڀ استالن جهڙا.

◈

جيسين تو ۾ سچ نہ آهي، جڳ بدلائي سگهندين؟
هر ڪوئي آدرش اڌورو، تون ڇا پائي سگهندين؟

◈

شهر شهر جي لاءِ اُماٽيان، پنهنجا آنءُ سلام،
آهہ جتي آزادي، بندش، ناهي مَتِ ڪلام.

◈

(سانجهي سمنڊ سپون)



# بيت

اسان تي الزامَ آندا جڳ جيئڻ جا،
جن جي روز جواب ۾، جرڪيا منهنجا جامَ،
اَلا، ڪڏهن عامَ، رسندا منهنجي روح کي.

⊙

جڙ ازل جي آڳ، جلي پيئي جيءَ ۾،
مرڪي پيو ماڳ، شعلن جي شعاع ۾.

⊙

واسينگن جي وات، آهي سفر سچ جو،
ڪيئي ٿيا ڪات، هلندي حبيبن ڏي.

⊙

واريءَ منجهه وٿاڻ، سانجهيءَ آندا سانت ۾،
لهندي سج جي سونَ سان، ورسيا پينگا پاڻ،
جرڪي منهنجي جاڻ، اڻ ڄاتي جي آڳ ۾.

⊙

جاڳ ڀٽائي گهوٽ! سنڌڙي تي توکي سڏي،
مرن پيون مارويون، قابو آهن ڪوٽ،
اڄ تہ تنهنجي اوٽ، ڏاڍن کي ڏاري ڇڏيون.

⊙

وري چوريان چنگ، صدا ڪريان سنڌ ۾،
ڪونهي اڄ ڪلام ۾، سُر جو سر سان سنگ،
پريان آءُ اُمنگ، ڪريان لاتَ لطيف جي.

⊙

ڏنيون مون کي ڏات، ڳوڙهن پريون ڳالهڙيون،
لنوي منهنجي لات، ڏکڙا ساري ڏيهہ جا.

⊙

ماڻهو منهنجي ملڪ جا، ابوجهہ ۽ اڻ چاڻ،
ڏکن ڏڏيون جهوپڙيون، بکن پريا ياڻ:
الله، تن ۾ آڻ، ساڃهہ پنهنجي ساهہ جي.

⊙

اندر منجهہ اتاهہ، محبت ماڻهوئڙن جي،
پاڇو آهہ پرينءَ جو تن جو سهٽو ساهہ،
جيڪر چميون چاهہ، ڏيان ساري ڏيهہ کي.

⊙

منڙو آ هر چيز کان، سنگهارن جو ساهہ،
پٽيون ٻڌن پيٽ سان، تين ٻُکن ۾ پاهہ،
ڏيکاريان ڪيئن ڏکين کي، چانڊوڪي ۽ چاهہ!
ڪتي آهہ الله، انسانن جو آسرو!

⊙

نِنڊڙيءَ نينگر واٽ تي، وِيٺي واجهايو
الله ۽ انسان جڙڻ، ٻنهي ٻاڏايو
پينوءَ پهچايو ڏاڍو ڏک ضمير کي.

⦿

ڪَٽا ڪُنيءَ ۾ ڏسي، رُني ڪونه ڪُڇي،
لوليءَ منجهه لُڇي، ممتا ساري ماءُ جي.

⦿

سدا آهي ساهه کي، ٻيپي جي ڳولا،
ڏِوَ بنا ڏولا، ناهي ساڃهه سونهن جي.

⦿

پوي تو پارو ڪنبٽي آهه ڪَتين ۾،
وِيٺي ڪٽيو وِلهه ۾، سُڄن سيارو
جيءَ جو جيارو انهن نانءُ الله جو.

⦿

وڏمر ڏکن ڏاڻ، سک نه سنيران سپرين،
سوچي هن سماج تي، ڪڏي ڄيپون چاڻ،
ڏاهي ڪريان ڏير هي، بي معنيٰ مانڊاڻ،
سڄڻ اڄ مون ساڻ، ته اتڪون اڄ اَنياءَ سان.

⦿

ڏسي ڏکيا ڏِيل، ڳوڙھا ڳل ڳڙي پيا،
ٻکن بيمارين ۾، آزاريل عليل،
زر ۽ زور ذليل، ماڻھوئڙا ڪيا ملڪ جا.

⦿

ڏٺم وجھي واجھ، جھاتيون پائي جھوپڙيون،
ٻھ ٻھ ڪئي ٻاجھ، منھنجي مُنھَن جي ماٺ ۾.

⦿

رَتي ناھي رَتُ، ڄورون مڙيون ڄنڊڙيءَ،
ساڻي اُٺ سُتت، تہ ساڙيون ھن سماج کي.

⦿

جلي ڪيسين جوت، واچوڙا ويڙھي ويا،
ڳاراٽا ڳڻ ڳوت، لتاڙي ويا لاٽ کي.

⦿

چڙھيل آھي چؤطرف، زنجيرن تي زنگ،
جُسو جڪڙيل جبر ۾، ايذايل اُمنگ،
ديوارن مان دانھن تي، چوريو جو مان چنگ،
رَچي ويو رنگ، قيدي ڪوڪارڻ لڳا.

⦿

پرچي وَيڙا پاڻ ۾، اکڙيون اوجاڳا،
ساڳي ڪاري راتڙي، ستارا ساڳا،
صبح سياڳا، تو لَيءِ تڪيان ڪيترو!

⦿

او ذرتي، او ماءُ، تنهنجي ڪِهڙَ منهنجون اکيون،
سر ۾ تون سوداءُ، رڳ رڳ تنهنجون راڳڻيون.

⦿

او ماڻهو او ياءُ، ڪارو گورو تي ڪُٺين،
شال اهو انياءُ، تو ۾ آڻي ماڻهپو!

⦿

الله، هي انسانُ، رَتي تنهنجي روح جي!
نسورو نادان، ڏهڪائيندڙ ڏيهه جو.

⦿

چِٽنگون اُڏاڻيون، ڪڏهن ڪنهن ڪنهن مچ مان،
ڀنڀيت مَتا برهه جا، خدايون ڪاڻيون،
جڏهن وساڻيون، صديون سرد ڪري ويون.

⦿

جيئون تنهنجي جند سان، مَرون تو سان ماءُ،
ڳوڙها ڳاڙ نه سنڌڙي، وري ورندو واءُ،
ڄرڪن پيون چنڊڙيون، تن من آهي تاءُ،
لونءَ لونءَ منجهه لڳاءُ، سڀ ڪي آ ساڻيهه جو.

⦿

آهي اڄ اڻاٺ، پرينءَ پانڌيئڙن جي،
جاڏي تاڏي جبر جي، ڏڪي پئي ذات،
ڪوڙ ٻڌايا ڪاٺ، سُوريءَ سِري سچ جي.

⦿

تڪرن متان تاڪ، آهي سفر سچ جو،
سدا جوکو جيءَ جو نہ ڪي هوند نہ هاڪ،
چڱا سي چالاڪ، جن سانديو ڪوڙ قلوب ۾.

⊙

سوچيو اتم سؤ دفعا، تيان تائينڪو،
اورانگھيان نہ عام ڪي، لنگھان نہ ليڪو،
چاکان هي نيڪو ڪنيو ذات ڏکن جو!

⊙

پھچي ويو پاڻڍي، ڏيئڙو ڪٽي ڏاھہ جو
اوندھہ ۾ آنڌي، رهيون تڪينديون تنهن ڪي.

⊙

ٽانڊن تي ٽِليا، پاڻڍي تنهنجي پريت ۾ جا،
وچڙيا هر ڪنهن وِج سان، ڪنوٽين تي ڪِليا،
توسان نيٺ مِليا، سَتون ڏئي ساھَہ جون.

⊙

سهسين سورج چمڪيا، ڪيا چنڊ چٽاءَ،
ماٺهوئڙن متاءَ اجا اوندھہ نہ لٿي.

⊙

سيبايم نہ ساھَہ ڪي، ڪُهنبو ڪتوري،
ڏولاوا، ڏوري، چونڊي وتم چاھہ مان.

⊙

سانڍيا منهنجي ساهہ، ڏکڙا ساري ڏيهہ جا،
عالم، تنهنجي آهہ، لچندي منهنجي لات ۾.

◉

جي ماريءَ جي مامَ تي، ويا سي نہ وريا:
چوڳي لاءِ چريا، قبولين ٿو قيد کي!

◉

پِني پئي وات تي، ڪالهہ چِني چوري،
لڳل هئي لوري، پل پل تنهن کي پيٽ جي.

◉

نڙي نياڻيءَ کي پئي، روٽيءَ لاءِ رڙي،
تڙيءَ تي تڙي، هوند ڏني اڻ هوند کي.

◉

اُت اُت تندون توڙ سيني منجهان ساز جون،
راحت آ رَت چاڻ ۾، وينو خون ولوڙ
ڏڙ ڳولي لهہ ڏوڙ مان، جن تي جڳ کي جوڙ
ماٺهو مورک موڙ پٽ تي واڳ ورهين جي.

◉

لڳي سجڻ سنگ، چڙي ساري سات کي،
پرينءَ جا پتنگ، سڙندا رهيا سانت ۾.

◉

آءٌ اُهو انسان، جنهن لُڏي سان لاٿون لَڏيون،
ڌرتي، تنهنجو ڏيان، رهيم پوءِ ٻيي روح ۾.

⊙

تاٽيان تو مان تند، ماٽيان تو سک ساز جا،
آٽيان تو آنند، ڏکڙن ڏڏي ڏيهه ۾.

⊙

آهيان تنهنجي امن جو راڳي ويراڳي،
جاڳائي جاڳي، جڳ ۾ تنهنجي جوت مون.

⊙

(پونر پري آڪاس)

ڪنهن جي لاءِ ڪُماچ، صديون رهيو سانت ۾؟
سارو ڏيهه ڏياچ، مگٽو ڳوليو ماٺو!

⊙

آڏيءَ رات اُداسُ، اُن تي ارتيون آگريون،
ماٺوءَ ماٺوءَ ماسُ، ڪوري آيو ڪِينرو.

⊙

ساڳي ساچهه آگريون، ساڳي ساچهه سازُ
مان، منهنجو آواز ڪنهن جون تو ڪارون ڪري!

⊙

نڪتا تنهنجيءَ تند مان، ٻهه ٻهه ڪري ٻاڻَ،
ڄَر آ تنهنجيءَ ڄاڻ جي، سازن منجهه، سُڄاڻَ،
آڻي تو اُهڃاڻ، کهڙا کهڙا ڪِينرو!

⦿

چانئٺ چانئٺ ڇَنگُ، چوريم چوڏهينءَ رات جو
لوٺيون ڪيئي لوڪ جون، نڪتيون اوڙهي ننگُ،
چي، ”هي ٽيندو ڪير آهه، اڻ ڪوٺيو اڙٻنگُ،
ڏاهَپ ڏاهَپ ڏنگُ، پهتو جنهن جي ڏات مان!“

⦿

ڳائيندي، وڄ دڳ، جهمريون هنيون جندڙيءَ،
هڪڙي هٿ ۾ ڪينرو ٻيءَ ۾ تنهنجي ڇڳ،
ماڻهوءَ جا مارڳ، ڪنهن ڪنهن ۾ ڪيئن تو لُڇين!

⦿

تو جا سمجهي سٺ، سا آهي ڪاتيءَ ڪوٺ،
ڳائي ڳائي ڳوٺَ، کهندو ويو ڪِينرو.

⦿

تو جا سمجهي سٺ، سا آهي وائيءَ وڏ،
گهارا وجهي گهاوَ سان، ڏاري ڏاڍي ڏڏ،
هيڻا هانوَ! نه ڪِڏ، ان مان پنهنجو آسرو.

⦿

تو جا سمجھي سٽ، سا آڳ اٿئي انمول،
جنھن جي سوچ سماج کي، ڪري رک رتول،
ٻارڻ ٻاري ٻولُ، جرڪائي تو جندڙيون.

◉

تو جا سمجھي سٽ، سا پڙڪي تہ ڀونچال،
ڍاھي ھٽي ڍير ۾، سارو خام خيال،
پٽ مٿان پامال، ڪري ڪنگرا ڪوڙ جا.

◉

تو جا سمجھي سٽ، سا اڄ تائين اتھاسُ،
جنھن ۾ ڪر موڙي اٿيو ڪوي ڪاليداس،
آيو جنھن جي اوٽ، مان، ودياپتيءَ واس،
ٻٽائيءَ جي ٻٽ تي، جنھن جو نينھن نواس،
جنھن ۾ منھنجو ماس، ڪوري آيو ڪينرو.

◉

تو جا سمجھي سٽ، سا سپنن جو سنسار،
آٽي بوءِ بسنت جي، ھِنئين وجھي ھار،
جوڙي سو جنسار، جنھن ۾ موت مري وڃي.

◉

چنگ ڪٽي چوڪٽ، رڳي ڪير رتول جي،
سنڌڙي، او سورٺ! ٻيجل سي ٻُجھي ويا.

◉

سگهہ ڏي اهڙي سچ، منهنجي جڪڙيل جيءَ کي،
ڳچي ٿئي ڳچ، تہ بہ چوان جو چوٽو هجي.

◉

ڇڪيءَ ساڻ ڇني، ڪڙيون تنهنجي ڪوٽ جون،
چڙهي پوري چوٽ تي، ڏنم پيچ پني،
مون کي ذات ڏني، اهڙي سَگهہ سرير ۾.

◉

مون وٽ پيو ڪجهہ ڪِين، آهي اڄ ان ڪان سوا،
هان، هيءَ منهنجي بين، جرڪي ٿي جنهن مان جيي.

◉

روئي پيئي رتُ، سڏڪا پري سنڌڙي،
وِهہُ تي لڳو وات ۾، پينر مون کي پَٽُ،
هي پورو پربت، آخر ڪيئن پٽون ٿئي!

◉

ڪنڌيءَ مٿان ڪنڌُ، نائي رُنو ناڪئو
سائين! تو سوڳنڌ، ڪشتيون سي ڪاڏي ويون؟

◉

ڪنهن جي ڪشتيءَ ڪاڻِ، واجهائين ٿو ويسرا!
ڪوبہ نہ ايندو هاڻِ، مانجهي سڀ مزي ويا.

◉

ڪڏهن ڪِرندي ڪاڪِ، ڪڏهن ملندو مينڌرو؟
پڇان وڏي واڪِ، سڏ بہ ڏئي ڪو سنڌ ۾!

◉

آيل! هاريان آنءُ، هَنجون ڪنهن جي هنج ۾؟
دکي سارو ديس آهہ، هر ڪنهن هيٺون هانءُ،
جنهن کي ڏيِ نہ ڏانءُ، سا ڪيئن ڪاتي ڏينهڙا!

◉

ماٺهوءَ منجهہ مِرون، اڳي ڪان اڳرو ٿيو
چاتي چِاتي چِپَ آهہ، ٿيو پيار پٿون،
چارڻَ، اڃا تون، چورين پيو چنگ کي!

◉

ماٺهوءَ ماٺهوءَ ميرُ، چِٽي، پيو چِتِ مان،
پُٽڪي پيو پت مان، واچوڙي جو وير،
ڪُنيا ۾ تون ڪير، جرڪائين ٿو جوت کي!

◉

ڪوڙي ڪچ تي سنڌڙي، هِنيون نہ هرڪاءِ،
مٽئي۔ موهي ماٽڪي! هاٽي بہ پڇتاءِ،
ليلان ٿي ليلاءِ، تہ سگهو پائين پيار کي.

◉

ووڙيندي وت، ووءِ، هاٽي پير پنهونءَ جا،
وهاٽيءَ ويا، ويسري! پتو ڪونہ پيوءِ،
شال ليپيئي لوءِ، آريءَ کي اوڏي ٿئين!

⊙

اوري اچ تہ اگهان، ڳوڙها تنهنجي ڳل تان،
ڪيڏا ويل وهي ويا، تنهنجن ٻچڙن سان،
ڏرتي، ماءُ! متان، پٽي پاراتو ڏئين!

⊙

ڏاندي ڪپيئہ ڏار مان، يا تو ڪپي ٻانهَن،
ڏرتيءَ ڏرتيءَ دانهَن، جنهن جي پيڙا مان پڳي.

⊙

هاءِ، پوانيءَ پونءِ ۾، روڪي ڪو رت چاڙ،
ماٺهو ماٺهوءَ ساڙ، ڪيڏا ڪِيس ڪري چڪو!

⊙

موٽي ملندؤ شال، منهنجا سرتا سانگيو!
ميڙو ڪندؤ ماڳ تي، اوريندؤ احوال،
جيءُ سوين جنجال، سڪ اهائي ساهہ ۾.

⊙

وڃو نہ ويراڳيو هت بہ ٿيندو سوجهرو،
منهنجو جيءُ جڏو الا، تنهن سان ساٿ ڏيو
اڃهو ڏينهن ٿيو ڪيسين رهندي راتڙي!

⊙

ڪاڏي هليو ڪاپڙي، ھھڙي ڪاڪ ڇڏي!
وهاڻيءَ جو تا وڃو کھڙيءَ لوءِ لڏي،
آڏيءَ رات اَڏي، اوڏا منهنجي پکڙا!

⦿

ڪڏهن ايندين ڪانگ، ڪٽي ڪانگون قرب جون،
سِتبا ڪڏهن سانگ، ماروئڙن جي ميڙ جا!

⦿

آءُ ڪنياتا آءُ، ڏي ڪا سُڌ ساٿيھ جي،
ڪوئي واءُ سئاءُ، سانگين جي سرچاوَ جو.

⦿

آڏيءَ رات اروڙ، تڏو ساھ پري چيو:
مورکَ هاٿي موڙ پنتي واڳ وجود جي.

⦿

شال وسين او سنڌڙي، تنهنجا ڪيت وسن!
واهوندي جي واءَ ۾، مارو شال ملن!
جن جي ڪوٺ ڪڙن، جھوريو منهنجي جيءَ کي.

⦿

شال وسن هي ڪيت، جت ڪلٽيون ڪيڪارين،
پانڌيئڙن کي پياس ۾، پاٽي پيئارين،
جيءَ کي جيئارين، جت اربيليون اوت سان!

⦿

وڄ ورٽيون، من موهٽيون، ڪنوٽيون جن جا ڪيت،
مون تي پانيون بيت، آهن پوريون آيتون.

◉

جهوڙا، جهائين، جهومڪيون، ڪلٽا ماٺهو ڪيت،
ساري بر ۾ بيت، چارڻ چونڊيندو رهيو.

◉

تون تو چونڊين ڪڪ، مان اڏران آڪاس ۾،
تون چا ڄاٽين آهہ جا، لونءَ لونءَ منهنجي لڪ،
پوياڙيءَ جا پڪ، آڪيري اوٺائتا!

◉

مسجد مندر رڪ، رکوالا ان رڪ جا،
ڪيئي مُلان مولوي، پنڊت مارن جَڪ،
اوري آءُ الڪ، ڏيئو تي توکي ڏسان!

◉

تنهنجا پير ڇُهان، ڏرتي، منهنجي مائڙي!
پاڪر پايان پاوَ مان، ماٺهوءَ ماٺهوءَ سان،
آءُ نہ ڀيو ڄاٽان، مذهب منهنجو ماٺهپو.

◉

مذهب منهنجو ماٺهپو دين ڏرم سپ ڏوڙ
پرکي ڳالهہ پروڙ او ڪاٺيارا ڪوڙ جا!

◉

پرينءَ کي پهچاءِ، ڪانگا! منهنجون ماڻڪيون،
جنهن جي سونهن سواءِ، ڏسان تہ ڏوهي ٿيان.

◉

مالها! نہ مرجهاءِ، آيو ڪي آيو پرين،
هِنيون منهنجو هاءِ، ڪنهن کي پائي ڪيتڪي!

◉

سپنن ساڻ سجاءِ، جهروڪا تون جيءَ جا،
سونيون ڪڙيون ڪوٺ جون، پيرن منجھ نہ پاءِ،
گهوري! نہ گهبراءِ، ويجها آهن واهرو.

◉

ڪانئر ڳولي ڪالھ، سياڻو سرويچ جو
ماضيءَ ۾ مرٽينگ ٿي، ڍونڍيندو آھ ڍال،
وَڏُ، وَڏُ، جيئين شال، مُڙي ڏس نہ ماڳ کي.

◉

ٻُوجھ وڏايا ٻوجھ، سرتيون منهنجي ساھ جا،
ڪڏهن راتيون روجھ، ڪڏهن هاٿي هانوَ تي،

◉

ڏن ساري جي آھ جي، ڏرتي ڏياڻي،
پوءِ بہ پنهنجي جندڙي، ڪنهن ڪنهن جو ماڻي؟
ڪنهن ڪنهن جو سنسار ۾، سُک ڇو آ ساڻي؟
آخر ڇا ڄاڻي، جوڙيئہ جوڙ جهان جي!

◉

وڏو نانءُ الله جو پر جي ڪجي ڪٿ،
ان ڪان وڏي وٿ، ٻاجهارا هيءَ ٻاجهري!

◉

ڍوڍي جهڙي ڍال، سرتيون ڪائي ساھ جي!
جوڙيا خام خيال، ماڻهوءَ مورک ڪيترا!

◉

ٻُچڙيءَ بک بلا، ديوانا دانا ڪيا،
اڄ داتا جي دان جي، ڪنهن کي ڪاڻ نہ ڪا،
گوليءَ سان گهُربا، ڪٽا پنهنجي ڪيچ جا.

◉

اوپرُ سارو آڳ، ڄَر وچڙي، نڪتيون ڄيڀون،
ڌرتي! تنهنجيءَ دانهن سان، جرڪي منهنجي جاڳ،
اڄ رت ورنا راڳ، ارپيان ٿو توکي، امڙ!

◉

هيءَ رت ورني رات، سڏڪا ڪيئي سانت ۾،
ساري رين صليب تي، بيٺي نہ برسات،
ڏس، ڏس، مون کي ذات، ڪوڪا هنيا ڪارٽي!

◉

اڄا سچ سماج، سمجهي ڏاڍي دير سان،
اڄا توتي تاج، ڪانئر رکي ڪنڌ جو

◉

ڪاڏيءَ هيٺان هٿ، پروون ڪتيون پونءِ تي،
گهوڙا ويا گهائجي، رڻ ۾ روڪي رٿ،
هيٺان سارا سٿ، مٿان ڪڙڪڙ ڪانَ جي.

⦿

سرٽيون سِريءَ ڪاڻ، لٽيون لامارا ڏئي،
ڪونڌرا هيءَ ڪٽار آهہ، ڇو نہ هٽين تو هاڻ؟
رڻ ۾ رتوڇاڻ، ڇا ڪان ٽئين ڇيڳرا!

⦿

سج لٿو تي، لاش جا، نِوڙيل هيا نيڻ،
ڪيئن وراٽي ويڻ، ڪهڙو مُنهن مٿي ڪري!

⦿

برسيا مٿان بم، دونهين سان دانهون اُٿيون،
ڏاري ويا ڏيهہ کي، چيري ويا چم،
اڙي او آدم، هَيا، هي ڇا تو ڪرين!

⦿

ناگاساڪي ناهہ، آهي تنهنجي آرسي،
سانيي جا تو ساهہ ۾، پنيٺ تي سا باهہ،
سياٽو تيءَ، ساڇاهہ، اڇا ويل وئي نہ آهہ!

⦿

اڙي سانگي سک جا، پتو ڪونہ پيوءِ،
ڏونگر سارو ڏک جو جيءَ منجهان جوڙيوءِ،
پُرجهيئہ تنهن کان پوءِ، ڇاڪان پير پٿون ٿيا.

◉

جهرمر منجهہ جهانُ، ڪينءَ پسائي ڪوڪلي،
ڪڏهن ڪاٽيارو نہ هو، اڄ جهڙو انسان،
نہ ڄاڻان نادان، ڪڏهن سمهندو سک سان.

◉

در در گهري دان، پالهو آندو پاند مون،
ڪجهہ بہ نہ ڇاهيو مون ڏسي، سيڪجهہ جو شمشانُ،
هاڻي هان حيرانُ، ڪهڙي منهن توکان مڱان!

◉

آندي مون اڌ رات، ڪنٿو ٿاهي ڪيتڪي،
هاري پنهنجو هينئڙو، مڃي پنهنجي مات،
نِوڙي منهنجي ذات، متان پير پري ڪرين!

◉

مڙهيون ٻوٽيون من، ٺاڪر ڪاڏيون نوڪرون،
ڪنياتا ڪيڏاوٽا، پسي ٿيا پرسن،
دور ٿيا درسن، ڪاڪ ٻُلايا ڪاپڙي،

◉

ان جي گود سواءِ، آتت ناهہ اُتامرا!
لوليون ڏئي تولاءِ، آيل آد جڳاد جي.

◉

چانئي آهي چانوَ ڪائي ڪُوءِ ڪلال جي،
گهاٽي ماٺيءَ مٿ ۾، پرسان ٽڌا ٽانوَ
ڪوري ڪاٽا هانوَ آءُ تہ ٿانئيڪو ٿئين.

◉

او ڪنهن جي سرهاڻ، ڪامهہ آندي ڪانڌيو!
ترسو ترسو هاڻ، آءُ نہ هلندي هوت ريءَ.

◉

اوهيري ڪئي اوڪَ، تنهنجو جيءُ جُهري پيو
لک نہ پيئي لوڪ، تاڙا! تنهنجيءَ تانگهہ جي.

◉

اُپري اُلري آءُ، ٻڄي واگهہ وجود تي،
ساري سرت سماءُ، جهونجهاڙي وڄُ جيءَ مان.

◉

مارڳ ڏور، مهل، وهامي ٿي واٽڙا!
ڪيئن چو نہ ڪهل، پانڌي پنهنجي پاڻ تي؟

◉

سانجهيءَ وڳو سنڪُ، پنڌ نہ پُنو ياتري!
پيرو ڊاهي، پَنڪُ، اڏري ويندو اوچتو.

◉

تون ڪانڌي، تون ڳنڌُ، تون ئي سانگ صليب جو،
تون ئي منهنجو پنڌ، تون ئي تو مون ڏي اچين!

◉

ڪنهن هيءَ اٿي اک مان، هنئين منجهه هِنئين!
جنهن جي پويان موهجي، وائيءَ وک ڪنئين،
نڪي واٽ سنئين، نڪي ساٿي سچ جا.

◉

(ڪلهي پاتم ڪينرو)

سَهنجو سَمجهه نہ سٽَ کي، نُورُ نِچوئي لِکُ،
سِٽ هَڏي جي مِکُ، ريلا تنهنجي رَتُ جا.

◉

اَڄ تائين اِتهاس ۾، اهڙي تنهنجي اَڏَ،
اُڏا وجهي ونگڙا، ڏاڍا ڏنڌ وَڏَ،
ڪَيڏو ڪَويءَ ڪَڏ، آهين ساڙ سَماجَ جا!

◉

ڪَندا ڪَندا موڙَ اَرتو ڪَنڌُ ڪَويءَ جو،
گهائي ڪيڏو گهوٽ کي، ڏات رسايو توڙَ!
لونءَ لونءَ جنهن جي لوڙَ آهہ سا ساڀيا سيجَ تي.

◉

سوريءَ سنسو سپ کي، اَڄ جي سُڄ چِٽين،
لاٽُون لهندين لَڙڪندي، ناهي ڳالهه نٽين؛
آهي سيجَ سَٽين، آڏيءَ رات اُڪنڊَ جي.

◉

ڏاڍا ڏونگر ڏيهه جا، پنهنجا هيٺا هَڏ،
پُٽتي موٽ ميار آ، اڳتي اونهي کَڏ؛
سوريءَ مَٿي سَڏ، پر جي ٻُڌي سنڌڙي!

◉

سوريءَ مٿي سَڏڙا، ڏاڍا ڪالهه ڪَيام؛
سوچي سمجهي سنڌڙيءَ، ٻوڙي ڪَن ٻَڌام؛
آڏيءَ رات اُجهام، ڏيئا منهنجيءَ ڏات جا!

◉

آڏيءَ رات اُجهام، ڪنهن کي گهرجي سوجهرو!
تنهنجو هھڙي واءَ ۾، ڪهڙو آهه قيام!
ڪهڙي ويرا! وِسام، ڏيئا منهنجيءَ ڏات جا.

◉

ڏيئا منهنجي ڏات جا، ايڏو واءُ وَٽاءُ!
توتي ڪنهن به پتنگ جي، پَرَ نه ڪيو پڙلاءُ؛
آڏيءَ منجهه اُهاءُ، پو به اُهوئي تو ڪَرين!

◉

ڳوڙها ڳاڙي رَت جا، پيلا ڳِل لڪاءِ،
اُف انهن تي جي اَچي، چَپ ڪَپي اُچلاءِ،
تِن وٽ ووءِ نہ واءِ، جن وٽ نعرا نينهن جا!

⦿

ڪاتيءَ هيٺان ڪَنڌ، پوءِ بہ نعرا نينهن جا،
سنڌڙيءَ جو سؤڳنڌ، مرنداسين پر مُرڪندي!

⦿

ويجَ اسان جي وَڍ کي، مُور نہ گهرجي مَڪُ،
ڪُڪ تہ پانيو ڪَڪُ، ڪَڙ ڪَڙ ڪانَ گهٽي ڪئي.

⦿

هيءَ نہ ڪينهونءَ ڪيڏ، سوچي آءُ اُچاترا!
گهوٽ گهٽيئي گهير ۾، جن جا پڳا پيڏ،
اوسيريءَ اڪ۔ تيڏ، ڪيئي مانجهي ماريا.

⦿

پريت پَچاڙيا ڪيترا، ڏرتي توتي ڏڳ،
لوڏ جنهين جي لونءَ ۾، سي لُولا تن لَڳُ،
جن ۾ آڳ اُلاوَ ها، تن جا ڳوڙها ڳَڳَ،
سوچي سوچي سَڳَ، ڪوهياري سان ڪو ڪَري!

⦿

ڪالهہ ڏنم ڪَلوَنت جو هاريل ريٿو رَتُ،
اَڄ اُهو امرت، سڀ ڪي چَسَ چَريو ڪيو.

⦿

ڪالهه ڏٺم ڪَلوَنت جو ڪانيءَ مٿان ڪَنڌُ،
ڪوڪَن سانءُ ڪَلُورَ جي، ساٿو هر هڪ سَنڌُ:
اَڄ اُهو سَؤِڳنڌ: مانُ، مٽيءَ جو ايترو!

⦿

ڪالهه لهوءَ ۾ لالُ، آيو ڪوئي ڪاپڙي،
رَنگَ ڪري تو رَتُ جي، تن جو ناهه مثال،
يانءِ اُنهيءَ جو يالُ، ڪاڪِ ڪَڪوري تي وَهي.

⦿

اِيءُ بہ ڪوئي آسرو، مٽيءَ ملندو مانُ!
ڳهلا! ڳوڙها خاڪ تي، اِيءَ بہ ڪو احسانُ!
ويُع، ويُع، تون نادانُ، گهوريان توکي گهٽگهرا!

⦿

مون جئن اکڙيون ڪيتريون، جن جا لڙڪ اَٿاهہَ:
ڳوڙها وِچ درياهہَ، ڪُهُ ڄاڻان تن جي ڪنڌي!

⦿

تو وٹِ موتين ٿالُ، سرُ تريءَ تي مون ميان:
ڪيئن چوان ڪنهن َآڇيو: آهہ مهانگو مالُ!
تو بہ يَلايہ يالُ، جَرڪايو تي جُوءِ ڪي.

⦿

ڪهڙو پَنڇي پيار جو، ماريءَ ناهہ مُنو!
جيڪو ڪونہ ڪُنو سو نہ اسان جي ڪڙم مان.

⦿

ايئن نہ اُن سان اور مومل ڏاڍي ڏُکِئي!
اُٺُ، اُٺُ، ڪاڪ ڪَڪورَ راٽا! پنهنجي رَتُ سان.

◉

گوندَرَ گرڙي رَت جي، تو وٽ امرتُ- ڏُڪ،
تنهنجي ٻولي چانورو، لوءِ نسوري لُڪ،
چارڻ ايڏي چُڪ! ڳاءِ تہ اُپري سنڌڙي.

◉

سنڌڙي شاهہ لطيفَ جي، لهر نہ ڪو لوڏو،
اڪڙين ڪان اوڏو، مون کي منهنجو پِٽَ ڏٽي.

◉

مُور نہ تن جو مَٺُ، سهڻيون منهنجيون سنڌڙيون،
منهنڙا گل گلاب جا، ٻَل ڳچيون سَڀُ پَٽ،
چِت تئي چَوپَٽ، تِن ۾ مهڪ ملَير جي.

◉

سنڌي سَڀُ سباجهڙا، جنهن جنهن جاءِ هُجن،
توڙي دوِر وَجن، تن ۾ مهڪ ملير جي.

◉

سنڌي سَڀُ سباجهڙا، ٻاجهہ نہ ڪَنهن جي وڏ،
لِڱَ اُنهن جا لوهہ جا، جن ۾ قيرَ نہ قِڏَ،
تون ڇا جاڻين ڏِڏَ، تن جا پَنڌَ پهاڙَ جا!

◉

جي تو ڪانئر ڪُک ۾، سندي ماءُ نہ تون،
هِيٺي هٿ نہ هَيريون، ڏاڍي ڪان نہ ڏرون،
ڪيئي ڦهڻ پٽون، لِڳ اسان جا لوهہ جا.

◉

جي تو ڪانئرُ ڪُک ۾، تنهنجو ڳهوٽ نہ هيءُ،
مون نہ ڏنو منهن۔ ڦيرٽو ڪوئي سنڌي پيءُ،
هن ڌرتيءَ جي ڌيءُ، ڪيئن ڄڻيندي ڄامڙا!

◉

جي تو ڪانئرُ ڪَڇ تي، پيرڻا نہ ڌي هي پَٽُ،
مون ۾ منهنجو رَتُ، ڊُرڪي ويندو ڊُڪ سان.

◉

جنهن کي ڪانئرِ انگڙا، تنهن کي هَنجِ نہ ڪِڙُا!
اُسري اهڙو وڻ، ڇانوَ نہ ڏيندو ڇٽ تي،

◉

ڊولي! تنهنجو ڊُڪُ، هر ڄائي ۾ ڄَم ڪان،
ڪرٽيءَ رڳن۔ رُڪ، ڪَهٽيءَ رس ڪماند جي.

◉

هن يوميءَ جو ياڻُ، جنهن جي آهہ جُوار ۾،
تنهن جي ڪانَن تي ڪُڏي، پُوريون ڳهورن پاڻُ،
واريءَ منجهہ وٺاڻُ، توڙي تنهنجو نينگري.

◉

هن يوميءَ جو ويرُ ماتَ نہ ڪائي موتَ ڪان،
سدا سهاڳڻ سنڌڙي، ڪَريو نہ تنهنجو ڪيرُ،
توڙي نيٽين نيرُ، تہ بہ ڳوڙها ڳاڙها رت سان.

⦿

يومي سَڀَ جي پيڙَ، يوميءَ پاڻَر ڪيترا،
وَرجايَوَ جي ويڙَ، ڪَنڌَ نہ هوندَوَ ڪانئرو!

⦿

موتُ تہ سڀ جو ماڳُ آ، سڀ جو تنهن ڏي پنڌُ،
ڪانئرَ اُلڪو ڪنڌُ، سورهيہَ سنسو هار جو.

⦿

جي تو اُلڪو ڪَنڌَ جو، تون ڇا وڙهندين؟ وَيُ!
تنهنجي رَت ۾ تَيجُ ناهہ اسان جي اَن مانُ.

⦿

هيٺي ويٽي ڪوڙَ جي، ڏسي ڏِيلُ نہ ڏَر،
ايڏو ناهہ نِبُر، سويَ سدائين سَچ جي.

⦿

سَرها سُورهيہ سَچ جا، اَرهي، اوکَ نہ تَن،
دکَ ڏُيڙ ڪان پنڌ ۾، ورچي واٽَ وَٽن،
جهاڳيا جهونجهارن، مُرڪي ڏونگر ڏيهہ جا.

⦿

جهڙا ڪيڙا ڏُونڊَ جا، تهڙيءَ پيڙَ نہ پڄَ،
پيڙا آ تہ پتنگ جي، باهہ نہ جنهن کي ڀَڄ،
سوچَ انهيءَ جو چڄ جنهن سان لوچَ نہ لوئجي.

⦿

در در ديپڪ راڳ، گهر گهر آگ آلاپ جي،
آهي وِچ اُلاوَ مان، مارو! تنهنجو ماڳ،
ويندو ڏيهہَ ڏهاڳ، ايندي مُند ملارَ جي.

⦿

لوءِ نہ هئن لوبانُ، تي نہ مُجاور موت جو،
خوشبو آهي زندگي، اوچو تنهن استان،
پنهنجو جيءُ جهان، وَر وَر واسِ سُڳنڌ سان.

⦿

سَرتا! هيءُ سَماجُ، گوندرَ گرڙي رَتُ جي،
آزاديءَ جي آڙ ۾، ڪنهن ڪانئر جو ڪاجُ،
ساريءَ ڪاريءَ ڪِٽُ ۾، اندر پنهنجو عاجُ،
سُپني ۾ سِوَراجُ، ڪيئن چوان کهڙو هيو!

⦿

سَرتا! ساري سٽَ، تاجي پيٽو ڪُوڙ جو،
ٻاهر چڙڪا چِٽَ، ڪچا ڌاڳا جنڊڙيون.

⦿

پونجيءَ پنجا ويڪرا، سوگھو سپ جو ساھُ،
ڪائي ماٽھوءَ ماھُ، پيئي پورهئَي رتُ ـ ڦڙا.

◉

رڻَ يومي، اَڌ راتِ، تارن تِڙڪا لاش تي،
جنهن جو نانءُ نہ ٿانءُ ڪو، ذات نہ ڪائي پاتِ،
موت ڪئي آ ماتِ، ڪيڏي جانئي جندڙي!

◉

سانت، سھائو پک، رڻ يوميءَ تي راتڙي،
آڌيءَ رات اَلک، سڏڪو لويل لاش جو.

◉

رڻ يومي، اڌ بانهن، مُندي جنهن جي چيچ ۾،
ڏرتيءَ سانڍي دانهن ڪُھ ڄاڻان، ڪنهن مگ جي.

◉

ڳاءِ اَيومي گيتَ، ڳاءِ تہ اُيرن انبرين!
جرڪي تنهنجي جِيتَ، تنهنجي آگ اُلاوَ ۾.

◉

ڀَڙڪُ وري ينيتَ، ڪيئي سال سُتو رهين،
ڪَڙڪُ دلين جي ڌڙڪ تي، ولھ ۾ ڪر واڃَٽ!
شعلا شعلا واءَ ۾، چٽنگون چٽنگون پَٽَ،
ڊاتي، نِڪرن ڊَٺَ، جرڪي، تنهنجي ڄاڻَ سان.

◉

هي جو هَڏڙين مُٺِ، هيٺا هَٿَ ٻڳها ڪري،
کهرا، ڪيسي ڪڙڪٽا! تنهن تي ڦير نہ پُٺِ،
ڪائي جوڳي جُٺِ، آهي تنهنجيءَ تاڙَ ۾

◉

تو وٽ سهسين سَٽَ، اَنگَ اُگهاڙيِ ڏيهہ ۾،
پٽَ پٿيهر ايترا، جن جي ڪانهي ڪَٿَ،
نيٺ تہ هيٺا هَٿَ، چِنندا توکي چيڳرا!

◉

پَل تون ڪوڙ ڪماءِ، مون وٽ سَودو سَچَ جو،
جوٺا! هن جهان ۾، نيٺ نہ تنهنجي جاءِ،
تَرِسي آ تولاءِ، ڪِن پَل اِڪ عوام جي.

◉

ساڳي آڱ عوام جي، ڏيهَن ٻين ٻہ ڏٺي،
چيٺي لاءِ چٺي، پورا! تنهنجيءَ پِٺِ تي.

◉

پَڙڪي آڱ عوام جي، پونءِ سَڀي پَنيٺَ،
جَرڪي جاڻَ پگهاريا، سي جا ڳڇيءَ ڳَٺَ،
سارا پَڏر پَٺَ، ڏرتيءَ ڏوتا رتُ سان.

◉

واجهہَ نہ وجهہ تون وَڏَ ڏي، رت وهي تہ ٻہ رڙهہ،
پوئينءَ ويَر ٻہ وڙهہ، ويريءَ ساڻ وجود جي.

◉

ٻُوجهہَ نہ ڄاڻي ٻاجهہ کا، ڪانئر، ٻاجهہَ نہ مڱ!
ساڀا! تنهنجو سڱ، ڪاريهر جي ڪڙم سان.

◉

هيءَ نہ آدم زاد، ٻڳ ٻڳ جهڙيون پيئڻيون!
جن جي لُوٽِ کَسوٽِ سان، ٿَر ٻَر سَڀ برباد،
پيڙي پونجي- وادِ، پاليا ڏيهہَ- ڏڪاريا.

◉

پُرتُ نہ ساريءَ پونءِ تي، مُرتُ نہ ماڻهوءَ وَس،
پيرون، ٻوٿَ قلوڪٽا، ٻُکَ نہ ڄاڻي بَس،
ڏوڻي! ڏوڻي! ڏَسِ، ڪئن هيءَ آڳ اُجهامنديَ!

◉

تو در دانگيءَ مَٽِ، ٻهڪي پَئي ٻاجهري،
جڏهن اُٿلي اَڌ- ڪَچي، ڇا ڇا هيجَ نہ هَٽِ!
سا ٿِي سونهين سَٽِ، جنهن جي آڳر اَن ڪٽا.

◉

ڪنهن ڪنهن آڳر اَن ڪٽا، پونءِ نِسوري ٻُکَ،
کهڙا ڪهڙا مون ڏٺا، ڏوتيئڙن جا ڏُکَ!
سِنڌ نہ سنيري سُکُ، اُيري سِجَ لهي ويا.

◉

در در دانُ نہ پنُ، ماني ڪاني مَڱ جي،
ٻُڪَ نہ منجي ٻيڪَ مان، اُپري اُلري ڇِنُ،
ڪيئن ڪيو تو ڪنُ، ديس لڄايئہ داسڙا!

⊙

در در هير نہ هَٿَ، ٻُڪَ پَرم جي آ پَلي،
اوپَر ڏارئيَ ديسَ جي، منهنجي لاءِ اُپَٿَ،
وِٿُ بہ ڪنهن جي ڪَٿَ! سيڪجهہ آ سؤمانَ ۾.

⊙

پايَل مَنجهہ پَرُوڻَ، پونءِ پَوانِي تي ڪَنبي،
پَڙڪيو جي پونچال ڪو رڳي نہ پوندي رُوڻَ،
تيندي ڌرتيءَ ڌُوڻَ، ٻڏندا ڏونگر ڏاڍِ جا.

⊙

ڌرتيءَ لاءِ ڌڪارَ ڪنهن ڪانئر آندي هتي؟
ڌرتي سڀ جي ماءُ آ، ماءُ نہ ماري ٻارَ
آندا ڪنهن اَنڌڪارَ ياءُ ڌڪاريو ياءُ ڪي!

⊙

جنهن تنهن ڪَرتُ ڪَپار ۾، ٻڙڪ نہ باقي ڪوءِ،
لُڙڪُ نہ لاڙيو لوءِ، پيڙا ساري پي وئي.

⊙

اُپري سجَ لهي ويا، ڏيهہُ اُهو ئي ڏُٿَ،
سانگيئڙا سَڀ ٻُٿَ، ٻڙڪ نہ باقي سنڌڙي.

⊙

سک نہ سنيري سنڌڙي، اُيري سڄَ لتا،
آيا جنهن تنهن جُوءِ مان، ڪَري جاڙَ جَتا،
هي پنهنجو اتهاس آ، ڪهڙي ڪُوڙَ ڪتا:
مُهريءَ هيٺ مَتا، ٻڙڪ نہ ٻاقي سنڌڙي!

◉

ڪاهوءَ مٿان ڪيترا اُيري لٿا چَنڊَ،
او اونداها ڪَنڊَا! سنڌ نہ سنيري سوجهرو.

◉

ايڏو اوندهہ مَنڊ، جگنو هڪ ٻہ نہ جيئرو!
تارا سڀ تَڙجي ويا، چاري ناهي چنڊ،
هي اونداهو ڪَنڊ! تڙقي شَل ڪو ترورو!

◉

ڏوڙ اُنهيءَ جي ديس تي، جنهن وٽ ڪَنگ رڙن،
هيئون هاري هنجڙا، سر جي لاءِ سڪَن،
اُڏري ڪو تہ اُڏام ۾، اُن تي سينگ سَجَن،
جنهن وٽ موجون ڪَن، جَر تي ڪوجها ڪانئرا!

◉

اَيرا سَيرا ڏيهہ جا، پرڏيهيءَ ڏي ٻَن،
لانوَ نہ جنهن جي لونءَ سان، چانوَ نہ جنهن جي چَن،
جيڪي جَنِ نہ ڪَن، سي ڪِئن ڏاتي ڏَت جاَ!

◉

سي ڪِئن ڊاٿي ڊولَ، وائي تي جِن جي ودي!
ڪوٺيءَ جهڙا ڪونئرا، پنهنجا پيارا ٻولَ:
ڪيئن جهَلي تو جهولَ، وَرتئي بيڪَ وَٽاءِ جي!

⊙

ڪانئر سَڀُ چمار، سُورهيہ گهڙي هڪڙي،
سنڌڙيءَ تي سَؤ وارَ سرَ گهوري سرهَا ٿيو.

⊙

سپنا سپ پڙپانگَ، نِجهرا ننڊ نهوڙيا،
جو جاڳيو تنهن جي مٿان، نِوڙيا ڪيئي نانگَ،
هڪڙو سِر، سَوَ سانگَ، سوريءَ جا ساٿيهہ مِر!

⊙

ساهہ ويا سينوارجي، اندر سپ جا اَڌَ،
ڪوبہ نہ تاتي ڪيتڪي، مُگري۔ بوءِ مُگَدَ،
پوءِ بہ سُرهي سَڌَ، آرائينءَ کي آٽِري!

⊙

سوچي ساريءَ سٿَ تي، اُيري آئي سٿَ،
هي نہ منهنجا مِٿَ، هيءُ نہ منهنجو مامرو.

⊙

پَهرا منهنجيءَ پريت تي، اوچا ڪوٺَ ڪَڙيون،
ساروٽيون ساٿيهہ جون، ڳوڙهن مَنجهہ ٻڙيون،
آڏيءَ اُيَ اَڙيون، اکڙيون باک اُڪنڊيون.

⊙

اڪڙيون ڏِيل۔ ڏِيئا، پرنديون رهنديون ياتَ ۾،
نيٺ تہ ايندين اوچتو وچڙيءَ وانڊِ پيئا،
تنهنجي لاءِ ليئا، رهندا منهنجا رات ۾!

⊙

اَڪڙيون منهنجون مشعلون، اڳيان جُڳَ اُجهامَ،
ساڀيا ويري سونهن جي، مون سپني جي سامَ،
نوان سِجَ سلامَ، اُيري ايندين اوچتو!

⊙

ڪَهندي ڪاريءَ رات ۾، مارو! تِي نہ مَلورُ
آءُ ڏسان تو اُيَ ۾، نهريون نهريون نُور،
دُور نہ آهي مُور، سپنا توڪان ساڀيا.

⊙

ڏيهي ڏور ويا، چِني ڳَنڍَ ڳنڍير جا،
ساري تن جون صورتون، لڙي لُڙڪ پيا،
هَيءِ هَيءِ هانوَ هَيا، ڪِئن جاليُئہ هن جوءِ ۾!

⊙

ڳوري! تنهنجي ڳال، ڪيئن ڪُڇان، ڪنهن سان ڪَيان!
ڏرتي ڏُوتيءَ ويس ۾، سَرتِي پاڻ سنيال!
سوڍِي، سِجَ مثال! راتا راتاهي مئا.

⊙

ڪوئي ڪوئي رَڪَ ۾، چمڪو چٽنگ سَمانُ،
اڄ بہ دودو ڏوڙ ۾، بي ڏڙ درياخان،
اڄ بہ ڪنهن ڪنهن هانوَ ۾، هوشوءَ جو هيجان،
اڄ بہ بلاول تو وجهي، گهاٽي ۾ گهمسانُ،
اڄ بہ سامهون سينگ جي، ڪوئي مڙس مَهانُ،
تيندي سنڌ سُبحان، ويندا ڏينهن ڏقيڙ جا.

◉

سنڌ نہ سنيري مارئي، ڪيئي سال تيا،
جيسين ڪالهہ پيا، منهنجي پيرين پيڪڙا.

◉

پاسي رهہ پڇتاوَ ڪان، پنهنجي پيڙا ماڻ،
گهاٽي ۾ گهڙ هاڻِ، تہ سياٽي سُرَهو ٿئين.

◉

اُوندهہ انڌوڪارُ راتيون ڪاتيون ڪُڪ ۾،
چوڏهينءَ چَنڊ وهاڻٽي! آڏيءَ ڏي آڏار
ڪولِي ڪولي اوچتو پهچي تنهنجو پيار
پَرجهي پهريدار جهانڪي مون ڏي جهانوريو.

◉

ڏيهہ ڏِنَم جي ڏُڪَ، ڏوران ڏِس نہ ڪامٽي!
مينديءَ رتا هٿڙا، سَهلائي ڏي سُڪَ،
سَرتِي سُندرِ مُڪ، سُرڪي آءُ صليب تي.

◉

اهڙو ڪو انڌير، سَرتيون، جهڙو سنڌ ۾!
پِرُ نہ پائي پيرُ، پُرُ ڪَيائون پانهنجو!

◉

تنهنجا ڏَڻَ ڏراڙا! آڏيءَ جو اَڏ تي وَيا،
ڏونگر پيئہِ ڏورڻا، ڪيڏا پَنڌَ پَهاڙَا!
جيءَ اندر جا جاڙ پوڳيُئي تنهن ڪي بانورا!

◉

پيجَ پنيءَ ڪيڏانهن، اوجهڙ ڪاهيُوَ اوٺيو!
چو نہ وَيئہ تيڏانهن، هُو جي ورڻ وٺڪار جا؟

◉

راتِ وسيهَرَ ونگَ، ڏينهن ڪِپَرَ جئن ڪاٽڻو،
آءٌ تڪو هان ٿَر ڏٽي، چوري تنهنجا چَنگَ،
ڏاتِ نسورا ڏنگَ، موتائي وٺ او ميان!

◉

اَلا! اِيئن نہ هوءِ، جو هي ٿَر ٿَميو رهي!
لُوءِ نہ لَهسي لوءِ، پَرجو گَرجو بادلو!

◉

راڳيءَ رتوچاڻِ، چوندي ناهي چاهہ مان،
جنهن ۾ ٻهہ ٻهہ ٻاجهہ جي، تنهن ڪي ڪوپَ نہ ڪاڻِ،
اُيري ڏات اُلاوَ جيئن، آخر ڪنهن اُهچاڻِ،
سرچي ڪيئن سُڃاڻِ، انڌا! هن اَنياءَ سان.

◉

منهنجي دنيا ماڪَ، شعلا تو مون کي ڏنا،
نيٺ تہ ڪنگرا ڪُوڙ جا، ڪِرندين، ٿيندين خاڪ!
پوءِ اُهائي ڪاڪ، پوءِ اُهي ئي ڪاپڙي.

◉

ٻانهون دانهون دکَ جون، سُڏڪا سُڏڪا لِڱ،
ڌرتي! تنهنجا ڏِڱَ، ريتي سَڀُ راهي ٿيا.

◉

ڪالهہ بہ تنهنجي ڪَڌَ، سارا سانگَ سپاهہَ جا،
اَڄ بہ تنهنجي ٻانورا، آهي ساڳي اَڌَ،
جيڏا ڌرتيءَ وَڌَ، تيڏو اُپرين اَنبرين.

◉

آءُ نِسوري آڳ، جَرڪان جَرڪان سج جيئن،
ڏاتِ تَراريون ترورا، رُوميون رتُ جَون راڳ،
مانجهادي جا ماڳ، لَرزن منهنجيءَ لونءَ ۾.

◉

مان نہ پتائيءَ بيتَ، ساميءَ ويس سَلوڪڙا،
ڪورا منهنجا ڪيتَ، ريج انهن ۾ رتُ جا.

◉

جنهن بہ ڪِرنگهو ڪُپ سان، وينا تنهن بہ نہ وَس،
سرل، سَجيلا، بي پَوا، گيتَ نہ تَنهن جي گَسَ،
ڏاتِ اُهائي ڏَسِ، جنهن ۾ لهرا لونءِ جَا.

◉

گونج ٻـ ڪائي ڪونجَ، ڪَرڪي پنهنجي ڪُرّم لاءِ،
گيتَ ڪَئي جو گونجَ، مارُو پَرتا پاڻ ۾.

◉

اَرتي ڏرتي آتري، مارُو نيٺ مليا،
منهنجا گيتَ کِليا، روئي منهنجي رَتُ تَي.

◉

اَرتيءَ ڏرتيءَ آتريءَ، پاتو ڳُهنبو ويسُ،
دهڪيو منهنجو ديسُ، گيتن گؤنچ ڦلاريا.

◉

ڳهلا! ڳاڙهيءَ باک سان، ايندي مُندَ – بَدلَ،
تيندا گُلَ گلاب جا، تنهنجا پيلا ڳُلَ،
راتِ وئي رانول! آيو آيو سوجهرو.

◉

*(وڇون وسڻ آئيون)*

اٿو پٽر پب جا، هن جا پير چمو!
ڪندوَ ڪونہ پيو، ريٽو پنهنجو رت سان.

◉

اٿو پٽر پب جا، مُنڌَ مري تي ماڳ،
جي هيءَ ٻجهي آڳ، صديون رهندءُ سيءَ ۾!

◉

تون جو پٽر پب جو، سُٽندين چا تون سڏ!
تو پانيو مان هيڪلي، پنهون مون سان گڏ،
نہ تہ ڪٿن هيٺو هڏ، ڏونگر ڏاري ڏاڍ جا!

◉

پس مَر پنهنجا پير، متان سج لهي وڃي!
وڏ، اها تي وير، پڙ پريان جي پار ڏي!

◉

واري شال وڃان، پنهنجي محب مهار تان!
گهوريا جيئڻ ڏينهڙا، سرتيون! ساجن تان،
مور نہ مان موٽان، ڏسي دم درياهہ جا.

◉

جهونجهڪڙي جي جهانءِ ۾، وڃڻ جي ويلا،
ٻرن تا ٻيلا، جُهري پيو جيئڙو.

◉

سهڻيءَ سوچيو سِير ۾، ڏسي انڌوڪار،
'سهڻيون ڪيئي، مون بنا مرندو نہ ميهار،
'ڪاهي تو ڪنهن ڪُنَ ۾، مون ڪي ڪارونيار،
'هاءِ، پراهون پارُ جنهن ۾ چنگ ٻرن پيا!'

◉

’اڳتي ڪيئن وڃان‘، سهڻيءَ سوچيو سير ۾،
’ڪيڏو ڏور پرار ڪان ،آهيان آءٌ اڃان!
’گهڙو پنهنجو گهير تي، موٽي ڇو نہ پيان؟
’هئہ هئہ ڪيئن مڃان، سڏ ٻُرن ٽا سَاهہ ۾!‘

⦿

ڪارا ڪڪر اڀ ۾، چنگ چڙي جي لار،
ٻڏيءَ جا ٻيڙا ٽيا، منڊ ملي ميهار،
لهرين لڙهندا وار، ڪانڊ ڪرايون ڇيلهہ ۾.

⦿

سدا سڏڙا سير جا، وجهي قرب ڪڙا،
آٽيندا اورار تي، مٿان گهير گهڙا،
سدا چنگ چڙا، ٻُرندا ڏور پرارَ تي.

⦿

جو چاهين سو چونڊ تون، مٽيو توڙي ماڳ!
پوري تنهنجو پاڳ، آهي تنهنجي وس ۾.

⦿

تون تہ مٽئي ڪان موهٽي، هَئي! ڪئن هرڪينءَ؟
ڪوڙو چمڪو ڪچ جو ڪوٽي اُنَ جي ڪينءَ،
پرڪي ڪالهہ پرينءَ، ڏنئہ ڏنپ ڏهاڳ جو.

⦿

ڪيڏي لنبي رات آ، ڪيڏو انڌوڪار!
ٽيڙوءَ ٽمڪو ناهہ ڪو، اوندهہ آهہ اپار،
سامي سج اپار ڪوبہ نہ ايندو ڪاڪ تي.

◉

پيڙا جي هر پور ۾، رچي ٽو راڻو
سرجي سياڻو سدا ڪاريءَ رات ۾.

◉

پيڙا جي هر پور ۾، هيءَ جا ڪاڪ ٿهي،
ويندي ڪانہ ڊهي، نيٺ تہ ايندو مينڌرو!

◉

رچي ريتا تي ويا، گهوٽ منجهان گهاتي،
چا چا ساهس ساهہ ڪي، وهہ جي وهاتي!
موکيءَ جي ماتي، جرڪن پيئون جندڙيون.

◉

جهولايو چا جيءَ ڪي، موکي تنهنجي منڌ!
جٿن گل اتر واءُ ۾، تيئن متارن ڪنڌ،
هي نہ انهن جا هنڌ، جن کي سانگو ساهہ جو.

◉

جٿن سانوڻ ۾ ڏار، تئن جهولن تيون جندڙيون،
موکي! تنهنجي منڌ ۾، ڪيڏا مينگهہ ملار!
سِر جي ڪنهن کي سار، ڏي ڏي وٺيون وهہ پري!

◉

پيئڻ تي جيئڻ، گهوري گهوٽ وهاڻيا،
رئندو تن لئہ راتڙيون، سدائين سانوڻ،
هو جي مري جڻ، موڪِيءَ کي موکي ويا.

◉

متان ٻاڙو ٻولئين، متان ويڻ ڏئين!
او تون شال ٽئين، اچا وهہ کي ويجهڙو!

◉

ڪپي ڪپي انگڙا، سڄڻ سڄو ڪن،
اياڻا الجهن، ڏسي وڍ وجود جا.

◉

هيءَ جا اونهي ڪڌ، پڇي تي پاتار ۾،
ان ۾ اچلائي جڌهن، پڇندا تنهنجا هڏ،
تڏهن تنهنجا سڏ، اوريندا آڪاس سان.

◉

ڪثيرين خوشبوءِ، ويڙهيو مون کي واس ۾،
ڪائي سرگ سڳنڌ آ، جيڏا! تنهنجي جوءِ،
هيءَ جا راٽيءَ روءِ، ڌرتي تنهنجي ديس جي.

◉

گندي ۾ گراهہ، ماڳ بہ آهي ماٽهئين،
پوءِ بہ تن جو ساهہ، آزاديءَ بن اوپرو.

◉

جئن هو ڪکرن ڪر، پڳون تئن پنوهارئين،
ڳاڙها ڳن کهاڙئين، سج روپهرا ڦر،
اَجهو مون اوڏر، دولهه منهنجي ديس جا.

◉

سارينديِ ساٽيهه کي، جي مان بند مران،
ڪچيءَ ڪوٽيءَ جان، موت ڏريندو هٿڙا.

◉

پٽن ۾ پونچال، اچٹو آهي اوچتو
سدا رهندو سومرا! هيئن نه منهنجو حال،
تو هي خام خيال، ’سوگهيون آهن سنگهرون‘.

◉

اچا ڪر ايو اوچو پنهنجي ڪوٽ کي،
نوڙي متان چنڊ ڏي، مون کي ڪو نياپو!
پو به سدا هوندو، منهنجو پير پنوهار سان.

◉

مون ۾ آهه ملير، آهيان آءٌ ملير ۾،
رڳو روڪي تو سگهي، جُسي کي زنجير،
تنهنجي وس سرير، مون من ماروءَ هنج ۾.

◉

متان پانئين اِيءُ، ڪوجهي ڪندا مارئي!
ست سدائين سج جان، جرڪائي ٿو جيءُ،
ڪئن ڌرتيءَ جي ڌيءُ، لوٺي سڏبي لوڪ ۾!

◉

جي تون چئين ايءُ، ’ڪوجهي هئي مارئي‘،
تون ڪُوڙو آن سومرا، ڪُوڙو تنهنجو پيءُ!
ڌرتي پنهنجي ڌيءُ، سچاٽي تي سونهن مان.

◉

تون پانئين ٿو سومرا، سدا رهندين تون!
ڪڙا ڏيئي ڪوٽ کي، نيرَ وجهي مون؟
پيرن هيٺان پُون، چار ڏهاڙا ڏاڍ ڪي.

◉

آءٌ امرتا آهيان، جيسين آهه ملير،
الا! منهنجي جيءَ تي، زور وڏو زنجير،
منهنجيءَ وٺيءَ ڪير، وِهه گڏيو تو سومرا!

◉

مارو منهنجي من ۾، مارو منهنجو ماس،
جتي آءٌ اداس، اتي مهڪ ملير جي.

◉

اتي مهڪ ملير مان، مٿيءَ پيو مِينهن،
مُٺي منهنجو نينهن، اڳي ڪان اڳرو ٿيو.

◉

او شل مرين مَڇ، درندا ڌڄيون ٿئين!
ٻُرا تنهنجيءَ ٻڇ، ڪيئي گهاتو گهائيا.

⊙

اونو آڌي رات، جهپ نہ آ ڪنهن جيءَ کي،
سُس پُس پر ساٽيهہ جي، ٻُرا! تنهنجي ٻات،
گهاتڪا! تنهنجي گهات، ڍڪو ساري ڏيهہ ۾.

⊙

آهي ٻرو ٻُڪ ڪان، ڀونءِ مٿان هي ڀَؤ
ڍورن گهرجي ڍؤ ماٺهو ڳولي ماٺپو.

⊙

ڪنڌيءَ مٿي جهوپڙا، مٿان ڪاري رات،
ٺمڪي پئي ٻاهڙي، چوڌر چُپ چپات،
مڇ ڪيا جي مات، تن جا روح ڦرن پيا.

⊙

هو جي ماريا مڇ، تن جا ساهہ سڌن پيا،
تون ۾ ڪوسي ڪڇ! گهاتو لڄ ٻڌين نہ تو؟

⊙

گهاتو! اچو گهير تي، وهون وساري،
ننڊ ٻہ کهڙي ننڊ آ، ڏر جيسين ڏاري!
ماريءَ کي ماري، موٽي سمهو سک سان.

⊙

آلا! هي انسان جي اندر جو الڪو
جندڙيءَ جو جهلڪو ويريءَ جنهن کي واسيو!

⦿

ڪئن ڪو مڙي مڇ ڪان، پاڻ ڪري پاسو؟
ويريءَ جو واسو آهي ساريءَ اَڄ تي.

⦿

هو جي نديءَ نير، لائون ڏيندي لوڙهيا،
هو جي مئا مڇ سان، وڙهندي منهنجا وير،
چت وجهي تي چير، گهاتوا! تن جي ڳالهڙي.

⦿

مُئي نانهه ميارَ جاڙ نہ سهه تون جيئري!
جان تو ساهه سرير ۾، ڪر ويريءَ تي وار،
تيسين ڪوهه قرارَ جيسين جابر جوءِ ۾!

⦿

متو ڏسي مڇ کي، رَت پيو ٿهڪي،
ڏيهه پيو ڏهڪي، مان ٿي کِهران گهيرَ ۾!

⦿

مارينديءَ هن مڇ کي، چا چا وس ڪيام!
چِتيون چيهون ٿي ويون، چڄي رڃ پيام،
وڙهندي ورهيہ ٿيام، اڃي وار اڃا ٿيا.

⦿

سانجهيءَ وير سموند تي، رَتا رائن رنگ،
وڙهندي ويريءَ سان تڪا، الا، منهنجا انگ!
نہ هو آس اُمنگ، نہ سا سگهہ سرير ۾.

⦿

مري مري مَچ، وري ٿو وارا ڪري،
وري وري رچ، گهاتن وڏو گهير ۾.

⦿

سدا پيا سامائبا، ماڻهوءَ ڪارڻ مَچ،
سدا گهاتو رَچ، آڻيندا اوڙاهہ ۾.

⦿

مَچُ نہ مري پاڻ، آ توڪي ئي مارڻو
ازل ڪان انسان لئہ، مدائيءَ جا ماڻ،
جُلُ انهيءَ ئي جاڻ، مٿان موٽين ويڙهہ مان!

⦿

مانگر سامهون مورڙو، ازل ڪان آهي،
اڄ تائين انسان جي، ويڙهہ ڪُتي ناهي،
چڱو جو چاهي، اوني بنان اَڄَ ڪي.

⦿

سانجهيءَ جو آڪاس ۾، پيارو پيوڙيءَ رنگ،
ترسايان ڪنهن تڙ مٿان، روڪي آءٌ ترنگ،
سرواهيون سرنگ، رڻ ۾ ڪيسين رڱيان!

⦿

آيل، اڄ تہ آنءُ، جهُري پوانءِ جهول ۾،
آرڻ ۾ آرام جو، ڏي ڪو مون کي ڏانءُ،
پايان ڪو ٽر ٽانءُ، لاهي رَتو مولهيو.

◉

ڪونڌ ڪُڏائي اوڏڙا، نونڌ نچايا مون،
وڃن پيا ويڙهہ ۾، سورهيہ ۽ سوين،
لهوءَ لال پڳون، ڪڙيون رَت ڇِڪندڙيون!

◉

هاٽي ڪير مٿو پِڙ ڪان پنيرو ڪري!
اڄهو سڄ لٿو وڙهندي وڙهندي ويڙهہ ۾.

◉

سؤنچو ناهہ سَرير، وک وڌي ٿي ويڙهہ ۾،
پڙ ڪان پنيرا ٿيا، وڙهندي مور نہ وير،
جٿن جٿن ترڇا تير، تٿن تٿن سينا سامهون!

◉

لهوءَ ۾ لت پَت، ڌرتي منهنجي ديس جي،
پرکي پئي پت، جهونجهارن جي جنگ ۾.

◉

ڇڳون رَت ڇڪندڙيون، مُولهيا لهوءَ لال،
ادا، اڄ تہ اوريون، انهن جو احوال،
ڪالهہ پلائي پال، وڌيا جيڪي واهرو.

◉

سدا ايريا سنڌ ۾، آنديءَ جئن انسان،
وڙهندي مڙس مهان، مٽيءَ منجهه سمائيا.

⦿

سدا آيا سنڌ ۾، نوان نادر شاهه،
ڪانهي ڪا تاريخ ۾، ويڙهه سوا ٻي واهه،
متان سوچيو ساهه، متان موٽو ماڳ ڪان!

⦿

سدا ايريا سنڌ ۾، ڪوپا ڪنجل لوڏ،
هوڙهايون ۽ هوڏ، ڏسي پنهنجي ڏيهه سان.

⦿

سدا ايريا سنڌ ۾، ڪوپا ڪيهر وڪ،
ڏوران جن جي ڏِڪَ، ويريءَ جيءُ جهپائيو!

⦿

ڪاري ڪٽ ڪميت تي، آڏيءَ انڌوڪار،
جهڙقڙ جهور جهڪور ۾، چيهه ڪيو چمڪار،
آڙيءَ سان اڏرڻ لڳو گهايل گهوڙي سوار،
اوندهه آهه اپار، ڪئن چئجي هو ڪير هو!

⦿

بشڪون پنيءَ رات، مهڪڻ لڳيون مشڪ جان،
وڌڻ لڳا واءُ جان، مشڪن مور نه مات،
ڏورانهين جي ذات، ڪر نه ڪوڙي پونءِ تي.

⦿

وڏندا رهيا ويڙهه ۾ نه ٿيا ڏول ڏرا،
پنا پٽر وانگيان، نرو رک نرا،
چارئي پير چرا، چالون ساڳي چوهه سان.

⦿

تلوارن جا تک سان، زرهن تي زپڪا،
لاکيٽن لپڪا، چڪيل واڳون ويڙهه ۾.

⦿

وڏي اسر وير جو وارا ڪيا ويرن،
دل سان دعائون ڪين، پڙ ڦاڙي پيرن،
تک ڏسي تيرن، ويرين هانوَ جهپي ويا.

⦿

تازين تنگ چنائيا، پيريون ٿيون پيڪن،
اُپري راوت رک سان، ور ور وارا ڪن،
جهيڙا جهونجهارن، جائي جم پرائيا.

⦿

هو جي وسندي مينهن، وڙهيا پئي ويڙهه ۾،
مٿان بادل اپ ۾، هيٺان ڪيهر شينهن،
شال ڏسان مان ڏينهن، پيهر اهڙا ڏيهه ۾!

⦿

سَرلي وچان سج جا، تلوارن تي تيج،
هيٺان ريتا ريج، مٿان ڦُڙيون مِينهن جون.

⦿

ابر منجھہ اھاءُ ٿيو ڏسي ڪينءَ ڪنن،
ويڙھو پيا وڄ جان، چوڏاري چمڪن،
ڪنوٽين جيئن ڪِجن، سرن تي سرواھيون.

⦿

اتر ڪِنوي اڄ، سارو پڙ پسائيو
پچڙا! اٿي پڇ، راوت پھتا رُڪ سان.

⦿

آرھڙ جو آڪاس جڙ رجايل تامون،
ڪِيھہ اُڏي ڪامون، گھوڙي ٽپيو گھوٽ سان.

⦿

ريتِ ڇُھي وئي رت ڪي، ڏاڍو ڏينھن تتو!
ڪنھن جو لھو ڪٽ ڪريو ڪنھن ڪي ناھہ پتو!
سانجھيءَ سج رتو ڳاڙھہ سمائي ڳاڙھہ ۾.

⦿

پونءِ بہ ساري تامٽي، اُپ بہ اُلن وس،
ھٽندي تيز تراريون، ڪسيا ڪلھن ڪس،
ترندي رت ترنگ ٿيا، مور نہ تاتن تس،
گس ٿيا سپ گس، وار نہ گسيو ھڪڙو.

⦿

جوڀ اڇن تا جنگ ۾ ڪڏائي ڪيڪان،
ڏڏڙ ۾ ڏوڪار تي، ملهي ويا ميدان،
آزاديءَ اعلان، ڏرتيءَ کي ڏوڏڻ لڳا.

◉

ڪُتي ڪنَي ڏار، ڪِڙي پيون ڪوپريون،
سورهيہ منهنجا ست ۾ گويا گل انار،
لهڪي لهوءَ لار، مهڪي پئي ماڳ ۾.

◉

ڏس هو سانن سِڱ، اٽڪيا اڇي وچ تي،
آرڻ ۾ اهڙا اڳي، لوهہ نہ ڏٺا لڱ!
ڏڏڙ اندر ڏڱ، وڙهندا رهيا ويڙهہ ۾.

◉

ڏڏڙ اندر ڏڙ سِر بہ ڪٽي سوڀ ۾،
وڙهي، ڪيڏا پاڻ سان، ويرن ڪيا وڙا!
انهن نہ اؤگهڙ جن تي اوڇڻ اُڀ جا.

◉

هي جو ڪونڌ ڪري پيو مٿان سهڙي سنجهہ،
ويچ ورائي ٻانهن جڻ، ڏٺا سارا ڏنجهہ!
موت هٽي تو ونجهہ، ويندي نديءَ نير ۾.

◉

متان ڪٽڪيون ڪونجڙيون، هيٺان ڪتاريون،
راوت وڙهيا روهه ۾، گهاوَ وجهي گهاريون.
اڱڻ تي آريون، ڪومل ڪرٽا چنڊ جا.

⦿

هلو ڙي هوتا! وڙهندا هلو ويڙهه ۾
برن ۾ بوتا، متان روڪيو رات جو!

⦿

جيسين ٻڏي اپ ۾ وهائو تارو
تيسين اکين لائجو جهپ نه جهونجهارو!
متان تي مارو اوٻائيءَ تي اوچتو!

⦿

متان ڙي موتو ويڙهه نه ڇڏجو وچ ۾!
آزاديءَ سين اوپرو آدم جو پوتو
ماٺو سروتو ڳالهه مڙيو ئي هڪڙي.

⦿

متان نه ماريو ڏري پنهنجي ڏاڍ ڪان!
رڻ ۾ راماٽا ڪري، ويريءَ ڪي واريو!
ترو ۽ تاريو ساٿ سمورو رت ۾!

⦿

وڙهو وڙهو ويڙهوئو! متان پٺ ڏيو!
آهي پنڌ پيو اڃا جيئڻ جيت ۾.

⦿

متان مجو مات! امر ٽيو انڪار ۾
آرڻ ۾ اقرار جي، مور نہ ڪجو بات!
رانيو رانيو رات، رانول پنهنجي رَت سان!

⦿

سرن متان سوپ جون، پڳون جي پايو
متان وڙهندي ويڙهہ ۾، پُٺ تي واجهايو!
لايو سجايو نيٺ تہ ٽيندو لوءِ جو!

⦿

اچو اچو سورهيو هٽو چيٽ پٽن!
ماٺهو متان رت جا، بادل ٽا برسن!
وڙهندي مانَ وسن، ٽر تي ٽڏا مينهڙا!

⦿

اچو ڪُرُ ملهائيو راوت رڱيو روهہ!
جيسين ڏاڍا ڏيهہ ۾، ڏيهہ نسورو ڏوهہ،
للڪاري ٽو لوهہ، اپرو اڄ انياوَ تي!

⦿

ماٺهوءَ منجهہ وناس جو ڏاڍو آهي ڏر،
چاهي ٽو ڪيڏو چريو، هجان هوند امر!
شال هجي هيءَ جندڙي، ڪوئي پوپٽ پَر،
گهڙيءَ لاءِ گذر، جنهن جو گل گلاب تي.

⦿

متان ٻي جڳ ڪاڻ، موڙهل! هي جڳ وارئين،
انت اهو آ ساميا! هيءَ جا رک مساڻ،
چاٽي وينو چاڻ، ڪيهي وٺ وناس ۾!

⊙

آهہ اجائي انت تي، پنهنجي اداسي،
هر شيءِ هن سنسار ۾، آهي اَبناسي،
مٽيءَ سان مٽي ٿئي، موٽي هر ساسي،
ور سو جنهن واسي، پنهنجي سُرت سڳنڌ سان!

⊙

مٽيءَ منجهہ وشال، موٽي ٿئي جندڙي،
هن اونهي آڪاس ۾، جنهن جو انت نہ ڪال،
ڪتين جو ڪمال، مٽي آڇي موت کي.

⊙

ڇا ڪوُڙي آ ٻُک ۾، ڪُکِ اندر ڪاني؟
جا هيءَ مايا آهہ ڙي، پنڊيءَ تي ماني؟
آهي ناداني، جهيڙو ان لئہ جڳ ۾؟

⊙

اڙي او ويدانتي! انهيءَ کان انڪارُ
ماٽهوءَ جو ماٽهوءَ مٿان، هي جو تياچارُ!
هي پڻ مايا چارُ مون تي ڪڙا ڪوٽ جا؟

⊙

چا ھي ڏاڍا ڏيھ جا، ڌرتيءَ جا ڏاڙيل،
جيڪي ماڻھوءَ رت سان، ڪن ٿا تيل قليل،
سڀ انھيءَ جا ڪيل، ھو جو نرگڻ نانھ ۾؟

⦿

ڪنوٺيا، ڳن چير، اَنگ پيپوتي ڪاپڙي،
ڳالھ مڙيوئي ھڪڙي، مُلان، پنڊت، پير،
ساڌو، سنت، فقير، جرٿر ڪيئي جِيوڙا.

⦿

سامي! مون ڪيئي صديون، ٻُڌي ساڳي ٻَڪ،
جيءَ اچن ٿا جڪ، صدين ڪي ساڙي چڏيان!

⦿

سچي مڪتي ميڙ ۾، آچي ٿو انبوھ،
اونداھو اندوھ، تياڳي تنھنجي تياڳ ۾.

⦿

جاڙ مٺائي جڳ مان! ماڻھو شال جِين!
پوپٽ پنک تين، سڀ جا سرھا ڏينھڙا!

⦿

سامي! ھن ڪان ڪو وڏو ناھي انتر گيان:
بنان ڪنھن ڀڳوان جي، اُتم آ انسان،
ماڻھو آھ مھانُ، پنھنجو ڀڳوَنُ پاڻَ آ.

⦿

اج نہ منٽيءَ مينهڙا، نہ ڪي سنڌ سڪار،
سائين! لهي ڪيرُ اج، سنگهارن جي سار؟
اوندهہ انڌوڪار، ڏاڍين آندا ڏيهہ ۾.

⊙

سائين! مونکي سگهہ ڏي، اڏيءَ ڪنڌ ڌريان،
چارڻ! تنهنجي چنگ ۾، ڪائي باهہ پريان،
پيهر آءٌ ڪريان، سر جي صدا سنڌ ۾.

⊙

جي تون سرجڻهار جيءُ انوکو جڳ ۾،
واري پنهنجي جندڙي، جوڙ اهو جنسار،
توکان پو سنسار سرس ٿئي ڪجھہ سونهن ۾.

⊙

هونءَ تہ منهنجي جندڙي، ڪيتيءَ متان ڪونج،
گرڙ جيان مون گونج، جڏهن ڏيهي ڏک ۾.

⊙

مون کي ئي هن ڏيهہ ۾، مدد خان ڪُنو
لهوءَ مينهن اُنو سارو منهنجي ساهہ تي.

⊙

ڪنهن جي ڪنهن جي پيڙ اُيري منهنجي گيت مان!
ڪيڏي ڪتل پيڙ، سهڙي منهنجي ساهہ ۾!

⊙

جي تو پرک پهاڙ جي، پهچي ويندين پڪ،
جانئو تنهنجي جيءَ کي، ڪندا جهولا جهڪ،
لوچي لوچي لڪ، چڙهي ويندين چوٽيون.

⦿

آءُ اڪيلو ڏيٺ تي، مٿان انڌو اپ،
آنڌيءَ ۾ اڻ لپ، تہ تم ڏيئا رات جا.

⦿

ڇا کو آهي وانجهيو چڪڻ مان چاڙهو؟
ڏور افق ڳاڙهو سج ٻڏي ويو سوچ ۾.

⦿

اڄ، جو نڪتي تند مان، ترقي ڪائي تان،
مون تان ويون ميٽجي، زنجيرون زندان،
سمجهن ٿا نادان، باندي مون کي بند ۾!

⦿

هي جي پٿر پَٽ، جن ۾ چُرپر ناهہ ڪا،
جي تون چورين چنگ کي، جاڳي اٿن جهٽ،
گونج نہ پانئج گهٽ، پڙڪي تہ پنيٺ ٿئي.

⦿

ڇا تو پڇين ڇيڳرا، ”آزادي ڇاهي؟“
ماٺهو مٽيءَ مان نهي، مٽيءَ کي ناهي،
ڏٺي تو ناهي، شايد ڪار ڪنيار جي!

⦿

پرجهي هر پرڏيهه کي، ذات ڪنيم ڏيهي،
پيڙا جي هر پور ۾، ڏيهه ڏٺم پيهي،
سنڌڙي! تو جيهي، ڏن نه آ ڪنهن ديس ۾.

⦿

گيت سگهارو تو ٿئي، پيي پيي ڌرتيءَ تڃ،
هو جي راهي رڄ جا، تن جي واٽ نه وڃ،
اڀ ۾ ناهه اهڃ، ڪنهن ڀي ڳوڙهيءَ ڳالهه جو.

⦿

اولهه اوپر جو ميان، مور نه ٽيندو مٽ،
اٿل آزادي ڏئي، خوب هلائيندءِ هٽ،
هٽ تہ جهڳو چٽ، آزاديءَ جي نانوَ سان.

⦿

شال ڪڏهن ساڃاهيو منهنجو هي ايمانُ:
اول بہ انسان آ، آخر بہ انسان،
باقي سڀ زندان، آجو رڳو آدمي.

⦿

چنتا۔ نگري سنڌڙي، گهرِ گهرِ چنتا راڄُ۔
ڪوڙو ناهي ڪاڄ، ڪنهن ڀي سنڌُ سپوت جو.

⦿

ڌرتيءَ منهنجي ديس جي، ڏاڍا ڏک ڏٺا،
ڪيئي محب مِٺا، واريا تنهن تان ويڙهه ۾.

⦿

ڏرتيءَ منهنجي ديس جي، ڪيڏا ڏنا ڪِيس!
ڪيئي سورهيہ سِيس، واريا تنهن تان ويڙهہ ۾.

◉

صدين کان سڀ جي رهي، لتڙ ۾ هيءَ لوءِ،
هيئن لتاڙيو ڪونہ ڪنهن، ان کي اڳ، اَبوءِ!
اڄ اسان جي ڀاڳ ۾، پيارا! ڪانهي پوءِ،
اڄ اڄ، ڍونڍَ نہ ڍوءِ، ويڙهہ سڏي ٿي واهرو!

◉

هڪڙو سچ اَمول، آءٌ اوهان کي آڇيو:
”مؤرُ نہ آهي ماروئو! ڍٽ جيان ڪو ڍول“،
ڪوئي ٻول سٻول، ان کان اوچ نہ ڀانئجو!

◉

ماٺهوءَ پهريون ماڳ، آزاديءَ ۾ آڇيو
جي تون آجو جاڙ کان، ٻُکَ بہ ڀلو ڀاڳُ،
رودن سارو راڳ، ڏاڍائيءَ جي ڏيهہ ۾.

◉

پوپٽ پَرڙا مينهن ۾، ڀڄي پون جٽن،
آزاديءَ ۾ تٽن، ڏک نہ ڏکن وانگيان.

◉

اُٿو اُڀاريو اوري آٽيو باک کي!
اٿو نيٽن ڏيئڙا، ٻُنيي ۾ ٻاريو!
اونده اُجاريو تاٽي پنهنجيءَ تند کي!

◉

اُٿو آڌيءَ رات جو، ڪيو ڪينر تات!
تن ڪان اڳ ۾ ٿي اُٿو پکي جي پرڀات،
رهڻي ناهي رات، تاٽيو پنهنجيءَ تند کي!

◉

اُڀري اڄن ساز مان، اکين اوسيڙا،
هن ڏکياري ديس جي، پراڻي پيڙا،
ڪري اوهيڙا، رتو وسي رات تي!

◉

تڙقي اُٿي تار مان، سو سارو طوفان،
جنهن ۾ گذريل دؤر آ، قاتل سڙهہ سمان،
اڄوڪو انسان، جنهن جا تن تني پيو.

◉

تڙقي اُٿي تار مان، سُڀان جو سپنو
جنهن ۾ ڇپر ڇانوَ ٿي، پيارُ ڪري پاڇو
ماڻهو ماڻهوءَ جو ساٿي ٿي ساڻيهہ ۾.

◉

رات وِڪائون ڏات، ڳٺي جيئڻ ڏينهڙا،
ڪانئر ڪوي ڏيهہ جا، لوني تن جي لاتِ،
موت نہ تنهنجي مات، سوين اڳي پوءِ سچ جي.

◉

جيئڻ ٿورا ڏينهڙا، ڪهڙو ڪوڙ چوان!
مرڪي مچ پوان، ساٿ نپائي سچ سان.

◉

لِکڻ ناهہ لَکڻ، جي تون ڪُوڙ ڪمائيين،
ٻَن پوي وهہ گاڏئون، ماکيءَ ميٺ مکڻُ!
توڙي پيد پکڻ، ٻول ٻرائي سچ جا.

◉

جي تو ڏٺو ڏيهہ ۾، انڌو تي اَنياءُ،
منهنجي ليکي تون بہ آن، اَنيائيءَ جو ياءُ،
تنهنجو سهج سياءُ، ڏي انوکو ڏاڍ جو.

◉

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، جهالا جهونجهارن،
هو جي ٻريا ٻول ۾، ٻڌا مون پارن-
ييجَ ينيءَ تارن، وڙهندي ڏٺا ويڙهہ ۾.

◉

چارڻ تنهنجي چنگ مان، باهہ لڳائي بيت،
ڪنڌ، ڪهاڙيون، ڪيت، چا چا چڻڪئو چت ۾!

◉

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، آرڻ جا اُڌما،
ڪوپا، ڪنڌ، ڪتاريون، راتين جو راڙا،
ٻول ٻُريا چا چا، جاجُڪ تنهنجي جيءَ مان!

جي تون ڏکين ڏاڍ ڪان، هيئين آٽي هول،
اڳتي اَويساهه سان، ٻڌندا چارڻ ٻول،
آءُ ٻُلائي پول، سٽي سوريءَ سڏڙا!

⊙

چارڻ تنهنجي چنگ مان، گهورن گهائل گهوٽ،
هو جي واريا ديس تي، مڙس الا اٽموٽ،
ڳيري ويا ڪوٽ، سورهيه سِر جي سَٽ سان.

⊙

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، پيڙهين جا پڙلاءَ
هن ڏکياري ديس جا، گهرا گوندر گهاءَ
سارا تتيءَ تاءَ سارا پيرن پرڪٽا.

⊙

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، اُوندهه ۾ آهون،
هن ڏُکياري ديس تي، ڪاهن تي ڪاهون،
درديليون دانهون، روز لتاڙيل لوءِ جون.

⊙

ڏيهي! سچ سڪار اڄ جو ويو ڏيهه مان،
ڪلهي ڪونهي ڪينرو پيو ڏاتِ ڏڪار
ڪوري ڪير ڪپار ملهه مهانگو ماڻهپو!

⊙

آءُ اِئين آستر، جڻن هو تارو اپ ۾،
تو در پهتس ديسڙا، گهوري پنهنجو گهر،
تون پيٽي، تون پر، هانءُ نہ منهنجو هيڪلو.

⊙

تون جو ڏيهہ ڏري وئين، ڏسي ڏکيو پنڌ،
آءُ هلان ٿو هيڪلو ڪوري پنهنجو ڪنڌ،
هيءُ نہ منهنجو هنڌ، پل تہ مران مان ماڳ ۾!

⊙

پيهر آءُ اڪيلڙو ۽ اونچي ديوار!
ڏڪي ويا ڏاڍ ڪان، ڪُلهي ڪوڏيا يار،
هينئان مچ نہ هار، هيل بہ وڙهہ تون هيڪلو!

⊙

آءُ اڪيلو اُپ ڪان، اوچي آ ديوار
اُيري منهنجا گيت تون، شايد پهچين پار،
ها، پر پو بہ پڪار متان ڏاڍ ڏري پوي!

⊙

ڪَڇِي منجهان ڪَڏَ، ور ور ڪريس ڪَڏَ ۾،
ڇا تو پانيان رُڪ جا، منهنجا پڳل هڏ؟
ڪيسين رڳو سڏ، وراڻيندس واهرو؟

⊙

ڌرتي! مون کي ڏيرَ ڏي، منهنجي پيٽ نہ پاءِ،
تڪر تاڪي ڪيترا، موتيو آهيان ماءُ!
پٽر ۾ پڙلاءُ، ڪهه جاڻان ڪيسين رهي!

⊙

تيڏو ڳورو ڳَٽ هو جيڏو اوچو ڳاٽ،
آيس آءُ اچاٽ، موتي توڏي مائِڙي!

⊙

چِڪن پيا چنگ مان، ڌرتي! منهنجا چاڪ،
مِرون رت پياڪ، ڪڏهن ويندا ڏيهہ مان؟

⊙

پيهر توکي جندڙي، جي ڪنهن مام مِلي،
ڇا تون ساڳي پيار جي، ايندين ڪونہ ڳلي؟
دک بہ ديس بلي، سک بہ ان جي ساٿ سان.

⊙

پيهر توکي جندڙي، ملي جي ڪنهن مام،
توتي ايندا ڪونہ چڙهي، آزاديءَ الزام؟
ڪينر آچي عام، چڙهندين ساڳيءَ چِيئن تي.

⊙

هي جي ڪڙيون ڪوهہ تي، ٻانهن پائي ڪنج،
ڏسي، روئڻ هارڪيون، سنجيل گهوڙن سنج،
هر هر چڪي هنج، چمين پنهنجا ٻارڙا.

◉

رَتو رُنيون رات، جهونجهارن جون جوئڙيون،
گهوڙن متي گهوٽ تا ڪتي ٻُڌن بات!
وهائيءَ پرڀات، ويا ڪارڻ ڪوڏيا.

◉

هئہ هئہ وَنيءَ ون، ڳجها ڳوڙها گهٽ ۾
سڏ لنوائن ساٿ جا، پر ڪئن ڪوندر ڪن!
چڏي نڪتو چن، پهتو آرڻ اوڏڙو.

◉

گهٽڪن ڳوڙها گهٽ ۾، اَکين اَرتي اون،
'مون وٽ گهارين چو نہ؟ چو تو چڏين چانورو؟'

◉

'چو تو چڏين چانورو، اڳتي آرهڙ اُسَ،
'گهوڙا اندر گس، متان ٽاندا اپ جا!'

◉

'متان ٽاندا اپ جا، تتو رائو روهہ،
'تنهنجا پير رڪاب ۾ مور نہ تو ۾ موهہ،
'هي منهنجو ٿي ڏوهہ، جو مان ور تنهنجي وني!'

◉

ڳوڙهن آليءَ چڳ ڪي، هر هر هٿائي،
وني چنبڙي واڳ ڪي، ٻيهر ٻاڏائي،
ٻيرن وڏائي، مينديءَ رتا هٿڙا.

⦿

مينديءَ رتا هٿڙا، ڪجل ڀنا نيڻ،
سيني ڏنا ويڻ، ويندڙ ويندا ٿي رهيا.

⦿

ڇاتيءَ رکي ڇپ جا، ويا ٿي ويندڙ
ڏوراپا ڏيندڙ تنهن کي سمجهن ڪينڪي.

⦿

آرڻ آتي مڙس جي، ڇپ جيان ڇاتي،
هن جي ڳوڙن ڳيت ۾، ڪنهن جهاتي پاتي؟
اڳتي لئہ آتي، وک ويچوڙي واڳئين.

⦿

مارو منهنجيءَ ڀونءِ جا، ڏاڙهيءَ ڀنيا ڀاڳ،
شال نہ تڪي اوپرو هي جو ڀوڍو ساڳ!
آونگ لاهي آڳ، وچ ورهائن ڀاٽ ۾.

⦿

تو نہ ڏٺي آ اوپرا، لوئڙيارن لوءِ-
جيسين ڪنڌ نہ ڪپجي، ڇڏن جوءِ نہ جوءِ،
ويجهو وڃ م ووءِ، تن ڏي اڏي اک سان!

⦿

تو نہ ڏٺي آ اوپرا، ڪنڌ ڪهاڙيءَ راند،
وڏا وير ملير جا، توڙي پاندي پاند،
شال هجي هيڪاند، ڳڌجن جانثا جيئڙا!

◉

تون چا ڄاڻين اوپرا، گهوڙن ڳاڙها گهوٽَ،
جن نہ پرائي پيءُ ڪان، منجهان آرڻ موٽ،
رکي ڳچيءَ ڳوٽ، ڏاري ڪيڏن ڏيٺ ۾!

◉

تون چا ڄاڻين اوپرا، تن جي لوئيءَ لڄ!
هي جي منهنجون ماريون، منهنجيءَ ڌرتيءَ ڌڄ،
ڇٽي پنهنجا ڇڄ، اَن اجارن باک ۾.

◉

تون چا ڄاڻين اوپرا، مور نہ منهنجا مٺ!
صديون چمڪي سج ڪان، سرس پٽائيءَ پٽ!
جهڙي ڪتيءَ چٽ، تهڙي آرهڙ ڏينهڙين.

◉

تون چا ڄاڻين اوپرا، تر جي ولين تڏا!
تنهنجي سوچيل سرڳ ڪان، منهنجي وستي وڏ،
منهنجيءَ ڪُنيءَ رڌ، جي تون سائون چکئين!

◉

تون چا ڄاڻين اوپرا، منهنجي چپر چاٽ،
ساڏوهين تي صبح جو مهڪي تي جا ماٽ!
هيءَ جا منهنجي جاٽ، تنهن جا ڪارڻ ڪيترا.

◉

تون چا ڄاڻين اوپرا، ڳنڊيون جي ڳنڊيرَ!
منهنجي ملڪ ملير، ڳجهه پريان جي ڳالهڙي.

◉

هو اوندهه جي اوٽ ۾، سج اُڀي تو ڄارُ
تيسين سهسائي وڃون، پوبون مرونءَ وارُ
اُف! هي انڌوڪارُ اُف! هي راڳا رات جا.

◉

هي جي ڪن تا ٻوڪ، ڏري ساري ڏيهه لئه،
تن جا اندر ڪينئرا، بزدل بابو لوڪ،
ها، هو سگر ٽوڪ، ڪنڌ ڪهاڙيءَ هيرئان.

◉

ها، هو مڙس مٽير، ڪنڌ ڪهاڙيءَ هيرئان،
ٻانهون پگهر واسيون، ڪيڙيءَ ڪُرچيل پيرَ،
ڪانه وڃائن ويرَ، مري ملهن ماڳ ۾.

◉

هي جو ڪوسو ڪچ ۾، هي جو ونيءَ ور،
جنهن کي پيارو ديس ڪان، آهي پنهنجو گهر،
ان جو کهڙو آسرو ان ڪانئر ڪان ڏرا!
تون جو ڪاهين هر، ڪنڌ ڪهاڙيءَ هيرئان!

⊙

جيڏا! تن جي جاڳ ۾، منهنجا سارا ماڳ،
سنڌ آياڳيءَ ياڳ، ڪنڌ ڪهاڙيءَ هيرئان.

⊙

تون ڏاتو تون هر، ڪنڌ ڪهاڙيءَ هيرئان!
آهين منهنجي ڏيهه ۾، تون پيٽي تون پر،
ڪندو سنڌ امرُ، جهوڙو تنهنجي جيءَ جو.

⊙

توکي پنا پيٽ ۾، تون چا وڙهندي پيچ!
وڃي اتي وڄ، جت نه جوکو جيءَ جو!

⊙

مڙس ته ڪلهي ڪوڏيو، ٻيو جئن رنيي رڍ،
چا چا ڏائي ڏِڏَ، ٻول ٻڌايئه ٻولڙيا!

⊙

آيو سوريءَ سڌ، لڪي وئين لوڪ ۾،
ڏاها! تون پيي ڏڌ، جي تو سانگو ساهه جو.

⊙

آءُ ڪڙهائيءَ ڪڙهہ، آءُ تہ پرڪيون پاڻ ڪي!
هونءَ تہ پيو پڙهہ، پڙهڻ مان ڇا ٿو وري!

⊙

جي تو سگهہ سرير ۾، آءُ چڪڻ مان چڙهہ!
هونءَ تہ پيو پڙهہ، پڙهڻ ٻوڙيا ڪيترا.

⊙

چنڊ جيان چمڪن، ڏاتا منهنجي ڏيهہ جا،
جهنگن ۾ جهونجهار ٿا، جهيڙينديءَ جهمڪن،
تارا ٿا ٽمڪن، مولهين مٿان ماڳ ۾.

⊙

آزاديءَ جي راهہ ۾، ڪجهہ بہ نہ اجايو،
لالڻ! ٿي تو دير سان، لايو سجايو،
سو بہ تہ ڪم آيو، ڪنڌ ڪريو جو پنڌ ۾.

⊙

ڪنڌ ڪريو جو پنڌ ۾، وڏي ٿيو وڻ،
آزاديءَ جي راهہ ۾، ڇانوَ ڪري ٿو ڄڻ،
وڪ وتري ڪڻ، ور جو مٺو ماڳ ۾!

⊙

هو جي مٺا ماڳ ۾، جڙڻ ڪي اوچا ٻڙ،
ودين ڪيڏا وڙ، پانڌي ڪيا پنڌ ۾!

⊙

جهرمر جهرمر ڏيئڙا، آهي سارو پنڌ،
ڪنهن جو ڪنهن جو ڪنڌ، جرڪي ٽوان جوت ۾!

◉

ڪنڌ ڪريو جو پنڌ ۾، جڻ ڪا ڏياٽي!
اڳ جيئڻ اونداهي نہ آ، گوندر جي گهاٽي،
وڪ نہ وهاٽي، پويان ڪنهن جي ماڳ ۾.

◉

اُهڪي آهي راهہ، آزاديءَ جي پاٽڙا!
جي تو سانگو ساهہ، پير نہ وجهہ تون پنڌ ۾!

◉

آهي موت ميار، آزاديءَ جي راهہ ۾،
اُسهين تہ آجو ٿئين، پسين پريںءَ پار،
مرين تہ بہ اَمر ٿئين، وڏين ويروتار،
جئڻ ڪا سنڌوءَ ڏار، سدا رهي سير ۾.

◉

ڏس نہ ڏڳن ڏڙ وڪ اچا ڪر وٽري!
مري پنهنجي پاڻ سان، ويرن ڪيا وڙ
انهن نہ اَوگهڙ جن تي اوچڙ اپ جو.

◉

آزاديءَ کان اوپرا، تون نہ اسان جو ڀاءُ!
تون کو پٽر پنڌ ۾، اسان اتر واءُ،
اسان تڏي آءُ، سانگو لاهي ساھ جو.

⦿

هيءُ نہ ڀونر ڀُون، ڪومل ڪنول هينئڙا!
چنن چاتي اپ جي، هٿ ڇتيون ڇوليون،
سو ڇا ڄاڻين تون، مان جنهن ڇوهي ڇوھ ۾!

⦿

جي تون ويهي واٽ تي، پسين ڪوئي ڳل،
ءِ ڏين سونهن سڳنڌ جو مهل وڃائي مل،
اسان ساٿ نہ ڄل، پنڌ پري آ پانڌيا!

⦿

وري اڇٽي ناھ سا، جيڪا وئي وير،
ڏس هو واريءَ ڍير، پنڌ پري آ پانڌيا!

⦿

پنڌ پري آ پانڌيا، تارن ڏي ٻہ نہ تڪ!
متان لُڏي لڪ، تنهنجي وک ڍري ٿئي!

⦿

لڳن پنهنجي لونءَ جي، آهي پرينءَ پارُ
جتي سونهن سڳنڌ ۾، تري ٿو سنسارُ
وچ نہ وجھ ويچار، متان وک ڍري ٿئي!

⦿

جي تو سُڌ سڳنڌ جي، هان هي موڪيءَ مَٿ!
پهريون سر جي سَٿ، پوءِ سَري جون سُرڪيون.

◉

جي تو سُڌ سڳنڌ جي، قول اسان جو ڦٿ!
مُور نہ تنهن جو مٿ، ڪوئي گل گلاب جو.

◉

جي تو سُڌ سڳنڌ جي، ٿار نہ سِر جي سٿ!
ڳورا پانءِ نہ ڳٿ، آٽن جيڪي آجپو!

◉

ڳورا پانءِ نہ ڳٿ، هي چڙ ٿانگر ٿاريون،
سِر جي ڏيئي سَٿ، آجو ٿي آنياءَ ڪان!

◉

منچر تي ماريءَ، اڄ بہ ماريون هنجرون،
ڳچيون رَت چڪندڙيون، وات مٿان واريءَ،
ڪڪيءَ جي ڪاريءَ، ڇا ڇا ڪنيِ ڪٽي ويو!

◉

جَر تي لٿين جيئن، شال مرين ها هنجڙا!
ڪانيرن سان ڪيئن، گهاريئہ ايڏا ڏينهڙا؟

◉

ڪونجو! مون جاتي پٽي، ساري ماريءَ مام،
اوچي ڳاٽ اُڏام، پوءِ بہ مون کي آئڙي.

◉

ڪونجوا ڪرڪو پار ڏي، نيئي نياپو:
’منهنجو جياپو، سار اوهان جي سپرين!‘

⦿

جيسين باک ﭙجي وجي، آماپيو پيو اوت!
تو وٽ جيئڻ جوت، اوندهہ انڌوڪار ۾.

⦿

جيسين جرڪي سج ۾، پنهنجي لوئيءَ لاک،
پوٽو پئج نہ پيٽ ۾، متان ڪوهين ساک!
اڇا نڪتي باک، جهونجهڪڙي جي جيءَ مان!

⦿

ٻاهر هن زندان ڪان، آهِ وڏو زندان،
آڇو سو انسان، جنهن جي پيرين پيڪڙا.

⦿

اڄ اڄ، آجو ٿيءُ، ساٿ نيائي سچ سان،
ويل اها آ وائڙا، پوءِ نہ چونڊءِ پيءُ،
آءُ جڳان جڳ جيءُ، وِهہُ ڪان وَهہُ چو ٿو وچين؟

⦿

جي تون ساٿي سچ جو موت مهانگو ناهہ،
سر جو سانگو لاهہ، ويلَ اها آ وائڙا!

⦿

ڏک نہ ڪنهن جي ڏاڍ ڪان، ڏکڙ ڏاڍي ڏي،
ان مان آس نہ ڪي، سوپ سدائين سچ جي!

◉

پت جهڙ پويان ڏينهڙا، ڳول نہ سائو پن!
پر تون هار نہ من، ايندي باک بسنت جي.

◉

هو جو سج سمان، ڪاريءَ ڪڪريءَ ڪک ۾،
جنهن تي ور ور ولهہ ۾، ياڙي منهنجو يان،
ايندو سو انسان، ڏر تي ايري اوچتو.

◉

ايندو سو انسان، ڏمري ساري ڏاڍ تي،
آءُ متان اڄ ۾ مران، ناهہ اهو ارمان،
ڏسندو نيٺ جهان، جيڪي منهنجي جيءَ ۾.

◉

'آءُ متان اڄ ۾ مران، ۽ پو رات ڪُتي'!
کهڙي مُوڙهي مَت تي، منهنجو گَهٽ گهٽي!
او شل باک ڦٽي! گهوريو منهنجو جندڙو.

◉

گهوريو منهنجو جندڙو مان بہ تہ ڪائي وک،
ڏورانهين جي ڏک، مون آندي ڪجهہ اوڏڙو.

◉

هي جي مُئو ماڳ ۾ ملهي آيو ماءُ!
شال نہ ڏسان ڏينهن جو ڪانئر ڪوني ڀاءُ!
سَچَ ڏنو جو ساءُ، شال نہ وسري سڪ ڪان!

⊙

ڪيئن نمايئہ ڪنڌ، چڙهي چوٽ صليب تي؟
وڙهہ اڪين سان ايري، جي تو ساٿو سَنڌ!
هيءُ نہ تن جو هنڌ، جن جا لڙڪ لڙي پيا.

⊙

جان جيئين تان وڙهہ، آڻ نہ مڃ اَنياءَ جي!
هٿين، پيرين، مونڙين، راڙا ڪندو رڙهہ!
ٻَن انهيءَ جو مڙهہ، جيڪو مئو ماٺ ۾!

⊙

ٻُڌ نہ "منهن مونن وجهي، غربت ساڻ گذار!"
اهڙا ٻوهر ٻوجهہ مان، ڀهرينءَ وير ٻهار!
اوچي ڳاٽ پڪار، ڏاري غربت ڏينهڙا!

⊙

ڪير چوي تو بانورا، 'صبر وڏو سڪ'؟
آءُ چوان تو: ميٺبو هن ڏرتيءَ جو دک،
هي جو ماٺوءَ مک، ڏونگر ڏاري تو سگهي.

⊙

تون ٿي پنهنجو ڏوهہ، تون ٿي ڏوهي ڏيھہ ۾،
تو جو ٻڌو ٻنڌڻين، ووءِ نسورو ڌوھہ!
لچڪي وڃي لوھہ، جي تون اُيرين آڳ جان.

◉

ووءِ پراڻيون پوٿيون، ووءِ اهي پستڪ!
جن ۾ ڏاهپ ڏک سان، صديون ٻڪيل ٻَڪ!
جيءَ اچن ٿا جَڪ، جيڪر سڀ ساڙي ڇڏيان!

◉

ڏونگر ڪجھ تہ ڏري، پيو آهي پانڌيو!
اڃهو رات ٽري، پير نہ ساهيو پانهنجا!

◉

اڳتي اچ نہ اچ، سيڪجھ تنهنجي وس ۾،
ماڻهوءَ مريادا سدا، پرکي بيٺو سچ:
جي تون چاهين، باھہ کان، پٽ تي موتي ٻچ،
جي تو پهہ پتنگ جو، پڇڙ ڪارڻ پچ،
ماٽي سارو مچ، امر ٿي. وچ آڳ ۾.

◉

اڳتي آءُ نہ آءُ، سيڪجھ تنهنجي وس ۾،
ازل کان آزاد تون، آهين منهنجا ڀاءُ!
جو چاهين سو چونڊ، پر رکي چت چتاءُ:
’ڪونهي سوريءَ ساءُ، ڳچيءَ جي ڳڻ ڳوت ۾.

◉

جي تو پهه پتنگ جو آڳ نه آهي آڳ،
وڏا تن جا ڀاڳ، جيڪي مئا ماڳ ۾.

◉

پچڻ آهه بچڻ، جي تو پهه پتنگ جو
منجهان مچ نچڻ، امر ٻڌجي آڳ ۾.

◉

آهن انهيءَ آڳ ۾، ڪيئي ڳچين ڳچ،
هي جي منجهان مچ، اُلا ٿي ايرن پيا.

◉

بند وجهو ٿا بانديو! مون تي، مان آواز!
ٿني جڙندو مون جيان، صدين کان پو ساز
چاٽو چاٽن راز، ترقي ٿو جو تند ۾.

◉

مون .سان باندي بند ۾، سوين ساروٽيون،
تنهنجا ڳل ڳراٽڙيءَ، پشم جون پُوٽيون،
جن سان مون جُوٽيون، ڪيئي ڪاتيون ڪوٽ ۾.

◉

مون سان باندي بند ۾، تنهنجا سرها وار،
ساري رات سڳنڌ جي، سيرانديءَ کي سار،
اڄ به هيئين هار، چوتا چندن واسئان.

◉

مون سان باندي بند ۾، تنهنجا نيڻ بہ ها،
ڪنهن کي ڪل نہ ڪا، مون چو گهوريو ماٽ ۾!

◉

پائي ڪٽي رات جي، جنهن ۾ تارن ٽُن،
مون سان ساري سُنَ، باندي آهي بند ۾.

◉

مون سان باندي بند ۾، منهنجا ڪيئي گيت،
جرڪي جن جي جيت، هر هر منهنجي هارَ ۾.

◉

آءُ نہ سنيران آڌِ، آءُ نہ سنيران آسرو
مون جئن ڏونگر ڏاڍ، شال م پسو پونيرؤ!

روڳي راتيون ڏينهڙا، پل پل صدين پورءِ،
مون پيرين جا پورءِ، شال م پسو پونيرؤ!

◉

شال نہ روئي رت، ڪوبہ سپاٽي ڏيهہ ۾،
مون جئن پاڳي پت، شال م پسو پونيرؤ!

◉

شال سپاٽي تي رهو، اَجوڪا، آزاد!
مون جئن مادرزاد، شال م پسو پونيرؤ!

◉

هي جي آيا هيل، اَڳُ نہ اهڙا آڳڙيا،
ڪٺ ڪڙهڻ جي ويل، ڇا ڇا جرڪيا جيءَ ۾!

⦿

اڄ جن ڦوڪي آڳ، اَڳُ نہ اهڙا آڳڙيا،
ڏمڻ وڏا ياڳ، ساري ڪٺ ڪڙهي وئي.

⦿

ڪتي ڪتي ڪَٺ، رُڪ ڪيائون پڏرو
ڪير لهارن مٺ، اَڳُ نہ اهڙا آڳڙيا.

⦿

اڳ نہ اهڙا مون ڏٺا، ڏنوٽيءَ مٿان ڏڳ،
لوهي جهڙا لڳ، اکين آڳ اڱار جي.

⦿

ايري آيا آڳ جان، منجهان ڪر ڪپاٽ،
ڪيڏي چاڙ چراٽ! اَڳُ نہ اهڙا آڳڙيا،

⦿

اَڳ نہ اهڙو ويس، اَڳُ نہ اهڙا آڳڙيا،
ڏمڻ سارو ديس، سڀ ڪي چٽنگون چت ۾.

⦿

هو جو اخبارون، ساجهر سانجهيءَ آئيون،
ڪارنهن ۾ ڪارون، لڪي ويون لوڪ جون.

⦿

ڏوٻي ۾ ڏاڙيل، پرتا آهن پاڻ ۾
پر جي هاچا هيل، ڏوٻي ڏوتا ڪينڪي.

⦿

وڻ ٽڻ لهوءَ لال، لهو چاري چڪ ۾
ڏرتي اَرتي رت سان، اَرتو اپ وشال،
ماضي رت چڪندڙو، وڏ انهيءَ ڪان حال،
ڳيرو ٻيڙو ٻال، ڇا ڇا ڏوتو ڏوٻيو؟

⦿

ڇا ڇا ڏوتو ڏوٻيو؟ ٻنيون، ونيون، ور؟
ماڻهو مندر، مسجدون، گرجائون ۾ گهر؟
هو جي مٿان ڏر ڳاڙها ڳپل ماس جا؟

⦿

ڇا ڇا ڏوتو ڏوٻيو؟ ڳولي گندا گهاٽ!
مٿان پاڻيءَ پاٽ، رت وهي ٿو لوڪ جو.

⦿

ڏوئو جي ڏوئي سگهو اَرتو مارن يَت!
هي جي مينڊيا مارئيءَ، سارا رتو رت!'
هَيءِ هَيءِ هن جو سَت، هَيءِ هَيءِ هن جون سنگهرون!

⦿

ڏوئو جي ڏوئي سگهو گهايل امڙ ڪيرا!
نديءَ جيڏو نير، اڪين گهرجي آب لاءِ.

⦿

ڏاڍا ڏوئي ڇا ڪيا؟ ڏوئو ماڻهوءَ من،
ڏوئو هن جي آتما، ڏوئو هن جو اَنُ،
ڏوئو ڏرتيءَ ڏن، جنهن مان رت ڇڪي پيو!

⦿

ڳيو پاڻيءَ ڏُڪ ۾، ٻوڙي جي ڪائين،
پنهنجي اوچي ڳاٽ کي، مُور نہ جهڪائين،
تہ تنهنجي سائين! ڏات ڏهوٽي تي وڃي.

⦿

ڏاڍا، تنهنجي ڏيهہ کي، سڀ ڪان مُنو ماٽ،
توڙي ڪاٽئون ڪاٽ، واڪو تنهنجي وس ۾.

⦿

ڀاءُ مري تو ڀڪ ۾، توکي ناهہ ديا،
لمبا جي ديس تي، پر تو گيت ڇيا،
ڇو جو ناهہ هَيا، ان ۾ جوکو جيءَ جو!

⦿

پر ۾ پنهنجي ڀاءُ تي، ڇو نہ ڪيئہ کهڪاءُ؟
ڪوڙي تنهنجي شاعري، هيا، تو نہ حياءُ!
ڪانگو جو سوداءُ، ڪراچيءَ ۾ تو ڪرين!

⦿

هتي پل تہ چني پيو مِرون ماڻهوءَ ماس،
آهي تنهنجي اوجهہ ۾ آفريڪا جو قياس،
آهين ڇا نہ اداس، ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ لئہ!

◉

ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ لئہ ٻاجهاري ٻولي،
ڇو جو توکان دور آ، شومبي[1] جي گولي؟
لُنءَ لُنءَ تو لولي، پيڙا ڪنهن پرڏيهہ جي!

◉

ٻولَ ٻڌايئہ ٻولڙيا، ساهہ ڪري سانگو،
ويس ڪرين ڪهڙو بہ تون، نچين تو نانگو،
ڪوڙ پڇي ڪانگو، دک وساري ديس جا.

◉

آءٌ لُممبا آهيان، سوريءَ متي سَچ!
پڇي مون کان بچ، توکي سانگو ساهہ جو!

◉

آءٌ لممبا آهيان، ۽ ٻيو منهنجو ياءُ،
آهي جنهن جي پيڙ جو مون ۾ اڄ پڙلاءُ،
گهوري هن جو گهاءُ، مون مان رت چڪي پيو.

◉

---

(1) شومبي: ڪانگو جو رجعت پرست ليڊر، جنهن سامراجي ٽيڪر تي لُممبا کي مارايو.

اڄ هي منهنجو گيت جو ٽوڙي ٿو زندان،
ڪانگو جو ارمان، ان لئہ ناهي اوپرو.

◉

هاءِ، يهوديءَ ڏيءَ، هيءَ تنهنجي آتم ڪٿا!
ڪيئي ڏٺا ڏيهه ۾، تو جهڙا مون جيءَ،
روز سڪايا سيءَ، ٻاڙها گُلَ گلابَ جا!

◉

هيءَ تنهنجي آتم ڪٿا، هيءَ تنهنجي پيڙا،
آڏيءَ مانجهيءَ مونجهہ ۾، تنهنجا اوسيئڙا:
اڄ بہ اهي ڪيڙا، چُرن ماڻهوءَ چت ۾.

◉

اڄ بہ در تي اوچتو آڏيءَ جو ٺڪ ٺڪ،
وجهي سيءُ سرير ۾، وڏائي دڪ دڪ،
ڏوران ئي ڏڪ ڏڪ، اڄا ماڻهوءَ هينئڙو!

◉

اڄ بہ لڪي لوڪ کان، لڪي ٿو ڪوئي،
راتين جو روئي، ڏري ڪنهن جي ڏاڍ کان.

◉

اڄ بہ ساٿي سچ کان پڇي ٿيا بيزار،
هر ڪو ڪنبي ڪوڙ کان، ڇاڻي ان جو ڇار،
آڏيءَ تي انڪار، سڀ جو آهي سچ کان.

◉

اڄ بہ آهي ڀونءِ تي، ماڻهوءَ ايڏو ڀؤ
هر ڪو چڙي تو چوي، ”مون کي سچ نہ چؤ!
”متان تنهنجو تؤ جر ۾ جرڪائي ڇڏي!“

◉

اڄ بہ تو ڪو ياءِ تي، ٻيهي وچ ٻڪي،
۽ پوءِ لڪي لوڪ کان، پنهنجو پاڻ تڪي،
وينو ڦٽ لَڪي، ڪُتي وانگر ڪنڊ ۾.

◉

اڄ بہ گيستاپو گهر گهر وجهي ڪنبڻي،
پنهنجيءَ ڇتيءَ ڇال سان، روز هڻي ڇاپو،
سڀ کي سياپو اکين لڙڪ نہ اُڇهي!

◉

پاڇائون چوڌار، متان ڀونءِ ڀوائتو
اڄ بہ ماڻهوءَ جي متان، اُڀي آهہ ترار،
ڪاسائيءَ جي ڪار، اڄ بہ ساڳي آنڌ کي!

◉

هو جو جرمن ماءُ مان، نڪتو ناهر ڦر،
ايري تو تاريخ مان، هر هر سو هٽلر،
اڇا ڏاڍ ڏمر، ڏڍ ڪسي تو ڏيهہ جو.

◉

آئـنـي![1] مـنـهـنـجـي پـيـنـڙي، ڏورانـهـيـن اَبـلا!
اڄ جو منهنجي گهاوَ مان، رت ڪيا ريلا،
انهن ۾ تنهنجا، سهسين سڏڪا ٿو سڻان.

◉

ٻمن مٿان ٻم، ڪريا انڌوڪار ۾،
اڏاڻا آڪاس ۾، هڏن سوڏا چم،
آلا، ڏس آدم، آزاديءَ لئہ چا سَٺو!

◉

زناٽي ۾ زوم سان، گولين تي گولين،
ڏمري آيون ڏاڍ جون، ٽولين تي ٽولين،
هي بہ ڏسو هوليون، جن پچڪاريون رت جون!

◉

ڏيرن مٿان ڏير، وڏيل ٻارن انگڙا،
ڪنول وانگر هٽڙا، پوچا جهڙا پير،
آلا! هي انڌير، جيجل تنهنجي جيءَ سان!

◉

ٿڻ ٽڻيتين جا ٿيا، ڏسو ڳُجهن ڳاهہ،
مِرون پٽن ماهہ، لهوءَ چڪي مامتا!

◉

---

[1] ائني فرئنڪ: يارهن ورهن جي يهودي ڇوڪري، جا نازي جرمنيءَ ۾ ماري ويئي، ۽ جنهن جي لکيل ڊائري دنيا جي ڪيترين ئي زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪي آهي.

لهوءَ لويل مامتا، وڏيل ونيون، ڏس!
ڏس هي ڪپيلُ سس، ڳولي تہ ڪنهن ٻار کي!

⊙

ڏس هي ڳيروءَ ڳات، ڳولي تو ڪنهن مڱ کي،
ڪِنجهي ڪُرڪي ڪنهن ڪنيو منجهان ڪرڪپات!
لکئي ساڻ للاٽ، جليو انڌيءَ آڳ ۾.

⊙

ٻمن جي برسات ۾، پيگا، لڪا لوڪ،
رتو رڙ پئجي وئي، ڪنهن ٻہ نہ ٻڌا ٻوڪ،
ڪر ۾ پڪل ڪوڪ، ماريل ماڻهوءَ ٻچڙا.

⊙

مُنهن تي لهوءَ مک، ڌڙ تي ڦٽ اُلاوَ جا،
لاش وڏو آ لاش کي، مري ٻري ٻک،
پوڻءِ ڏنو چا بک، آزاديءَ جي راهہ ۾!

⊙

پر پو اُيري آگ مان، آزادي پڙڪي،
ويريءَ مٿان وڄ جي، قهر جيان ڪڙڪي،
ڌرتيءَ ۾ ڌڙڪي، آجي تيڻ جي آرزو.

⊙

آجي تيڻ جي آرزو بندوقون ۽ بم!
ويريءَ جا آڪاس ۾ هڏن سوڌا چم،
اِي آزاديءَ ڪم، ڏونگر ڏاري تي وجهي!

⊙

آزاديءَ جي آرزو ڳيروءَ پڏي، پارَ
لهو هر ڪنهن لڱ تي، لڳي ماڪيءَ لارَ
آزاديءَ اِسرارَ پرجهي پرجهان ڪيترا!

⊙

گهُگهُو وڳو گهگهه ۾، ڏني جهپ جهاز
ڦاٽا وڏي ڦاٽ سان، بمن مان آواز
هي آزاديءَ راز اک نہ چنيين آدمي!

⊙

هنوئيءَ هر جاءِ، آزاديءَ جو مورچو
لکين نينگر نينگريون، مرن جيئڻ لاءِ،
ڪانئر، پير نہ پاءِ، جي تو پياري جندڙي!

⊙

هيءَ اُنهن جي جاءِ، مرن جيڪي ماڳ ۾
نہ ڪا ووءِ نہ واءِ، آزاديءَ جي راهہ ۾.

⊙

مٿن پاٻوڙا ٻڌي، جهاڳين پيا جهنگ،
آڳُ نہ واسينگن ڏٺا، ڪڏهن هيئڻ نسنگ،
وٺن وجهي ونگ، ٿارين تي ڪسڪي ويا.

◉

ڪلهن ٻمن ڳوٺريون، رڳو ٿاٻوڙا،
ٻُڌن تن جون ڳالهڙيون، رڳو ٿا ٻوڙا،
ٿي ويا واچوڙا، ويريءَ مٿان وات ۾.

◉

جوڳي نئين جڳ جا، آهن گوريلا،
جن جي پاڇي ڪان پري، نانَگ پيچن نيلا،
ڪڙهيل ڪسيلا، جانٺا جوڌا جنگ ۾.

◉

ڪوڙي ناھ ڪٿا، ڪٿڪ! نئين جڳ جي:
چٽيون ڪولي، اپ مان، ويري هيٺ لٿا،
ڇاپا مار جٿا، وريا تن ڪي وات ۾.

◉

ناليءَ مان بندوق جي، ڏور ڏسي آڪاس،
گوليون گوريلي پري، ڪنيو اونهو ساس،
آيو ڪٿان واس؟ ڪٿي گل ٽڙن پيا!

◉

ڳهن ڳهن ڳهنن ڳهن، ڳجي پيو ڳهڳهہ ۾،
ٻين پٽيان ٻوندڙا، ڪڏهن نندٻ نہ ڪن،
چيتي چال وجن، ويريءَ پٽيان واٽ تي.

⊙

جهونجهڪڙي جي جهيل ۾ ٻڏن ٽا تارا،
جهونجهارن جا جهنگ ۾، وهاٽيءَ وارا،
هو جي هچارا، اجهو آيا واٽ تي.

⊙

هيءَ گوريلا فوج آ، آزاديءَ جي آڏ،
ڏاري ڏونگر ڏاڍ، وڏي پئي وير جان.

⊙

يانت يانت هٿيار ڪنن ڪاٽيٽا ڳهٽا،
پوءِ بہ ڳجيا شينهن جئن، ويڙهو ڏونگر ڏار،
ويريءَ مٿان وار، پوٽا پيا ڪينڪي.

⊙

هٿيارن سان هيرَ، آزادي ڏبجي نہ ٿي،
ڳدڙ نڪتا ويڙهہ ۾، شڪاگو جا شيرَ،
هائي ڍونڍين ڍيرَ، معنيٰ ڳوليو موت ۾!

⊙

معنيٰ کهڙي موت ۾، اَنيائيءَ جي اوٽ!
ڪتان ڇاتي شينهن جي، آڻن ڇپيل نوٽ؟
ها، هو ڳاڙها گهوٽ، مرن ٿا ڪنهن ماڳ ۾.

⊙

جيسين معنيٰ موت کي، ناهي آياڻا،
هٿيارن تي هٿ ٿا، لڳن ويڳاڻا،
پاپي پُراڻا! مرڻ معنيٰ تو گهري!

⊙

ذڪرڻ اوپر ايشيا، تو تي لک سلام!
تنهنجي سج ايار کي، سهمي ڏنو سام،
آئي منجهه عوام، آزاديءَ جي آرزو.

⊙

هي جي پوڙهو جُهور، وڙهندي ٿيو ويڙهه ۾،
اجا ڏمري ڏاڍِ تي، آڻ نه مچي مور،
سوچي، ڏسي ڏور، ايندڙ آرڻ ڏينهڙا.

⊙

اجا آهن مڙس جا، ڏونگر تي ڏيرا،
سدا هن جا سوچ ۾ پيشانيءَ پيرا،
سانجهيءَ جي ويرا، سج لهي تو لڪ ۾.

⊙

لڪن مٿان سج ۾، ڪنهن جي، ڪنهن جي سارَ!
ڪيئي ساٿي سچ جا، ڳُلهي ڪوڏيا يارَ
وڙهندي جن جا ويڙهہ ۾ اچا ٿيا وارَ
اڄي موت، ميارَ! جيڏا روز جدا ڪرين!

⦿

سوچي ٿو بارود سان، روز پِري جهولي،
’شال ڪڏهن بندوق مان، ڳُسي نہ گولي،
’آنيائي ٽولي، مرٽي آهي مون هٿان.‘

⦿

ابا! تنهنجو رت، اپري آيو وات ۾
ها، مون هاريو پَٽ، جان تو ويري جيئرو.

⦿

هيءَ ڪهاڙيءَ ڏار، چڙهہ ڪا ڳني سج جي!
ابا! تنهنجي رت جا، مون تي ڀاري بارَ
تيسين ننڊ ميارَ جان تو ويري جيئرو.

⦿

مون ۽ تي ننڊ ميار آ، اَبا! مون سوڳندَ،
جيسين مان ڪيرائيان، تنهنجي ويريءَ ڪندَ،
مون نہ پٽاريو هندَ، هن سان ساڳيءَ ڀونءِ تي.

⦿

آبا! تنهنجي نانوَ سان، منهنجو اوچو ڳاٽ،
سورهيه! تنهنجي سچ جو چوڏاري چمڪاٽ،
لڪئي ساڻ لِلاٽُ، چمڪيو چوڏهينءَ چنڊ جان.

◉

موت نہ هرڪو نانءُ ٿو، واريءَ تي واري،
مڙس اهو جو مهل تي، مري يا ماري،
ڏري يا ڏاري، اُپري ڏونگر ڏاڍ جا.

◉

مان ڪئن لوءِ لڄائيان، تو نہ لڄائي لوءِ،
آبا! توکان پوءِ، آهہ کھاڙي ڪڇ ۾.

◉

آءِ، کھاڙي ڪڇ ۾، ءِ مون هي آٿت:
’رت کي ڏوئي رت، رت نہ ڏوپي نِير سان.‘

◉

چمنيءَ مٿان چنڊ، موهي ماٺهوءَ هينئڙو
سمي پيو سونهن سان، مل کان ٻاهر منڊ،
اندر جيئڻ جنڊ، پينهين پورهيت هڏڙا.

◉

مزدورن مل ٻاهران، ڪئي جو هڙتال،
لٿيون ونيون مينهن جان، ڪريا ڏرتيءَ لال،
ڪيا ڪجھہ سوال، مون کي گھوري گورڪيءَ.[1]

◉

---

[1] گورڪي: روس جو انقلابي ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس.

مون کي گھوري گورڪيءَ، ڪئي ڪجھ هئن بات،
”بک ڏئي ويا باک کي، ڪيئي ڏاها ڏات،
”ڪي ڪي چمڪيا سج جان، ڪٽي ڪاري رات،
”پر جن ڪاڏي مات، جرڪيا جڳ جي جيت ۾“.

◉

”جرڪين جڳ جي جيت ۾، اهڙي ڪائي بات!
”ڏک ورهائي ڏيھ سان، تنهنجي ڏکي ڏات،
”ٻي سڀ جيت ٻہ مات، چارڻ تنهنجي چنگ جي.“

◉

آءٌ اوهان سان آهيان، دکي انسانو!
جيسين ڌهي ڍير ٿيي، ظالم زمانو،
ڪونڏر ڪسانو پيڙهيون پيڙيل پورهيتو!

◉

آءٌ اوهان سان آهيان، جيسين ٿئي جيت،
هان، هي منهنجا گيت، منهنجو پگھر پورهيو!

◉

اکيون ٻاڙهيون ڄؤر جان، سوچي ٿو ڪجھ سيٺ،
ڇا ٿو ڏسي هيٺ، وسڪيءَ وچ گلاس ۾؟

◉

اٿ اي ڪتا نيپئر[1]، پنهنجا پونيرَ ڏس!
گورا توتي جس، ڪارا ڄٽيئڙ ڪيترا!

⦿

جي هو ڪاٽينا ڪڍي، جي هن ۾ گرڪڻ،
ڪُتي چئجي هيترو اهڙو ڪو چڙهڻ!
”آفيسر هئين ڇڻ، ڪُتا اڳيئنءَ جوڻ ۾!“

⦿

هو غالب جو همر وطن، وٺي ڏيڍ هزار
ويٺو وچ مشاعري، جهونو نمڪ خوار
ڏس ڪيڏي بيداد ۾، داد گهري ٿو يار!
آءِ، پٽائيءَ يار ڪاريون راتيون قيد جون!

⦿

آءِ، پٽائيءَ يار ڪاريون راتيون قيد جون،
جن ۾ سپنا سنڌ جا، وايون ميگهه ملارَ
ڪيان ڪوهه شمار مون کي مُلهه ملي ڇڪو!

⦿

چڙيا گهر جي چؤنڪ تي، پڃري ۾ چيتو
ڪڏهن جاچي ٿو پيڙا هن جي پنڌ ۾؟

⦿

---

[1] نيپئر: چارلس نيپئر.

سوشلزم اسلام ۾، زم زم ۾ وُڏڪا،
ملان چڏ اُڏڪا، دارون آهي دين جو.

⦿

ڪافي گهر ۾ ڪيترا، لينن وادي لوڪ،
روز ڪراچيءَ ڪنڌ ۾، اردوءَ ۾ ڪن پوڪ،
ها، هو سڳر ٽوڪ، ڳاڙها ڳيرو سنڌ جا.

⦿

روز پڙهن فينن،[1] گيويرا[2] ۽ ٽراٽسڪي،[3]
ڳاڙهو پستڪ پي ويا، مائو تن جي من،
پو بہ نہ تن جي ڪن، آهون دانهون سنڌ جون.

⦿

هو سڀ لينن واد جي، ڪفن ۾ ڪيڙا،
هو ڇا ڄاڻن، سنڌ جا آڏيءَ اوسيڙا؟
پيڙهين جي پيڙا، ڪوٽ ڪڙا ۽ مارويون!

⦿

---

[1] فينن: مشهور انقلابي مفڪر، 'فرانسز فينن'، جنهن کي الجيريا جي آزاديءَ جي جنگ نهايت متاثر ڪيو ۽ هو جنگ هلندي 1961ع ۾ مري ويو. هن لاءِ سارتري چيو آهي تہ "آمريڪا، ايشيا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ٽين دنيا، فينن جي آواز جي ذريعي پنهنجو اظهار پائي ٿي."

[2] گيويرا: ڪيوبا جو انقلابي رهنما، جو عالمي انقلاب لاءِ وڙهندي 'بوليويا' ۾ ماريو ويو. هن جو ڪتاب (Bolivian Diary) ۽ تقريرون ۽ بيان، ڪراچيءَ جا نام نهاد مهاجر ترقي پسند اڄڪلهہ ڏلچسپيءَ سان پڙهن ٿا.

[3] ٽراٽسڪي: لينن جو انقلابي دوست، مفڪر، مقرر ۽ تاريخ نويس، جنهن کي دائمي انقلاب جي نظرئي (Theory of Permanent Revolutioan) سبب اسٽالن جلاوطن ڪيو ۽ جو پوءِ ميڪسيڪو ۾ قتل ڪيو ويو.

ڳاڙها ڳيرو سنڌ جا! تون ئي منهنجو خواب،
تون ئي آنهه جواب، صدين جي سوال جو.

◉

آءٍ ڀِٽائيءَ ڀِٽ تي، ڳاڙهو جهنڊو کوڙ!
جي چاهين ريتو ٿيان، پنهنجو رت ولوڙ!
جايون اُتي جوڙ جتي جڙون جيءَ جون!

◉

ٽڪر پرسان ٽڪري، جُوئا جي آهي،
ڪيڏو وينا موڪرو! چاڙهه اوهان ناهي،
لاوا تي ٿاهي، جوالا پنهنجي جيءَ ۾.

◉

آهه جوالا جُوءِ ۾، هي جُوئا خانو
ڪتو ڪيڏو خوش ٿيو انڌا انسانو
جيسين نادانو لاوا ڦاٽي ڦاٽ سان!

◉

اُپري ايندا اوچتو هو ڌرتيءَ جا لال،
آءٍ ڏسان تو ڀونءِ تي، ايندا جي ڀونچال،
ماڻهو مڏيون، مال، ڏاهي هٽندا ڏير ۾.

◉

آءُ ڏسان ٿو پوڻ تي، اڄ بہ سو انسان،
اُپري ايندو ٻاڪ سان، جيڪو سڄ سمان،
ناهي تِرُ بہ گمان، ڳهلا انهيءَ ڳالهہ ۾:

⦿

مان ئي ٻيجل آهيان، مان ئي راءِ ڏياچ،
منهنجو ڪنڌ ڪماچ، طلبي پيو تند ۾:

⦿

اهڙي جهانءِ جهروڪ ۾، اڳ نہ پئي ڪا،
جڻ ڪوئي ڏاهي ويو، قسمت جا ليڪا،
ڇا تو سُئي ڪا، ڪوڪ ڪتاري وانگيان!

⦿

اِيري ڪا آواز مان، آڏيءَ رات اَٽي-
هيڪر سَين هٽي، ماٽ ڪري ويو منگتو.

⦿

هاڻ تہ هر هر ٿو وڃي، واڄو وڄ سمان،
ڏرتي ۽ آڪاس جڻ، ڪن ٿا آڳ سنان:
سورٺ! هي مهمان؛ باسي ناهي پوڻ جو.

⦿

اڳ اهو آواز گونجو نہ گرنار ۾-
آهي وڏ وجود جا، صدا ناهي ساز:
اڳ اهو انداز مون نہ ڏٺو ڪنهن منگتي.

⦿

ڪنهن جا ٻهه ٻهه ٻول، ٻريا ٻاهر ٻاٽ ۾!
آڌيءَ رات رتول، ٻري پيا ڏيئڙا.

⊙

سورٺ! هي انسان، آهه انوکو ڳائڻو
هي جو اُپريو ساز مان، نڪري ساهه سمان:
ماٺهو آهه مهان، مور نه آهي منگتو.

⊙

سورٺ! هي آواز يا ڪاريهر جي ڪاٺ!
ڪيڏي انگن آٿ، ڪيڏو لونءَ لُڇي پئي!

⊙

هوءَ جا صدا ساز جي، چڙ ڪا ڏيئي لاٺ،
ڏيري ڏيري تي وئي، ينيٺ جا پڙڪاٺ:
ڪيڏي جر جراٺ، آهي ان آواز ۾!

⊙

سورٺ، هي آواز يا شِوَ جو تاندو ناچ،
ڪاري رات، ڪُماچ، جرڪي پيو جر ۾.

⊙

سرسوتيءَ جي سنگ ۾، ڪالي پينڪر روپ،
آڌيءَ رات آنوپ، ڪنول اپريو آگ مان.

⊙

جئن کو ڏکي ناوَ کاري کارونيار ۾،
سورٺ! هن آواز ۾ پيڙهين جا پڙلاوَ
ڏيئي گهرا گهاوَ وڍي وينو انگڙا.

◉

سرهو ٿي سرڪنڊ، ڄرڪي جيئن ڄرات ۾
ٿئن هن مانڊيءَ منڊ، جلي جيءَ سڳنڌيو.

◉

سورٺ! ڇا هئن اوچتو اُڀري ٿو آواز؟
ڄر ۾ ڄرڪي ٿو پوي، صدين کان پو ساز؟
اڳ اهڙو اعجاز مون نہ ڏٺو ڪنهن منگتي!

◉

صديون رهي سانت ۾ اُڀري ٿو آواز
ڪيڏيءَ جيءَ ولوڙ سان، جڙي ٿو هي ساز!
راڳي سارو راز ڳجهہ ڳجهاندر ڳالهڙي!

◉

صديون سرجي ٿو پيو رڳن منجهہ رباب،
صديون پنهنجي خواب ۾ گهاري ٿو ڪو خواب،
تڏهن اهڙو تاب، اچي ٿو آواز ۾.

◉

سورٺ! ڏس نہ ڪيرُ، اڄ هئن اڳڙ آئيو؟
جرڪايو جنهن جيءَ کي، لاهي ماٿو مير،
يان نہ اهڙو ٻيرُ، اڳ ڏٺو مون ڪڏهين!

◉

مُلهہ مهانگا منگتا، سِر جي صدا ڏين،
چارڻ پنهنجي چنگ سان، ماڻڪ نہ ميڙين،
آڏيءَ جو آڻين، ٻري آگ اَلاپ ۾.

◉

سُرندي ساٿ ڏئي، متو تي مانائتو
متان مال متاع جي، تو کا ڳالهہ ڪئي!
هرڪو راءِ رئي، سون ٿئين جي سِرُ ڏئين!

◉

آءُ نہ ڪاٽيارو ميان، تون ئي ڪاٽيارو
سِر جو ساٿ ڏئي ٿئي متو موچارو
چارڻ بن چارو، راجا تو نہ رتول ۾.

◉

ڏس تون پنهنجي پاڻ کي، ڇا تون ساڳيو راءِ؟
سورٺ سورٺ آ اڳين، لالڻ تنهنجي لاءِ؟
ڪنڌ ڪپائي پاءِ، هاٿي پنهنجي پاڻ کي.

◉

جنهن بہ ٻڌو هڪوار، ترقي منهنجيءَ تند کي،
تنهنجي وس نہ هينئڙو تنهن تي ڪنڌ ميار،
موٽي سڀ ڇمار، رُئنديون رت رتول ۾.

◉

ڪنڌ نہ تنهنجو ڪنڌ، هاٽي مان ان جو ڏٽي،
پيرن ۾ پينار جي، پارک تنهنجو پنڌ!
چين نہ ڏيندءِ هنڌ، سک نہ ايندءِ سيج تي.

◉

اڄ! اڄ! آجو ٿيءُ، نائي ڪنڌ ڪماچ کي،
جادوءَ منجهہ جڙي ويو جاجڪ تنهنجو جيءُ،
متان پانئين ايءُ، مون بن سمهنديون سک سان!

◉

مٿو هٿن مٿ، پير اچا پيي پنڌ ۾:
چارڻ! ملهہ نہ ڪٿ، ان کي توري تند سان.

◉

بيجل! بيجل! تو جيان، ڪيئي ڪينر پٽ،
پر هي مٿو ڪورجي، سڀ ڪان آهي مٿ،
چارڻ! ملهہ نہ ڪٿ، ان کي توري تند سان.

◉

تند نہ رڳو لوهہ، مٿو گل گلاب جو،
مٿو جنهن ۾ موهہ، ايڏو آهي تند سان.

◉

(ڪپر ٿو ڪُن ڪري)

رِڻُ- ٻارڻُ ٻاري ويا، آڌيءَ اُتي جي،
ساري تي تن کي، اُپري باک بسنت جي.

⦿

اڙيا ڳنِ اُپاءَ، هيٺان هانءُ جهلي ڪري،
نيٺ تہ ورندو واءُ، نيٺ تہ ڦِرندا ڏينهڙا.

⦿

رِڻَ بہ تي ريڍارَ مٿان تارن ٽُٻڪڙا،
ريڍُن ڏارُن ڏارِ شل ڪو اُپري ڏينهڙو!

⦿

ڦرندا ڦِرندا ڏينهڙا، ساڳا نہ رهندا،
اچن تا ڳهندا، ڪارا ڪڪر ديس تي.

⦿

آيا ڪارونيارَ ڦِري ويا ڏينهڙا،
ڪيڏا باغ بهارَ توتي ڌرتِي ديس جي!

⦿

'اِجهو مُندَ ملير تي، آئِي ڪِي آئِي'،
وائي سَوائِي، منهنجيءَ ذکيءَ ذات جِي.

⦿

وري وڳهہ ڪوٺ، ڪڏهن وسندا مينهڙا؟
ايندا ڳاڙها ڳهوٺ، دودا منهنجي ديس جا.

⦿

چِٽيل چُنيءَ جيئن ڪا، روپا ماڙيءَ تي،
پيهر شال اچي، آزادي هِن ديس ۾!

◉

ڪٽي ڪٽان ڪيترو پرِيَنِ پيراڙيون،
وَستيون اُجاڙيون، جن ويندي هِن جُوءِ جون!

◉

اهڙي ڪا گجگوڙ اچ، اوچا ڪڪر ڪر،
جِيئين ڏُبي ڏَر، ڪِرن ڪوٽ ڪلُور جا.

◉

چُري چُرِي چِٽَ ۾، متان ڪيو ماٺِ،
توڙي ڪاٺون ڪاٺ، سارَ اوهان جي ساهہ ۾.

◉

اُهو ئي آهيان، متان پانيو ڪو ٻيو،
اچا تو ناهيان، ڳاهُون ڳاڙهي سِجَ جون.

◉

گَسنِ گل قُل مورجن، جيسين وسن مينهَن،
تيسين ڏکيا ڏينهَن، ڪيئن بہ آهن ڪاٽا.

◉

مُٺا مُرڪن تا پيا، آئيندي جي اوٺَ،
هو جي گهڙيءَ گهوٽَ، صديون سارينديون گهٽو.

◉

سورج پرج ساکَ، آءُ نہ اُجهاٽو ڪڏهن،
منهنجيءَ لوئيءَ لاکَ، سدا ڳاڙهيءَ باک جئن.

⦿

سَهڙي جا سيڪاڻ تي، ڪنوڻ سا ڪاٽوڻ،
مٿان ڪائو موڻ، سارِي سنڌ ٻري پئي.

⦿

مٿان چَٽو ناهہ ڪا، گاج مٿان گِرنارَ
سانوڻ اڄ سنگت ڪئي، ٻيجل سان ٻيهارَ
چوڌاري چمڪارَ آيا ڪِنوڻِ ڏينهڙا.

⦿

وَسُ اچا ڪجهہ وَسُ، موتي وڃ نہ مينهڙا!
اُتي گاهہُ قُٽي پوي، جتي گوندرَ گَسُ،
وري ڏاهَن ڏَسُ، وسي ڪنهن وٽڪار سان.

⦿

هي جي شير شهيد ٿيا، مري نہ جيڪي مات،
تارن تن جِي تاتِ، ساري رات سٽاوَ ۾.

⦿

هي جي شير شهيد ٿيا، ڪيسانو موريءَ،
ٻَڌا ريٽي رتُ جي، ڏورانهين ڏوريءَ،
ڏرتيءَ ڪڪوريءَ، سانڍيا پنهنجي ساهہ ۾.

⦿

هي جو ريتو رَتُ آ، ڪيسانو موريءَ،
اُٽِي ڪنهن ڪوريءَ، ڳاڙهي اُٽَتِ ڪيتري!

◉

هي جو رَتُ اڀوجهہ آ، اُنهيءَ جا امڪانَ،
نہ ڄاتا نادانَ، اچا پنهنجي ڪيپ ۾.

◉

سوين ڪَٽِي سَرها ٿيا، وارو وڃائي،
ليٽڙيون پائي، رانول پنهنجي رَتُ ۾.

◉

سِرُ، سَرچو ساٽيهہ سان، متيءَ سان ماٿو
ڪونهي تنهن ڪاٿو اوچو آهي اُيَ ڪان.

◉

تڙقي ٿو تاريخ ۾، اچا ٽيپوءَ ڪنڌُ،
آزاديءَ جو آ اچا، پري ڪيڏو پنڌ!
هيءُ انهن جو هنڌُ، مري جي ماهو ٿيا.

◉

جيسين اُنهن اوچتو سوين ڏٺي سائين،
متان اِئن پائين، ماريءَ موتَ قَبِي ويا!

◉

تِکَ اندر تاريخ جِي، جي تون سمائين،
متان اِئن پائين، سارا لاش لُڙهي ويا!

◉

هي جو ڦڙو رَتُ جو، وڏي ٽنهن جي وَٽَ،
متان ڪرين ڪَٽَ، سوپ نہ آهي سُتري!

◉

سوپ نہ آهي ستري، مڱي، سڳر ٽوڪَ،
لُونءَ لُونءَ واري لوڪَ، مرن تا اِن ماڳ ۾.

◉

هي جي جهجها جُهڙ ٽيا، مٿيءَ مهڪ اُٿي،
ڏرتي رَتُ رتي، ڦُولي لالَ ليارَ جڻن.

◉

ڪُلها ڪالهہ ڪَڪوريا، جِٿين ڏاڙهن ڏارَ،
مَرِي مَلهيا يار، ويڙها، سپ واسي ويا.

◉

آهن آڏيءَ رات جو واڪاٽيون وِيرَن،
نيٽن مان نيرن، ڳاتيون تن جون ڳالهڙيون.

◉

نِڙيو ڪَٽن ٽارَ سِرَ اُنهن جا سوپ ۾،
مري ملهيا يارَ ويڙها سپ واسي ويا.

◉

سيڪو سوچي سوپ جو سوپون هَٿَ نہ سوچَ،
وَرُ هيءَ تن جي لوچَ، پلئہ پل جيڪي پوي.

◉

ڳَنَ ٽوپائي ڪوڙَ مان، ٻانها اڳِ پيا،
سورهيہ سَيُّ ويا، اڄڪلهہ لِڪي لوڪَ ۾.

◉

او شل ٻهي ٻوهہُ، ڪائي آگ ٻري پئي،
لوهہُ ڦوڪي لوهہُ، رُڪَ ڪري ڪو پڌرو.

◉

ماڳَ ڳپيندو منزلون، ڪاهيون پيو ڪاهِ،
اُتي هَڏَ نہ ساهِ، متان رات مٿان پوي!

◉

تون جو سَڏَ يائي، تون ڪِئن مات ڪري وئين!
تو ڪئن لنوائي، ٻُڌي ڳُوڪَ ٻنهي ڳنين!

◉

ڪوپا ڪوهستان جا، ڏسان پيو آنءُ،
اڃا تن جو نانءُ، ڀِڦن منجهہ ٻَلي پيو.

◉

ايندا ايندا اوچتو تو لئہ مُڙس مٺيارَا!
سنڌڙي تنهنجي سارَ هُري پئي هانوَ ۾.

◉

ڪُڙي نہ ڪَڙڪِي، واهَر وِيرَ اچي وئي،
ويريءَ تي ڳڙڪِي، آفت ڪائي اوچتو.

◉

ڍنگر ڍاٽائون، ڊوڙيا پُٺيان مارئيءَ،
جيسين آندائون، ٻيهر مُنڌ ملير ۾.

◉

جيسين ايري اُپَ ۾، مينهُن ٻڌي، مانداڻُ،
تيسين پنهنجو پاڻ، ڌار نه ڪجو ڌڻَ ڪان!

◉

ڦِڦِڙ ڪن ڦرڙاٽَ، ٽوڙي اُتر واءُ ۾،
پوءِ به ساڳي واٽَ، پوءِ به ساڳا پنڌڙا!

◉

اِجهو ڏُٻي ڌَرِ ڪِريا ڪوٽَ ڪَلُور جا،
هيٺون هاڻ نه ڪَرِ، باقي ٿورا ڏينهڙا.

◉

پاڻ وٽنديون ٿو ڪرين، سوچين نه ٿو تون،
پيرن هيٺان ڀُوَن، چار ڏهاڙا ڏاڍَ ڪي.

◉

متان تارو اُپَ مان، ٿِڙڪي ڇڏي ٿانُ،
متان تون ايمانُ، لاهين پنهنجي لوءِ مان!

◉

هُو جي پيالا پُر ڪري، پِئَنَ مُنهَن لايو
سِجَ! ڪِري سعيو تن تي لَٿين ڪيئن تون؟

◉

باقي ڪو دم ديرِ، ويندا لُڙ لهي ميان،
اڃا ناهہ آوير، اڄهو آيا واهرو.

⦿

اکين کان اوجهل نہ آ، اڃا پنهنجي واٽ،
لُٽيو آهہ لُڙاٽ، توڙي سِڄَ نهار کان.

⦿

ايندا ايندا مون پرين، گِهرِي گهر ايندا،
نهوڙي نيندا، ڏمر سارا ڏيهہَ جا.

⦿

اڄان ترسين جندڙي، جي ڪائي ويرا،
پُوڄا هي پيرا، ڏوئان پنهنجي ديس تان.

⦿

الا ائين اوچتو سانجهي تي ويئي،
مٿان مون پيئي، رڻ ۾ ڪاري راتڙي.

⦿

وٺَن سُتا مورَ تا، ڪٿي نندون ڪن!
ساري رات ڏِسَن، سپنا ساوڻ مينهن جا.

⦿

اڃا آهين ڏور، توڙي ڏُور بہ ويجهڙو
مَنان ويئي مُور، سارَ نہ تنهنجي سُپرين.

⦿

اجا ساڳا راتڙيءَ، ڪارا ڪوجها پَرَ،
اسان تو آڏر، سَرَ تي پورب سوجهرا.

⊙

’مِٺو لڳي اجميرُ، سارو جڳ ڪڙو لڳي‘،
رتن ٻائي! ڪيرُ؟ ٻولي تو جئن ٻولڙا.

⊙

ويهو آڏيءَ رات جو، ڪو ٻارڻ ٻاري،
متان اَنڌاري، ٻُڏي وڃن ڳوٺڙا!

⊙

وري شال اُٺن، دودا منهنجي ديس جا،
جهنڊا شال جهُلن، وري وڳهه ڪوٽ تي!

⊙

هي جي مُنهِن ڳهُنڊيون، هي جي ڪرتيل ڏنڊ،
نيٺ تہ ڇڄندا بندَ، ٻوڙيندا ڪنهن ٻوڏ جئن.

⊙

پاٽارين پچارَ اڄ نہ آهي واءُ ۾،
ڳالهيون ڪن تا ڳُجهہَ جون، سُس پُس ۾ ساٿيارَ
رچي ريتا يار، پَهہَ پچائن ماڳ جا.

⊙

رڻ– ٻارڻُ ٻاري، ويندا رهيا ڪاپڙي،
هاڻي اُن چاري، اُلا ڪونہ اجهامندا.

⊙

هي جي ندورا، ڏولائي جا ڏينھڙا،
باقي ڪي ٿورا، متان ھيئون ھارئين!

⊙

ڏِنگرَ ڏاٿائون، ڀُرِيا اڇي پَٽ تي،
اونو گھر ٿَڙ جو اِئين، پنھنجو لاٿائون،
اڳ نہ ڏٺا آئون، ويڙھيچا اِئن واٽ تي!

⊙

ھِن پُٽ سارا سڪ ھا، ھُن پُٽ آزادي،
ڇا تو بربادي، چوندي وتي چاھہ مان؟

⊙

سينو ساھيو ساڪري، ڪارونجھر تي ڪَرَ،
وچولي جي واٽ تي، ڪارونيار ڪگر،
اُپري آءُ اُترَ، متان ماٺ ڪري وِھين!

⊙

پٽ تي ڪنڌ نہ لاڙ چا نہ رتو رت پيچرا!
پيھر ڪندن واڙ پوڪين پيو ويسرا!

⊙

سورھيہ تيءُ سڄاڻُ، مرڻ نہ آھي مامرو
جيئڻ جو اھڃاڻُ، ويڙھُو گھرجي ويڙھہ ۾.

⊙

وري تن جا لوڪ تي، پِرن ٿا پيرا،
وري وڏيرا، ڏاھا ٿيا ڏيھہ جا.

⊙

اجان پنڌ پهاڙ جا، اجا اَپرو واءُ،
ڪُونجن جو ڪُرلاءُ، توڙي ساڳو ڏيهہَ ۾.

◉

دِلا لاهي دادليون، پٽيو نہ ساهي!
اجان اونداهي، اجان باک پني نہ آ

◉

وري جهُڙَ گهاٽا ٿيا، وڏي ٿي وسڪار،
پُرن ٿا پوتار، پُٽيُن پِٽيُن وانگيان.

◉

باقي توري راتڙي، اي دل دڪ دڪ ڪر!
تيسين ٽڪ ٽڪ ڪر، جيسين سهڙي سوجهرو!

◉

اي دل اجان توري اڳتي آهي پنڌ،
اجان جهَپ نہ لائجانءِ، توکي مون سوڳنڌ!
اڳ ڪان اوچو ڪُنڌ، آزاديءَ جي راهہَ ۾.

◉

اي دل مون سان ساٿ تون، چڱُو ڏيندينءَ تيسين،
پورو ٿئي جيسين، آزاديءَ جو پيچرو؟

◉

واهوندا، وَرِڻَ ڦوٽَ، اِجهو ڦريا ڏينهڙا!
ڪڏهن ڪنديِنءَ سانوري، مُهراٽي ۾ موٽ؟
ڪٽي ڪونيٽ اوٽ، پُري پوندينءَ پاڪرين!

◉

وري قوڳ قلارَ ڪاٺُڙَ تيندي، ڪاٺُڙيا،
وري لَهندا مينهڙا، وارياسي جي سارَ
اِجهو منهنجا يارَ پنيرڪي پيڙا ڪيا.

◉

(راج گهاٽ تي چنڊ)

هيءَ جا منهنجي شاعري، ڪانگهه وارو لَڪُ،
جنهن ۾ ڪوئي ٿَڪُ، مُور نه ڏِسندؤ مارُئو!

◉

هي جي مون وٽ هير، اهڙا بيت نه اڳ هيا!
آءُ چڏيان تو ساٿيو، پَٽڪولي تي پيرَ؛
توڙي آهه اَوير، آءُ اُئين ئي پنڌ ۾.

◉

هي جو اُپراڻو وجي پيو واٽ تي،
اچا نه ساٿو، توڙي سج لهي ويو!

◉

مون کُهنبا پهرائيا، پهڳڻ پوليءَ ڪي،
اِئن پيو ڪير چوي، ڏوهيڙا هن ڏيهه جا؟

◉

بگهڙ اُيري تا اچن، ڪارونجهر جي واٽَ،
ايڏي اوچي ڳاٽَ، راڳي وچ نه روهه مان!

◉

ڪارونجهر ۾ ڪيتريون، پاري بلائون،
اُنهن مان آئون، وچان پيو وِترو.

◉

پوئينءَ ويرَ بہ ڳهہُ، ڪٽي ساهِ نہ پَيرڙا،
روهہ نہ ويهي رَهہُ، متان سج لهي وڃي!

◉

گيت پيا هي ڳائبا، پرندي، تن سان يُون،
ساري رات پٽون، ور ور مون سان گونجنديون.

◉

ڪيڏا سُوئيڪا ڪنڊا[1]، ڪاٺيون جن ڪاريون،
اڄ جي مون ٻاريون، اوندهہ اَنڌوڪار ۾!

◉

پينگهان ڪيئي پارَ جون، لُڏن ٿيون تو لاءِ،
اڳتي وِک وڌاءِ، پير نہ ساهج پنڌ ۾!

◉

آءٌ نہ ٻجهان جَهٽ ۾، مان جٺن ڪنڊيُن باهہ،
صديون پيو ساڃاهہ، چَيتي مون کي چِت ۾.

◉

هيءَ جا ٻَبُرَ وڻ جٺن، منهنجي ڏکي ذات،
ڏِسُ تہ راتو رات، ڪيڏي گهاٽِي ٿي وئي.

◉

---

① سوئيڪو ڪنڊو: سؤ سالن يا ان کان وڌيڪ پراڻو ڪنڊو.

هو جي آدم ذاتِ، ڳهليون ناهيون ڳالهڙيون،
ڏي تون منهنجي ذات، ڪنُ نہ تن جي ڪوڙ ڪي.

◉

چاٽي ڪيڏيون ٻيرڙيون، جهوليون پريون تو
ڪيڏو نہ اونو سائين تو ساٽيهہ جو!

◉

چارڻَ ايڏو مُرث، ٽُنهنجي بک لهي نٿي!
پر ۾ تنهجي پُرث، ٻي ڪنهن کي لپ جيترو!

◉

چارڻَ مُرث تہ ايترو تو وٽ آهہ پيو
صدين لاءِ ڪيو جڻ تو ٻِلو ٻُک جو!

◉

ڏهرن ڏياتيون هُيون، ڪلهہ منهنجون وايون،
اج تن اُوچايون، تارن تائين اُپي ۾.

◉

نيٺ تہ ڏرتيءَ جي رلِي، هرڪو تو پائي،
چا لئہ گهبرائي، ڪوئي ڪنهن جي ڏاڍ ڪان؟

◉

هُوءَ جا اُڏاٽِي، جرڪي چِپيُن وانگيان،
اجهو اُجهاٽي، ڪويل ٻرندي ڪيترو!

◉

هو ڪمريءَ سان ڪيرُ، ايڏيءَ ڪاريءَ رات ۾؟
پرتي جنهن جو پيرُ، بيٺو وڃي باڪ تي.

⦿

ڇا مان ڄيپيءَ جيئڻ، ڪائي پنهنجو پاڻ ڪي،
اُپري آڏيءَ سيئڻ، جرڪايان ٿو جندڙيون؟

⦿

بادل ٻرندا باھ سان؟ جلائين ڇا ٿو؟
ميان! ڪڏهن تو پڙهي منهنجي شاعري؟

⦿

ڀُلو آهين ڀاتِ، وڪٽي پيو وائيون،
پلا ڪنهن چمڪاٽ، وِڪيا آهن وڄ جا!

⦿

تون تہ نہ اُن سان آءُ، تون تہ نہ آهين عام مان!
ڪائڻَ، پيئڻ، نِنڊ جو هر ڪنهن آ سوداءُ،
تو وٽ لُوڻ لڳاءُ، جنهن جي لهس نہ لوڪ ڪي.

⦿

مون ڇيو مينديءَ ڪيت ڪي ”اُتي! ڦُتي پؤ!
”مون ڪي ڪيئي سؤ رتا گھُرجن هتڙا!“

⦿

آڌيءَ رات اَجهور[1] ۾، چُر پُر آ ڪائي،
ٻُجهي نہ وائي، ڳالهہ ٿئي ٿي ڳُجهہ ۾.

⦿

ڳُجهہ نہ ڳُجهو ساٿيو! جيڪي ڪالهہ ڇيُوَ
پلئہ نيٺ پيُوَ آڌيءَ رات اَڱار جئن.

⦿

ڪجهہ هوريان، ديوار ڪي، آهن ڪيئي ڪَن!
جيڪا هجي منَ، مُور نہ ڪجي وائکي.

⦿

ساٿي! جو بندوق جي، ناليءَ ۾ آهي،
جي ڪو ساڄاهي، لائي ڇُرُ ڇپن ڪي!

⦿

انڌن ڪي آهين، ڇمڙن واريون عادتون،
اَچي پَر ساهين، آخر اوندهہ اوٽ ۾.

⦿

انڌا چون ايئن، ماڳُ اسان ئي آ ڏئو،
اکين وارا ڪيئن، ڪنا تن جي راڄ ۾!

⦿

اڄ نہ منهنجون مارُويون، گوچر[2] ۾ گايون،
آيون ڙي آيون، آزاديءَ جي پيچري!

⦿

① اجهور: ڳوٺ جي چوڌاري هيٺالي واريءَ زمين کي چئبو آهي.
② گوَچَرُ: ڌر ۾ گاين لاءِ چراگاهہ

مون مان منهنجي ’مون‘ وڃي، تو مان تنهنجي ’تون‘،
ورچي ويڻ نہ تي وڃن، ڳالهيون اسان جون؛
تون بہ تہ آهين مون، ڏُکَ تہ ساڳا ڏيهہ جا!

◉

ڏکيا تنهنجي ڏيهہ جا، ماڻهو مڙيئي،
راهي ساڳيءَ راهہ جا، سَرتا سڀيئي،
متان ٿئيئي، تن سان ويڇو واٽ تي!

◉

تنهنجي منهنجي ساهہ کي، ڳنڍي ڏني جا ڏُکَ،
پيارا سارا سُک، مَٿُ نہ ان ميلاپ جي.

◉

هيءَ جا ڏاهپ ڏُکَ جي، مَٿُ نہ اُن جي ڪوءِ،
آهي ساري لوءِ، جڙڻ ڪنهن ڳنڍي ڳنڍ ۾!

◉

جيئڻُ ڏيندا ڪينڪي، تو کي هي جانار،
جيسين ڪاري وار، تن تي ڪندين ڪونہ تون.

◉

اهڙي ٻي نرواڻ ڪا، مرڻُ يا مارڻُ،
ويريءَ کي وارڻُ، ڏِپُ نہ ڪوئي ڏيچڙو!

◉

نيٺ تہ پھتا ماڳ تي، جُتيون چنبڊيائون،
ڳاڙھو سج اُيار ۾، متان ڏٺائون؛
اُنھن جي آئون، ڳُجھي ڳاتي ڳالھڙي.

⦿

جيسين پوي پاڪڙو تيسين پُڇنداسي،
وڏُ اڃا اڳتي، پيرُ متان پُٺتي ڪرين!

⦿

اِت بہ اسرائيل جئن، رھندو نہ رڻ پٽُ،
جڏھن لاٿُو ڳٽُ، سڀ ڪجھ ھوندو سُترو.

⦿

آزاديءَ جي چٽنگ مون، ان ۾ بہ ڦولھي،
پارڪري ڪولھي، جُتي جنھن متي پڏي.

⦿

پانڌي پنڌ پُنو نہ آ، متان ٿڪ پٽين،
متان جھَپَ جھٽين، اِيئين سج لھي وڃي!

⦿

ھي جو ڪاريءَ رات ڪان، سوجھرڙي تائين،
متان تون پائئين، آھہ آڪارٿ پنڌڙو!

⦿

ڪنھن پَر تہ ڪنباءِ، ڪوٺَ اُتاھان سانت جا!
راڙا روزُ مچاءِ، جيئين ڏاڍُ ڏري پوي!

⦿

اڄڪلهه آرهڙ ڏينهڙا، نَرڳَ ڏئي ويا مات،
مٿان ٿم ٿم تارڙا، ريتيءَ ڪاري رات؛
جيسين ٿئي پرڀات، تيسين ڪجي پنڌڙو.

⊙

آزاديءَ ڪي دُور تان، ڪيسين چاهيندين؟
ڪڏهن لاهيندين، تون هي نِيرَ پاڻ تان؟

⊙

سـتـجـي[1] ويـنـدو سـاٿـيـو! روهـيـڙي وانـگـرُ،
گُل گُلَ ٿيندو گهرُ، ايندي باک بسنت جي.

⊙

جئن ڪونيٽ ۾ ٻورُ ٿئي، وسڪاري ڪان پوءِ،
تيئن آ آزاد ٿي، تئن هيءَ منهنجي لوءِ،
ووءِ ٿريچا ووءِ، جي تون گهارين بند ۾!

⊙

وڪ وڪ آهن توهرن، اُپ اُپيون ٻانهون،
ديس سڄو دانهُون، هيل نه ڇَڙو ڇاڇرو.

⊙

ڪُنا ڪالهه ڏنارَ ٽرِ ڳوڙها ٿُمجي ويا،
ڏَڻ ۾ اَت ڏڪار، ڪيڏيون جيئون جاڻ ۾!

⊙

① بسنت رُت ۾ روهيڙو گلن سان ستجي ويندو آهي.

او شل آزادي اچي، چوڏهينءَ چنڊَ جيان!
رهندي رات اجان، ڪارونجهر تي ڪيترو؟

⦿

او شل منهنجي ديس جا، مارو پريت وندين!
هڪبئي ويجهو ٿِين، ويچا رهن ڪينڪي!

⦿

نيٺ تہ ڳوڙرو ڳٺُ، لاهي هلبو لوءِ ۾،
ٿيندو ڇَمر ڇٺُ، مون تي ڪوئي ڇانورو!

⦿

مُلان مون ڪان هٿُ تون، ڪَروَت جا ڪوتا،
هوندا تو نوتا، تو جهڙيءَ سرڪار جا!

⦿

آزاديءَ ۾ چنڊُ، آهہ اڳي ڪان موهٺو
جڙ هي سارو منڊُ، منهنجي مُنهن کي تو چُمي!

⦿

رات نہ ساڳي رات آ، ڏينهُن نہ ساڳو ڏينهُن،
آزاديءَ جو مينهُن، لُنءَ لُنءَ ۾ لارون ڪري،

⦿

آزادي مون ڏي ڪهي، آئي منهنجي پار،
کُهنبي ويسَ ڪنوار، جهڙي باک بسنت جي!

⦿

جڻ مان پنهنجي پاڻ کان، ڇني پنهنجو پاڻُ،
آهيان اڄ تو ساڻُ، مُنهنجا ڏُکي ڏيهڙا!

⦿

”ڪنهن جو ماٺهو آنهه تون؟“ ”آئون؟ غلاميءَ جو.“
”مون وٽ آيو ڇو، آهين پو تون اوپرا!“

⦿

مان جو اوچو اُڀَ کان، تون ڇا ڄاڻين مون؟
ڪجهه بہ تہ ناهين تون، آزاديءَ کان اوپرا!

⦿

ٻيريون ڏيو ٻُورُ تاريون سڀ ٽڙي پئو!
اُتي اڄ اسورُ ڏسان باک بسنت جي.

⦿

ساڳي ڳالهہ ڇئي پئي، ٻُلي، ڀٽائي،
تو جا لنوائي، پنهنجي ٻوڙيءَ ٻُوجهہ سان.

⦿

ڌرتي رهٽي ناهہ ڇا، او نيرا آڪاس!
اِڪوبِهينءَ ڪا آس، ويهينءَ صديءَ ڇا وريو؟

⦿

ٿر ۾ مٽيءَ ڪونڌيون، آٽو اٽو ڪن،
مارو روز مرن، ڇؤنري ڇؤنري بُکَ ۾.

⦿

ڪيڏا ابهم پارڙا، لِيڙون لِيڙ لباسُ،
جن مان تن جو ماسُ، بَکي چِتيُن وانگيان!

⦿

هُونءَ تہ ڪيڏي نرلجي، بگهڙ ڪاري رڻ
اَڄُ جنهن جي اوگهڙ، اوڙهي رلي رات جي!

⦿

ڳُتيل جيئين پاڻ ۾، ڪتيءَ تاندورا،
او شل سمورا، ساٿي رهن سچَ جا!

⦿

ڳاهٺُ ڪيڏا ڳات ٿيا، سر جو ناهہ سماءُ!
آهي هيل هُڳاءُ، ڏاڍو ڳُوءِ ڪلال جي.

⦿

ڪائي گونگي گانءِ، هاٺي ناهي نينگري،
پوري گهٽُ نہ پانءِ، ڏونگر ڏاري ٿي سگهي.

⦿

پُـلُ نـہ چـانـهُـولا[1] ڏسـي، او ڳـيـرو ڳـاڙهـا!
ڪتيءَ جا ڪاڙها، اَڄ بہ ٿُنهنجي ديس تي.

⦿

ڇا هي سارو ڪوهہ آ، ڳوڙها ٿي ڳوڙها؟
ماٺهو مت موڙها، جي ٿا پيئن پياس ۾!

⦿

---

① چانهُولا: چانڙ جا ڪکر سچ جي آڏو اچي ڪندا آهن.

ڏاهو ڪوئي ڏيهہ ۾، ورلي تي تو فوٽ،
ڪنور پڳت موٽ، وَئرث ويندو ڪينڪي.

◉

تَوڻِ جيان ڪو تَؤنڪرو، ان ڪان آجو تيءُ!
جيڏا اِئين جيءُ، جيئين جهُوتو واءُ جو!

◉

گانءِ نہ مِڙي ڦَر سوا، ڌُهڻ ويل لتون،
متان پائين تون، ڪٽنڊين ساري ڪير ڪي!

◉

جيسين برسي، بيهہُ، اُپ مان لاهہ نہ آسرو!
گهر گهر مکڻ گيهہُ، جهجهو ٿيندو جهانگيا!

◉

بگهڙ آيا واڙ ۾، ٻَڪرَ ٻيڪان ڪن،
اَجان ڏنارن، ناهن اکيون چِنيِيون!

◉

تنهنجو قدُ ڪچي وتر، ٻڙڪ جڏهن ٻاقيئہ،
مون تي چو ٿاقيئہ، پنهنجون ڳهليون ڳالهڙيون؟

◉

اوهـاڙو[1] ڏيـئـي ڪـري، پـيـرو ڪـنـيـائـون،
وچي لڏائون، آخر چورَ چڪارَ ڪي.

◉

---

[1] اوهاڙو: نانگ بلا جي ليڪي يا وهٽِ، چور وغيره جي پيري جي اڏ واڳ واري جانچ.

پيئڙَ[1] پيتلُ جيئن کو نِپٽ انڌو ٿي،
ورتي ديد کسي، تو کان تنهنجي نظرئي.

◉

شال نہ ويريءَ کي ملي، تو جهڙو جيوَن!
ميڙين وينو ڏن، پنهنجي ڌرتيءَ کي ڇڏي!

◉

هي جو ڪاهوءَ جو دڙو، اُن جي مٽيءَ لپ،
جنهن تان منهنجا چپ، اُيري اُيرن ڪينڪي!

◉

مون ڏاهَر جي ڪوپريءَ، ۾ جو پِريو جامُ،
پي پي تنهن مان عامُ ڪيڏو آيو ڪيپ ۾!

◉

اکيون ڪاڏي ٿيون ڏسن، اُنهيءَ کي ڏسجاڻ!
ڪيئي نعرا ياڻ، ڪاڏي ڏسن ڪونہ ٿا.

◉

اَڄُ تو سِج اُياريو ڏاها منهنجي ڏيهہَ،
ڳيروءَ ڪانهي ريهہُ، پوءِ بہ سمجهي سجَ کي.

◉

تِتِرَ ٻچا تتريءَ، سان ٿا چوڳو ڪن،
پيا ڪٺن نہ وچن، ڳهلا ماريءَ ڄار ۾!

◉

---

[1] پيئڙ: نانگ جو قسم.

جيڪر رهجي اُتِ، پاڻُ نہ پَٽي ڪو جِتي،
ڪيڏي آهي ڪُتِ، ساٿي هن ساٽيهہ ۾!

⦿

گهر ۾ گهاريندي، جي تون چاهين چَين کي،
مُنگهڻ ماريندي، چِچڙَ لاهہ نہ چٽَ مان.

⦿

هيءَ جا ڏوُڪر نانگ جي، ان تي چِرڪُ نہ پِرا!
ايءَ سَهيتَي، ڪر، اونهاري ۾ پنڌڙو.

⦿

هي جو سپ سراپ آ، تنهن کان آجو تيءُ!
جهارا! اِئين جيءُ، جيئن نہ ڍرُڪين ڊپَ ۾!

⦿

مور بہ ماري نانگ کي، چاهو بہ ماري،
هر ڪو نهاري، وهہُ کان آجا ڏينهڙا.

⦿

تِترُ بولي سيندِ تي، تترَ مارائي،
تنهن کي پارائي، ماري چانديءَ جا ڇَلا.

⦿

لوڙها ٽَپِي، 'گهر ڏٽي'، ڏرتيءَ ۾ ٻرَ ڪن،
تن کان ٽا چِرڪن، راڄ مهاڄڻ ڪيترا!

⦿

ڪيڏي آئي ڳهه، اُجياري آڪاس تي!
اَنڌيارو نهه پَههَ، ڌرتيءَ تي ويو ڇانئجي.

⦿

’اَن آهي ايمان آ‘، اهڙو ڀهاڪو!
اُن جو ڀيو ڏاڪو پيارا، ڇا تو تي سگهي؟

⦿

اَڄ تہ ڪائن ٽا ڀيا، ڪِرڙن جا چوڏا،
اَٽي نہ اوڏا، مارو منهنجي ڏيهه جا.

⦿

پڏر پيئي پٽِ، ڏيئي، نڪري روشني،
اُن ڪي ڏيئي وٽِ، مورُ نہ موٽائي سگهي.

⦿

هر ڪو مٽيءَ موٽڻو هر ڪو ڏينهن بہ چار،
پوءِ بہ هاهاڪار، ڏاڍا وجهن ڏيهه ۾!

⦿

اَڃا ڪنهن تہ ڏٺي نہ آ، اُن جي ريٽي روُءِ،
پر مون رت جي بوءِ، اَڇي پٽي واءُ مان.

⦿

ڏسان تو هاٽي، آءُ اُنهن جا اولڙا،
جيڪي سُياٽي، جيڏا ايندا جُوءِ ۾.

⦿

ڏسي چوندو ڪيرُ، ساڳي آهي سنڌڙي!
اِن ۾ قندُ نہ قيرُ، اوڏو آهي آچيو.

⦿

آءُ اِئين آزاد، جئن هو پنڇي واءُ ۾،
پر تون مون کي داد، مُور نہ ڏيندين جيئري.

⦿

ڪارونجهر تي باهڙي، وساڻي ناهي،
ڪنهن جاتو آهي، ڪڏهن مچُ مچي پوي!

⦿

ڪارونجهر تي باهڙي، هُوءِ ڪنهن دُکائي؟
آڏيءَ جو آئي، جنهن مان چاڻَ ڄرات جئن!

⦿

ڪالهہ تہ مون سان گڏ هيا، ’سرمد‘ ۽ ’دارا‘،
جن کان اُڏارا، ورتم پنک پسار جا.

⦿

(آڪن نيرا ڦُلَيا)

ويٺا آهن ٻَڙَچَ تي چوٻڙ تا ڪيڏن،
ٻاهر واچوڙو پيو جاڙ ڳري جيڏن،
ٻوڙو تي ڪيڏن، راڙو رِڻ لنوائيو!

⦿

هي جو ٽُنهنجيءَ پُٽِ ۾، گوليءَ جو ڀرگهلُ،
جنهن ۾ ويو بيهجي، ڪوئي جيئڻ پَلُ،
مون کي منهنجو حَلُ، ان آهي سمجهائيو.

◉

ٻاهر چانڊوڪي ڇٽي، گروت[1] منجهه مُلان،
ڏرتي! مان تو سان، توڙي مان آڪاس جو.

◉

توُن جي ٿئين ”تون“، هر شيءِ تنهنجي وَسَ ۾،
تنهنجي لاءِ پٿون، سارا سانگ پهاڙ جا.

◉

نيٺ تہ نئون ڪوٺ، اچٹو آهي اوٿيو!
متان چٹو موٺ، وارياسي جي واٽ تان!

◉

پنهنجا ڪڍي مون، پراوا پنهنجا ڪيا،
اٿيونيو آهي ڪيو مون کي ڏکي پون،
اڄ منهنجي روُن روُن، چڙ مون تي ئي تي ڪِلي!

◉

ٻاک ڦٽيءَ جو تو ڪڙي، سورج مکي جيئن،
سپنو ساپيا تيئن، نيٺ تہ تيندو ساٿيو!

◉

---

[1] گروت: مسجد

آءُ تہ هاڻي ٿي ڏٺو سج پيو اڀري،
آهہ اڃا توتي، توڙي ڪاري راتڙي.

⦿

ڪيئي دنيا ۾ ٿيا دارا اسڪندرَ
چند ڪلي جن جي ڏٺي ٻُٺي[1] نہ ٻيهر،
پِيي، چو تو هر هر، لوئي رات لباڙ سان!

⦿

تو جئن سوَ آيا ويا، ياٽي، تون ڇاهين؟
تون ڪٺن ٿو چاهين، تو در ڪيان پنڌڙو!

⦿

منهنجو هي آوازُ آهي تنهنجي قيد ۾،
مان سارو پروازُ تون سيکُون سنسار ۾.

⦿

مان چاهيان ٿو ڏاهيان، تنهنجي پڃري کي،
پنهنجا پَرَ کوهي، ٻيو ڇا پائي ٿو سگهان!

⦿

ڄُرَ ۾ لڪين يا ٿئين اُڏري تون آڪاسُ،
انت تہ ٿيندين ناسُ، انت تہ پُرندين پُونءِ تي!

⦿

---

[1] ٻُٺي: قبر

ڪيڏي وِچُ چمڪي پئي، ڪيڏي نہ گجگاٽ!
هاڻي ڏيئي لاٽ، وسائي ڇڏ واڻڙا!

◉

روئي رَڃَ پريان اگر، مان کهڙو انسانُ!
ها، پر هي سُنسانُ، سانجهيءَ ساريون جهوپڙيون!

◉

لهوءَ وَن آڪاسُ، رَتُ سان ريٽي جندڙي،
ڪُجھ بہ نہ ٿيندو ناسُ، سيڪُجھ اڳتي تو وڃي.

◉

(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)

آنءُ چوان مون لاءِ هي، مَرڻ ناهہ مَرڻُ.
وَستيءَ ڏانهن وَرڻ سَؤلي آهي ڳالهڙي.

◉

آنءُ نہ مَران ايئَن تو، صديون رهڻو هان،
شايد توکي مان، اڳتي آڳَ ڏئي وڃان!

◉

جتي سِجُ لَهِي، مِٽيءَ کي پيرين پَوي،
يارو! ڪجھ ڪَهِي، اُتي مونکي پورجو.

◉

هي سارو سنسار جڻ آهي، منهنجي ماءُ،
هر ڪو منهنجو ڀاءُ، وڻ ٽڻ پکي ۽ پسون!

◉

ڏيئو نہ ڏيکارِ آءٌ سچاڻان پنڌَ کي،
تون پي ڳنهن لَيءِ ٻارِ سونهين کي ڇا ٿو سَلِين؟

◉

هن کي ڦهڪائي هنيءِ، ڇا لئہ ايئن ڳُليلَ،
پاڻيءَ پيئڻ وَيلَ، پنڇي ڏُرڪيو ڏُڪَ سان؟

◉

هرِڻي ڏيئِي سِير، تو جا ڪاتي سان ڪُٽِي،
دارا جي تقدير، اُيري آئي مون اڳيان.

◉

اونداهو آهين، تون جو پنهنجي پاڻ ۾،
پو ڇو ٿو چاهين، ٻارين سورج ايترا.

◉

تنهنجي هوس صليب مان، ڪوڪا بہ آئون،
جڏن هنيائون، توکي ڪِيرَ ڳبار ۾!

◉

جڳ سارو جوڏاس جو عيسيٰ جو ڇاهي!
رات رُنو آهي، اونڌي اُڀَ صليب تي.

◉

جنهن ۾ ڪِيڙا تا چُرَن، هِي هو هلاڪو!
بُنيءَ[1] تماڪو جنهن تي ڳوناٽو چِڪي!

⦿

آڙي او اوجها[2] تون جو واڪَ ٻُڌائيين!
ڄاٽين تو پوجها، جي آٽن تا آجپو.

⦿

مسجد، ڳؤنرا مَٺ، مُلان تَڏي ڪونگهرا،
مان فارابيءَ گهٺَ، ابنِ سينا جون گهٽيون!

⦿

پيهر پَرٽو ڪونہ آ، انالحق جو مَڄُ؟
ڇا مان سڄو سَچُ، ڇَٽِي سگهندس ڪينڪي!

⦿

تون جنهن پاتي ڏوڙ تو لئہ ڪهڙي آرسي؟
تون جو ايڏو ڪوڙ اڃا سچ سمجهين پيو!

⦿

اوچي وئي آڪاسَ ڪان، ڪُتل آڙيءَ رَڙ
ڏرتيءَ ڪئي ڏڙ ڏَڙِ پر ڪنهن ٻُڌي ڪانہ ڪا!

⦿

---

[1] بُني: قبر.
[2] اوجهہ: استاد، سيکاريندڙ.

متان ٻي جي ڏک کي، ڪُجهہ نہ تون ڀائين!
او شل ورنائين، وسورائتيءَ سَڏڙا.

◉

وضو ڪري رَتُ سان جيڪي چڙهي منصور،
رُشديَ! توکان دور، ڳالهہ اُها آ ڳُجهہَ جي.

◉

اي دل! پوري وقت تي ڇا کان ٻُڌين ٿي!
ڇو اڄ لُڏين ٿي، آزاديءَ جي راھہ تي؟

◉

راهول ۽ پريانڪا، تُنهنجي متي هَٿَ،
منهنجي ساري سَٿَ، تولئہ ڳوڙها ڳاڙيا.

◉

آيو ڪي آيو سپنو اڄ تنهنجي ڳري،
لايو سجايو اِجهو ٿيو لوءِ جو.

◉

پُڄتي نہ تي وِک اڳي کان اڳرا ٿيو
ماڻهو جي مورکَ، ويهي رهن واٽ تي.

◉

اڄا مَرندءُ ماڳ ۾، متان موٽو ڙي!
باقي ڇوٽو ڙي، آزاديءَ جو پيچرو.

◉

ڪيڏو مونکان دور، آهين منهنجي سنڌڙي!
ملڻي ناهين مُور، ڇا تون مون کي جيئري!

⦿

اي چانڊوڪي رات، ماڳ نہ آهي ويجهڙو
متان ڪانوان ماتِ، موتُ مِلي مون پنڌَ ۾!

⦿

ڏيئي وانگر جندڙي، وِسامِي ويندي،
ان ڪان پوءِ ايندي، پِرهہ تُنهنجي پارَ ڪان!

⦿

اُيري ايندا آدمي، نيٺ تہ بدبختو!
ڦاهيءَ جو تختو آ توڙي، سارِي ٿهيءَ!

⦿

ڇا ڪان اجا چُوسَ، تو ۾ ماٺهوءَ رَتُ جي،
ڪيئِي ڪئڪائوسَ[1] تو جِڻَن وقت لتاڙيا.

⦿

تيسين رت ٽِمي، آزاديءَ جي راهہ ۾،
ڏسجي ڪير جِهمي، اڄ جهٽڪو ڪائي وري!

⦿

آمر پنهنجي آنڌِ ۾، ڪنهن کي ڪونہ ڇڏين،
ڪن کي ڦاها ڏين، ڪِن کي چاڙهن ٽڪٽڪيءَ.

⦿

---

[1] ڪئڪائوس: ايران جو بادشاهہ

چا لئہ صوفي ڄيٺمل، سنڌ ڳئي برباد،
مون کي اچي يادِ، اڄُ بہ ساڳي ٻُمبئي.

⦿

آزادي ڪنهن کان کپي، آزادي ڇاهي؟
توکي ڪل آهي، چا تو ڪَل ڪاري وِجهي!

⦿

توکي پنهنجيءَ قوم کان، مذهب پيارو آهہ!
پنهنجي سِسي لاهہ، قرباني ڏي عيد تي!

⦿

ڪنهن جي لاءِ صَليب تي، هاڻي چڙهندس ڪِينَ،
مريم ماجِدلِين،[1] اڄ مان ساڳو ناهيان.

⦿

سارِي رڙو رڙ جڏهن ملندي ماٺ ۾،
ڪيڏي نہ ڪاوڙ ايندي پنهنجي دؤر تي!

⦿

اِئن مون کي ياسي جِئين سَڄي مٿان سِيخَ،
ندوري تاريخ، منهنجي نندي ڪنڌ جي.

⦿

---

[1] مريم ماجدلين: اها عورت، جيڪا جڏهن عيسيٰ کي صليب ۾ ڪوڪا کُتل هيا، تڏهن صليب جي پيرن وٽ ويٺي هئي.

تو مَيءِ تي بندش وڌي، مُلا رت پياڪ،
توڙيون وڏي واڪ، تو مينا جهڙيون منڊيون.

⦿

جڏهن موڪل- ڏينهُن ڪِيو پُٺي جمعي ڪي،
تڏهن قاهيءَ تي، لُڏندي ڏٺم لاش ڪي.

⦿

ياد ڏيارُيئءِ سنڌڙي، مون کي منهنجو فرضُ!
مون تان تنهنجو قرض! لهِي لهي ڪينڪِي.

⦿

تون جو اوندهہ ۾ هُئين قاتل، جا قاتِل!
چومان تُنهنجِي ڏِلَ، سمجهي سگهيس ڪينڪي؟

⦿

ههڙي ڪاري ڪا صدي هر ڪو مانگر واتِ،
ڏهڪِي اِيئَن نہ ڏاتِ جِيئَن اجوڪي ڏيهہ ۾!

⦿

جَڳَ تي چَندَ گِرهَڻ، مَسُ جي ڪُپڙيءَ وانگيان،
ساري رات لِکڻ، اِن لَئہ آءٌ نہ ڇڏيو.

⦿

ماٺهوءَ منجهہ مرون، وڄَ هٽي تو وِجُ جان،
متان يانئين تون، ٺهہ پِهہ ٺاپُر تي وَٺِي!

⦿

مياں، تون تيمُورُ آن، ميان تون چنگيزُ
جَنهنجو گهوڙو تيز جنهنجِي منزل موت تي!

⦿

ڇا جيڪو ڦاهي چَڙهي، سو تو لَءِ منصور؟
آءُ نہ مجان مُور، تُنهنجي ڳَهلِي ڳالهڙِي!

⦿

کهڙا پَل پلڪان، آنءُ صديون ساڃاههَ جون!
تو ۾ تو جهلڪان، تون جو سنڌوءَ وهڪرو.

⦿

جو ڪجهہ ناهيو آ خدا، تنهن کي ڊاهيو ٿا،
ماڻهو چاهيو ٿا، ٻي کي مارينڊي مَرون!

⦿

هي جي هٿ سيڪِين، سي بہ تنهنجي ساٿ سان،
او شل سڀ ماڻِين، تو سان باک بسنت جي!

⦿

اي منهنجي اَڌ راتِ، مون لءِ ڪوئي ڏيئَڙو!
ڇا مان ڪائي ماتِ، اوندهہ ۾ اَڙجي ويس!

⦿

جڻ ڪوئي لَنبو ٻُجو، آ منهنجو اتهاسُ،
مان جنهن پنهنجو ماسُ، ڪوري ڪانوَن کي ڏنو!

⦿

منهنجون اکيون تو اجا آهن ڪِٽِ ڏٺيون،
جِيئين ڪو چِيتو، هجي چيڪُ چلانگ ۾.

⦿

نيٺ تہ ٿاندا مچ ۾، جرڪِي رکَ ٿِين!
ڏوران ڏِکَ ڏِين، ڪالهوڪيءَ تاريخ جئن.

⦿

هُو جو ٿِي ايٿوپيا، لينن بُت لاهي،
چا پيئي چاهي، ٿين دنيا تاريخ ۾؟

⦿

ڪوس گهرُو! وسرِي، ويندوَ ٻاڪارُون ڪڍّهن!
هِي ساري ڌرتِي، ڏِسي ڪاليءَ روپ سان.

⦿

ڇتي ڪُتي جِيئَن، آهي اڄ ڪلهہ آدمي،
سوچ انهيءَ ڪان ڪِيئَن، پنهنجو پاڻُ بچائِئين!

⦿

سنڌي، گجراتي، ڪڇي، ڍاٽي ٻيو ڇا ڇا؟
آهن جنهن پاڇا، جن تي پوري ڪنڌ جا—

⦿

وري هيءَ ورود جي، مور نہ ٿا چاهن،
مُنهنجا تہ آهن، هي جي مون سان ڏنگئي.

⦿

اهڙي لوءِ نہ ڪا هُئي، جهڙي پنهنجي لوءِ،
اوءِ پٽائي اوءِ، مون سارِي دنيا گهمي!

◉

سنڌي ڪنهنکي ٿا چئون، پهرين هي سمجهون،
هونءَ تہ ڪيون سون، ڪيئي ڳالهيون سنڌ جون.

◉

هُن جو ڪوئي سوال آ، نَهروءَ ڪان بہ وڏو
چُپ ڪيائين ڇو؟ رُني ڇو نہ پرياڻڪا![1]

◉

تو ڪان آهہ پري، هاڻي منهنجي ٻولڙي،
ٻَريون روز پري، ورتئہ نعرا واٺڙا.

◉

ڪلهہ جي گلوتِين،[2] ڪيئِي ڪنڌَ اُڇاليا،
متان وري ڏِين، تپا ننڊي ڪنڌ ۾!

◉

هي جو تيو روس ۾، اُنهيءَ جو افسوسُ،
جڙ مون سارو سوسُ، پليو هر آدرش ڪان!

◉

---

[1] پرياڻڪا: راجيو گانڌيءَ جي ڌيءَ.
[2] گلوتين: ڪَنڌ ڪَپِڻي.

ماڻهوءَ منجهہ مِروُن، صدين کان ساڳو ڏسي،
اِيئين ياڻئچِ تون، ڦِري ڦِرندو ڪينڪي.

⊙

ساڳا ئي چنگيز ۽ ساڳا هلاڪو
آهن سڀ باڪو، اَجُ تنهنجي اتهاس تي.

⊙

متان تون ڀائِين، ماڻهو اڳتي ٿو وڌي!
ٻگهڙ ٻچائِين، ڇو ٿو پنهنجي پاڻ کي!

⊙

نَنهن نَنهن ۾ ناهَرُ، ماڻهوءَ جي آهي لڪو
متان تون ٻاهَرُ، هُن جو ڏسِي نڳجين!

⊙

آهي تنهنجي ڪُکِ ۾، ٻگهڙ جو ٻچو
اَمڙ تو سچو، ناهي ڏٺو سپنو!

⊙

ڇا ٻہ چوين تون سنڌ کان، سَوا ڄِي سگهندين؟
ماڻهو ٿِي سگهندين، پنهنجون تجوڙيون ڀَري!

⊙

بڪنگهم پئليس تي، ڀهرين هنيم ٿُڪ،
پر مون پنهنجي ڇُڪ، لنڊن ۾ لوچي ڏِني.

⊙

آلا هِي طوفانَ، هي بُکيا بنگالي!
فطرت ماڻھوءَ جي، مور نہ ٽيندي گهٽگهري.
⦿
ڪانوَن جي ڪان ڪان، مڙيا آهن ماس تي،
اڄ هاتارن سان، ڳجهن گڏ رڻ رانئيُو.
⦿
هي کھڙا انسان جن، ٽِڪا آهن وَڄ،
تِن کي کهڙِي لڄ، جن کي ڪِلي ڪنڌ ۾.
⦿
ماڻهو ويچارا پيهر ايندا ڪنيڪي،
سِرٽيون لامارا، ڏيندبون رهنديون سنڌ تي.
⦿
مُنهنجي ذاتِ ڦُٽي جِئين سِرنگهوءَ[1] تارِي،
جنهنجو چوڏاري، لوڙهو توکي سنڌڙي.
⦿
ڇا ڏسندي آڪاسُ، ڪوٺَ منجهان ئي مارئي،
ڪندين بند خلاص، ڪڏهن هن جا قيد مان؟
⦿
جئن ڪو تيرُ ڪمان مان، تکو وڃي ٿو
تيئين ڪو رستو آزاديءَ ڏي ٿو وڃي؟
⦿

---

[1] سرنگهوءَ جي تاري جتي هٽبي آهي تہ اُيري وڃ تي پوندي آهي.

جي ناهي ايران پو تون، مان ڇا آهيون؟[1]
آهيون يا ناهيون، ڪهڙي معنيٰ تو رکي؟

⦿

تنهنجا پڇتائڻَ، ماڻهوءَ ماسُ پٽي ڪري،
پيهر جڙڻ ڪائڻَ، جا سانباها تا لڳن!

⦿

پُڇ انهيءَ کان ڪيرُ آ، ڏيهي اڄ تُنهنجو؟
جي ڪوئي مُنهنجو ڏيهہ چوي تو سنڌ کي.

⦿

شامر ڪلاشنڪوفُ، ماڻهو ڪِريو پونءِ تي،
چوڏارِي ڪو خوفُ، تارن تائين تو وڃي!

⦿

بَمر سان اُڏامي، ريڙهي وَئِي روڊَ تي،
هي ماسِي، مامِي، ڪنهن جِي ڦٽڪي تي پَئِي؟

⦿

ڇا تو کي ڪا ماءُ آ، يا توکي ڪا هُئي؟
هي جا تو کان مُئِي، اُن وانگر ڪِئن ڪانہ آ؟

⦿

---

[1] چون ايران نباشد تنِ منا مباد
بدين بوم وبر، زنده يَكتا مباد
(فردوسي طوسِي)
جي ايران نہ رهندو تہ اسان جو تن بدن بہ نہ رهندو
هن ڌرتيءَ تي ڪوئي زنده نہ رهندو.
(آزاد ترجمو)

ڏَندَنِ بدران گوليون، آهن تنهنجي وات،
موتَ ڪيو چڻ ماتِ، آهي هر ڪنهن ڳالهه ڪي!

⦿

تو جهڙو هاتارُ[1] ڪائين ماٺهوءَ ماس ڪي،
مون اهڙو جانارُ اڳ تہ ڪين ڏٺو ڪي!

⦿

ڇا مون ۾ ميسورُ ٽيپو[2] ساڻ مَري ويو؟
يا ساڳيو ئي پُورُ ٻيهر ٿيندو جِيئَرو؟

⦿

ڇا تون دريا خان آن، دودو آهين تون؟
راهون لهوءَ جون، جو تو چِيريندو وچين!

⦿

ڳيرو! ڇا ڪي تو چوين، تون پنهنجي تاريخَ؟
تو تہ اَڏوري چيخَ، آهي ٻُڌي سِنڌُ جي!

⦿

ڪهڙو سنڌو ديس، تهيا ديَس ڪڏهن ائين؟
توپي پائي ويسُ، تو تہ رڳو بدلائِيو!

⦿

---

[1] هاتار: بگهڙ جي قسم جو جانور.
[2] ٽيپو: ميسُور جو سلطان.

جڏهن ويندو ساڻ تون، تڏهن رُئندين رَتُ،
مان جو پورو تَتُ، هن تُنهنجي تاريخَ جو.

◉

ڪارا اندر ڪينئرا، ٻاهر آدرشي،
اُڏامون عرشي، ڏرتي هيٺان ليٽڙيون.

◉

ڪرانتي ڪاري[1] جڻ لڳا، ويسه وسوڙا!
جن جهڙا ڪوڙا، شايد ڪي سنسار ۾.

◉

ٽَرايون ٽويا، ڏِسُ ڏِسُ سڀ ڀرجي ويا،
مون تہ چيو سويا[2] بادل وسندا ڀونءِ تي.

◉

مالهي، ڪيرت، تون؟ آنءُ تہ راهہ تَڪي پَئي!
رات وَئي، شاخون، سورج ڪڏيون اوچتو!

◉

هڪ بہ ننگو آهہ جي، هڪ بہ آهہ ٻُڪيو
ٽيندو ڪيئن سُڪيو، منهنجو من سنسار ۾!

◉

---

[1] ڪرانتي ڪاري: انقلابي.
[2] سويا: سويو گيا نچنداٽي.

جتي آهن ڏاڍ، اُت ڪو واڍو اڻ ڏٺو
چيري پيو آڍ، ڏاڍي جي ڌهڪاوَ جِي!

⦿

آمريڪي اَڙجي مَرن، يا هو عراقي،
ساکَ نہ ڪا باقي، رَهِي آهي سچَ جِي؟

⦿

ڪِئن چئجي بي باڪ، ڪنهن تي ڪنهن تي تي قُٿي!
سورج جنهنجِي ساکَ، ڪَٽندو هِن جهان ۾.

⦿

جيڪر اکين سان ڏسِي، نانِڪَ تي افسوسُ،
لُڌيانا ۾ ڪوسُ، آزاديءَ جي نانوَ ۾!

⦿

اَچِي پڳت سنگهہ کي، جيڪر ٻانواڻي،
آزاديءَ ماڻِي، پنهنجي ئي رَتُ سان ٻَري!

⦿

حَلَ تہ ٻلئون ٻَل، آهن اخبارون ٻريون،
سچ پچ جيڪو حَل، چئي سگهان ڪينڪي!

⦿

تو جنهن پاتي ڏُوڙَ تو لئہ ڪهڙي آرسِي؟
تو جنهن ايڏي ڪُوڙ آهي ليپو سَچَ جو!

⦿

جڏهن ڪو راڄيو کي سَگهي اُڏائي،
دنيا آلائي، ڪٿن چٿجي ڪِٿ پهچندي!

◉

آهن ماڻهوءَ مامِرا، سارا آپي ڪيلَ،
ماڻهوءَ ڪيڏا ويلَ، هڪبئي ساڻ وَهائيا.

◉

ماڻهوءَ ماڻهوءَ کي هجي، جيڪر سَروَ دَيا،
پَر تو حيف هَيا! سڀ ڪُجهه سمجهيو پاڻ کي.

◉

هي جو مانيءَ جو ڳيو ڪائي شيءِ ناهي،
ها، سڀ ڪجهه آهي، تو لئہ اِنَ آواز ۾!

◉

تَنهنجو ڪهڙو ڪَئِت جو ماڻهوءَ ۾ سوئر،
ڏقي هوندي ڏَرُ وَجَ اُنهيءَ جا وِجُ جان!

◉

آهي وحشي آدمي، صدين کان ساڳو
ڪڏهن نياڳو گهاريندو سُک جُون گهڙيون؟

◉

ڪالهہ ڪلاشن ڪوف سان، آيو آويرو
ڏاهيندو پيرو ڪيٿيءَ تائِين پنڌ ۾.

◉

ماڻهو ماڻهوءَ جا سدا، ڳَچِل تو لاهي،
جِيوُ اجا آهي، جڙ تہ اڳي جئن جهنگ ۾.

⊙

ماڻهو! تو لئي ماڻهپو آهي وڏو وَس،
تو کي تڏهن جَس، جڏهن سَرنديءَ تان ٿَرين!

⊙

شالَ اچي هر حال ۾، سچُ سهارا تِي،
وارا ڏارا تِي، هونءَ تہ سارِي جندڙي!

⊙

مان ٿي ٽُنهنجي آرسِي، جهانسيءَ جي راڻِي،
ساڻِ ائين ساڻِي، جِيئين سَنگ ڪتار جو.

⊙

تانتيا توپي[1] تو لُڏان، تو سان ڦاهي آنءُ،
تو جئن منهنجو نانءُ، آهي ساڳي ڪُوپ[2] ۾.

⊙

ٽيپو آنءُ شهيد، تو جيئن وڙهندي تو ٿيان،
ڪيڏو نانهه شديد، وارُ ڪيو مون وقت تي!

⊙

[1] تانتيا توپي: 1857ع واري بلوي جو امر شهيد.
[2] ڪُوپ: قهر.

هي سڀ ڪُوڙا چاڙتا، ڪُوڙي تِن سرڪارِ
جيڪا پالڻهارِ آهي تن جي پيٽ جي.

⦿

هڪڙِيءَ سِٽَ ريتي چِڏِي، صديءَ سياست،
ڪائي رياست، ٻڌبي ناهي ڪُوڙَ تي.

⦿

هي جي نوريءَ نينگريون، آيون ڪينجهرَ تي،
اوري يا پَرتي، ڪوبہ نہ تِن جو تَڙ ڏَٺِي.

⦿

ويري وڏي ۾ وَڏو تنهنجو آهہ ڪتابُ،
جيڪو تنهنجو خوابُ، ڏاهي ڏِيرِي تو ڪري!

⦿

چا لئہ لرزين تو گيت ڳنورَ[1] جا تون ٻُڌي؟
چا ائن يائين تو تو ٿِي هُن کي ماريو!

⦿

اُنهيءَ جي خامِي، تون چا لَئِہ تو ڪولئين!
ماڻهو حرامِي، پڏرو ٿئي پاڻ ٿِي!

⦿

مان ڏاهر جي فوج ۾، اڳ ئي وڙهيو هان!
ها، پر تون مونسان، پَوندين وادِ وِوادِ ۾!

⦿

---

[1] ڳنور: ڀڳت ڪنورام.

مونکي ماريو ويو هُيو لاهي جهوڪَ سِسي،
ها، پر اَجُ ڏِسِي، شايد تون نہ سڃاڻِئين!

⊙

مان ٿي بلاولُ، گهاٽي منهنجا انگڙا،
مُڙس تہ ڀلئون ڀِلِ، هُن وانگر ڪوئي ڪتي؟

⊙

ڪالهہ جڏهن ڄَسونت[1] کي، پئي مارائِئِہ،
مونکي هَبڪائِئُہ، ڪيڏو پنهنجي ڪوٺَ تي!

⊙

بہ تي ماٿهو جي، ڳيڙو هِن تاريخ مان،
ڪيڏي ناپُر تي، سارو ڄَڳُ ٺَري پوي!

⊙

مَڇيون ڦاسائي، گَجو[2] جيئين لانچَ سان،
لالچ للچائي، توکي موڙي موت ڏي،

⊙

جيسين منهنجي جيئَري، سنڌ نہ ٿيندي سنڌُ
تيسين منهنجِي جِندُ، ڌرتيءَ کان ڪٺن ڏار ٿئي!

⊙

---

[1] جسونت: سنڌ جو راجا، مهاڀارت جو هڪ ڪردار.
[2] گجو: Trailor، تريلر.

تو يائين ميسور ۾، ٽيپوءَ کي گولي!
رتَ سان ڪنهن هولي، کيڏِي تي سنسار ۾!

⦿

اَڳ کان تِکا ٿي ويا، شيوا جيءَ جا نُکَ!
توئي لهوءَ بُکَ، هُن جي ڏهوٽي ڪئي!

⦿

اشتراڪيت اِيئَن، آهي گورباچوف کي،
ڪُوڙَ اسان تي جيئَن، طوقُ ڪيو اسلام کي.

⦿

هَڏي مٿان هوڏ ۾، ڪُتَنِ چَڪين ماسُ!
اَچنبي[1] آڪاسُ، ناهي هِن ويڙهاند تي!

⦿

ٽيندو منهنجي موت کان، سپنو پوءِ سَچو،
ناهي ڪاڄُ ڪچو ها، پر سويَ نه سُٽري.

⦿

دَلَت[2] اِئن ائمبيڊڪرُ[3] اڄ تائين پوڄين،
ڏَيا: جيئَن ڏَسِين، هُئي ڪالهه ڪِرست کي.

⦿

---

[1] آچنبي: حيرت
[2] دَلت: هريجن.
[3] ائمبيڊڪر: هريجنن جو سرڳواسي ليڊر.

هاڻي بہ موٽاءِ، سَچي چَئِي ڳالهڙي،
آهن ٽُنهنجي لاءِ، ڪيئي راهون رَٽ جون.

◉

ڇَوُ تون، ڪيئن 'ڪبير' کي ڏمڪائي سگهندين،
ڇا پائي سگهندين، لوڏي![1] اُن مان آجپو.

◉

جيڪي ڪَيُئہ جوڏپور، پنهنجي لاءِ ڪَيُئہ،
جيسين ڪَنڌِ پَيُئہ، پنهنجو ڪڙو پاڻ کي.

◉

آنءُ سموري سَچَ سان، سامهون ٿِي سگهندس؟
ڪيئَن چوان، اَگهندس، آنءُ پَريءَ بازار ۾.

◉

پَٽائي! مون سان، تو جا ڪئي ڳالهڙي،
سچيءَ سنڌ مٿان، نيٺ لَهي، الهام جئن.

◉

ڪُتا تا پؤنڪن، ڪيڏو منهنجي مونگهڙي،[2]
پو بہ نہ تا چؤنڪن، ڳُلَ روهيڙي جي مٿان.

◉

---

[1] لوڏي: سڪندر لوڏي جو هڪ تعصبي بادشاهہ هو ان ڀڳت ڪبير کي دربار ۾ گهرائي هن جي بي عزتي ڪئي.
[2] گهر جو دروازو يا ڳلو.

آءُ نہ هان منصور، لفظ چئي هڪ ئي مران،
پنهنجو سارو سُور، آنءُ سليندس عام ڪي!

⊙

وِرلي وَرن ٿا، راڳي ايڏي رازَ سان،
جن سان ٻرن ٿا، ڏيئا ساري ڏيهہ ۾!

⊙

صدين تائين آنءُ، توکي ڀائي ٿو وڃان،
توکي منهنجو نانءُ، ايڏو ڏيندو آجپو!

⊙

ڪيئي صديون ليکِيِي، سرتا! منهنجي ساکَ،
اڄ مون لهوءَ لاک! هَٿين پنهنجي ليکَ تي.

⊙

ساريون ساريون راتڙيون، مون ڪان پو چارڻَ،
ايندا اِن ڪارڻَ، مون جيڪي آڏ ۾ چِڏيو.

⊙

تو کي ٿُنهنجيءَ چوندَ، ڪهڙيءَ ڳالهہ ڪئي هئي؟
اي اِزرا پائُوندِ،[1] تون ڇا لئي فاشي ٿئين؟

⊙

[1] ازرا پائوند: انگريزي جو عظيم شاعر جو ٻي مهاڀاري لڙائي هلندي، مسوليني لاءِ پروپيگنڊا ڪندو هو.

هي جو مارو رَچ[1] جنهن مُنگر قاسائيو
مٿان ڏسي اَچ، مٿان ايءُ وسارئين!

⦿

مان ڀانيان سچو هُئين، سولزي نِتسَن[2] تون،
توتي ناحق مون، ڏَريون آهن تهمتون.

⦿

تون جو هَلائين، گيندي مٿان گوليون،
معنيٰ تو ڀائِين، اِن ۾ ڪا هيمگنِوي ؟[3]

⦿

هي جو ڏرتي تي ڪِريو آ چچريل اَنجيرُ،
تنهن ڏي تِڪو تيرُ، آهي بُڪيو بارڙو.

⦿

هيئَن نہ هيڙهو مارِ ڪانياٽيءَ سان ڪيت ۾،
ٿُوتَ تہ اَڪيچار، ڪائِي ڪائِيندو گھٽا!

⦿

لاڙي ڳاٺُ ڪِري ڀيو، ڀِڪ ڪامي ۾
اُن ڪي آمِي ۾ چو نہ چَڏيو تو چَن لاءِ؟

⦿

[1] مارُو رچ: چار جو ڏهہ فوٽ چوڙو ستر فوٽ لنبو هوندو آهي.
[2] سولزي نتسن: روس جو جلاوطن اديب، جو هاڻي ڪئنادا ۾ آهي.
[3] هيمنگ وي: آمريڪا جو ناول نگار جو آفريڪا ۾ شڪار ڪندو هو.

هي چا لئہ ماريو ويو ھھڙو اَتِ اَبوجُھہ؟
جڻ گوليءَ سان روجُھہ، تر ۾ ٿانھرجِي پيو!

⦿

ڳِجُھن ڪيئَن ڏنو پريان لوڪڙَ لاش کي،
ايڏو ولر جو ڳنو ٿيو تارئين!

⦿

اُتي اج لنگُور جت راجائون راٺيون،
ڪيڏيون ڪھاٽيون، مون وٽ راجستان جون!

⦿

چو تو ھي ڳُڳُدامُ، ڇُريءَ ھيٺان آڻِئين؟
خامُ خيالِ خام، ڪھڙو تنھنجو آجپو؟

⦿

هي جا آمڻ بير،[1] جنھن جي ڪاٺي ڪِٺُ جان،
پوءِ بہ گھٽي ديرِ، واچوڙي سان ويڙھہ ۾!

⦿

ڊوري پرسان ڪيرُ هي، ڳپي پيو ٿُڙُ،
جنھن جي متان لُڙُ، وَلَر ڳَن تا واءُ ۾!

⦿

ڪري پَئِي ڪونجَ، فيرُ ٿيو بندوق مان
اَچا جنھن جي گونجَ، ڪيتيءَ ڳري ڪُوڪرا.

⦿

---

[1] آمڻ بير: بير جو قسم جا ٿر ۾ ٿيندي آهي.

کانياٽِي تہ چڱي، جي تون پَڪِي هَڪلئين،
ها، پر هيءَ لڳي، جهِرڪي ڏرتيءَ ڏوڙ ۾!

⦿

ڪڏهن چيريندي، ڦاڙهو ماري جهنگ ۾؟
چا تو بگهڙ کي، آهي سوچيندي ڏنو؟

⦿

(ڪتين ڪَر موڙيا، ياڳو پهريون)

جَنگِ، گجَوراڙا، چَرڻ تِن ڪان وسرِي وَيا،
جِن ڪيئي ماڙا، بَمَن سان پُرندي ڏٺا.

⦿

سِنڌُ وڏو واپارُ ڪوئي سِنڌُ چَئِي ڏسي،
سارو ڪاروبارُ پوءِ تہ هُن جي پاندَ ۾!

⦿

ديسُ وِڪامي تو پيو هَر ڪو ويچڻ هارُ
تون ئي پنهنجو جارُ تون ئِي مانگر مارئين.

⦿

ڀِتائي ءَ جي بان، هَٽِ هَٽِ تنهنجا هوُڪرا!
هُن چا سِنڌ مٿان، تورا تو لئِہ تي ڪَيا؟

⦿

تون جنهن بارِيءَ جو مٽان، ڪنيو آهي بارُ
تون بہ تہ هِڪُ واپارُ سائين، هِن سَرڪار سان!

⦿

مَتان ڏاهِين جهنگَ ۾ ليليءَ[1] آڪيرو
سجُ لٽي گهيرو ،جنهن تي ٻڪاڙهي رنگ جو!

⦿

او شل! تُنهنجو مَڙهہ، مورُان مِلي ڪينڪي،
او شَل! تُنهنجو ٻُڙهہ، ڪا ڄَر، جَرڪائي ڇڏي!

⦿

تو سَمجهو ڪي ڪوڙ ڪيون، مون لئہ ناهينديون؟
تنهنجون بہ ٻوليون، او سرڪاري ٻولڙيا!

⦿

ناهي هيءُ پتنگُ، هئ جا چٽنگ اُلاوَ ۾،
متان ان جو سنگُ، پنيٺ پڙڪائي وجهي!

⦿

آزاديءَ جو پيچرو وَرَ وَرَ وَڪَڙَ وَرَ
چڙ ڪرٽو پيهر؛ آهي ساري پنڌ ڪي!

⦿

آزاديءَ جو پيچرو اڳ ڪان گهٽي گندِ،
پيهر تنهنجي ڄنڌِ، ڏَڏَر ڏربا ڪيترا!

⦿

---

[1] ليلي: پکيءَ جو نالو جو تڙ جي وڻن ۾ آکيرو اڏيندو آهي. جو هن جي بدن جيترو ٿيندو آهي.

آزاديءَ جو پيچرو، جڻ ڪي اُپ وليون،
تنهنجي لاءِ پليون، جي تن ۾ وچڙي ويئين!

⦿

جيڪي گهُرجون جوڌپور، ساڳيون گهُرجون ٿر،
ماروئڙا ها، پر...... ان پر ڪي مان ڇا چوان!

⦿

هي جي ڪولهي پارڪر، پيرين اگهاڙا،
ڪيڏا ڪُهاڙا، آهن تن جون اکيون!

⦿

نيٺ تہ ڄَر ۾ ڄَرڪندا، اپري ڪارڻَ سيئَن،
هي جي ٻارَڻَ جيئَن، اکين لڙڪ سُڪي ويا!

⦿

ڪُئا ڳيُ نہ ڇڏ! ساري ڏيڏي ويجهڙي،
پنهنجي پهري گڏ، سڀ ٻهراڙيءَ جون ٻليون!

⦿

ٻوڏو[1] سج گرهڻ، ڪارنهن کي ڪارو ڪري،
سٽ ستي آڄڻ، اوندهہ تو تي آدمي.

⦿

---

[1] ٻوڏو: پکيءَ جو نالو جو ڪانوَ کان وڏو ٿيندو آهي ۽ ان ڪان وڏيڪ گهاٽي ڪاري رنگ جو ٿيندو آهي.

پيرب[1] گهورُن ٿا، اونداهيءَ اڌ رات جو
۽ پو پورن ٿا، ڪڏون ڪوٺي سج ڪي!

⊙

ماٽهوئڙا جن ٻُڪ ۾، تتيهر[2] تنگون،
متان مُوڙها تون، پرئي پيٽ وسارئين!

⊙

جهرڪيءَ آڪيري منجهان، ٻچا ٽي ڪائي،
ٻَلا آلائي، آئي ڪئن وڻ جي متان!

⊙

وري تانگهه تلوُرَ[3] جي، عرَبَ آندا ٿي،
ڪيڏا ماندا ٿي، پاران پکيءَ رَت لئه.

⊙

مُئيءَ ڪرڙي تي، جيئن مڙن ماڪوڙا،
تيئن اڄ تاڪوڙا، مُئي وڏيري ڳوٺ ۾.

⊙

هھڙي ٻر ڪان اڳ ڪتي، ڏيڏر ڏرن ٿا،
واهِين ورن ٿا، ٽر ٽر تن وسري وئي!

⊙

---

[1] پيرب: ٽر ۾ چپ ڪي چيو ويندو آهي.
[2] تتيهر: پکي.
[3] تلور: هڪ پکي، جنهن جي شڪار لاءِ عرب سنڌ ۾ ايندا آهن.

ڪالهه نرا جنهن تي ڪنيا، ڪتي سو گهوڙو؟
۽ هو ڪلهوڙو[1] پٺائيءَ جي پيٺئيسن!

⦿

ماڻهو جيئن ٿا، روزُ هچاري پيٽ لئه،
ڪيڏا پيئن ٿا، ترائيءَ مان جِيوڙا!

⦿

ترايون سپ سوڪ ٿيون، ڪوهن مُنهن ڪوليو
ٻوليو ڪجهه ٻوليو ماٺ نه رهو ماروئو!

⦿

جيڪو پاڏو ڪلهه ٻڏو، پاچاريءَ ۾ تون،
ائن پانيو ٿي مون، ٻوڪي[2] سان ڏوڪو ٿيو.

⦿

اُئن نتون ۽ جُهلون، جهومنديون جهمڪن،
ٻڄي وڄ وڏن، او شل!' مارُن پاڪڙا!

⦿

هي ڪمريءَ ۾ ڪير، اچي پيو اُٿ تي؟
آهي مڙس مٿير، سونهون ساريءَ واٺ جو!

⦿

---

[1] ڪلهوڙو: نور محمد ڪلهوڙو پٺائيءَ جي دور ۾ سنڌ جو حاڪم.
[2] ٻوڪو: ڪوس (ٻوڪي ۾ پاٽي چڪڻ جو ڪم پاڏا به ڪندا آهن)

اجهو آيو وِڄُ جو تِن ڏي جهَپاٽو
هُو جِن جو ٻاٽو اوچو آهي اُڀ کان.

⦿

هَرڪو مون کي اِئن چوي، مُنهنجي ڇَٽي لڳُ!
پَر مان چوان ڪِينڪي جيڪي چَوي جَڳُ،
جَڳُ تہ آهي ٺَڳُ، جيئي پيو جوٺِ تي!

⦿

*(سورج مکيءَ سانجها)*

تنهنجي منهنجي وچ ۾، هونءَ تہ آ زنجير،
ها پر هي ڪشمير، اُن جو تون ڇا ٿو ڪرين؟

⦿

آهي هيءَ آهَٽ، ڪنهنجي آڏيءَ رات جو
کولي پيئي ڳَٽ، جيئڻ جي جنجال جا.

⦿

*(سانجهي سمنڊ سپون)*

ڇيٽي سنگ تراش جي، پَٽ تي ڏٺي مون،
”ڪٿي آهين تون؟“ مُرڪي سوچيو مورتيءَ.

⦿

رُنو بت تراش، بُت ڏسي سِرَ کان سوا،
پو، هُن سوچيو "ڪاش! مان بہ هجان ها جنگ ۾!"

⦿

ڪَنڌَ ٽُٽي ويا ڪانھَن جئن، ناهي جام ٽُٽو
مئخانو نہ ڪُٺو ڪيئي رند رَمي وَيا.

⦿

ائين پٽ جي ڳاٽ تي، بينو آهي ڪيرُ،
کھڙو مُڙس مٽير، ساري ڪارونيار ڪان.

⦿

ٻُندو ڏئي واڙ کي، ستو گھر ريڍارُ
بگھڙ ڪيو وارُ چانڊوڪيءَ ۾ چنڊ جي.

⦿

ياڻين تي ڏنارَ سپ، سنڌڙي بگھڙ تون،
تڏهن نانھ مٿئون، ٻوٽي توتي ماس جي.

⦿

ڪوڙو ڪُتو سنڌ جي، نالي ۾ ڀَؤنڪي،
ڪوئي نہ ڇَؤنڪي، هَڏو هن جي وات ۾.

⦿

مذهب توڙي قوم جو نالو ٻوڙيائون،
باهيون ڏنائون، ٻار ڪيائون ڪوڪلا.

⦿

ماڻھوءَ اندر ٻُڪ جا، پيٽ ٽا پڙڪن،
متان ھو ڪرڪن، رنيي ڪنھن راڪاس جان.

◉

تو ڪي آزادي ڏني، ھي جو ڊوڊو ساڳَ،
ءِ پھچائي ماڳَ، اِن ڪان ڪجھ ناھي پَلو.

◉

ڏس، ھو اجرڪ جون پڳون، ڪيڙيءَ ڪُرچيل پير،
ڳھڙا مُڙس مٽير، جَن ڳُھاڙيون ڳچ ۾.

◉

ھو جي نازي فوج سان، ايڏو وڙھيا ھا،
آخر انھن چا، ايئين قربانيون ڏنيون؟

◉

پورو ڪرڻو آھ مون، اچا سو پيغام،
جيڪو سارو عام، ھڪبئي جي ويجھو ڪري.

◉

مان ئي شاھ حسين ھان، مان ئي بلي شاھ،
منھنجو سارو ساھ، تو سان واڳيو ديسڙا.

◉

دنيا طالب ڊوند جي، ڪُتا ڦيريون ڳن،
’تيريون، ميريون‘ ڪن، حصي تي ھِرکي ڪري.

◉

*(ڪُونجون ڳرڳن روھ تي)*



# وایون

ڪافر مومن ناهيان، وو، ڪافر مومن ناهيان!
آءُ پٺائي، آءُ درازي، ساڳيو نينهن نيايان، وو،
ڪافر مومن ناهيان!

ساڳيو معنيٰ جو مڌ پيئان، سامي نانءُ سڏايان، وو،
ڪافر مومن ناهيان!

ساڳيا سڏ وراٽيان، يارو سُوريءَ سيج سجايان، وو،
ڪافر مومن ناهيان!

رڪ ۾ چٽنگ چتائي ڳوليان، باهہ نئين پڙڪايان، وو،
ڪافر مومن ناهيان!

آءُ جواني، آءُ جوالا، جُڳ جُڳ ڪي جرڪايان، وو،
ڪافر مومن ناهيان!

جهوريان جُهونا ڪوڙ الوميان، ڪوٽ سوين ڪيرايان، وو،
ڪافر مومن ناهيان!

سَرتا! تولئہ سپنا آٽيان، ڪيئي عرش اڏايان، وو،
ڪافر مومن ناهيان!

تولئہ پيارُ پِنان مان، ڌرتي! سئن هٽي سيڌايان، وو
ڪافر مومن ناهيان!

مون لئہ ديش وديش نہ ڪوئي، سڀ ڪي ساهِ سمايان، وو
ڪافر مومن ناهيان!

نگريءَ نگريءَ جو سُک سونجهان، پنهنجو پاڻ پلايان، وو
ڪافر مومن ناهيان!

سڀ جو هانءُ هندوري لوڏيان، پنهنجي ننڊ ڦٽايان، وو
ڪافر مومن ناهيان!

جيون! تنهنجو جوڳي آهيان، ڳالهيون تنهنجون ڳايان، وو
ڪافر مومن ناهيان!

تنهنجيءَ پَل پَل جي پيڙا کي، وائيءَ ۾ ورنايان، وو
ڪافر مومن ناهيان!

ڌرتي منهنجو ديس، مگر مان سنڌڙي جنڊڙيءَ لايان، وو
ڪافر مومن ناهيان!

*(ڪلهي پاتم ڪينرو)*

سوريءَ تي منصورُ ڏسي،
جي روئيندين بہ تہ چا!

هاٽي سَچَ جو ساٿُ نہ ڏيندين
پڇتائيندين
پاڻ پيو پو لوئيندين بہ تہ چا!

جي گوندر ۾ گل ڪوماڻا
اوڻ اَياڻا!
سارَ اُنهن جي سوئيندين بہ تہ چا!

ويل اِها آهي واهَر جي
بادل پِرجي
روز نہ ايندا، پو ايندين بہ تہ چا!
جي روئيندين بہ تہ چا!

(وجون وسڻ آئيون)

سَهندو ڪير ميار او يارا
سنڌڙيءَ کي سِرُ ڪيرُ نہ ڏيندو!

جهولَ جهَلِي جنهن وقت پٽائي
ڪرندا ڪنڌ هزار او يارا
سنڌڙيءَ کي سِرُ ڪيرُ نہ ڏيندو!

نيٺ وڍيندڙ وڍجي ويندا،
ڪَنبندي نيٺ ڪٽار او يارا
سنڌڙيءَ کي سِرُ ڪيرُ نہ ڏيندو!

نيٺ تہ ڍهندي، ڪيسين رهندي
ڏوکي جي ديوار او يارا
سنڌڙيءَ کي سِرُ ڪيرُ نہ ڏيندو!

گهَڙا ڪٽي گهڙِنديون سَوَ سُهڻيون
مَرندا سَوَ ميهار، او يارا
سنڌڙيءَ ڪي سِرُ ڪيرُ نہ ڏيندو!

سرَ جي سَين هٽي ڏِسُ چارَڻَ
ٻيَجلُ تي ٻيهارَ او يارا
سنڌڙيءَ ڪي سِرُ ڪيرُ نہ ڏيندو!

(وجون وسڻ آئيون)

سنڌڙيءَ ساٿُ سَچوم،
ڪوري ڪَنڌُ ڌنوم،
گهوريس گهوريس سِنڌُ تي.

شال نہ اڳتي اوجهران،
پَرتي پَنڌُ پيوم،
گهوريس گهوريس سِنڌُ تي.

مينديءَ گاڏڙ رَتُ سان،
سارو رڱ رتوم،
گهَوريس گهوريس سِنڌُ تي.

مون وٽ تِم تِم ڏيئڙا،
ڇا جي سُج ٻڏوم!
گهورَيس گهوريس سِنڌُ تي.

ڪاري وارُ ڪَنارَ جو،
جو جو گيتُ چيوم،
گهوريس گهوريس سِنڌُ تي.

ڏاتي! پيرا ڏِڪجو،
جي هي جِيءُ ڏِنوم،
گهوريس گهوريس سِنڌُ تي.

(وچون وسڻ آئيون)

مَرڻُ جِيَڻُ مون وَس، ميان!
تون ڪانڌي ڪونہ ٿِجانءِ

ماروئڙن کان مُنهَڙو موڙيان؟
ڏاهپ ٻي ڪا ڏَس، ميان!
تون ڪانڌي ڪونہ ٿِجانءِ

موتُ اَچي ٿِي مهڻو اهڙو
جيئَڻُ ڪهڙي جَس، ميان!
تون ڪانڌي ڪونہ ٿِجانءِ

بَس ميان، او بَس ميان!
ويندُس گوندرَ گَس، ميان!
تون ڪانڌي ڪونہ ٿِجانءِ

(وڃون وسڻ آئيون)

تو جا ڳالھ ڪَئي،
سا ڪا ناھ نَئي،
رِڻ سڄو ئي رَتُ ڦُڙا!

جنهن کي ڪاڪ نہ آئڙي،
ڪَرهي ڪَڏَ وئي،
رِڻ سَڄو ئي رَتُ ڦُڙا!

’موت بہ آهي ماڳ ۾
سوچي پَنڌِ پَئي،
رِڻ سڄو ئي رَتُ ڦُڙا!

دور نِکيتَر نَيَ جا،
ساري رات رَئي،
رِڻ سڄو ئي رَتُ ڦُڙا!

ماٺھو سَپ موتي ويا،
ڏُوران ڏَنجھہَ ڏَئي،
رِڻ سڄو ئي رَتُ ڦُڙا!

اُن کي اوراٽا گھٽا،
ھيکل ناھہ ھَئي،
رِڻ سڄو ئي رَتُ ڦُڙا!

(وڃون وسڻ آئيون)

مٿي کھڙو مل،
گھوريو، گھوريو، گھوريو!

اڄ ڪوئي گرنار ۾، ناھي ھھڙو گل-
گھوريو، گھوريو، گھوريو!

چارڻ آيو چُپ ۾، لوڪ ھلاچو ھل-
گھوريو، گھوريو، گھوريو!

تند ڪڪوري ڪنڌ سان، تند نہ ڪوئي تل،
گھوريو، گھوريو، گھوريو!

ڪنڌ ڪريو آڪاس ۾، نھيو ڪوئي ٿل،
گھوريو، گھوريو، گھوريو!

سِرُ ڪپجي سُر تي ويو پورا! ڳالھ نہ پل،
گھوريو، گھوريو، گھوريو!

☙

(ڪيپر ٿوگن ڪري)

تو ڪي سڏ سُٺا، هو جي رات مُئا ـ
ورتائون وِهہ گاڏئون.

موکي! تن جو مامرو لنءَ لنءَ منجهہ لٿا ـ
ورتائون وِهہ گاڏئون.

سپ بہ آهي سپ ۾، ڪنهن کي هور هٿا!
ورتائون وِهہ گاڏئون.

ووءِ، متارا مَت تي، ڳهريءَ ڳيت مٿا!
ورتائون وِهہ گاڏئون.

(ڪپر ٿوڪن ڪري)

اڄ جو وٽيءَ وٽ لئہ پارون پنڌ ڪيوم۔
واري سان وهہ ڳاڙئون، موڪيءَ منڌ ڏنوم،
پيتو، پيتو مون ميان،
مون ميان وهہ پيتو!

وِهہ تي چڪيو چنگ مان، جان جان گيت ڇيوم،
پيتو، پيتو مون ميان،
مون ميان وهہ پيتو!

ماڻهن ليکي مُڪُ سڄو، ماڪيءَ ميٺ هيوم،
پيتو، پيتو مون ميان،
مون ميان وهہ پيتو!

ڳاري پنهنجا ڳلڦڙا، امرت تي آڇيوم،
پيتو، پيتو مون ميان،
مون ميان وهہ پيتو!

(ڪپرتوڳن ڪري)

متارا مري ويا، موکي تون نہ مرين!
کھڙيءَ پر پرين، ڏکي ڏاتارن ري؟
ڀٽائي _ سريمن ڪلياڻ

... ... ...

موکيءَ ڪيهي مات،
الو ميان، ريٽو ٽيندو راتِ!

مرندا چار متارا، رهندي زهر پياڪن ذات،
الو ميان، ريٽو ٽيندو راتِ!

نيٺ تہ موکي چوکي ٽيندي، پرهہ ڦٽيءَ پريات،
الو ميان، ريٽو ٽيندو راتِ!

منڊ ڪروڙين ڪنڊ، سين کي وِهہ جي وائي وات،
الو ميان، ريٽو ٽيندو راتِ!

موکيءَ ڪيهي مات، الو ميان، موکيءَ ڪيهي مات!
الو ميان، ريٽو ٽيندو راتِ!

(ڪپڙ ٽوڳن ڪري)

ماروئڙا آڻ موٽ، ڪيري آيا ڪوٽ۔
لتا لوھہ لڱن تان.

جرڪي پئي جيت ۾، منجهان آرڻ موٽ۔
لتا لوھہ لڱن تان.

ڪيڏا ڪيا سومري، ڪائڙ توسان ڪوٽ!
لتا لوھہ لڱن تان.

وٺا مينهن ملير تي، چانگون چنن اوٺ۔
لتا لوھہ لڱن تان.

جيئڻ! توکي جس ڏنو، پائر جي پالوٺ۔
لتا لوھہ لڱن تان.

(ڪپر توڳن ڪري)

اُٿــي اوريــو ڙي!
جيئڻ ٻہ ٿي ڏينهڙا.

وسو وسو ماڪ جان، گلڙا موريو ڙي!
جيئڻ ٻہ ٿي ڏينهڙا.

سکن سان سنسار جي، تند نہ توريو ڙي!
جيئڻ ٻہ ٿي ڏينهڙا.

متان ڏکِي ڏاڍِ ڪان، چنگ نہ چوريو ڙي!
جيئڻ ٻہ ٿي ڏينهڙا.

انوکي آواز تي، گهر تڙ گهوريو ڙي!
جيئڻ ٻہ ٿي ڏينهڙا.

سڳو ڪوئي سور جو، سدا سوريو ڙي!
جيئڻ ٻہ ٿي ڏينهڙا.

(ڪپڙ توڳن ڪري)

جت به ڪُتي وڪڙي،
سو ڏونگر جو ڏاڪو
متان هينئون هارئين!

جيسين روهه رتيون ٿئي،
تي ڏر ۾ ڏماڪو
متان هينئون هارئين!

چمڪي ٿو هو چوٽئين،
تي لُنءَ لُنءَ لياڪو
متان هينئون هارئين!

شال نه ڏسان ڏينهڙو
جو وس چڏي واڪو!
متان هينئون هارئين!

(ڪپرتوڳن ڪري)

اونداهيءَ اَڌ رات،
ڏونگر مٿان ڏيئڙا.

چڙهندي رهه تون چوٽئين،
ڏک نه منهنجي ڏات!

ور سا جنهن کي پنڌ ۾،
پوي ٿي پرڀات!

پر جي مارڳ ۾ مرين،
پو به نه تنهنجي مات!

جيسين آهه جندڙي،
لُنءَ لُنءَ ٻري لات!

(ڪپر ٽوڪن ڪري)

ڏونگر ڏولاوا گهٽا، پو به اِهائي وات،
متان موٽو ساٿيو!

ور ور پيرا پنڌ ۾ لڙيا، منجهه لڙات،
متان موٽو ساٿيو!

ڪهه ۾ ڪاريون چوٽيون، گهگهه، هوا گهوگهات،
متان موٽو ساٿيو!

اِيري ايندو اوچتو جرڪي پوندي جات،
آهي اهائي وات،
متان موٽو ساٿيو!

(ڪپڙتوڳن ڪري)

هٿين پيرين مونڙين، ڪاهيم تنهنجي ڪڍ،
سپنا منهنجي ساهہ جا!

ڏينهون پوءِ پري وئين، ڏوران ڏيئي ڏڍ،
سپنا منهنجي ساهہ جا!

ورچي موٽان ماڳ ڪان، ايءَ نہ منهنجي اڍ،
سپنا منهنجي ساهہ جا!

چوڏاري ٿو تون چڪين، ڪهڙا منهنجا وڍ!
سپنا منهنجي ساهہ جا!
سپنا منهنجي ساهہ جا!

(ڪپر ٿوگن ڪري)

ڏان نہ منهنجي ڏات،
مُلهہ چُڪايو مون ميان!

مون جو قيد قبوليا، اٿي آڌيءَ رات،
مُلهہ چُڪايو مون ميان!

اڄ بہ سوگهو سنگهرين، وهاڻيءَ پريات،
مُلهہ چُڪايو مون ميان!

سِرَ ڪي توريم ساهميءَ، وائي ورتم وات،
مُلهہ چُڪايو مون ميان!

اوجل نڪتي آڳ مان، لهس نہ آئي لات،
مُلهہ چُڪايو مون ميان!

(ڪپرٿو ڳن ڪري)

پل پل پِيڙ ڏين،
ڪڙا منهنجي ڪنڌ جا!

- ڏوران سڀ ڏکي ويا، ڪانڌي ڪونہ ٿين.
- گهوريو منهنجو جندڙو سانگي شال جين!
- پَسي پُسيءَ گلڙا، پيرون پاند نين!
- شال ترائي تار ٿي، جنهن مان پيءَ پين!

(ڪپر ٿو ڪُن ڪري)

هي جو ڳوٺ ڳڱاتيا، ولهه ڪري تي وس-
مڇُ وساٽو سڄَ جو.

پاري سان پرچي ويا، سوڙها گوندر گس،
مڇُ وساٽو سڄَ جو.

ڪاري رات، ڪلال جي، ڪوني ڪانهي چَس،
مڇُ وساٽو سڄَ جو.

ڪالهه پريل ها باهه سان، تارونءَ ڪارڻ تس،
مڇُ وساٽو سڄَ جو.

چارڻ ٻارڻ ٻارِ ڪو، ڏي ڪا لونءَ لهس،
مڇُ وساٽو سڄَ جو.
مڇُ وساٽو سڄَ جو.

(اڪيرٿو ڳن ڪري)

گوندر! منهجي گيت مانَ، اهڙي آگ اپارِ
جرڪي ڏيهه جرات سان.

ڪارا نيَر ڪندّ جا، چوري چنگ، پکهارِ!
جرڪي ڏيهه جرات سان.

ڏس هي مارو ماٺ ۾، وينا ڍنگهرن ڍارِ!
جرڪي ڏيهه جرات سان.

جوت، اجهاٽل جيئڙا، ڪنهن ٻارڻ سان ٻارِ!
جرڪي ڏيهه جرات سان.

ڪوٺ نسوري ڪوڙ جا، ڳيري، رک ٻهارِ!
جرڪي ڏيهه جرات سان.
جرڪي ڏيهه جرات سان.

(ڪپر ٽوڪڻ ڪري)

جئن جئن ستڙ اوڏڙو تئن تئن ايرو واءُ،
ڏُتڙ ڪاتيم ڏينهڙا.

ور ور وانجهي وائـڙا ور ور ڪُن پڙلاءُ
ڏُتڙ ڪاتيم ڏينهڙا.

ڇُلندو رهندس چولئين، جيسين مران ماءُ!
ڏُتڙ ڪاتيم ڏينهڙا.

ڪاري ڪارونيار ۾، سپنا سج وڙاءُ،
ڏُتڙ ڪاتيم ڏينهڙا.

(ڪپر ٿو ڪُن ڪري)

ڪهڙي ماٺ ميان!
گهوريو منهنجو جندڙو!

رَت پيو ريلا ڪري،
سانوڻ مينهن جيان!
گهوريو منهنجو جندڙو!

دانهون دانهون، ديس جي،
ڪنهن کي دانهن ڏيان!
گهوريو منهنجو جندڙو!

روڳي راڳي ڏيهہ جا،
ڪنهن کي ساٿ نيان؟
گهوريو منهنجو جندڙو!

سُوريءَ مٿان سچ سان،
مان ئي ساٿ ٿيان!
گهوريو منهنجو جندڙو!

(ڪپر تو ڳن ڪري)

هي جو هيل لهُو،

پَرٺ نہ ڏوئي پاڻيئين!

گوندر وَير گِراهہ مان، آئي رَت جي بُو،
هي جو هيل لهو!

مِرون پيا ماڻ ۾، هئہ هئہ هي ماڻهو!
هي جو هيل لهو!

ڏاڍا واڍا ڏيهہ جا، ڏيهہ ڳڙن قابو.
هي جو هيل لهو!

☙

(ڪپر ٿو ڪُن ڪري)

ور ور هوءِ وايوڙ
سڏڙا ڪن ٿا وو ميان!

ماٺهوءَ ماٺهوءَ تي ميان،
ڳٽ بہ ڳاٽي ٽوڙ!
سڏڙا ڪن ٿا وو ميان!

جيڏي جبل جاڙ آ،
تيڏي ڪر جاڪوڙ!
سڏڙا ڪن ٿا وو ميان!

آءُ نہ ان ۾ جاليان،
ٻئي جا جوڙي جوڙ.
سڏڙا ڪن ٿا وو ميان!

☙

(ڪپر ٽوڳن ڪري)

آڏيءَ رات انڌوهہ ۾، جي مون ٻول ٻُرن،
آءُ امرتا پائيان.

ڪيئي گلا گوندرين، گڏجي گيت چون،
آءُ امرتا پائيان.

پاڻ ٻڌان مان پاڻ کي، لهسي منجهہ لکن،
آءُ امرتا پائيان.

راڳ نسورو روڳ، جي هيڪل هور ٿين،
آءُ امرتا پائيان.

آڏر منهنجو آڇيو ميڙو ماروئڙن،
آءُ امرتا پائيان.

(ڪپر ٿو ڪُن ڪري)

**اڄ هو ’آءُ‘ ’اَسان‘،**

**متجي ويئي من مان.**

**سَڳر پنهنجي ساٺ سان، گڏجي شال رسان!**

**وايون ٻائي وات تي، سانوڻ ساءِ وسان!**

**مرندي مارو ويندڙا، مارڳ منجهہ پسان!**

ଓ

(ڪپر ٿو ڳن ڪري)

ڀال ڀلايئہ ڀائـڙا، مرڪي تنھنجي ماءُ!
موٽُ نہ تنھنجي ماتِ ڙي!

ڪارو گل گلاب جو، توتي گوليءَ گھاءُ،
موٽُ نہ تنھنجي ماتِ ڙي!

تارن رتيءَ رات ۾، تنھنجو رت تلاءُ!
موٽُ نہ تنھنجي ماتِ ڙي!

انيائيءَ جي انت سان، ٿيندو ھيج ھڳاءُ،
موٽُ نہ تنھنجي ماتِ ڙي!

صدين لاءِ سڳنڌ مان، ايندو تنھنجو ساءُ،
موٽُ نہ تنھنجي ماتِ ڙي!

ديس ملھايئہ موٽ سان، منھنجا باغي ڀاءُ!
موٽُ نہ تنھنجي ماتِ ڙي!

(ڪبير ٿوگن ڪري)

## آزادي، انسان،
## ڳالهه مڙيوئي هڪڙي

- جي تو غرض غلام جان، هئه هئه تون حيوان!
- وهه وا ڍوڍو ٿُومر سان، جي تو مُنهن تي مانُ!
- آزاديءَ بن آدمي، ڪنڪر ڪِٽ سمانُ.
- جنهن کي وڏ ووڏيڪ جا، ماڻهو آهه مهانُ.
- چاري، سمجهيئه چونديو چا لئه مون زندانُ؟

(ڪپر ٿو ڪن ڪري)

واهــــونــــدا وَرنــــدا،
ڪُهه ڄاڻان ايندا ڪڏهن!

دانهيندا درياهَہ تي
تار وچان ترندا،
ڪُهه ڄاڻان ايندا ڪڏهن!

لُنءَ لُنءَ جن جون لاتيون
ٻولَ پيا ٻَرندا،
ڪُهه ڄاڻان ايندا ڪڏهن!

ڪنهن ڄاتو هئن اوچتو
ڪوهہَ مٿا ڪرندا،
ڪُهه ڄاڻان ايندا ڪڏهن!

*(واتون ڦلن ڇانئيون)*

تو    اي    آدا    آڪَ
ڪنهن ڪانِ وهءُ ورتو اهو؟

مون بہ تہ تو جئن گهاريا، ڪيئي جهولا جهَڪَ،
مُنهنجيءَ آس اريج ۾، جيءَ نہ پوکيا جَڪ،
جهاڳيا پيرين پنڌ مون، ڪيڏا آڏا لَڪ!
پر مون امرت اوتيو، ريتي ساهہ سَمڪَ،
مرندي تائين مون چَتي، متيءَ منجهہ مَهڪَ!

(واتون قلن چانئيون)

ساتي سُرنگا
ڪنهن جو توهہُ مڱا،
مون من تو مُونجهو ڪيو.

وينو رَتُ اُگهان پيو
اڄا تو اڱا،
مون من تو مُونجهو ڪيو.

ڪيڏي ڪَٽَ ڪتارئين
ڪيڏا لالَ لَڱا!
مون من تو مُونجهو ڪيو.
هن ڏاڏاڻي ڏيهہ ۾
دوڪا دو رنڱا،
مون من تو مُونجهو ڪيو.

ويري توڙي واهرو
ناهن چِتِ چڱا؟
مون من تو مُونجهو ڪيو.

*(واتون ڦلن ڇانئيون)*

تون جو تتيءَ تاءُ،
بيهر اُيري آءُ،
لِڪَ لڪاٽي ڪيتري

جيئن ڪاريهَر جيپ تي
اهڙو بولَ ٻراءُ،
لِڪَ لڪاٽي ڪيتري

آندي آئي جيئن ٽئي
واريءَ مٿان واءُ،
لِڪَ لڪاٽي ڪيتري

جهُرندو جهونا ڳڙهه ڪڏهن
ڪوئي چَنگ چتاءُ
لِڪَ لڪاٽي ڪيتري

(واٽون قلن چانئيون)

## ڪنهن کي پُڪاريان

## ڪائي ناوَ نہ ناڪُئو!

ڪئن هي سَمَرُ ساٿ سان تار منجهان تاريان!
ڇا اڄ ويهي ونجهہ سان ڳوڙها ڳل ڳاريان؟
پنهنجي پرينءَ پار کي واريءَ تي واريان!
ڪوبہ افق تي ڪونہ آ، ڪنهن ڏي نهاريان!

(واٽون ٿلن ڇانئيون)

اُڃَ اُسَتَ ماندِي،
پيئي ڪٽي پيرڙا.
ڪيڏي اوچي ڪوٽ ۾ بيوس آ باندي!
نہ سو وارن واس آ، نہ سا سيراندي،
مُور نہ ٽيندي مارئي ھاٺي ھيڪاندي،
جَڳ ۾ تو ھيءَ جندڙي، آيل ڇو آندي؟

(واٺون قلن ڇانٽيون)

ڪيسين رَڱِ رڱا
تولءِ رتا مُولهيا!

تو ڪان، تاڻي ڪِينرو، مٿو ڪيئن مڱا؟
ڇا هي چڙهندا چوٽ تي تنهنجا لِڱ لڱا؟
ڇُپِ تہ ٿي ويا ڇَپ پَر، ڇَوندو ڪير ڇڱا!

(واتون ڦلن ڇائيون)

اڇا نہ اوڍاءِ،
رَتا لاهي ڪپڙا!

نہ مون روڪ رڪاب ڪان
گهوڙي واڳ وٺاءِ!

راتاهي جي رات آ
رُت جي رِيت نڀاءِ!

ڳيرو ڪالهہ ڳيا تيا
کهڙي ڪارڻ لاءِ؟

ڳُڻءِ کي ڇُمي ياٽڙا
لهوءَ تِلڪ لڳاءِ!
رَتا لاهي ڪپڙا!

(واتعون قلن چانئيون)

ديس منهنجو آهِ هيءُ
ناهہ تنهنجي پيءُ جو.

اُڄ ۾ منهنجي ڪليءَ مان، جي پيئڻ چاهين تہ پيءُ!
تنگ هان تو مان، جئڻ جي ڪونہ تو چاهين، نہ جيءُ!
رُڃ جا راهي! وڃين ڪيڏانهن تون ڪنهن جو تہ ٿيءُ!

(آڪن نيرا ڦُليا)

آهي ڪاريءَ رات جو
پوبون پهر اجان،
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!

هڪ هڪ تيندا تا وڃن
ڪيسين روئان مان،
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!

اجان پنڌ پُنو نہ آ
آيو موت مٿان،
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!

ڪاش! پرينءَ جي پار ڪي
اکين آءُ ڏسان!
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!

ساڪِي ستارا تجو
جي مان پنڌ مران،
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!

(آڪن نيرا ڦليا)

واڳي ڙي واڳي،
تو سان ڀُنءِ ڀنيور جي.

چنڊَ ٻہ ڪنهن سُرباٽ ۾، ڳالهہ ڪئي ساڳي،
ساري رات رَمي وئي، جوڳين لئہ جاڳي،
ڪڏهن ايندا اوچتو پرهہ جا پاڳي؟
تمڪي پئي باهڙي، ورندا ويراڳي،
هيءَ جا منهنجي سنڌڙي، ناهي نياڳي.

☙

(آڪن نيرا ڦُليا)

**سپنا سِگهيرو**

**جي تون ساپيا تي وچين!**

**متان موتي ماڳَ تان، پنهنجو هي پيرو!**
**مِتي اُڏي ڪيتري، مَنُ نہ مون ميرو.**
**ڪڏهن تيندو ديس تي ڳاڙهو سويرو؟**

☙

*(آڪن نيرا ڦُليا)*

منهنجي پيراندي
ڪيئي ڏاها ڏيهہ جا.

شاهہ عنايت جهوڪ جو منهنجي سيراندي:
ڪيڏي سِڪَ سڳُنڌ آ آزاديءَ آندي!
ڌرتي منهنجي ديس جي هاءِ نہ هيڪاندي،
اڄ بہ منهنجي مارئي، اڳي جئن ماندي.

(آڪن نيرا ڦُليا)

وَري هو ڦَرڙا،
وچن پيا واٽ تي.

وَري ساٻِيءَ ويڙَهه ۾ آيا ولرڙا،
ڪارونجهر تي ڪيترا ڪُونڌر اڄ ڳَرڙا،
اَڏيون اَڏيو مارُوئڙو ٻيهر سڀ گهرڙا!
مون ڏاڏاڻي ڏيهه ۾ ساوا سگهرڙا،
ها، پَر پيرين ديسڙا تو ڪي نيَرڙا.

ᘓ

*(آڪن نيرا ڦُليا)*

سپ ڪان وڏي ڳالهه هيءَ
آهين کهڙيءَ پرَ؟
کهڙي ماٺِ مُنِي ميان!

اُتي ڪنهن اعلان سان
چُوندَ چگيري ڳرا!
کهڙي ماٺِ مُنِي ميان!

هو جو چنڊ اچي ڪري
دانُ گُهري تو دَرا!
کهڙي ماٺِ مُنِي ميان!

اُن جي جهوليءَ روشني
تون بہ تہ پنهنجي پرا!
کهڙي ماٺِ مُنِي ميان!

*(آڪن نيرا ٿُليا)*

چِپُن منجهہ چُپن،
ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا.

وکون پيون. واٽ تي ويران وير وَڏن،
اجهو ماڳُ اچي ويو دليون ٺيون دهڪن!
روهيڙي جا گلڙا سانوڻ سنگ ٽِڙن!
ساپيا سان سَرچي ويا سُپنا سانگيئڙن.

ᘓ

(آڪن نيرا ڦليا)

سُرخ گهوڙي سوارَ!
پنڌ تنهنجو پري ڪيترو آ اڃا؟

ريت پيئي ٻري سجُ آيو ڪپارَ
ننڊ ۾ هر طرف ڏر تتيءَ تي ڏنارَ
ڇانورا سڀ ڇڏي ٿو وڃين تيز يارَ.

(آڪن نيرا ڦُليا)

جي نہ مان تنهنجو ضمير،
مان لکان چالاءِ ٿو؟

ڏؤرا تنهنجي قيد ۾ جي مان بہ ٻين وانگر اسير،
مان لکان چالاءِ ٿو؟

جي نہ آزادي اُنهيءَ ۾، آهہِ جو منهنجو خمير،
مان لکان چالاءِ ٿو؟

ڪا ڳري قيمت نہ ان جي، ساهہ منهنجو يا سَرير،
مان لکان چالاءِ ٿو؟

شعر ڇا جي لاءِ جي، اُن ۾ ڏرتيءَ لاءِ ڏير؟
مان لکان چالاءِ ٿو؟
مان لکان چالاءِ ٿو؟

(آڪن نيرا ڦُليا)

سورج مُکيءَ کي
جيڪر اَڄ چئجي،
اکيون کٽي سِجَ ڏي!

ڪونهي ساڳو وائُرو
جنهن ۾ ڪَنڊُ جهُڪي
سورج مُکيءَ کي
جيڪر اَڄ چئجي،
اکيون کٽي سِجَ ڏي!

پَر هِي ساري کيت کي
ڪيرُ پيو پيلي؟
سورج مُکيءَ کي
جيڪر اڄ چئجي،
اکيون کٽي سِجَ ڏي!

*(هينئر وڏا ڙهونءَ ڳل جئن)*

اِيئن لڳي ٿو مارِئي اُگهاڙي آهي،
ڪراچيءَ جي شَهر ۾.

اَڄڪلهہ لالو کيت ۾ لوئيءَ کي لاهي،
ڪراچيءَ جي شَهر ۾.

ڪوٺَ نسوري ڪُوڙ جا ڪوبہ نہ ٿو ڍاهي،
ڪراچيءَ جي شَهر ۾.

آهي ڇا ۾ آڄڪو ڏَسُ نہ ڪنهن ڏاهي،
ڪراچيءَ جي شَهر ۾.

(هينئنٽرو ڏاڙهونءَ گل جئن)

آنڌا اُپ! ڏِسين نہ تو اڌورو اِنسانُ،
تو هيٺان ڪئن تو تڳي!

سَڀُ ڪجهہ ناسُ پيو ڪري، نسورو نادان!
هي جو جُهونو درد آ، اُن جو ڪو درمان؟
ايندو ڦيرو ڪو هتي؟ ڇا ڪوئي اِمڪان!
اڌورو اِنسانُ،
تو هيٺان ڪئن تو تڳي!

(هيٺئين ٽن ڏاڙهون ۾ گل جيئن)

ڪيڏا ڳُن ٻُرن، راهِي تو وٽ روهہ ۾!
تِن ۾ واڳون وِترا، پيا پُڇ هَٽن،
راهِي تو وٽ روهہ ۾!

اَڄ نہ اُهي ڏيهہ ۾، ڏُڪا ڏَنارنِ،
راهِي تو وٽ روهہ ۾!

مُهرائي تا مال کي، سيئي واٽ وٺن،
راهِي تو وٽ روهہ ۾!

*(هينئڙو ڏاڙهون ءَ گل جئن)*

نائي لاٽِيءَ لامر
وينو سوچي واٽَ تي!

ڪپڙا ٻُڌل نير ۾، جهڙا ساري عامَ
وينو سوچي واٽَ تي!

سَرِچي[1] سائي ديس جا، سُپنا هُن جي سامَ
وينو سوچي واٽَ تي!

ڇا هُو ٻولَ ٻهون ڏِئي، يا مِڙَني کي مامَ؟
وينو سوچي واٽَ تي!
وينو سوچي واٽَ تي!

(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)

---

[1] سَرچو: سرسبز آباد

سُوريءَ تي سَنهنجائِتا ڪالهہ ائين ڪنهن جا،
پيرَ هُيا پولار ۾؟

ڪنهن کي ڪِيرَ ڳپارَ ۾، اَهنجي ڪان اَهنجا،
ڪالهہ اِئين ڪنهن جا،
پيرَ هُيا پولار ۾؟

اُيِري جڙ آڪاسَ ۾، ويڙَ ويا جَنهن جا،
ڪالهہ اِئين ڪنهن جا،
پيرَ هُيا پولار ۾؟

وِلَهہ ۾ چَپ پڃِري وَيا، پَٻ چُمي تنهن جا،
ڪالهہ اِئين ڪنهن جا،
پيرَ هُيا پولار ۾؟

ڪي ڪي ماڻهو موتَ ۾ پنهنجن ڪان پنهنجا۔
ڪالهہ اِئين ڪنهن جا،
پيرَ هُيا پولار ۾؟

(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)

پَوندِي پَئِي ماڪَ،
پنيرڪي جو پُونءِ تي.

ڪيئِي ويسر واريا، سوريءَ تي سمراٿ،
پنيرڪي جو پُونءِ تي.

ڪونہ جهُڪايا وائُري، ٻَرن اوچا ڳاٽ،
پنيرڪي جو پُونءِ تي.

ءِ نہ ڏَيوتا ڪي ڪڏهن، سَمئہ ڪَيو ڪاٿَ،
پنيرڪي جو پُونءِ تي.

آهي ڪنهن اِسرار جئن ڳويءَ اوچي لاٽ،
پنيرڪي جو پُونءِ تي.

(هينئترو ڏاڙهونءَ گل جئن)

هو جي سَرَهہ، گڏ،
جَبل ۾ جَيِئن پيا!

چال ڏَئي اَپنائِئين، ٿُون شل تِن جي اَدِ!
هَونءَ بہ گولي ويسرا، آهي تُنهنجي ڪَڏَ،
پٽرَ پنهنجي آڏَ ڏِئي، ڪيسِين ڏسندين وَڏَ؟

(هينئنترو ڏاڙهونءَ گل جئن)

تيلهيون ناٽي جون،
ميڙِين وينو تون،
تون جو ڳنڍيءَ موت جي.

ڏاريا ڏِڪي تا کسن
تو کان ٽُنهنجِي پُون،
تون جو ڳنڍيءَ موت جي.
وَرنائين تون چو نہ تو
هيءَ چا جِي هُون هُون؟
تون جو ڳنڍيءَ موت جي.

سارِي عُمر اُياريو
تو کي ڳائي مون،
تون جو ڳنڍيءَ موت جي.

ڪيڏيون تو ۾ وائڙا
اَچــا اَرڏايــون!
تون جو ڳنڍيءَ موت جي.

*(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)*

اڻ ڪوٺيا تنهنجي اَگڙِ ڪُپتيا آيا،
مون تہ اڳيئي ٿي چيو.

هي جي ڪَڍِي ڪانپ ڪلهہ، پيٽا پَرايا،
ڳهليون تن جون ٻالهڙيون، ڳوڙها اَجايا،
تون ئي، جنهن تن جا ڪيا، لايا سجايا!
تون ئي نيٺ ڏِڪاٽبين، ڏرتيءَ جا جايا!

ᘓ

*(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)*

جَبل جي ڪنهن موڙَ ۾ لِڪِي ويهِين تون،
تاڙَ ٻڌي ساموهون.
آءُ تڏهن تو کي مڃان!

تاڙِن تُنهنجا تَؤنکرا چالون چِيتَن جُون،
ڏِسُ، هاٺي هالارَ تي اوندهہ پرڇايُون،
راتِ گُذاري روهہ ۾، اُيري سِجَ هلون.

ﷺ

(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئين)

ٻَـــرن ٿـــا ٻُوڙا،
ٻيهر آرهڙ اُسَ ۾.

روئن پيا راڄَ ۾ ويسَهه وِسوُڙا،
آزاديءَ ڪان اوپرا ڪارڻَ سان ڪُوڙا،
اَڄڪلهه آهن جنگهه ۾ چَرين ڪي چُوڙا،

ٻَـــرن ٿـــا ٻُوڙا،
ٻيهر آرهڙ اُسَ ۾.

*(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)*

کھڙا لَؤنگ چَڀين پئي ڦوٽا ڦَڪِ نہ تون!
گهَر ڪان ٻاهر مون
لاشَ ڏٺا اَڄ لوئبا.

وَر وَر رات پَئي ڳَيون ڪارنهن ۾ ڪارُون،
گهَر ڪان ٻاهر مون
لاشَ ڏٺا اَڄ لوئبا.

ڪيئن اُجهاٽا ڏِيئَڙا جيڪي ٻارياسُون،
گهَر ڪان ٻاهر مون
لاشَ ڏٺا اَڄ لوئبا.

اَچن پَيون اوٿَ مان ڪاريهَر ڦوُڪُون،
گهَر ڪان ٻاهر مون
لاشَ ڏٺا اَڄ لوئبا.

(هينئڙو ڏاڙهون ءَ گل جئن)

هي جي پيچَ پياڪَ
تِن کي مارِ نہ اُج ۾:
آيو سڄُ ڪپارَ تي ٿَهڪي پَئي ٿاڪَ،
وَسُ، وَسُ سانوڻ اوچتو وَر وَر ٻُڏِي واڪَ،
وبِري پنهنجا واٽ تي چڙڪا ۽ چالاڪ.

(هينئڙو ڏاڙهون ءَ گل جئن)

رِتُوَن رِتِ نہ تون،
مون کي مارڻ جون،
تو جنهن کُتا ڏينهڙا.

ڪيسين تُنهنجُون ڏيهہ ۾
اَرڏا اَرڏايــــــــوُن!
تو جنهن کُتا ڏينهڙا.

ڪائي وَٽُ تون سنڌُ جوُن
پُـسـيـون پـاچـاتـيـون،
تو جنهن کُتا ڏينهڙا.

اَج سارِي تاريخ تي
مون کي آچي ”مون“!
تو جنهن کُتا ڏينهڙا.

رِتُوَن رِتِ نہ تون،
مون کي مارڻ جون،
تو جنهن کُتا ڏينهڙا.

*(هيئنئر وڏاڙهونءَ گل جئن)*

هيءَ جا اسر وير پئي ڪُنيءَ مانڊاڻي،
جيڏا ٽُنهنجيءَ جوءِ ۾.

نڪتي ان مان سج جئن مکڻ جي چاٽي،
جيڏا ٽُنهنجيءَ جوءِ ۾.

نيٺ تہ ڪاري راتڙي آهي وهاڻي،
جيڏا ٽُنهنجيءَ جوءِ ۾.

نيٺ تہ ٽيندو سوجهرو سفر ۾ ساٽي،
جيڏا ٽُنهنجيءَ جوءِ ۾.

(هيئنئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)

سِــدَن[1] ۾ ٽُـــنـــبِـــين،
پيا ٽُڪرا ماس جا.

ڪيئن نہ ٽُڪرا ماس جا ڇيهہَ ڏئي ڇيرين!
اُتَر اوتون، باهڙيءَ ڇٽنگون اڏائين،
ارڏايون انسان جون تارا ٽا تاڙين،
نيٺ تہ هر ڪايارِ[2] کي ڪِيڙا ٽا کائين!

(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)

---

[1] سدا: ڪاٺ جون سيخون، جن ۾ گوشت جا ٽڪرا وجهي انهن جي هيٺان پاسي باهہ ٻاري، گوشت کي پچائبو آهي.
[2] ڪايار: ڪائر جو شوقين.

پهريون پنهنجي پاڻ کان گهُر تون آزادي،
تون جو آزادي گهُرين.

آپو هر انسان جِي آهي بربادي،
تون جو آزادي گهُرين.

ڇو ٿو ڦيرين موتَ جِي وَر وَر منادي؟
تون جو آزادي گهُرين.

آهي هِي آجِيوَڪا آدي جُڳادي۔
تون جو آزادي گهُرين.

(هينئڙو ڏاڍو ڙهونءِ گل جئن)

کھڙي لِڪَ لِڪاءُ،
پڌري پٽِ چئِي ڏيون.

اڄ تائين قابيل کي ڪونہ پيو ڳھڪاءُ،
اڄ تائين ڪنھن اُنڌَ سان ياءُ ڪُھي تو ياءُ،
آندا اَتِ ڏڪار سان گھوري پئي ماءُ!
راتڙيون رمندي ڏتو مٽان چنڊ لقاءُ.

(ھينئڙو ڏاڙھون ءَ گل جئن)

جنهن ۾ تارا ڀيپ جئن، هيءَ جا روڳي رات،
نيٺ تہ ويندي ديس تان!

نيٺ تہ ماٺهو مُرڪندا ويريءَ ڏيئي ماتِ،
هِيءَ جا روڳي راتِ،
نيٺ تہ ويندي ديس تان!

نيٺ تہ وَسندِي اوچتو ٿَر بَر تي برسات،
هِيءَ جا روڳي راتِ،
نيٺ تہ ويندي ديس تان!

نيٺ تہ پوتيون پَٽ جون پهريندي پرڀات،
هِيءَ جا روڳي راتِ،
نيٺ تہ ويندي ديس تان!

(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)

جي تون گھُمين چَنڊَ سان ڳليون ڻتي جُون،
پِرنڊِي تو سان يُون،
جَڙ اُن جي هر ڪُنڊَ ۾!

ڳليءَ ڳليءَ موڙ تي سُڏڪا چڙ تہ صديون،
پِرنڊِي تو سان يُون،
جَڙ اُن جي هر ڪُنڊَ ۾!

چِٽڪي ويندِيون چت ۾ گسابن ڪارُون،
پِرنڊِي تو سان يُون،
جَڙ اُن جي هر ڪُنڊَ ۾!

ڏرتيءَ رَتو رَتُ ڏسي روئِي وهندين تون،
جي تون گھُمين چنڊ سان ڳليون ڻتي جون،
پِرنڊِي تو سان يُون،
جَڙ اُن جي هر ڪُنڊَ ۾!

(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)

مڪليءَ مٿان چَنڊُ
هيٺان ڇا ڇا ٿو ڏسي!

ڏرتي، جڻ تاريخ جو ڪوئي جڳن جنڊُ!
ڪيڏو منهنجي ڏيهه آ ڏنو ان کي ڏنڊُ!
جڻ تہ ٿنولي ٿو ڪري مرڪي مون تي منڊُ!

(هيٺئين ڏاڙهونءَ گل جئن)

ڇا تون آيل سنڌ جون صدائون آهين؟
ٻُرين پيو ٻاجھ سان!

اهڙا ڀَها چنڊ جئن ڪنهن لئہ ٿو ٿاهين؟
ٻُرين پيو ٻاجھ سان!

هن خوني تاريخ تي روز پيو دانهين!
ٻُرين پيو ٻاجھ سان!

ڳائي ڦٽ فراق جا ماٺهوءَ تان لاهين،
ٻُرين پيو ٻاجھ سان!

ور ور سمئہ ناوَ کي ڪنڌيءَ تي ڪاهين،
ٻُرين پيو ٻاجھ سان!

(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)

چا کان ڏاهر ڏيوري ڳولي پيو چنڊ،
آڏيءَ رات اَروڙ تي!

چا ساڳي اتهاس کي دهرائي ٿو منڊ؟
آڏيءَ رات اَروڙ تي!

ڇُڪي ڇُڪي ڪِينڪي جيئَڻَ تنهنجو ڏنڊ۔
آڏيءَ رات اَروڙ تي!

جرڪي جرڪان ڪيترو هي اونداهو ڪنڊ!
جنهن کي ڳولي چنڊ،
آڏيءَ رات اَروڙ تي!

(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)

پـــتـــا اُکـيـڙي
وينو رات اُماس جي!

اج تائين اتهاس ۾ هو ساڳي جهيڙي!
اُبتا توپا وقت جا پَيو اُديڙي!
هيمون! هي ٺهڪو ٽيو ڇا جو آڙي ڙي!

(هينئڙو ڌاڙهون ڏ گل جئن)

چٽَ ڪر نہ تون
ميان! مٿان مون،
تون جو ڏَڀُ چڏي وئين.

ڪنهن تي آهي اڳُ رَهِي
ياري ايڏي يوُن؟
چٽَ ڪر نہ تون
تون جو ڏَڀُ چڏي وئين.

هيلَ بہ مُنهنجون اڳُ جيان
تاڻيون روز رَڳُون،
چٽَ ڪر نہ تون
تون جو ڏَڀُ چڏي وئين.

ڪٿن چئجي ڪنهن وقت ٿا
پنهنجي ماڳ پُڄون!
چٽَ ڪر نہ تون
تون جو ڏَڀُ چڏي وئين.

☙

(هينئترو ڏاڙهونءَ گل جئن)

ڪُتو يَؤُنڪي،
ڪويل جي ڪُوڪارَ آلائي ڪاڏي وئي!

چېرو چَؤنڪي،
ڪويل جي ڪُوڪارَ آلائي ڪاڏي وئي!

ٽيڙُو ٽؤنڪي،
ڪويل جي ڪُوڪارَ آلائي ڪاڏي وئي!

هُو جا ڏَؤنڪي،
ڪويل جي ڪُوڪارَ آلائي ڪاڏي وئي!

*(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)*

راڄَ- گهاٽَ تي چَندُ
بيٺو سوچي ٿو.

هي نيرو آڪاس مٿان آ
آڌيءَ راتِ آڪندُ!
راڄَ- گهاٽَ تي چَندُ
بيٺو سوچي ٿو.

پِرڪرتِيءَ جي ايڪائيءَ ۾
هي ماڻهوءَ جو مَندُ!
راڄَ- گهاٽَ تي چَندُ
بيٺو سوچي ٿو.

ڌرتيءَ کهڙو ڏوهه ڪيو آ؟
ڏندُ بہ ايڏو ڏندُ!
راڄَ- گهاٽَ تي چَندُ
بيٺو سوچي ٿو.

*(راڄ گهاٽ تي چند)*

اجان بہ آڏا ـ
آهن پنڌ پهاڙ جَا.

پيرن آهث پنڌ ۾
لَکن پڙاڏا
اجان بہ آڏا ـ
آهن پنڌ پهاڙ جَا.

مون سان منهنجي ماڳ ۾
ڏاڏا پڙڏاڏا ـ
اجان بہ آڏا ـ
آهن پنڌ پهاڙ جَا.

ڪنهن جي ڏولِي تي اچي؟
لوءِ سڄي لاڏا!
اجان بہ آڏا ـ
آهن پنڌ پهاڙ جَا.

*(راج گهاٽ تي چنڊ)*

ڪلڪتو        ڳانڍي۔
ڪوئي سوچي ٿو.

ڪهڙي هي تاريخ جي
اونداهي        آنڌي؟
ڪوئي سوچي ٿو.

لاش لُڙهن ٿا رَتُ ۾
ڪو ناهي ڪانڌي۔
ڪوئي سوچي ٿو.

ڪاش ڪراچيءَ ۾ هجي
اج اهڙو پانڌي۔
ڪوئي سوچي ٿو.

(راڄ گهاٽ تي چنڊ)

هي جي آيا هير
اهڙا مڙس مٿير۔
ڏاڏ نہ ڏٺا ڏيھ ۾.

سِڏي آ جِن سِڄ ڏي
اويَر ڏانهن اُليرَ۔
هي جي آيا هيرَ........

توڙي پنڌ اڇا پري
توڙي واريءَ ڍيرَ۔
هي جي آيا هيرَ........

جِن جا پرينءَ پار ڏي
گهَٽ نوان ڪي گهيرَ۔
هي جي آيا هيرَ........

(راج گهاٽ تي چنڊ)

پِڙ ۾ آهه پچار
گهر- گهگهيريون آئيون.

وچن پيون واٽ تي،
ٻانهُن جهلي ٻارَ-
گهر- گهگهيريون آئيون.

ڏئي ڏندين آڱريون،
ڏنو تن ڏهڪارَ-
گهر- گهگهيريون آئيون.

سهسين سِجَن وانگيان،
ويڙهيچن ويچارَ-
گهر- گهگهيريون آئيون.

نہ سي پيرين پيڪڙا،
نہ سي ڪوٺ ڪپارَ-
گهر- گهگهيريون آئيون.

☙

(راج گهاٽ تي چنڊ)

هُوءَ جا ڳُجهي ڳال،
آءُ نہ سَلي عام ڪي.

- متان مِٺِي ٿي وڃي،
منهنجي مٺيءَ نال!

- متان اُلي وانگيان،
پڙڪي ڪنهن پونچال!

- سدا منهنجي جيءَ هِي،
سانڍيو آهِ سوال:

- ”ڌرتي ڪڏهين ديس جي،
ٿيندي لالئون لال؟“

(راج گهاٽ تي چنڊ)

ٺٽي منجھ فرنگي۔
اڄ ۽ ڪلهہ ۾ فرق ٻہ ڪھڙو!

اي منهنجي تاريخ ڏسان ٿو
انگِ نہ تنهنجي اَنگي۔
اڄ ۽ ڪلهہ ۾ فرق ٻہ ڪھڙو!

چڙ تہ صدين ڪان منهنجي ڌرتي
رنگَ لَھُوءَ جِي رنگي!
اڄ ۽ ڪلهہ ۾ فرق ٻہ ڪھڙو!

ڪنڌ اُهو ڪورايو ويندو
جنهن ڪي آهِ ڪَلنگي!
اڄ ۽ ڪلهہ ۾ فرق ٻہ ڪھڙو!

ڪائي واهہَ نہ ڪائي واهر
واٽ وسيهر وَنگي۔
اڄ ۽ ڪلهہ ۾ فرق ٻہ ڪھڙو!

پنهنجي پَرِ ۾ جيئڻ وارا
جَنگِ ڪري ويا جَنگِي۔
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻہ ڪهڙو!

ڪيڏي وِهہ لڳي تي وائي
ڏاهپ جيڪا ڏنگي۔
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻہ ڪهڙو!
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻہ ڪهڙو!
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻہ ڪهڙو!

*(راڄ گهاٽ تي چنڊ)*

تي هري لينن- گرادِ-
ٻَم برسن تا پيا.

اولگا جي شاعريءَ ۾
اڄ ٻہ تازي آهِہ يادِ-
ٻَم برسن تا پيا.

اڄ ٻہ منهنجا ديس تو ۾
جڙ تہ نازي بد نهادِ!
تَم برسن تا پيا.

اي ڏکڙ! کُھلندين ڪڏهن تون
آءِ اي بادِ مُرادِ-
ٻَم برسن تا پيا.

(راڄ گهاٽ تي چنڊ)

آيو سڄُ مٿان
جرڻ ڪنهن شعلي جان۔
اڃا پنڌ پُنو نہ آ!

رَڪُ رسالو شاهہ جو
لسيءَ لوٿي سان۔
اڃا پنڌ پُنو نہ آ!

پيرَن لالُ قلوڪڙا
لالُ ليارن ڪان۔
اڃا پنڌ پُنو نہ آ!

پورو ڪندي پنڌڙو
مارو شال مران!
اڃا پنڌ پُنو نہ آ!

*(راڄ گهاٽ تي چنڊ)*

ڌرتي! بس توسان
ماڻهوءَ ٻول نہ پاڙيا!

ـ آڌيءَ مانجهيءَ گيت تو ڳايان آءٌ اجان.
ـ سپني منجهہ رچي وچي ماڻهو نيٺ متان!
ـ (ماڻهو سُپنا تو اُٺي، پنهنجي رت پُنءِ مان)
ـ رانئي جَر ٿَر آئِيو ڳاڙهو سج متان!

(راج گهاٽ تي چنڊ)

’تون‘ تي تون آهين
منهنجي پون آهين،
او آيل! او سنڌڙي!

منهنجي سارِي ذات تون
منهنجي ’مون‘ آهين-
او آيل! او سنڌڙي!

تون ئي منهنجا بيت آن
تون وايون آهين-
او آيل! او سنڌڙي!

اجا نڪتي چو نہ تون
ڪاهيءَ ڪُون آهين؟
او آيل! او سنڌڙي!

ويريءَ جي والاَر ۾
ڏينهن تہ ڏون آهين!
او آيل! او سنڌڙي!

(راج گهاٽ تي چنڊ)

آهه ساڳي پارڪَرَ
اج ڪٿي آ بيگڙو؟

ايتري آڪڙ ڪري تون
پيرَ ڌرتيءَ تي نه ڌَر!
اج ڪٿي آ بيگڙو؟

نيت مِٽيءَ ۾ سمايا
جي به آيا هن نگر
اج ڪٿي آ بيگڙو؟

موت تنهنجو منتظر آ
اجنبي! ايڏي نه ڪر!
اج ڪٿي آ بيگڙو؟
اج ڪٿي آ بيگڙو؟
اج ڪٿي آ بيگڙو؟

(راج گهاٽ تي چنڊ)

سَکَرا ڪالهہ ڏٺو هيو تو جيڪو هيمون،
اَڄُ بہ آهي پنڌ ۾.

ـ پونرا آيا ايترا، پِرِي پَئي پُون،
ـ سو بہ تنهنجو ديسڙا، هي جو منهنجو 'مون'،
ـ آهين سڀ جي ساهہَ ۾، سنڌو تون ئي تون!

(راڄ گهاٽ تي چنڊ)

هيمون ڪلاڻي،

وسرِي وسرِي ڪينڪي،

- اَڄُ بہ جوڪا جيءَ جا، ۽ ڄاڻي واڻي،
- اڄان چندَ چڪورَ جي، ساڳي ڪهاڻي،
- هُو جا ڏيئي لاڻ آ، ناهي وساڻي،
- ڏرتي پنهنجي ڏانَ جِي، ڏيندي ڏياڻي.

(راج گهاٽ تي چنڊ)

تي ويا ناهَرَ ڏنارَ
تون اچا سمجهين نہ ٿو!

چورَ چوڪيدار آهن
ڳن پيا ڳوڙي پُڪارَ۔
تون اچا سمجهين نہ ٿو!

جيتَ تنهنجي جيتَ ناهي
هارَ تنهنجي نانهِ هار۔
تون اچا سمجهين نہ ٿو!

ديس، تنهنجو ديسُ ناهي
سارَ تنهنجي ناهِ سارَ۔
تون اچا سمجهين نہ ٿو!

اڄ تہ ڪرڪي تي هوا ۾
ڪونجڙين جي ڪا قطارَ۔
تون اڃا سمجهين نہ ٿو!

ڇا ڏيان توکي مَيار!
تون اڃا سمجهين نہ ٿو!
تون اڃا سمجهين نہ ٿو!

*(راڄ گهاٽ تي چنڊ)*

هاڻي لَکَ دليون
گڏجي جڙي ڌڙڪن پيون.

پير ڏسن تا پنڌ ۾
ڳاڙهي ويس ڳليون-
هاڻي لَکَ دليون
گڏجي جڙي ڌڙڪن پيون.

متان ياڻئين منزلون
پنهنجو پاڻ مليون!
هاڻي لَکَ دليون
گڏجي جڙي ڌڙڪن پيون.

لُڙڪ لڙي پيا، وينگسون
ڪولي هانءُ کِليون!
هاڻي لَکَ دليون
گڏجي جڙي ڌڙڪن پيون.

☙

(راڄ گهاٽ تي چنڊ)

هي جي ڪيئي ڪَنَ،
ٻُڌن پيا پاڻ ڪي.

جن سان گونجيون بستيون
توڙي گونگا بَنَ-
ٻُڌن پيا پاڻ ڪي.

وڏن پيا واٽ تي
گونجي منجھہ گگن،
ٻُڌن پيا پاڻ ڪي.

وچڙي ويئي آگ ڪا
تن کي تَنَ بدن!
ٻُڌن پيا پاڻ ڪي.

(راڄ گهاٽ تي چنڊ)

راتِ، نِڪارا گئا
چنڊ پهاڙن مٿان.

ديس مٿان ڪيترا
روز ڳماندڙ مُئا!
چنڊ پهاڙن مٿان.

ٻارَ هُيا، ديس جا
سَڌَ جڏهن تن سُئا.
چنڊ پهاڙن مٿان.

شال ٻَرن اوچتو
لونءَ اندر جي لُئا!
چنڊ پهاڙن مٿان.

راتِ، نِڪارا گئا.
چنڊ پهاڙن مٿان.

(راج گهاٽ تي چنڊ)

## 1995ع

لڪيو لَڪِ چڙهن،
ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا.

ڏسي وَرديون واٽَ تي-
لُوڪڙ جيئن لڪن،
ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا.

سي بہ تہ آهن ساٿَ سان،
نَتُون جِن نَڪن-
ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا.

ڪارونجهر جي ڪورَ تان،
گوليون ڪَڙ ڪَڙ ڪَن-
ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا.

پوڏيسر جي پونءِ تي،
ڪانئر ٿا ڪنبن-
ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا.

هي جي اکيون اندريون،
ڪيڏو ڏُور ڏسن!
ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا.
ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا.
ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا.

(راج گهاٽ تي چنڊ)

سُوسيون سبايو
اجھو آيا گھونٽڙا.

ڪِيڻ ڪُميتن تي اُتي،
لونگيون لٽڪايو
اجھو آيا گھونٽڙا.

ڪاري راتِ رمِي وئي،
سِج ڪَنِيءَ آيو
اجھو آيا گھونٽڙا.

ڏسي رستا رَتُ سان،
متان گھبرايو!
اجھو آيا گھونٽڙا.

منھنجو تو لئه ديسڙا،
لايو سجايو
اجھو آيا گھونٽڙا.

*(راج گھاٽ تي چنڊ)*

گَنديون ڇُپايون
متان پَون مينهڙا.
- اکيون اکين ۾ وجهي، ڳُجهو ڳالهايو.
- ساٿاريو ساٿَ سان، ورلي ورجايو!
- آزاديءَ کي ماڳَ تان، متان موٽايو!

*(راج گهاٽ تي چنڊ)*

گجن تا گجگاٽ،
اچن پيون اوڙڪون.

اجان تو لئہ ديسڙا،
آهي ساڳي واٽ.
اچن پيون اوڙڪون.

متان ماڳُ مُنجهي پَئي،
اوچي رکو لاٽَ!
اچن پيون اوڙڪون.

مِينهَن مانداٽا ڪيا،
اڄ ڪهڙا گهر گهاٽ؟
اچن پيون اوڙڪون.

(راڄ گهاٽ تي چنڊ)

سَپَ بہ تو وٹ مَپَ،

کهڙا منهنجا ديسڙا!

- ڇا مون پيتي ڪانہ آ، تنهنجِي لُڙڪن لَپَ؟

- وايون توڙي بيت ها، اڳ نہ روڪيا ڏپَ.

- اڄ ڇو رتو رت ڪيا، مون پيڪوڙي ڇَپَ؟

☙

(راج گهاٽ تي چنڊ)

بادل ٿا برسَنِ،
جيڏا وري جهوڪ تي.

ـ شاهہ عنايت اُپَ مان، چِمڪي ٿو چَن چَنِ،
ـ نہ سونگِي، سنڌڙي، نہ تو ڏاڍي ڏَنِ!
ـ مَٿن مٿي هٿڙا، سدا شهيدنِ،
ـ آهن اسان سان اڄان، مري جي نہ مَرنِ!

(راڄ گهاٽ تي چنڊ)

اهڙي اڳ ٻڻتي
ڪهڙيءَ ڪوتا کي هُئي؟

ڪنهن هئن دانهن ٻُڌي هئي
دُکي ڌرتيءَ جي؟

ڇا اڳ ڏيهه ڏٺا هُيا،
ڏاهپ هيئن ڏمري؟

مَن – پيڙا جي ٻولڙي
ڪنهن هِئن ڪُرلائي؟

اهڙي اڳ ٻڻتي،
ڪهڙيءَ ڪوتا کي هُئي؟

(راڄ گهاٽ تي چنڊ)

تو وٽ لحظي لاءِ مان آيس اڏامي،
متان مون کي ٽارئين!

سَرتا ٽُنهنجي سنگ ۾ ناهيان مدامي.
موڙها! منهنجيءَ ديد ۾ ڪا شيءِ دَوامي،
مان آزادي آهيان ڪهڙي غلامي!
متان مون کي ٽارئين!

☙

*(ڪتين ڪر موڙيا، ياڳو بيو)*

ڪيڏا چوَرَ چَڪارَ
نڪري آيا رات جو.

هيل تہ ڪيڏي سُنَ ۾ آهي ها هاڪارَ!
چَڪوا! تُنهنجي چنبَ تي ڪيڏا ڪارونڀار!
ٻيو ڪو ديس وَسائجي، هَل تہ هلئون يارَ!

(ڪتين ڪَرَ موڙيا، ڀاڱو ٻيو)

ٻري مون ٻاريون،
دانهون پنهنجي ديس جون.
سارونٽيون ساٿيھ جون،
نيـــنـــڍوءُ* نـــاتـــاريـــون.
سڙھ سنباهي جي ويا،
مون کي وساريون!
مون وٽ اڄ تن کان سوا،
ڪڪيءَ جون ڪاريون!

(ڪتين ڪر موڙيا، ياڳو بيو)

* نينڍوءُ: سمنڊ

چا هي دنيا اِيئَن،
پيئي هلندي ڳُوڙَ تي؟

گهارِي ڪالهہ ڪراڙ تي رات يتائيءَ سيئَن؟
ماٺهوءَ مُڪتي ڪانہ آ، ڪا بہ ڳويتا جيئَن
ڏرتيءَ سان دوکا ڪيا، ڏِسُ تہ سياست ڪيئَن!

ᘓ

*(ڪتين ڪــر موڙيا، ياگو بيو)*

اُتي سَنکُ وڄاءِ،
سُتو جَڳُ جاڳاءِ،
وهامي وئي راتڙي.

ڳنوڳري لوڪ کي
اُيو اُيري ڳاءِ!
وهامي وئي راتڙي.

ڇو ساري سنسار ۾،
ڪائي هوءِ نہ هاءِ!
وهامي وئي راتڙي.

دروازا کڙڪاءِ،
سُتو جَڳ جاڳاءِ،
وهامي وئي راتڙي.

☙

(گتيين ڪتر موڙيا، ياڳو بيوا)

تون جو منهنجي شهر جو مهاندو آهين،
ڇو تو پڇين سَچ ڪان؟
ڇو تو پڇين سَچ ڪان؟
مون لئہ توهَر شاخ جو ڄڻ ڏاندو آهين.
جنهن تي رکَ ڄمي وئي سو ٽاندو آهين.
کَل بدلائي اوچتو جو ساندو آهين.
پيٽ نہ ڀربو تو ڪڏهن ڪاٽاندو آهين.
هَر هَر نَئين ناٽَ سان ڪو هاندو آهين.
ڇو تو پڇين سَچ ڪان؟
ڇو تو پڇين سَچ ڪان؟

(ڪتين ڪـر موڙيا، ياڳو پيو)

تون تينءَ دنيا کي
هاڻي پيو کو ڏي
ڪوئي نئون ڏيکڙو.

ڏرتي گرڙيون رَتُ جون سارِي رات ڪري!
سارو سپنو ڪُوڙ هو؟ ڏاهہ نہ ڪنهن ڏاهي؟
متان ويجهو آڻِئين، پيهَر ڪنهن ڪوڙهي!

ଓ

*(ڪتين ڪـر موڙيا، ياڳو بيوا)*

بيڪس* نديءَ نير ۾ اڄ نہ واياٽيون،
رَهڙي پئي روهڙي!

ڇوُ ڪالهوڪِي سندَڙي اَڄ ڪتان آٽيون؟
رَهڙي پئي روهڙي!

هوليءَ ڏوڙُ ئي ڳالهڙيون ڪيئن ڪڙِهن ماٽيون،
رَهڙي پئي روهڙي!

ويسر ناهن واريون اڄا اباٽيون،
رَهڙي پئي روهڙي!

(ڪتين ڪر موڙيا، پاڳو بيوا)

---

* بيڪس: روهڙيءَ جو شاعر.

هي جي چَڪا ماس جا وَهڙا وَڏيرا،
آيا آهن ڳوٺ ۾.

تاڙي تي تاريخَ جڙ انهن جا پيرا،
آيا آهن ڳوٺ ۾.

اَجا آرهڙ سِجُ جِي آئي نہ ويرا،
آيا آهن ڳوٺ ۾.

ايندا ڪرٽا ڪاتَ تي، تِن تي تڪيرا،
آيا آهن ڳوٺ ۾.

(ڪتين ڪَرَ موڙيا، ڀاڳو ڀيو)

فوجِي ڏِٺِي کي،
متان ٿونو مارِئين!

وَردي سمجهي تنهن تي ٻي ڪنهن وٽِي کي!
متان ٻچيءَ مان ڪڍين سوني سٽِي کي!
ڪاريءَ رکندين جيئَرو ڪيسين ڪَٽِي کي!
متان ساريو سنڌيو ڪڏهن اٽِي کي!
ڏِوَن ڏِؤن ڪيڏِي گهير ۾ گهڙي پٽِي کي!
نيٺ تہ ونبو سنڌ جي سُئيءَ سَٽِي کي!

(ڪتين ڪَر موڙيا، ياڳو بيوا)

پتوڪو پيئو

توکي اڄ ڇا ٿو ھلي!

مٿيون ڏَڙُ راجيوَ جو اُڏامي ويئو!
پِريان سندي پار جو مٽيو ئي ميوو!
پَتوڪو پيئو؟

*(ڪتين ڪَر موڙيا، ياگو بيو)*

ههڙو نہ حيران، جيئين اڄ انسان.
اوچا ڏسي بنگلا!

دونُهون دُونهُون فئڪٽريون،
چِمنيون چوٽَ نِشانَ.

تن جا مستقبل سوا،
مُوڙها ماڳَ مڪانَ.

ڪوئي۔ ڪنهنجو ڪونہ آ،
پنهنجيءَ پريشانَ.

وِهہُ جئن تن جا ڏينهڙا،
راتيون رَتُ سمانَ.

ناهي رڳو ماڻهپو
سهسين پيا سامانَ!

ماڻهو هن جمهور جا،
هِتي نہ سلطانَ!

ଓ

(ڪتين ڪَر موٽِيا، ياڳو بيو)

آءُ ليئي لئہِ اُتي!
سج ڦُٽو آ.

نيٺ پوري رات تي،
سج ڦُٽو آ.

ڇھچائن تا پکي،
سج ڦُٽو آ.

گونج آھي گيت جي،
سج ڦُٽو آ.

اوچتو اوندھ ٿَري!
سج ڦُٽو آ.

(ڪتين ڪر موٽيا، ياڳو بيو)

آنءُ بہ اُن جئن ٻاجَهہ،
هو جو شخص صليب تي.

ڏرتيءَ ننينڊيون رَتُ جون جَهر جَهر تِن جي جهاجَهہ،*
هو جو شخص صليب تي.

ساڻو تي آڪاس ۾ وِجهي پيو واجَهہ،
هو جو شخص صليب تي.

تو جو لکيو ليکَ ۾ هن کي سوجَهہ نہ ساجَهہ!
هو جو شخص صليب تي.

*(ڪتين ڪر موڙيا، پاڳو ٻيو)*

---

* جهاجهہ : جهجائي.

زنــدگــي آزاد نــظــم،
جئن اجا جيئِي پَئِي.

جنگ آ هيءَ جيتڻي،
اج بہ هوشوءَ لاءِ عزم
جئن اجا جيئِي پَئِي.

سِرَ صُراحيون تي ويا،
ڪيتري سرشار بزم
جئن اجا جيئِي پَئِي.

رات راتاها هُيا،
رَتُ ۾ پيهار رَزم
جئن اجا جيئِي پَئِي.

(ڪتين ڪــر موڙيا، ياڳوبيو)

پيھر تيا پيڪاٽ،
بگھڙ آيا واڙِ ۾.

چَنڊُ جيئن لوڙھو ٽپي، ويو پنھنجيءَ واٽ،
بگھڙ آيا واڙِ ۾.

ننڊ ڦُٽي ريڍار تي، ٺمڪي ڏيئي لاٽ،
بگھڙ آيا واڙِ ۾.

ڪيئي ويا ڪينچجي، ڪيئي تيا ڪاٽ،
بگھڙ آيا واڙِ ۾.

ڪيڏي ننڊ لکي ھُئي، لانديءَ لاءِ لِلاٽ،
بگھڙ آيا واڙِ ۾.

(سورج مکيءَ سانجھا)

تو وٽ ڪيڏا ڍير،
مون وٽ ڪاسو ڪينڪي.

مُرڪي دَنِ ڏسي پيو ڪيئَن نہ ڍنيءَ ويرَ!
مون وٽ ڪاسو ڪينڪي.

پورهئي ايءَ بہ سَمجهيا ڀلائيءَ جا پيرَ،
مون وٽ ڪاسو ڪينڪي.

سارِي بَنئِي ويو ڪٽي، وڃي ٿيا خيرَ!
مون وٽ ڪاسو ڪينڪي.

وَٽان نيٽ وياج تي، هيءَ تہ منهنجي هيرَ!
مون وٽ ڪاسو ڪينڪي.

تو بہ وڏيرا ڪي سُئا ڍنيءَ جا ڪي پيرَ؟
مون وٽ ڪاسو ڪينڪي.

*(سورج مکيءَ سانجها)*

## ڏيئو ڏيکاري

وڃي پيو واهڻ.

سوڙي ماري سپ کي اڳتي نهاري،
وڃي پيو واهڻ.

هي واٽهڙو ڪيرُ آ؟ سوچيو سڻاري!
وڃي پيو واهڻ.

جنهن جا پيرَ ڏڪيا پئي، چنڊَ جيان ڪاري!
وڃي پيو واهڻ.

(سورج مکيءَ سانجهه)

متان ڏونگريو

چوٽيءَ کان موتي اڇوا!

آهي سڄُ مرائتو ڇَپر چانوَ ٽِيوا!
متان مون کي موت ۾ تابَن ٽَڪُ ڏيوا!
اُس اُبرڪا تي ڪري، پاڻيءَ سِپ پيوا!
سڪٽيون ڪَليون واٽَ تي ڇا جي لاءِ نِيو؟
ڪارونجهر ڏي ڪيترو آهي پَنڌُ پِيو؟
اوشل جهُڙ جهالا ڏِئي، ڇَٺُون تيڪ وِيو!!

(سورج مکيءَ سانجها)

هي جيڪو سَنجائِتو
چو تنهن روڪَ رَڪاب تي!

اجا ڇپر ڇانوَ ۾ هن جو گهوڙو جائِتو
پَنڌُ پَريرو آ تہ ڇا، ڪيڏو نانهہ ڳمائتو!
آندو ڇوڪرِ اوپريءَ هُن لئہ ڏوڏو رائِتو
سال ٽيا هي سنڌ ۾ آهہ اجا بي ساعِتو
مُڙيو ناهي ماڳ کان، پو ڀِي مُڙس وَڙائتو!

(سورج مکيءَ سانجها)

ڊولي ڏڳڙ ڪان،
ڳُجهہُ ڳجهاندَرَ ڳالهڙي!

شفق آ آڪاس ۾، مانِي نانهہ مٿان!
مان اڄ ڪَڙيون ٿو ڪيان سڀ ڳالهيون تو سان،
بُکيو پيٽ تہ آ بُرو ماڻ وڏي مَتيان!
هو جو آچي اَنُ پو، چَوي مَنُ ڪَسيان!
اِهو لوڪُ چڱو چَوان ڪِئَن لَنگهَڻ ڪان مان؟

(سورج مکيءَ سانجها)

مان رُتيون رابيل جون
ڪيستائين ساريان؟

لُوهہَ ۾ لَهسي وَيوُن منهنجون رڳون!
مان رُتيون رابيل جون، ڪيستائين ساريان؟

لَڪ اوچا ايترا ۽ هي لُڪوُن!
مان رُتيون رابيل جون، ڪيستائين ساريان؟

پير پُنتي ڪونہ تيا، اُف، هي لِقون!
مان رُتيون رابيل جون، ڪيستائين ساريان؟

ڪيستائين پَنڌ ڪرٽو آهہ مون؟
مان رُتيون رابيل جون، ڪيستائين ساريان؟

چنڊ جا فانوس ڪاٽي آنهہ تون؟
مان رُتيون رابيل جون، ڪيستائين ساريان؟

رات ڪاري، ڪير ترَ اوچائيون؟
مان رُتيون رابيل جون،
ڪيستائين ساريان؟!

Ø

*(سورج مکيءَ سانجها)*

هرڻ مارِ نہ تون،
پَرڻ پکيئڙا ڪري

ڀَل اڄ پنهنجي موت کي، ساٿي سارِ نہ تون
هرڻ مارِ نہ تون!

واريءَ مٿان سج تي اهُو هارِ نہ تون
هرڻ مارِ نہ تون!

رانديون ڪري رت سان، ٽاٽو ٽار نہ تون
هرڻ مارِ نہ تون!

هي جي ٽَٽا رُج ۾، تن کي ٽارِ نہ تون
هرڻ مارِ نہ تون!

ڇَڏ تہ پڄن ويريءَ کي، واٽون وارِ نہ تون
هرڻ مارِ نہ تون!

(سورج مکيءَ سانجهہ)

سودا، انشا، مصحفي، غالب وِساري،
آئين لالو کيت ۾.

هو جا تُنهنجي ٻولڙي، انهيءَ کي ڪاري،
آئين لالو کيت ۾.

پهتين نہ پنجاب ۾، مُنهنجي پَناري،
آئين لالو کيت ۾.

منهنجي چانئٺ تي اچي، مون کي ئي ماري،
آئين لالو کيت ۾.

(سورج مکيءَ سانجها)

ڊِليءَ ۾ دونهون ڪيو گوليءَ جي ناليءَ،
رات رُنو حاليءَ.

هِنديءَ ڪي هر چؤنڪ تي اک ڏنو آلِيءَ،
رات رُنو حاليءَ.

ڇا اردو بازار ڪي لاٿو هن ٽالِيءَ؟
رات رُنو حاليءَ.

هُن ڪي جڻ چيڙائِيو ڄِيڀ ڪڍي ڪاليءَ،
رات رُنو حاليءَ.

ڪيڏو گهر والاريو حاليءَ جي ساليءَ،
رات رُنو حاليءَ.

*(سورج مکيءَ سانجها)*

جي هجان تنهنجو ضمير،
ڇا اهو ڪافي نہ آهي!

چنڊ منهنجو آهہ ساٿي، آنءُ ڪوئي راهگير
ڇا اهو ڪافي نہ آهي!

نانءُ منهنجو ڇانوَ آهي، آهہ ڌرتيءَ لاءِ ڌيرُ
ڇا اهو ڪافي نہ آهي!

شاعري آ شير مِريم، شاعري آ ماءُ-ڪيرُ
ڇا اهو ڪافي نہ آهي!

مان صليبون ڇو سجايان؟ ڇو نہ ٿيان تنهنجو خَمير؟
ڇا اهو ڪافي نہ آهي!

آنءُ هان تنهنجو ضمير،
ڇا اهو ڪافي نہ آهي!

(ڇوليون ٻوليون سمنڊ جون)

اَڄُ تہ ٻُجھِي ويا ٻوڪَ،
اوندھہ انڌُوڪارَ ۾.

راھُو* ڄڻ رڙڪي پيو
ڪِر مان ڪڍِي ڪوڪَ،
اوندھہ انڌُوڪارَ ۾.

ڪِيچڙ ۾ ڪِيڙا لڳا
سڀ ڪان سَڳَرُ تُوڪَ،
اوندھہ انڌُوڪارَ ۾.

اُيري ايندو اوچتو
نيٺ تہ نيزي نوڪَ،
اوندھہ انڌُوڪارَ ۾.

(اِلتريو سج لڪڻ ۾)

---

*راھو- هندو ديومالا جو هڪ دئيت، جو سج ۽ چنڊ کي رڙڪي ويندو آهي.

مـوتَ کـيـا سَـڀُ ماتِ
هُـونـدا کـيـرِ حيات.
کيئَن کيان، ڪاڏي وڃان؟

تارَن پُنءِ سان ٿي چِڪي
نِـيـچُ نـگـر جـي راتِ.
کيئَن کيان، ڪاڏي وڃان؟

کيسِين سُپـنا سِجَ جا
وائِـي سـانـڊي واتِ!
کيئَن کيان، ڪاڏي وڃان؟

اونـدهہ انـڌُوڪـارَ ۾
آءُ ڏُکـوئـي ذاتِ.
کيئَن کيان، ڪاڏي وڃان؟

(الٽريو سج لڪن ۾)

ڪُتا رات ڪَـلالَ،
ميڙو ناهي مَڏُ تي.

رات نہ پاڪَر پيار جي
چَندُ نہ ڪنهن جِي ڍالَ!
ميڙو ناهي مَڏُ تي.

پيئَڻ ڪي پَوَٽو ڪيو
جِيئَڻ جي جنجال
ميڙو ناهي مَڏُ تي.

مَتان مَتن هَتڙا
سيڪئي تيا سالَ
ميڙو ناهي مَڏُ تي.

وَرنهَ وِلَهہ وِهاتيا
موڙُها مائيءَ لال
ميڙو ناهي مَڏُ تي.

ٻَهہ ٻَهہ ڪَن تا ٻاتَ ۾
هاٽي چورَ چَنڊالَ
ميڙو ناهي مَڏُ تي.

ଔ

(الڙيو سج لڪن ۾)

پينَــرُ! ڪهــڙو يَــتُ؟
چَــنــڊَ رڪيــبيءَ رَتُ۔
مون کي گيتُ نہ آئُــڙي

راوَڻ جهـــڙيءَ رات ۾
ڪنهن کي سِيتا سَتُ؟
مون کي گيتُ نہ آئُــڙي

ڪهڙو ڪِينَر کي ڏيان
آڏيءَ جــو آتَــتُ؟
مون کي گيتُ نہ آئُــڙي

پڙڪايان ڪنهن باهہ سان
پنــهنــجــو تــارُونءَ تَــتُ!
مون کي گيتُ نہ آئُــڙي

(الٽريو سج لڪن ۾)

نــاهــي مــوتَ مَيــارَ
ووءِ ميان، وو، وو ميان!

صليبن جي سامُهوُن
ڪيڏِي آهه قطارَ!
ووءِ ميان، وو، وو ميان!

لُريءَ ۾ لڙڪن پيا
ڳنڍَ نِوايل يارا!
ووءِ ميان، وو، وو ميان!

آهن اَڏَ ڦُلارَ ۾
ڪيڏا ڪپيل ڏارَ!
ووءِ ميان، وو، وو ميان!

لال لهوءَ ۾ لَوندڙيون
ڪيڏا ڪيرَ ڳپارَ!
ووءِ ميان، وو، وو ميان!

اُگھو ميان اکيون
پوي جئن نہ پچارَ!
ووءِ ميان، وو، وو ميان!

سانيي رکو ساھہَ ۾
پنھنجا قولَ قَرارَ!
ووءِ ميان، وو، وو ميان!

(الٽريو سج لڪن ۾)

ڪِئن ڪو ڪُوڪاري۔
مِڙنِي ماتِ اَچي وئِي.

ڏَنوٽيون ڏِڱَ چڏي ويا
ڳَٿَ ٻہ تي ڳاري۔
مِڙنِي ماتِ اَچي وئِي.

آهي ڏوُڙ ڏمالَ تي
هر ڪنهن اوتاري۔
مِڙنِي ماتِ اَچي وئِي.

واڪي وَسُ چڏي ڏنو
نعري ناڪاري۔
مِڙنِي ماتِ اَچي وئِي.

هيلَ تہ سائو پَنُ پِي
ڪونہ چِڏيو پاري!
مِڙني ماتِ اَچي وِئي.

آهي ڪائِي چٽنگ جَا
ٻارڻ ڪي ٻاري؟
مِڙني ماتِ اَچي وِئي.

آهي ڪو ڪوهيارُ جو
ڏُونگر ڪي ڏاري؟
مِڙني ماتِ اَچي وِئي.

ڏُٻرٺ جئن ڏڏڪي پيو
ڪيرُ گهِڙي گاري؟
مِڙني ماتِ اَچي وِئي.

چِڀُون ڪيهَر ڪَرُ تيون
چيلهہ پِڳِي چاري-
مِڙني ماتِ اَچي وِئي.

جَرڻُ ڪا ڏائڻ ڏيهہ ڪي
پيئي ڏڪاري-
مِڙني ماتِ اَچي وِئي.

هِيءَ وَسيهَــر وِهہُ نئين
مــاري يــا كـــاري۔
مِڙنِي ماڻِ اَچي وئِي.

چو نہ چڏين ٿو تون بہ اچ
وائــيءَ كـــي واري!
مِڙنِي ماڻِ اَچي وئِي.

(الڙيو سج لكن ۾)

لُنءَ لُنءَ نڪتي لاٽ،
ڪُونجُون ڪُٽڪيون روهہ ۾.

جهرمر جوت ٻري پٽي
آئي ڇَپَر ڇاٽ،
ڪُونجُون ڪُٽڪيون روهہ ۾.

جرڪي پيئي جيءَ ۾
وانگيئڙن جي واٽ،
ڪُونجُون ڪُٽڪيون روهہ ۾.

ڏورانهين جي ڏاهہ سان
اُيريا اوچا ڳاٽ،
ڪُونجُون ڪُٽڪيون روهہ ۾.

مارڳ ۾ مَرڪن پيا
لڪئي ساڻ لِلاٽ،
ڪُونجُون ڪُٽڪيون روهہ ۾.

*(الٽريو سج لڪن ۾)*

مَـــتـــي تِـــن مَـــچـــن
او شل گنڊَ نچن
او شل جرڪي جندڙي!

ڪيڏي ’ڪان ڪان‘ ڪُوڙ جِي،
ساڙِي چُپ سچن!
او شل جرڪي جندڙي!

ڏهـڪـايـو آ ڏيـهـ ڪـيِ
ڏاڍو هيل ڏچن،
او شل جرڪي جندڙي!

ڍَوَ تي ڪـــاڏو ڍُونـــدي ڪي
پيهر بانيَ ٻچن،
او شل جرڪي جندڙي!

هيـڏا هـاڃا تـــا تـيـن
ڏسجي ڪير بَچن!
او شل جرڪي جندڙي!

اورانگهڙُ اوڙاهہ کي
ناهي ڪمُ ڪچن،
او شل جرڪي جندڙي!

شل ڪي سُونهان سِير جا
واهڙَ وِچَ اَچن،
او شل جرڪي جندڙي!

(الٽريو سچ لکن ۾)

تــوکــي کـهــڙي ڳــل
جيءَ نہ اچي جهَل،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

ڪارونجهر جون ڪامڻيون
ڳــاڳين ڳــاڙها ڳَلَ،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

اکــڙيــون اَتِ اُڪـنـڍيـون
ڪارُون منجھ ڪَجَلَ،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

چَپَ ڪچيون ڪچنار جون
مُکڙيون ماڪَ۔ پِنلَ،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

ڪيئي ڪينجهر ڳنڍئين
نُوريون، نيلَ ڪنولَ،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

اُڏرن تــا جنهن جُوءِ تي
پــاريهر جــان پَـلَ،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

ڪونجون ڪُڏڪن روهه ۾
تـارن هيـئـان ٿـل،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

باڪُون ساڪُون سونهن جون
راتيـون روُپ رَتـل،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

اُتــر اوتــون واءُ ۾
وڇيـڻ ويـلـي اَلَ،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

تـون ڇا ڄاڻـيـن اوپـرا
توکي کهڙي ڳل!
مون کان سِنڌُ نہ وسري

نـيـٺ تـہ ڦَرنـدا ڏينهڙا
ڇانگـي سارا ڇَلَ،
مون کان سِنڌُ نہ وسري
مون کان سِنڌُ نہ وسري..

(الٽرپو سچ لکن ۾)

سانجهيءَ سج ٻڏو
رڻ ۾ پئي راتڙي

ڳڳڪي اڄ نہ ڪونجڙين
هَنيو روهہ ٽُڏو
رڻ ۾ پئي راتڙي

تاري تمڪو ناهہ ڪو
سارو اُڀُ ٻُڏو
رڻ ۾ پئي راتڙي

ها، پر مون ساٿاريو
متان لَڪَ لُڏو!
رڻ ۾ پئي راتڙي

تن ڪي چئو ايترو
’ڪَرها ڳهَت ڪُڏو!‘
رڻ ۾ پئي راتڙي

(الڙيو سڄ لڪن ۾)



# گیت

رهندو ياد اهو الحاد:
چوان تو ”متي زنده باد!“

آهہ اهو ئي سچ،
انهيءَ تي اَچ،
مَتو آ مَچ،
پتنگا پَچ،
چوان تو ”متي زنده باد!“

رهندو هي ماندباڻ،
مگر هي ڄاڻ
تہ پنهنجو پاڻ
نہ هوندو ساڻ
چوان تو ”متي زنده باد!“

رهندي تنهنجي روءِ
نہ تنهنجي بُوءِ،
مگر هر سوءِ،
اِها ئي جوءِ،
چوان تو ”متي زنده باد!“

"مـتـي زنـده بـاد"!
الـهـيءَ الـحـاد،
ڪـيـو آزاد،
سدا دل شاد۔

چوان تو "متي زنده باد!"
چوان تو "متي زنده باد!"

*(پونر پري آڪاس)*

آءُ، زندان جي جهروڪي مان نهار،
کهڙي پياري رات آهہ!

آسمانن مان ڪِري ٿو چانڊنيءَ جو آبشار۔
کهڙي پياري رات آهہ!

ٻن جهانن تي ڪري ٿي وار، ڪويل جي پُڪار۔
کهڙي پياري رات آهہ!

هيءَ هوا، هي هيج، هي سامهون ڪجورين جي قطار۔
کهڙي پياري رات آهہ!

چنڊَ تنهنجي لاءِ سيخن مان نهاريو بار بار۔
کهڙي پياري رات آهہ!
تون ڪَڙين ۾ ٻيي ڪُٺي سگهندين گهڙيءَ جي لاءِ يارا!
کهڙي پياري رات آهہ!

ڳاءِ پيارا! هيءَ در و ديوار ناهي پايدار-
کهڙي پياري رات آهه!

آءُ، زندان جي جهروڪي مان نهار-
کهڙي پياري رات آهه!

(پونر پري آڪاس)

پنيت پنيت پڙڪن پڙڪن،
راڳ اسان جا، راڳ اسان جا!

اکڙين ۾ آڙاهہ ازل جا، آڳ اُلا آ سارو تن من،
پنيت پنيت پڙڪن پڙڪن،
راڳ اسان جا، راڳ اسان جا!

شعلا شعلا سارو عالم، جڳمڳ جڳمڳ سارو جيون،
پنيت پنيت پڙڪن پڙڪن،
راڳ اسان جا، راڳ اسان جا!

تند تپي تي ڪوئي منڙو نانءُ جپي تي، پتڪي بن بن،
پنيت پنيت پڙڪن پڙڪن،
راڳ اسان جا، راڳ اسان جا!

ڳايان ڳايان جرڪي جوالا، سيئي ڏک سک جَر ۾ جرڪن،
پنيت پنيت پڙڪن پڙڪن،
راڳ اسان جا، راڳ اسان جا!

(پونر پري آڪاس)

ڪٿان اُڏامي آيا پکيئڙا،
ڪٿي هِنن جو ديس!

هو آڪاش ۾ اُڏرڻ وارا دور دور تان آيا،
ڪنهن سي هن پاپي نگريءَ ۾ پڃري ۾ ڦاسايا؟
هڪ سندر سپني جئن ڏيکاري ڏئي جڳ جي مايا،
سارو جيون وهندي پاٽيءَ تي چوڏهينءَ جي ڇايا،
ويو انهن کان وسري، ڪهڙا پنهنجا ڪير پرايا!
ڪڏهين ڪڏهين نيري اُپ مان، تن کي نياپا آيا،
ڪڏهين ڪڏهين چنڊ انهن سان، پنهنجا نيڻ لڙايا،
ڪڏهن ڪڏهن تارن هيٺان تن، گيت پراڻا ڳايا،
ڪيئي ڀيرا تن پڃري ۾، پنهنجا پَرَ ڦڙڪايا،
آخر پڃري کي ڀاهي، ڪنهن تاڙي هٽي اُڏايا. . .

بنا پرن اُڏري ويا پکيئڙا،
ويا متائي ويس. . .
ڪٿان اُڏامي آيا پکيئڙا!
ڪٿي انهن جو ديس!

(پونر پيري آڪاس)

پجري جي ڳڙکيءَ مان ويهي،
آءٌ نهاريان... هنجون هاريان...

نيريءَ نيريءَ ڪڪريءَ تي مان دور وڃان،
’چنڊ پري آ، چنڊ پري آ، چنڊ اچان‘،
ڪيئن مڃان، او ڪيئن مڃان، او ڪيئن مڃان!
ويو پرواز پَرن ۾ پيهي،
پاڻ سنياريان. . . هنجون هاريان. . .
پجري جي ڳڙکيءَ مان ويهي،
آءٌ نهاريان... هنجون هاريان...

اڄ تہ اُڏامان، اڄ تہ اُڏامان، ڪونہ جهليم،
ڪيسين پڃران، ڪيسين ڪامان، ڪونہ جهليم،
هاءِ لُڏن تيون سامهون لامان، ڪونہ جهليم،
مان پرڏيهي، مان پرڏيهي،
هت چو گهاريان. . . هنجون هاريان. . .
پجري جي ڳڙکيءَ مان ويهي،
آءٌ نهاريان... هنجون هاريان...

(يونر پري آڪاس)

ماٺھو اَياڻا دِلڙيُون نہ جوڙنِ۔
پيرا پَکين جا
ڳوڙھا اکين جا
سارون اُڏارون پَرڙا پتوڙنِ۔
ماٺھو اَياڻا دِلڙيُون نہ جوڙنِ.

تاريون ٺَھوُکَن
ڏيلُون نہ ڏوڙن
سانوڻ۔ جھَڙيءَ جا سُپنا نھوڙنِ۔
ماٺھو اَياڻا دِلڙيُون نہ جوڙنِ.

تارون تَرن تا
واڳُون وَرن تا
تا ڪُنَ ڪيڏا وانجھي وچوڙنِ!
ماٺھو اَياڻا دِلڙيُون نہ جوڙنِ.

ڪنھن لاءِ ڳايان،
اَمرت وَسايان؟
تا وھُ نئينءَ لَئہ واسينگَ ووڙنِ۔
ماٺهَو اَياڻا دِلڙيُون نہ جوڙنِ.

(وچون وسط آئيون)

وَجو ڪنوِيليو وجو!
وجي پرينءَ ڪي چئو
اچا پيو جِئان،
اچا پيو جِئان،

اَجوڳُ هيءَ جاٽ آ،
اُساٽ ئي اُساٽ آ،
ٻه چار پيرڙا ڪٽان،
ته پَنُ پَنُ تي چِٽان!
سَنيهُه آ نه سَنگ آ،
نه آسَ ۾ اُمنگ آ،
تڏهن به مارڏاڙِ ۾،
اُجاڙ واڙِ ۾،
رڙهي رڙهي وڙهان پيو
وڙهي وڙهي رڙهان پيو.“

وڃو ڪَنويليو وڃو!
وڃي پرينءَ کي چئو
اڄا ته هانوَ هيڪلو
اوهان بِگر ڪَيو بلو
اڄا پيو جئان،
اڄا پيو جِئان۔

ڪڏهن اُڦَٽ مَران ته پو
ٻه چار لُڙڪَ هارجو
ڪڏهن ڪڏهن ته سارجو
ته ڪير ماڳ ۾ مُئو!
جڏهن ٻه سانوٽيون اچن،
چَمَر الوُٽ تي نچن،
جڏهن ٻه پٿَ پٿَ تي
گهٽا ڳجي َڳجي وسي،
جڏهن ٻه مورُ تورَ ۾،
ڏسو نه ڪنهن ٻه هورَ ۾،
جڏهن ٻه روجهه َ ريجهه ُ ۾،
ڏسو اٻوجهه ُ ريجهه َ ۾،
تڏهن نه هي وسارجو
ته ڪير سُڃَ ۾ سُتو!

اجا تہ جاڳَ تي جَلي،
اجا تہ ويڙھہ تِي ھَلي،
اجا تہ گھاوَ تاوَ ۾،
لَھوُ لَھوُ لڳاوَ ۾،
رڙھي رڙھي وڙھن پيا،
وڙھي وڙھي رڙھن پيا،
اجا تيون نہ ماٽِڪيون
اُچاترِيُون، اُباٽِڪيون،
اجا گھَڙي پُني نہ آ،
اجا تہ رات تي نہ آ_

اجا پيو جِئان،
اجا پيو جِئان.

(وچون وسط آئيون)

انڌو اُپُ، انڌاري ڌرتي،
ڏيئا ڏيئا ٻاٽَ اسان،
لِيئا لِيئا لاٽ اسان،
چوڏاري چمڪاٽ اسان.

زندان جون ديوارون ٻوليون،
ڪالهه ڇَڏي گهَر گهاٽَ اسان!
چوڏاري چمڪاٽ اسان.

وَر وَر تي واسينگ ڏتاسين،
ڪونہ تياسين ڪاٽَ اسان،
چوڏاري چمڪاٽ اسان.

گيتَ گلابي، جهَڙ جهَڙ وايون،
واسِي جن سان واٽَ اسان،
چوڏاري چمڪاٽ اسان.

(وڃون وسٽ آئيون)

ڏيئو ٻارا ڏيئو ٻارا
تنهنجيءَ ڌرتيءَ ديپَ ڏڪاريا، تون نہ ڏڪار
ڏيئو ٻارا ڏيئو ٻارا

گهَرَ گهَرَ ۾ آ گهُگهُه، مگر تون هانءُ نہ هار
ڏيئو ٻارا ڏيئو ٻارا

سامي! وَٽ وسامي ويندي، جوت جيار
ڏيئو ٻارا ڏيئو ٻارا

ڪيسين تانگهيندو رهندين تون، دور دُوار
ڏيئو ٻارا ڏيئو ٻارا

(وچون وسط آئيون)

تَڙَ تَڙَ تي طوفان، اَلو ميان،
ناوَ هَلي آ گيت ڪٽي!

ونجهه نه وانجهي، مُوڙها مانجهي،
سانجهي سَرگردانُ، اَلو ميان،
ناوَ هَلي آ گيت ڪٽي!

گهاٽ مٿان گهنگهور گهَٽا ۾،
اڄڪلهه جو انسانُ، اَلو ميان،
ناوَ هَلي آ گيت ڪٽي!

ڪو وٽجارو اوٿـ اَسارو
نينهن ڪيو نادانُ، اَلو ميان،
ناوَ هَلي آ گيت ڪٽي!

(وڄون وسڻ آئيون)

سَڌَ سَهانگي، مَڌُ مهانگو
سِر جو سَؤدو ڪيرُ ڪَري!
موڪِي ويٺي مَٿَ ڀَري!

جي تو جيءَ جياپو گهرجي،
آءُ نہ ڳاڙهي لاءِ ڳِري،
موڪِي ويٺي مَٿَ ڀَري!

پهرين امرت ـ اوت پياسَؤ،
وِهُہ جي تارونءَ تڪِ تَري،
موڪِي ويٺي مَٿَ ڀَري!

هر ڪنهن جو هي وَسُ نہ آهي،
ڪنهن ڪنهن ورتِي چَس چَري،
موڪِي ويٺي مَٿَ ڀَري!

چاٽي نڪرو مُنجهہ مَتارؤ
سَري سوا جي ڪونہ سَري،
موڪِي ويٺي مَٿَ ڀَري!

(وچون وسڻ آئيون)

## اَيرو اُپُ، نہ چنڊ نہ تارو

موڳو منهنجو مَن.

مَڏُ مهانگو سر جو سانگو لاهي ڪيرُ ڪلالَ،
تَر تي ڪارَي ٽَڙ، سيارو-
موڳو منهنجو مَن.

واٽ اٿانگي، جهونا جهانگي، سپ جا پير پٽون،
ٻيرو ٻُڏو، ڏيسُ اَسارو-
موڳو منهنجو مَن.

رات ڪُتيءَ جو باڪ ڦٽيءَ جو ايندا لالَ لڳَهہ،
جيسين اوير ڏينمر اشارو-
موڳو منهنجو مَن.

آٽيو آٽيو ڪِي اوندهہ ۾، سُرڪيون سِجَ اُيار،
ڪوئي آڏيءَ رات اُمارو!
موڳو منهنجو مَن.

(وجون وسط آئيون)

آهي انگ اٽوٽُ،

او ماروئڙا! وو ميان!

کارا کوھ نہ ڪَرُڻ ميان،
آءُ مِنو تي موٽُ،
او ماروئڙا! وو ميان!

جھانگيئڙن جي جيءُ تي،
ڦِري نہ چؤ تون ڦوٽُ،
او ماروئڙا! وو ميان!

ماءُ اسان جي سنڌڙي،
ياءُ پٽائي گھوٽُ،
او ماروئڙا! وو ميان!

آءُ تہ ڍاھيون او ميان!
ھي جو واريءَ ڪوٽُ،
او ماروئڙا! وو ميان!

(وجون وسڻ آئيون)

جَلُ جَلُ مَشعل، جَلُ جَلُ!
ويري واءُ، انڌيرا آتڻ،
سيءَ سياتا جلُ تَلُ.
جَلُ جَلُ مَشعل، جَلُ جَلُ!

نجهري نجهري نيڻَ اُجهاٽا،
ڳوڙها ڳوڙها ڳَلُ ڳَلُ.
جَلُ جَلُ مَشعل، جَلُ جَلُ!

اڄ تہ ينيرڪي تائين جرڪي،
شعلا شعلا پَلُ پَلُ.
جَلُ جَلُ مَشعل، جَلُ جَلُ!

(وجون وسڻ آئيون)

سنڌُ ديسَ جي ڌرتي توتي،
پنَهنجو سِيسُ نمايان. . .
مِٺي ماتي لايان.

ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين،
توکي چَشمَن چايان. . .
مِٺي ماتي لايان.

گيت بہ مون وٽ تنهنجا ماتا!
بيت بہ تنهنجا پايان. . .
مِٺي ماتي لايان.

جيءُ جيءُ جيجل! جيءُ جيءُ جيجل!
توکي ڪيئن لنوايان!. . .
مِٺي ماتي لايان.

سارا سَڌَ پڙاڏا تنهنجا،
وائيءَ ۾ ورنايان. . .
مِٺي ماتي لايان.

سُر سُر جڙ سانوڻ ۾ سنڌو
لَهَر لَهر لهَڪايان. . .
مِٺي ماتي لايان.

رم جهم رم جهم راڳ اُنهن سان،
تَر بَر باهه لڳايان. . .
مِٺي ماٺي لايان.

ڪالهه مَليران مَهڪ اُتي جا،
نگر نگر ڦهلايان. . .
مِٺي ماٺي لايان.

ڏُٺُ به پنهنجو ڏيهُه به پنهنجو
مارُو شال ملايان. . .
مِٺي ماٺي لايان.

تنهنجيءَ مِٺيءَ مَنجهه ملان جي،
آءُ امرَتا پايان. . .
مِٺي ماٺي لايان.

سِنڌُ ديسَ جي ڌرتي توتي،
پنهنجو سيسُ نمايان. . .
مِٺَي ماٺي لايان.

(وچون وسط آئيون)

پنهنجي رت ۾ ريٽو جهنڊو، اُڀ تائين جهوليندو
اهڙو ڏينهن بہ ايندو.

رَتُ جو بدلو رَتُ ئي آهي، هر ڪو بدلو ڏيندو
اهڙو ڏينهن بہ ايندو.

اَرِتي رات نہ رهندي اوڳا! روح نہ ڪو روئيندو
اهڙو ڏينهن بہ ايندو.

ڪائي اَرهي اڪِ نہ هوندي، لُڙڪَ نہ ڪو لاڙيندو
اهڙو ڏينهن بہ ايندو.

ڏُت بہ تُنهنجو ڏيهہ بہ تُنهنجو ڪو توکان نہ کسيندو
اهڙو ڏينهن بہ ايندو.

اهڙو ڏينهن بہ ايندو ساٿي! اهڙو ڏينهن بہ ايندو
اهڙو ڏينهن بہ ايندو.

(وچون وسط آئيون)

لولِيون،
او اَبا!
لولِيون! لولِيون!

شال دولهہَ تئين، شال دودو تئين!
شال سورهيہ تئين، سنڌ تي سِر ڏئين!
لولِيون،
او اَبا!
لولِيون! لولِيون!

پيرڻَ تنهنجي بہ شل، سُورمي تِي جِئي!
مارئي تي مَري، مارئي تي جِئي!
لولِيون،
او اَبا!
لولِيون! لولِيون!

سو اسان مان نہ آ، جو جيئي جُٽ ٿي،
گهاءُ کو تو ڏنو پيءُ کي پُٺ ٿي؟
لولِيون،
او اَبا!
لولِيون! لولِيون!

دیسُ سپ جو پرین، واسُ جنھن جو وٽین،
رَتُ جنھن جو رَڳین، تَجُ جنھن جي تٽین،
لولِيون،
او اَبا!
لولِيون! لولِيون!

سنڌُ جي سَڌَ تي، شال گھوريو وڃين!
ڪاڪ وهندي رهي، تون ڪڪوريو وڃين!
لولِيون،
او اَبا!
لولِيون! لولِيون!

(وچون وسط آئيون)

لولِي لالَ!
جيئين شال!
پنهنجي ياءُ، پنهنجي ماءُ
پنهنجي پيءُ سان شل جيءُ!
لولي لالَ!
لولي!

ساريءَ ڌرتيءَ تي آ سڀ کان، سُندر تنهنجو ديسُ،
اَنُ بہ اُجرو مَنُ بہ اُجرو وَنَ بہ اُجرو ويسُ۔
لولي لالَ!
لولي!

تنهنجيءَ ڏرتيءَ ڪالهہ نِپايا، دودي جهڙا ڏِڳ،
منهنجي تَجُ بہ ساڳي آهي، ساڳيا تنهنجا لِڱ۔
لولي لالَ!
لولي!

توکي آهي ٻاروتن ۾، ٻاگهيءَ جهڙي ٻيڻ،
تنهنجي ڌرتي سَڱَ سچاڻي، ڌاريا کهڙا سيڻ!
لولي لالَ!
لولي!

هي سکر کان سونَ مياڻيءَ تائين ساڳيو ساءُ،
سڀ کي تنهنجو جَر جيئاري، سنڌو سڀ جي ماءُ۔
لولي لالَ!
لولي!

سَچَل جي سونهاري ڌرتي، ساميءَ جو ساٿُ،
تنهنجا ٻاڳَ پيارا، تنهنجو پٽَ ڏٽيءَ جو ڏيهُ۔
لولي لالَ!
لولي!

سنڌ بہ تنهنجي اهڙي جيجل، جهڙي جيجل آنءُ،
جي تون پنهنجي پوڙءِ چُميندين هُرنديءِ مون لئہ هانءُ،
لولي لالَ!
لولي!

اُن جا ڳوڙها منهنجا ڳوڙها، اُن جي مُرڪ ٻہ ايئن،
تنهنجون اَڌَ اُجايل چڳڙون، آٽن مون تي جيئن۔

لولي لالَ!
لولي!
لولي لالَ!
لولي!

جيئي سنڌُ، تنهنجي سنڌُ!
جيئي جندُ، تنهنجي جِندُ!
لولي لالَ!
لولي!

*(وچون وسط آئيون)*

منهنجيءَ چاتيءَ چولي ووا
لولي ووا لولي ووا
لالَڻ منهنجا، لولِي!

اهڙي ٻولي ڪابہ نہ جهڙي، ٻاروتي جي ٻولي ووا
لالَڻ منهنجا، لولِي!

سنڌڙيءَ جهڙي سينڌ نہ ڪنهن کي، تنهنجي ڌرتي ڏولي ووا
لالَڻ منهنجا، لولِي!

هيءَ جا ڌاري چَت، انهيءَ جي ٽوٽي ٽوٽي پولي، وو
لالَڻ منهنجا، لولِي!

جنهن ۾ پٿَ ڌٽيءَ جو واسو آءُ اُنهيءَ جي گولي ووا
لالَڻ منهنجا، لولِي!

مون جهڙي ڪا جهولي ووا
لولي ووا لولي ووا
لالَڻ منهنجا، لولِي!

(وجون وسڻ آئيون)

ڌرتـــي مـــــاءُ!
صدين جو ساءُ۔
وساريان ڪيئن؟ وساريان ڪيئن؟

ڪَئي جنهن قاڙ
جُڳن سان جاڙ
پلا سو گهاءُ۔
وساريان ڪيئن؟ وساريان ڪيئن؟

نـــوان انـــديـــر
وچـــانـــدَر ويـــرَ!
مـــگـــر ســـرچـــاءُ۔
وساريان ڪيئن؟ وساريان ڪيئن؟

رُتين جي ريت،
پُـــراڻـــي پـــريـــتَ،
ســـدا ســـوداءُ۔
وساريان ڪيئن؟ وساريان ڪيئن؟
صدين جو ساءُ۔
وساريان ڪيئن؟ وساريان ڪيئن؟

(وڇون وسڻ آئيون)

تو مان دور نہ آهيون پيارا!
توکي مون کي روز ملائي۔
سنڌوءَ جو سپنو.

منهنجي جوت ڪٽي، جَلَ۔ ڌارا،
تو تائين پيئي ٽمڪائي۔
سنڌوءَ جو سپنو.

ڪاري رات ڏئي لامارا،
چندرما جهڙو ڳِڙڪائي۔
سنڌوءَ جو سپنو.

پر هي تنهنجا منهنجا تارا،
جن ۾ ويٺو جوت جلائي۔
سنڌوءَ جو سپنو.
سنڌوءَ جو سپنو.

(وچون وسڻ آئيون)

مون تہ لڳائي سپني- وَل،
قولَ ڪڌهن ڦٽندا، ڇا ڄاڻان!

مان توکي هي گيت ڏيان ٿو،
هان، تون منهنجي مرهم مَل-
گهاوَ ڪڌهن ڇٽندا، ڇا ڄاڻان!

مان هي آڻنا ٽانوَ ڀيان ٿو،
تون ڀي وهہُ ڪان پاڻُ تہ پَل-
کيپَ ڪڌهن ٽٽندا، ڇا ڄاڻان!

ويٺو آهيان، ڪجهہ ترسان ٿو،
هان هيءَ منهنجي گهوڙي جهَل-
ڏينهن ڪڌهن کٽندا، ڇا ڄاڻان!

(وڃون وسرڻ آئيون)

سنڌو ديسُ مَهانُ، سنڌو ديسُ مَهانُ
لاڙُ وچولو اُتَر،
ڪڇ، ڪراچي بندر،
هيڏو سارو جَرڙا!
ڪيڏو ڪوهستانُ!
سنڌو ديسُ مَهانُ.

جيءُ جيءُ اَن- داتا!
تنهنجا سَڏَ سُڃاتا،
آزاديءَ لِئہ آتا،
توتي سڀ قربانُ،
سنڌو ديسُ مَهانُ.

ستر لک سپوتو
هوشو هيمون ٻڍجو
هرڪو جهڙو دودو
دولهہ دريا خان،
سنڌو ديسُ مَهانُ.

سَچَل، ساميءَ پارا،
ڪيئي جيءَ جيارا،
آڏيءَ رات اُمارا،
يٺَ ڏٿيءَ جو ڀانُ،
سَنڌو ديسُ مَهانُ.

ڀيڙو آهه ڀنيرڪو
ڄَرَ ڄَراٽو ڄَرڪو!
آجو ٿيندو هَرڪو
هر مزدور ڪسانُ،
سنڌو ديسُ مَهانُ، سنڌو ديسُ مَهانُ.

(وجون وسط آئيون)

پيگ پيگ آڳَ!
پيگ پيگ آڳَ!
پيگ پيگ آڳَ!
آڳ سنان!
آڳ سنان!
سون سمان—
جرڪن ياڳ.

پيگ پيگ آڳَ!
پيگ پيگ آڳَ!
پيگ پيگ آڳَ!
وک وڏاءِ!
وک وڏاءِ!
آڳ سواءِ.
مور نہ ماڳ.

ڀَڳ ڀَڳ آڳَ!
ڀَڳ ڀَڳ آڳَ!
ڀَڳ ڀَڳ آڳَ!
هيءَ جا ڄر!
هيءَ جا ڄر!
تنهنجا پر.
تنهنجا راڳ.

ڀَڳ ڀَڳ آڳَ!
ڀَڳ ڀَڳ آڳَ!
ڀَڳ ڀَڳ آڳَ!

(ڪپر تو ڳن ڪري)

ايڏي چُپ اَپار
چگي تہ ناهي يار!

جي تو وٽ ڪوئي گيت نہ آ
ڪا جيءَ منجهان جهونگار.

ايڏي چپ چگي تہ نہ آهي!
پُڙ جهُڻ، ڪا پڙڪار!

زنجيرن لئہ زور نہ آ جي،
ڪا جهيڻي جهڻڪار!

ڪاري رات ابد تائين آ،
اوندهہِ تارون تار.

پوءِ ڀي ڪا جيءَ جهروڪا
لُنءَ لُنءَ منجهه لغار!

پوءِ ڀي ڏئي ڪا واءُ وراڪا
ڪونجڙين ڪُٽڪار!

چڱي تہ ناهي يار
چُپ ايڏي اپار!

(راج گهاٽ تي چنڊ)

ڏکڙَ مينهن پلي وسي، ٻوڙي تہ ٻوڙي
ها، ها پل ٻوڙي
پائو پل ٻوڙي!

اُپري سِجَ اُلهي ويا، ڪيسين ڪو لوڙي؟
ڪيسين ڪو لوڙي؟
پائو ڪو لوڙي؟

راهہ ملي ڪا رُج مان، ڪيسين ڪو ڊوڙي!
ڪيسين ڪو ڊوڙي؟
پائو ڪو ڊوڙي؟

زنجيرون زندان جون ٽوڙي ڪو ٽوڙي!
ها، ها پل ٽوڙي
پائو پل ٽوڙي!
ڏکڙَ مينهن پلي وسي، ٻوڙي تہ ٻوڙي

(راج گهاٽ تي چنڊ)

مان جو وَڳهه ڪوٽ ۾،
ساڳو ياڳو يانُ،
تنهنجو هان مهمان،
چارڻ تورا ڏينهڙا!

مُنهنجي چَنگ چِڪن تا سڏڙا،
شهنايون تي منهنجا هڏڙا،
ڳائي تو ارمانُ.
تنهنجو هان مهمان،
چارڻ تورا ڏينهڙا!

واهيري جي ويرَ اچي وئي،
تَندُ اڳي ڪان وَڌِ مچي وئي،
جيءَ ڏنو جولانُ.
تنهنجو هان مهمان،
چارڻ تورا ڏينهڙا!

پرکي وينو اڄ ٻہ چنيسر،
منهنجي مُک تي گيت منوهَر.

دودا! گيتَ مهانُ.
مان جو ياڳو يانُ،
تو وٽ هان مهمانُ،
باقي ٽورا ڏينهڙا.
باقي ٽورا ڏينهڙا.

(ڪتين ڪر موڙيا جڏهن ياگو ٽيون)

پينڪر رات مگر تون ڳائين
سارنگيءَ تي نَٽ پيرَؤُ!
تون ئي چَؤُ!
سارو ديس ٻري ٿو توکي
پو ٻہ نہ آيو ڪوئي ٿَؤُ
تون ئي چَؤُ!
روز ڪِرن ٿا ڪَنڌ آڌيءَ تان
توکي ڪو کهڪاءُ نہ ڪؤُ!
تون ئي چَؤُ!
روڳي راڳي، ڇا جي آهين
سَوَ ۾ هِڪُ يا هِڪَ ۾ سَؤُ!
تون ئي چَؤُ!
ڪئن نہ ڪيان مان تومان پَؤُ؟
تون ئي چَؤُ! تون ئي چَؤُ!
تون ئي چَؤُ!

(ارڻ تي رم جهم)



# نظم

اي زمانن جا ضمير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

آب و گل مان ڇو بڻايئه زندگانيءَ جو ضمير؟
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

ڪاروانِ زيست جو ڇو آدمي تي ويو امير؟
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

آدميءَ ڪيو ڪوهه و صحرا، ماه و انجم کي اسير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

هاءِ ان جو قتل و غارت، بغض و نفرت، دار و گير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

چشمِ فطرت مان اڃا تائين اُگهيو ڪنهن ناهہ نِيرا!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

جنهن ڪئي ڪوشش انهيءَ جو آهہ سُوريءَ تي سَرير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

اي زمانن جا ضمير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

*(يونر پيري آڪاس)*

اسان ننڍ جا نيڻ آهيون، پرين!
سُتي ساهہ جاڳي،
وڃي دور دور
ستارا لتاڙي اسان جو شعور
سوين چنڊ ساڻي،
ڪتين جا سوين قافلا رهگذر ۾،
سفر ۾،
سوين ڪائناتون،
نہ آغاز جن جو نہ انجام جن جو
زمان ۽ مڪان کان مسلسل نجاتون،
ازل کان ابد تائين سک جون براتون:
جڏهن موٽ ڪائون،
سوين راز آڻيون،
سوين ساز جي لاءِ آواز آڻيون،
سوين چنڊ چايون،
ستارا تڳايون،
انهن سان اچي جڳ سڄو جڳمڳايون،
ـ اسان جاڳ جا ياڳ آهيون پرين!

(پونر پري آڪاس)

هرڻ هٿيلا،
ڊوڙي ڊوڙي، ٿڪجي ٿڪجي،
وڻ جي هيٺان ويٺا سوچن!
”ساري هستي ريتيءَ تي رُڃ،
”اُڃ جي وهه بِن ڪجهه به نه حاصل!
”هاءِ ستمَ، جوَ عمر گذاري،
”بوند بوند لَيءِ پتڪي پتڪي،
”ڊوڙي ڊوڙي، ٿڪي ٿڪجي!“
هرڻ هٿيلا،
ويٺا سوچن.
جنهن هن واريءَ جي ويندي ۾،
لهندي سج جي ٽِڪَ جڙي آ،
آهه ڪٿي سو ازلي وينجهر؟
نيري اُڀ مان چند ستارا،
ڪرن اشارا،
ساهه سنيها پائي تن جا،
چال هٽي من پهچي تن وٽ،
بسنت۔ رت جي باک۔ ڦٽيءَ ۾

هير ڏکڻ جي هنج ۾ پنهنجي
اهنج مٽائي، من ريجهائي:
گهڙي نہ گذري۔ ساڳا ڪِرڻا،
سج جون ٻرڇيون،
رڃ جو اولو
اُڃ جو جهولو
ساڳيو رولو
هر شيءِ آهي ساڳي ساڳي،
بوند بوند لَيءِ پٽڪي پٽڪي،
ڊوڙي ڊوڙي، ٿڪجي ٿڪجي،
هرڻ هنيلا،
بيٺا سوچن!

(پونر پيري آڪاس)

رات بدمست تي، ڪڪر ڪارا،
جهومندا آسمان تي آيا-
چانڊنيءَ جو سُهاڳ لُٽجي ويو!
هيءَ ٻُٽي رات!
چنڊ ۽ تارا
ڪير ڄاڻي ڇپي ويا ڪيڏانهن؟
اوچتو آسمان جو ميدان،
تي ويو سارو گوڙ ۽ گهمسان،
وقت جي ديوَ جون رَتون ڊوڙيون،
چنڊ تارا لتاڙجي ويا سڀ،
روشني رات ير رهي اڻ لپ!

(پونر پري آڪاس)

اجنبي! آءُ، گهڙي آءُ، ٻه ٿي پل آ رات:
بيهه ولهه ۾ ته نه،
تارا ٻه ڄمي ويا ولهه ۾!
سيءَ جي سير ته ڏس، رات رڳون چوڙايون!
هاءِ هيءَ ٻاٽ، چنڊيءَ جڙ ته چڳون چوڙايون!
تو ٻري مَچ هتي،
اچ هتي،
ڪا گهڙي سيڪ هٿن پيرن کي.

هي ٿُتل پير وري پنڌ ڪندا،
تنهنجو سوڳند ڪندا،
هي ٿتل هٿ هٽي هنڌ ڪندا!
مان چوان ٿو ته ضرور
وقت ايندو ته وري چڪنا چُور
ڪوڙ جو ڪنڌ ڪندا!

آ اهو مچ سهارو پنهنجو
بس فقط سچ سهارو پنهنجو. . .
پوءِ ٿئي ٿو ڪٿي هِي به وسامي نه وڃي،
آگ اُجهامي نه وڃي!
اجنبي! آءُ، گهڙي آءُ، به تي پل آ رات!

آهه گهنگهور گهٽا واري رات،
چوڌطرف تيز هوا ۽ برسات،
نه جياپو نه جياپي جي بات،
موت هر چيز ڪئي آهي مات،
پر هتي ڏس ته جيئڻ جي جپ تي،
ڪوئي آواز پيو پڙڪا ڏي-

"تي نه مايوس ڪڏهن، اي پيارا!
"صبح ٿيندو ته سوين نور جون نهرون ڦٽنديون،
"آس ۾ جان ڪندي اُس پيدا."

- پر خبر ناهه ڪڏهن رات جون جهلون ڪٽنديون!
پوءِ ٿئي ٿو ته ڪٿي مچ وسامي نه وڃي،
سچ وسامي نه وڃي!
آگ اُجهامي نه وڃي!

(پونر پري آڪاس)

هر قدم تي زندگيءَ جو جامِ زهر،
ڪنهن نئين سقراط جو آ منتظر!
هر گهڙيءَ سُوري سڏي
ڪنهن نئين منصور کي:
تي ٻري شمعِ حيات،
آ جلڻ جنهن تي پتنگن جي نجات!
ڪوئي عيسيٰ، ڪوئي گوتم، ڪوئي گانڌيءَ جي صفات!
زندگيءَ جي سينڌ جو جُهومر ٿيو
جنهن سان جرڪيو حسنِ ذات!

(پونر پيري آڪاس)

هاءِ بازارِ جهان!

جنهن ۾ هر يوسف وڪامي،
هر زليخا جنهن ۾ دامن چاڪ آ،
جنهن ۾ هر شيءِ کان مهانگو آ خلوص،
جنهن ۾ سستو آهه هر شيءِ کان ضمير،
حسن و حق معصوم پينوءَ جي مثال،
مون اُتي پنندا ڏٺا،
تي ڪئي فرهاد تيشي جي فروخت،
قيس ان ۾ محملِ ليليٰ وڪيو،
سِر جهڪائي تي ويو نوشيروان،

هاءِ بازارِ جهان!

(يونر پيري آڪاس)

## ڪوهه مَريءَ تي

ڪالهه مون کي چيو پئي مالهيءَ، ”هيل ڏاڍو ڳڙو وسيو آهي،
”آهه آڙو رهيو نہ خوباني، ڊاک جو وڻ ٻسو ٻسو آهي،
”ڳوٺ منهنجو پريان پهاڙيءَ تي، بي نظير آ، مگر بکيو آهي.“
آ وئي ويڙهجي شفق ۾ شام، دور سورج غروب ٿيو آهي،
ڪنهن مصور جو روح آ گويا، ابر ڪهسار اِئن ڪڙو آهي،
هيءَ صنوبر جي شاخ تي شبنم، جڻ تہ هٿ جوهريءَ جو آهي،
ڪنهن ڪنواريءَ جي لڄ ۾ گويا، ڳوٺ سارو ٻڏي ويو آهي،
نهر ۾ آسمان جو پاڇو، شام جو اِئن پَئي رهيو آهي،
جڻ ڏسي آئيني ۾ پنهنجو پاڻ، حسن حيران ٿي ويو آهي،
ٿي پري باهه بک جي ان ۾، ڏنڌ ۾ دور جهوپڙو آهي،
نہ ڏياتيءَ ۾ تيل آ ان جي، ۽ نہ ٻاٽيءَ ۾ ٻوڙ ڪو آهي،
نہ سياٽي جو ساٿ آ ان سان، نہ ڪوئي اڄ ۾ آسرو آهي،
تنهنجي تخليق ۾ اڙي خالق! ايترو فرق نيٺ ڇو آهي!
مان تہ سمجهان ٿو تون ڪٿي ناهين، هي سڄو ڍونگ ڪنهن رچيو آهي!
ورنہ انسان کان زياده ڪو، حسن تنهنجي جو آئينو آهي؟
پوءِ بہ بيحال آهہ هو بُک ۾! تنهنجو جلوو بکيو ڏکيو آهي!

(يونرپري آڪاس)

هوءَ ڪاري ڪڪري ڇائي آهه،
گهنگهور گهٽا لهرائي آهه،
اولهه کان آنڌي آئي آهه
وک پوءِ به نه پٺ تي هٽٽي آ،
منزل تي ساهي پٽٽي آ.

تقدير ڪڏهن به نه ٿهندي آ،
تدبير هميشه ڍهندي آ،
دل پنهنجي پوءِ به نه رهندي آ،
هي ڪوٺ اسان کي ڀچٽو آ،
اڄ ميخون موڙي وچٽو آ.

منظور نه شل زندان ٿئي،
مجبور نه شل انسان ٿئي،
مشڪل ته پئي آسان ٿئي،
دنيا ته سکن جي سيج نه آ،
لا حاصل ليڪن هيج نه آ.

(پونر پيري آڪاس)

ڏُو ڏڙام!
اُف غلام!
هِير تي غريب کي
اک لڳي وئي هُئي،
آه! بدنصيب کي
ڪَل نہ پر پئي هئي. . .

بادشاهہ جو پلنگ!
نرم نرم، رنگ رنگ!
رڙ ڪَئي پريان ڪنيز،
”پاندان! پاندان!“

ننڊ آ عجيب چيز،
هي سُتو رهيو جوان،
چوبدار ڪَئي هڪل،

هو اُتيو ڏئي اُڇل.

آسمان ۽ زمين
اوچتو ڦري ويا،
ڪيس ڪيئن اچي يقين،
جي هري مري ويا،
سي چون، هٽي تڪون،
"نامرادا! هي چُڪون!"

'. . . شاهہ هن پلنگ تي
ماهہ و سال آ سُتو
مان گهڙيءَ اُمنگ تي!
آهہ! نفس آ ڪُتو'
لعنتون وِڏيس ضمير:
ٿي لتون هنيس وزير. . .
ڏُو ڏڙام!
اُف غلام!

(پونر پيري آڪاس)

ڪنجهندي ڪِنجهندي، آئي پٿي تي ترام!
سَهڪي سَهڪي، دونهون نڪتو، چوندو ”اُڏام اُڏام!“
ڌَهڪي ڌَهڪي، چِمنيءَ جي دل کي آيو آرام،
وٺي ويڙهبي جٺن اونده ۾ گدلي گدلي شام،
بلب بلب تي پتنگ آيا، ٽيو سوجهرو جام،
(ڪوڙو ڪانچ جلائيندو ڪٿن؟ خام محبت خام!)
آهٽ آئي، ڳاهٽ ٽيا، سَو گمره ۾ گمنام. . .
پٽي اينگهندي ڪيسين دنيا؟ چنگهندو پيو عوام؟
ڪِنجهندي ڪِنجهندي، آئي پٽي تي ترام!

(پونر پري آڪاس)

سوچيو آهہ انهيءَ تي ڪڏهين هن چاڪيءَ جي ڏاند!
اکيون بہ هن جون بند، تہ آهي جسم بہ هن جو باند،
ٻُٽي سڄي آ هن جي ڦَٽ ڦَٽ، سَٽ سَٽ جي آ راند۔
سوچيو آهہ انهيءَ تي ڪڏهين، هن ويهي هيڪاند!

رُڪيءَ سُڪيءَ تي راضي آهي، تتيءَ ٿڌيءَ پيو ڪاهي،
ڦِٽ ڦِٽ جو هي عادي آهي، ڪِٽ پٽ هن ۾ ناهي،
او شل! سينو ساهي، پاڃاري لَاهي، سانباهي،
تونهي تي تونهي سان هن چاڪيءَ جي چڪر ڏاهي!

آخر ڪيسين جَڳ جي جاندهہ اونڌي ايئن ڳِهلبي؟
ڪيسين اِئن بيدرديءَ سان ڏرتيءَ جي ڇاتي ڇِلبي!

(پونر پيري آڪاس)

تو ۾ ته ڪَمي ڪا ناهي- تون پياري آنهه فهيما!
پر پوءِ به نه مون ڪان، اڄ ڪلهه، وسري ٿي هيروشيما:
ڪنهن ديس پرائي جو دک، جڻ پنهنجو ٿي دک آهي،
ڪو روڳ لڳو آ من کي، جو پنهنجي وس ۾ ناهي.

*(پيونر پيري آڪاس)*

هيءَ ميرانجهي سانجهي آ يا ڏوڙ- ڏَئي جي جهولَ،
چاڙ ستارا ان مان نڪتا، جَرڪي سون- سَمان:
تيسين پنهنجيءَ مشعل ۾ جا آهي لاٽ اَڏول،
تنهن تي واٽ سُجاڻي ويندا واٽهڙو انسان.

ڏينهن ٿيا، ڪنهن شينهن اسان ۾ ناهه ڪئي گجگوڙ
هيءَ بہ غنيمت آ تہ ڪتي ڪو اونائي ٿو ڪوڪ:
نيٺ تہ بادل وسندا، پوندا مينهن بہ ماٺهوءَ- ٻوڙ
نيٺ تہ وڄندي، گجندي، اُٿندي، آنڌيءَ جئن مخلوق.

اڳتي جان بہ جڪڙي رهندي، پختا ڪر پنجوڙ
ڪنهن جي ڇاتي آتي آهي، تڪا ڪري رک تير:
ڍهنديون دوکي جون ديوارون، پاڻِي جي ڪنهن ٻوڙ
هيٺا هٿ وڏيا جي هوندءِ، ذريون ذريون زنجير.

ٻوڙها ٻاڙيندا ها جي، سي اُٿندا ڪَرتي ڏند،
آيو ڇَر ڪي ڇوهہ، تہ ڏسندين اونهيءَ جو انداز:
وک وک ۾ ڪا وڄلي هوندي، ڍهندا ويندا بند،
تون ٻوڙو آن، آءٌ ٻڌان ٿو قدمن جو آواز.

تون انڌو آن، آءٌ ڏسان ٿو ڪنوٽين جا سپ ڪيل،
تون اوندھ جي آکيري ۾ ويٺو آن اڻ ڄاڻ:
نيٺ تہ ٿيندا رڻ ۾ رٿ تي تنهنجا مُنهنجا ميل،
منهنجا گھوڙا ڳهائي وجهندا توکي سُنبن ساڻ.

مان ڄاڻان ٿو، مان ڄاڻان ٿو، ڄر آ منهنجي ڄاڻ،
پڙڪي پڙڪي پنيٺ ٿيندي، جلندو هيءُ جهان:
آخر منهنجي سوپ سنواريا، آخر تنهنجي آڻ!
تون رَک هوندين، ڄيپون ڄٽنديون ڪوئي نئون انسان!

(پونر پري آڪاس)

او پرديسي! او پرديسي!
ڪهڙو تنهنجو ديس؟

تنهنجو ڪوبہ سُچاٽو ناهي،
تنهنجيءَ ڌُن جو چاٽو ناهي،

ڪنهن لاءِ هي يڪتارو ناهي،
ڳائين تو تون گاهي گاهي!

هي ماٺو ڪيئن تنهنجا تيندا!
تنهنجيءَ رَت ۾ نيٺ رڱيندا!
تنهنجو گيڙو ويس-
ڪهڙو تنهنجو ديس؟
او پرديسي! او پرديسي!

(پونر پري آڪاس)

اي وطن! منهنجي تخيل جا وطن!
لونءَ منهنجيءَ جي لڳن!
جانِ من!
اڄ چُمي تنهنجو ڪفن،
تو ڪيان تنهنجو سُپردِ خاڪ تَن.

خشڪ منهنجي ديده خونبار آ،
لاله و گل کان سوا،
اي مٺا!
لاش تنهنجي کان جدا
تو ٿيان مان. . . الوداع، او الوداع!

(پيونر پيري آڪاس)

سَرمست هان!
سَرمست هان!
مان ساغر مهتاب مان
مَي پي وڃانَ، هڪ ڳيت سان،
ڪاريءَ گهٽا جي پينگهه تي
جهولان جُهلان، جهُولان جهُلان،
آغوش ۾ منهنجي رهي
هيءَ ڪائناتِ بيڪران،
هيءَ حسن جي جُوءِ روان،
هيءُ ماه و انجم جو جهان،
هي ڪهڪشان،
هي آسمان!
سَرمست هان!
سَرمست هان!

جنهن وقت مردِ ڪوهڪن،
تيشہ فگن، اڳتي وڌن،
تن سان رهِ تقدير ۾،
گڏجي تيان مان گامزن،
مان زندگيءَ جي سير ۾
تن سان وڌان، اي همَوطن!
شمشير هٿ ۾، نعره زن،
شعلہ فشان سارو بدن،
اڳتي وڌان!
ماريان، مَران!
سَرمست هان!
سَرمست هان!

(پيونر پري آڪاس)

تو گھُمان مان ڏار تي تلوار جي،
اِن ڏار کان ٽورو پري،
آهي پرينءَ جي لوءِ، اوا!

آسمان مان چنڊ مون کي تو ڇنئي،
'وچ وچ يلي، ان لوءِ ڏي،
'ويندو نہ ڪوئي پوءِ، اوا!

'غم نہ آهي، پير جي ڇلجي پيا،
'هي وقت آ، هي وقت آ،
'موٽي نہ ايندو ووءِ، اوا!'

(پونر پيري آڪاس)

اڄ تہ چئي ڏي، اڄ تہ چئي ڏي، اڄ تہ علي الاعلان،
”منهنجو ڪوئي ديس نہ آهي، منهنجو ديس جهان،

”منهنجو ڪوئي نانءُ نہ آهي، مان آهيان انسان،
”منهنجو هي انجيل، نہ منهنجي گيتا يا قرآن،

”ڌرتي منهنجي ماءُ، اُنهيءَ تي آ منهنجو ايمان!“
پگهري ويا زنجير صدين جا، رهہ نہ اڃا نادان،

اڄ تہ پيچي چڏ، اڄ تہ پيچي چڏ، زور ڏئي زندان،
اڄ تہ چئي ڏي، اڄ تہ چئي ڏي، اڄ تہ علي الاعلان!

*(پيونر پيري آڪاس)*

اي همر- وطنو! آءٌ اوهان تي ڪٿن نہ ڪلان!
روز و شب ڪُهسار!
اوهان رهوار
جهَلي هِن پار
رکي هٿيار
ڏسو تا طوفان جا آثار!
مگر ٻي پار اوهان مان ڪوبہ نہ ويندو خوف وچان!

اي همر- وطنو! آءٌ اوهان تي ڪٿن نہ ڪلان!
روز و شب جي جان،
نوان انسان،
ڏئي جولان،
لنگهي طوفان،
وجي ٻي پار ٿيا مهمان!
انهن جو شان فقط اڄ آءٌ پيو منظوم ڪيان!
اي همر- وطنو! آءٌ اوهان تي ڪٿن نہ ڪلان!

(پونر پيري آڪاس)

انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب! ڳاءِ!
جئن زمين آسمان
جي ڪلي پئي زبان،
ڪُنڊ ڪُنڊ، چونڪ چونڪ،
شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ،
جئن ڏئي اُتي جواب،۔ انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب! ڳاءِ!

هي ٻہ ڪو نياءُ آ،
جو مزور ياءُ آ،
سو لَهو پيئي پيئو
جنهن سبب جيئي پيو۔
سو پيئي پيو شراب! انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب! ڳاءِ!

ڏوڙ هن سماج کي،
لوڙ سامراج کي،
ٺاهه سو نئون نظام،
جو ڇڱو ڇئي عوام-
هي نظام آ خراب- انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب! ڳاءِ!

ڳاءِ، ڳاءِ نوجوان!
جئن زمين آسمان
جي زبان کلي پئي،
زندگي اُتي ڇئي،
انقلاب! انقلاب! انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب! ڳاءِ!

(پونر پري آڪاس)

تو تان واريان جند،
منهنجي منڙي سنڌ!

تون آن منهنجو چنڊ، تہ آهيان تنهنجو آءٌ چڪور،
تون بادل جئن برسين مون تي، مان هان تنهنجو مور،
تو تان واريان جند،
منهنجي منڙي سنڌ!

تنهنجي ڌرتي، مون کي پرتي، منهنجو تو ۾ ساهہ،
تنهنجيءَ کيتيءَ، تنهنجي ريتيءَ سان آ منهنجو چاهہ،
تو تان واريان جند،
منهنجي منڙي سنڌ!

تنهنجو پاٽي منهنجو ساٿي، جنهن سان منهنجو جيءُ،
تون سنڌوءَ جي ساهيڙي آن، او ڌرتيءَ جي ڌيءُ،
تو تان واريان جند،
منهنجي منڙي سنڌ!

منهنجي من ۾ آهن تنهنجون چانڊوڪيون ۽ چيٽ،
منهنجون لاتيون منهنجون باتيون، آهن تنهنجي پيٽ،
تو تان واريان جند،
منهنجي منڙي سنڌ!

تنهنجيءَ ٻوليءَ جو مان ٻيلي، واريان تنهن تان پاڻ،
ڳالهيون تنهنجون ڳايان، منهنجو سُر آهي تو ساڻ،
تو تان واريان جند،
منهنجي منڙي سنڌ!

منڙو آهي هر ماڻهوءَ لَيءِ پنهنجو پنهنجو ديس،
پيارو آهي ساري جڳ کي، پنهنجو وَن ۽ ويس،
تو تان واريان جند،
منهنجي منڙي سنڌ!

منهنجي سهڻي، منهنجي سسئي، منهنجي مومل آءُ!
روئي روئي آءُ سِبان اڄ، تنهنجو گهرو گهاءُ!
تو تان واريان جند،
منهنجي منڙي سنڌ!

تنهنجا ويري ٽيندا ڪيري، تن جي مُنهن ۾ ڌوڙ،
ساٿي آ سچ، تون ٻيٺي نچ، ڪيسين ڪڏندو ڪوڙ!
تو تان واريان جند،
منهنجي منڙي سنڌ!

(پونر پيري آڪاس)

## منهنجا منڙا پُٽَ!

جهوني ڪوڙ سان منهنجو جهيڙو هلندو آخر تائين،
نئون نئون سچ تون ڳوليندين، جيئين شال سدائين!

ڌرتيءَ جي دک ۾ آ منهنجو، چاهه اِنهيءَ لَيءِ لال!
نئون نئون سُک جڻن تون ماڻين، جيئين سدائين شال!

ممڪن آهه تہ ڌرتيءَ جو دُک، پورو ڪونہ ٿئي،
ممڪن آهه تہ تنهنجو بابا، وڙهندي جان ڏئي!

ممڪن آ تو مون کان پوءِ پيي، ڏکيو بکيو انسان،
ٻيي ٻيي لَيءِ ڳاٽ جهُڪائي، هجي اجا حيران!

ان صورت ۾ منهنجا منڙا! جيئين شال سدائين!
تون بہ ائين ئي وڙهندو رهجانءِ، پنهنجي آخر تائين.

نيٺ تہ ڊهندو ڪوڙ سدائين جنهن کي ناهہ ثبات،
نيٺ تہ ڦٽندو سچ جو سورج، نيٺ تہ ڪٽندي رات!

(پونر پيري آڪاس)

راجا ڏاهر!
تنهنجون نياڻيون
سهڻيون، سياڻيون
ڪنهن هئن آنديون!
مانديون! بانديون!
چيلهه ۾ رَسا
چڪبا چوٽا
اڳتان گهوڙا
پٺ تان پياريون
راج ـ ڪماريون
ننگيون ساريون!
ها، پر آهي
پو بہ انهن جي
منهن تي نفرت
عظمت، جرائت!
آهن منهنجون
چڙ ڪوتائون.

(ڪلهي پاتم ڪينرو)

## چؤ تون ڇا ٿو چاهين؟

چؤ تون منهنجي پٽ تان ايندين، سک جي سيج ڇڏي!
منهنجيءَ ڇُلهه ۾ ڇٽنگ نه آهي، تؤنري ناهه تڏي،

مون وٽ ڪنهن مڏ- ماتيءَ اک جا ناهن ميگهه ملار،
مون وٽ رڻ جون ڪاريون راتيون جيسين نيڻ- نهار.

چؤ تون ڇا ٿو چاهين؟ پٽ تان سوچي سوچي آءُ!
تون ڇا ڄاڻين، ڇا آ سُوريءَ، ڇا آ ان جو ساءُ!

تون ڏاهو آن، چؤ تون سهندين ڏاهپ جا سؤ ڏنبَ!
چؤ تون اڏري سگهندين، ڪوهيان جي مان تنهنجا ڪنبَ!

چؤ منهنجيءَ ڇڪيا تي چڙهندين، ڄَر آ منهنجي ڄاڻ،
سڙندو رهندين رک نه ٿيندين، سوچي آءُ سُڄاڻ!

ڳُڻ ڳُڻ کي مان اوڳُڻ سمجھان، گيان ڪيان اگيان،
ڏرمر ڏرمر جي ڏوڙ اڏايان، ڦاڙيان پوٿيون پُران،

وک وک تي مون ڳنڍ ڪني ڪئي، ڏس تون پنهنجا پيرا!
ڇو تون منهنجي ڪڍ لڳو آن؟ پٽ تي موت سويرا!

پر جي منهنجي پٽ تان ايندين، جيءَ وجهي جاکوڙ
چوندي ڪندا رکندس تنهنجي آءُ مٿي تي موڙ

مون وٽ ٻيو ڪجھ ناهي، توکي ڏيندس اها پڪار
جنهن سان جڳ جا ٽوٽيون ٽنيا ڏوڙ- رکندين ڏار

جنهن جو رهندو ايندو پيارا، جُڳ جُڳ ۾ پڙلاءُ!
آءُ، پڪارڻ چاهين ٿو جي، منهنجي پٽ تان آءُ!
ڇؤ تون ڇا ٿو چاهين؟

(ڪلهي پاتر ڪينرو)

## هيروشيما

هي ڪير ڪَڙو آ ڪُنييءَ تي؟
حيرانُ هَوا ۾ ٿَهڪَ ڏَئي،
تو هيٺ نِهاري ڏرتيءَ تي!

هنيءَ ڪنهن جي آڳَ لڳي جَر ۾،
جو پنهنجي پنهنجي موتيءَ سان،
هر سپَ سَڙي وئي ساگر ۾!

ڪنهن مُرڪ پريءَ ميءِ نوشي ۾،
”مان تنهنجي هان“. ”مان تنهنجو هان“،
تي رات چيو سَرگوشيءَ ۾.

اڄ تِن جي هيجَ ڪٿي آهي؟
جتِ پاسا پيارَ وَرايا ها،
سا سُرهي سيجَ ڪِٿي آهي؟

ڪنهن چيو هو، ”پيارُ اَمر آهي،
”بي هَر شيءِ اڇٽي وڃڻي آ“.
اڄ ڄَر ۾ ڪُجهه بہ اَمر ناهي،
اڄ تو ۾ تنهنجي موتيءَ سان،
ڪا سَرهي سڀَ سَڙي وئي آ،
تون جِيءِ نہ آهين جوتيءَ سان،
۽ منهنجي پيارُ وڃائي آ،
پنهنجي هر آسَ اَمرتا جي–
هيءَ تنهنجي منهنجي ڪائي آ.

هي ڪير ڪَڙو آ ڪُنييءَ تي؟
هي تون آهين، هي مان آهيان،
جن اَمن نہ آندو ڌرتيءَ تي،
ها، هيءَ اسان جي ڪائي آ
اِنَ اوچيءَ ڪائيءَ کي گڏجي،
چا، تو مان آڳَ لڳائي آ!

(وڄون وسڻ آئيون)

منهنجو اڱڻ پڇين تو آمرَ!
منهنجا گيت ڳنهي سگهندين تونَ؟

هَٿَ مٿان چا هُلَ تيو آ!
هرڪو موتيءَ مُلَ تيو آ۔
ڪيڏي پيھ لڳي پئي آهي!
ڳپا گيھ لڳي پئي آهي!
ڪيڏو ياوُ چڙهي ويو آهي!
هر ڪو گيت پڙهي ويو آهي،
تُنهنجا ڏُڪَ پري ويو آهي،
ٻَھ ٻَھ ٻُڪَ پري ويو آهي۔

ڪنهن ساڄھ ڪي سيڪُ نہ آهي،
آهي رَڪ، وويڪُ نہ آهي،
ڏات پريءَ بازار وڪاڻي،
جڻ ڪا ننگي نار وڪاڻي۔
مان بہ تہ هڪ وڻجارو آهيان،
پر مان سڀ کان نيارو آهيان،
گيتَ اندر جا گونجي آهي،
سا شيءِ منهنجي پونجي آهي،

مل مان جو مزدور اڇي ٿو
هَـرُ هٽندي جيڪو ٿڪجي ٿو
ءِ جو توسان سينو ساهي،
پيرَ ڪڙين ۾ آيو آهي،
تنهن سان گيت ورهايان بيٺو!
چوواٽي تي ڳايان بيٺو!
جنهن وٽ ڪوئي لڙڪ ڦڙو آ
تنهن منهنجو هر گيت ٻڌو آ ـ

تو وٽ لڙڪ ڪٿي ڪو آمرَ!
منهنجا گيت ٻُڌي سگهندين تونَ؟

(وچون وسط آئيون)

هر ڪنهن سان قانون ڏِسي،
مون انصافُ ڪيو آهي،
ڪنهن کي ڦاهي چاڙهيو آ،
ڪنهن کي معافُ ڪيو آهي،
ساري عمر حُڪومت لَئِہ،
رستو صاف ڪيو آهي.

ها، پر ڪلهہ هوُ شاعر، جو
پيرَ ڪَڙين ۾ آيو هو-
وَڏَ- ڦُڙي جئن وائيءَ ۾،
چا هُن سوزُ سَمايو هو!
بادل پرجي آيا ها،
منهنجو مَن گهٻرايو هو.

سرڪاري ڏُر جي چوٽيءَ،
”هوُ ڪو ديسَ- ڏُروهي هو
اختياريءَ جو باغي هو
اوندهہ لاءِ اُڏوهي هو
باڪ- ڦٽيءَ جو ڪانڪي هو
ڏوهي هو هوُ ڏوهي هو.“

اختياريءَ جي ٽنيي تي،
مان بہ تہ ڪائي ٽُوٽي ها،
اوندهہ لاءِ اڏاوت ۾،
سڀ ڪان سَگهہ ڇٽُوٽي هان-
هوُنءَ تہ پَوتر پاٽي هان،
هوُنءَ تہ ڪومل ڪُوٽي هان.

سَچُ آ، ڪنهن بہ بغاوت ڪان
باغي گيت بُرو آهي،
اونداهيءَ جي راڪي جي
ڇاتيءَ منجهہ ڇُرو آهي-
پر جو هُن جو ساڪي هو
سو ڪو ڪَنَ ڪُرو آهي!

هُن ڪئن اهڙي ساک ڪنئي۔
”گيتُ چڱو آ هر شيءِ ڪان!
ڦيءِ جهڙو قانون اِهو
ڪيئن جهليندو هِن مَيءِ ڪان!
ڏس، هر ڪنهن جي ورديءَ ۾،
لونءَ ڪنبي ٿي اڄ لَيءِ ڪان.“

مون شاعر ۽ ساڪيءَ ڪي
اهڙي ٽِيپَ ڏني آهي۔
سارو ديسُ رُنو آهي،
ساري قومَ ڊني آهي۔
ڪوئل۔ ڪَنڌُ چڱو ناهي،
اُن ۾ پيچ۔ پِني آهي.

(وچون وسڻ آئيون)

تو جا ٻالڪ به سوچي آهي،
حَرم سَرا جي نوچي آهي،
ٻاهر ٻڙڪ نہ تِي اچٽي آ،
تُنهنجي پهري ۾ پچٽي آ،
خواجہ سرا جيئن وٽو آهين،
وٽو تاهہ تڳيءَ جا تاهين.

مون جا ٻالڪ بہ ماٽي آهي،
سا جهانسي جي راٽي آهي،
جنهن جي تيز ڪٽاري آهي،
وارُ انهيءَ جو ڪاري آهي،
ءِ اُن لَئہِ ميدان بہ آهي،
جندڙيءَ جو جولانُ بہ آهي.

جيءُ اُنهيءَ جو جوکي ۾ آ،
پر جا گيت انوکي ۾ آ،
سا تہ بغاوت مرڻي ناهي۔
تو جا ڳالهہ بہ سوچي آهي،
سا جا ڪَنجي مرڻي ناهي،
گهُٽجي گهُٽجي مرڻي آهي،
تون بہ وطن جو شاعر آهين،
مون جئن گيت نہ ٿو پر ڻاهين،
منهنجو سَچ بہ ساڃاهين ٿو،
پوءِ بہ هر ڪنهن سان باهين ٿو۔
’هي پٿر سان سرُ ماري ٿو،
کهڙيءَ دنيا ۾َ گهاري ٿو!‘

*(وچون وسط آئيون)*

هُونءَ وڏيرو هلَ ڙي!
ڏاڍي جو ڏَهڪارُ تہ هُن جي جهرڪيءَ جهڙي دِل ڙي!

هُونءَ وڏيرو نانگ ڙي!
بگڙي جو سَرڪار تہ هُن جو ساپي وارو سانگ ڙي!

هُونءَ وڏيرو واڄ ڙي!
بود اڇي پوتارُ تہ سمجهو هُن کي ڪُرسيءَ آڄ ڙي!

هُونءَ وڏيرو ڏَپ ڙي!
ڪِئن نہ ڪَچهريءَ ۾ ايندو آ، لائي سُرهي لَپ ڙي!

هاڪَ تہ هُن جي هُونءَ ڙي!
سَوين سُريتيون ڏاري، ها پَر جوءِ تہ هُن جي جوُنءِ ڙي!

پنهنجي ريتي راند ڙي!
لالَ جهنڊي جي اڳتان ڏاڍو مَڇري تو هو ڏاند ڙي!
پنهنجي ريتي راند ڙي!
ڇو تہ وڏيرو ڏاند ڙي!

(وجون وسط آئيون)

چا تِن ۾ اَت اُڪير هُئي،
جي دوها ڪالهه ڪَبيرَ چيا!
هُن رامُ رحيمُ ٻئي گهَٽَ تي،
ڪنهن نام مٿان تي گهورَ ڪَيا،
هُن مَڌُ- ماتي جو مَتو هو
’جن پيار ڪَيو، سي پار پيا‘.

ڪي دِليءَ ۾ درويش هُيا،
تِن جي ٻہ تہ ساکي وائي هُئي،
ءِ گورڪناٿَ گُفا ۾ ڪَلهہ
جا پنهنجي جوتِ جَلائي هُئي،
سا جوتِ ڀٽائيءَ سنڌوءَ تي
ڪنهن ڏيئي ۾ ٽمڪائي هُئي.

اڄ آءٌ ڀٽائيءَ جو ڀيدي،
تنهن پيار مٿان پُل ٺاهيان ٿو-
جنهن وقت لهوءَ جي درياءَ تي
مان هيٺ ڏسي گهبرايان ٿو،
تنهن وقت ڀنواٽيءَ ڪي پنهنجي
ڪنهن پُڙ جهُڙ سان ٻهلايان ٿو.

اُن پُڻ جهُڙ ۾ هِن ڌرتيءَ جي
ڪا صدين جي سنگيت بہ آ،
۽ ان ۾ آهہ ڏِڪارَ اُها،
جا هارَ بہ آ ۽ جيت بہ آ،
۽ اُن ۾ آهي پيار اُهو،
جو پيار بہ آ، پريت بہ آ.

پو آءُ ڪُلهي تي هاريءَ جي
تو پنهنجا هيٺا هَٿَ رکان،
۽ ڪوڏر جا مزدُور جهَلي،
تو تنهن ۾ پنهنجي سَگهہ ڏسان،
جي دوها ڪالهہ ڪبير چَيا،
تو ڇيري پنهنجو هانءُ ڇوان.

(وڇون وسڻ آئيون)

## نئون نسل

نٿَهڻ اُسَ، وهاڻيل ويرا،
اَرهڙ جا آڙاھَہَ هَوا ۾،
رَتو رَتُ پراهان پيرا،
اَت اُجايل ساھہَ هَوا ۾.

هِن پٽرائينءَ چُپ ۾ ڪنهن کي
جهوراٽي جي جهَانءِ نہ گهرُجي.
تنهنجو گيتُ ڪُويرو آهي،
ءِ جي سَچ چَوانءِ، نہ گهرجي.

سر سر ۾ سنداڻ وڄي ٿي،
لوَھہ رجي اج رُڪُ ٿيو آ،
وڪَ پنيانَ ٻي وَڪ ڪڄي ٿي،
هَا، پر اڳتي پَنڌ پيو آ.

گيتُ اُهو جو وک وڌائي،
اُن جو سَنگ سجايو آهي،
جانئا جيءَ چڏي جو گهائي،
اهڙو گيتُ اجايو آهي.

تنهنجي لَيءِ کَهڪاوَ ـ ڪُتل آ،
تنهنجا قومي گيتَ نہ گهُرجَن،
نسل نئون فولادَ مثل آ،
اُن کي مومِي گيت نہ گهُرجن.

(وچون وسڻ آئيون)

آءُ اڪيلو سامهون سَٽَ،
خنجرَ خنجرَ ڪيئي هَٿَ!

آءُ اڪيلو سامهون سگَ،
ڪانداريل، ڪانداريل لِڱَ!

آءُ اڪيلو ڪُوڙ۔ ڪَٽڪُ
مون لَءِ ڪوئي لنگهُ نہ لَڪُ!

مون کي ماري لوئيءَ لَڄ،
ساري وستي سُوئر۔ وَڄ!

سنڌڙي! تنهنجو نانءُ وَتو
ڪاريهر تي پيرُ پيو.

(وجون وسط آئيون)

رمِ جهمر! ڪيئن جوُالا سان تو پريت لڳائي آهہ؟
تنهنجو مَنهنجو ڪهڙو ناتو! پريت اجائي آهہ۔

تنهنجا پيرَ چنبيليءَ جهڙا مون وٽ ٻاٻُري ڪَنب،
تو وٽ ساپيا، مون وٽ سُپنا، مونسان پريت نہ وَنب!

مان ويراڳي، مون ڪي نگريءَ نگريءَ نينهن چِڪي،
ڪهڙو مندر آهي، جنهن جو مون تي تلڪ تِڪي!

تنهنجون ڳالهيون چندن چورو منهنجون ڳالهيون آڳ،
منهنجي خوشبو! جلندا رهندا مون وٽ تنهنجا ڀاڳ۔

تنهنجا سپنا اهڙا جهڙا، پاتوليءَ جا هَٿَ،
منهنجا سپنا ڪيتر ڪيتر، ارجن جي هَٿِ رَٿَ۔

آءٌ اجنتا ۽ ايلورا، پٿر جو پڙلاءُ،
منهنجو روح ڳڻا ڪان گهرو، جُڳَ جُڳ جوڳ جَڙاءُ-

شايد تو نہ ڏٺو آ منهنجي، سُپني جو سوراجُ،
جنهن جي اڳيان ڪجهہ بہ نہ آهي، هي جمنا ۾ تاجُ-

شايد تو نہ ڏٺو آ مون ۾ آدِيءَ رات اروڙ
جنهن تي چنڊُ ڪروڙين ڪرڻن جو وجهندو آ موڙ-

مان سنڌوءَ جي ڌارَ نہ روڪيو آ جنهن کي ڪنهن گهاٽَ،
لَهَر لَهَر تلوارَ ڪندي وَئي ڪُنَ ڪُنَ ۾ ڪڙڪاٽَ-

ڌرتي ٻوڙيان، ڪيت ولوڙيان، مان ساوَڻَ جو مينهن،
تون گهَرَ جي پرگهورَ لڳو ڪئن تنهنجو مون سان نينهن!

ها، پر منهنجي چَنَ ۾ چانورڙو تي آئي آنهہ،
ها، پر منهنجيءَ چِت تي چانڊوڪي تي ڇائي آنهہ-

تون منهنجي نرواڻ نہ آهين، پر منهنجي چانڊاڻِ!
ڇا ڇا تنهنجو روپ رِتي آيو آ منهنجي ڪاڻ!

جڏهن بہ ڌرتيءَ جي ڏُکڙن ۾ اٽڪي اُلجهي آنءُ،
ويهي رهندس، مون تي ڇايا ٿيندو تنهنجو نانءُ-

جڏهن بہ مون کي قابو رکندا، ڪيئي ڪوٽَ ڪڙا،
ايندي تنهنجي سار تہ وڃندا، چوڏهينءَ چنگَ چَڙا-

جڏهن نہ ايندا اوڏا جيڏا، تيندو سوريءَ سَڏُ،
تنهنجو پاڇو هلندو رهندو مُرڪِي مون سان گڏُ۔

تون منهنجي نرواڻ نہ آهين، پر رهندينءَ مون ساڻُ،
جيسين ڳولي ڳولي پائيندس مان پنهنجو پاڻُ،

(وچون وسڻ آئيون)

ڪُوڙِي،
ڪُرِتي،
پائُ- وڪٽِڙي-
ميريءَ ڪهڙو ڏوہي- گهاٽُ!

حيرت! حيرت!
پو بہ سياست
ڪي هيءَ جُرئت!
ڪئن نہ ڪَري تي اوچو ڳاٽُ!

(وچون وسط آئيون)

هــي ســنــگــرام!
ســامــهــون آ
نــارائــڻ شــيــام!
هن جا منهنجا
قول بہ ساڳيا
ٻول بہ ساڳيا
هُو ڪَوتا جو ڪاڪِ ڏٽي، پر
منهنجا رنگ_ رتول بہ ساڳيا
ڏَڻُ بہ ساڳيو
ڏولَ بہ ساڳيا
هانءُ بہ ساڳيو
هولَ بہ ساڳيا
هُن تي ڪئن بندوق ڪٽان مان!
هن کي گولي ڪيئن هٽان مان!
ڪيئن هٽان مان!
ڪيئن هٽان مان!!
ڪيئن هٽان مان...

(وچون وسڻ آئيون!)

هيءَ ڏڱاٽو خان
اِنهيءَ جو
پيءُ بہ هاري
پُٽُ بہ هاري
پوک اُهائي ساڳي ساري
ساڳي جوڙي تي پاڇاري
ساڳيا هَر ۽ ساڳيا ريجا
ساڳيا ٻيجا
ٻيجَ بہ ساڳي تيجَ بہ ساڳي
چوٽِ بہ هڪجهڙي وڏ۔ ياڳي
ڳوٺ بہ ساڳيتا
موٺ بہ ساڳيا
پيرَ۔ ڪَڙيون ۽ ٽاٽا ساڳيا
نينگر لاءِ جمعاٽا ساڳيا
جنهن ڏرتيءَ کي وينو کوٽي
تنهن ڌرتيءَ ۾ آخر موٽي!
ها، پر سانجهيءَ ٽاٽي
گهوڙي کي جنهن وقت پلاٽي

سنج وڇائي
ڏاڍيان ڳائي،
گهوڙي جي هڻڪار هَوا ۾
پَرتي پَرتي پَر ڦهلائي
۽ ساري لالاڻ شفق جي
ڦهلي ڦهلي
نُور وهائي نيسارن ۾،
هِن ۾ گهوڙي جي تارن ۾،
ڀاَنيان ٿو تنهن وقت ٻنهي جا
نيڻَ صدين جا سيڻَ لڳن ٿا. . .
ها، هي ساڳيو ماڻهو آهي
جُڳ گذري ويا، بدليو ناهي،
توڙي هيءُ ڏڱاٽو خان،
انهيءَ جو پيءُ
انهيءَ جو پُٽ
اڃا يي بدليو ناهي،
ماڻهو ساڳيو ماڻهو آهي!

(وڄون وسڻ آئيون)

پورهيت لئي پرديس بہ ساڳيو
ديسُ بہ ساڳيو۔
چيڙهہ بہ ساڳيو چَڳَ بہ ساڳي
ليڙون ليڙون ويس بہ ساڳيو
ڌرتيءَ تي انڌڪار بہ ساڳيا
اوندهہ جا آذار بہ ساڳيا
سُڄ بہ ساڳيو سَيِ جو آهي
اُپَرڻ جا آثار بہ ساڳيا
پيٽ۔ بُکئي جي پورءِ نہ ڪائي
انگ۔ اُگهاڙا پارَ بہ ساڳيا
هن ڌرتيءَ جي دين بہ ساڳي
غاصب ۽ غدار بہ ساڳيا
وَڏَ بہ ساڳيا، ڏَڏَ بہ ساڳيا
ويري ساڳيا، وارَ بہ ساڳيا
اي اونداها ڪَنڌ! اسان ۾
اڄُتي سيِ اقرار بہ ساڳيا

اولَهه اوير
ڏکڻ اُتَر
ڏات ڏکيءَ جو ڏيرو ساڳيو
باک۔ ڦٽيءَ جو پيرو ساڳيو
پيرو ساڳيو
پورهيت لاءِ سَويرو ساڳيو.

(وچون وسڻ آئيون)

اڄڪلهہ اُردو شعرا۔
جئن ڪا وڏوا وئشيا تي،
ڏُک ۾ تورو وقت ڏَجهي،
ءِ پو سُرمو سينڌِ ڪَري،
ڪَٿَ تي ويهي وَاجهہَ وجهي،
ڪَڙ ڪَڙ سڪي تي کِجڪي،
گاهَڪ گاهَڪ کي تاڙي۔
ءِ جي تاڻيدارُ ڏِسي،
مُرڪي اُن جي لاءِ جهُڪي،
ڪنهن بہ سَتيءَ پَت۔ ورتا کي،
مور نہ پنهنجو مَٽُ سمَجهي۔
هُونءَ تہ ٿَهہ ٿَهہ ۾ ٺهلي،
رنگبرنگي تي نڪري،
عاشورا جنهن وقت ڏِسي،
پِٽڪي ڪُتڪي ۾ پنهنجي
پائي ڪارا جوڙا،
اڄڪلهہ اُردو شعرا. . .

(وجون وسط آئيون)

چِڙيا- گهَر ۾ واڳهه، اُنهيءَ جي گهُور ڏٺي آ تو؟
هُوءَ پيجري ۾ وکَ،
اُنهيءَ جي ڏِرَ اُنهيءَ جي تِکَ،
اُنهيءَ تي برکا رُت جي چِکَ،
انهيءَ جي گهُور ڏٺي آ تو؟

هُوءَ پيجري مان تاڙ
اُنهيءَ ۾ چالَ يَري چيچاڙِ
پروڪو چاهه، پَرينَ چِنگهاڙَ
انهيءَ جَي گهُور ڏٺي آ تو؟

هوءَ پيجري تي راتِ
اُنهيءَ ۾ تانگهه، اُنهيءَ ۾ تاتِ،
اُنهيءَ ۾ موتُ، اُنهيءَ ۾ ماتِ،
انهيءَ جي گهُور ڏٺي آ تو؟

مون کان کهڙو حالُ پڇين تو!
چِڙيا- گهَر ۾ ڇو نہ وڃين تو!

(وڄون وسڻ آئيون)

هِي ديسُ مَري ويو آهي،
تون ڪنهن کي تِي ڏونڏاڙين؟

اي ڪويل!
ڪُوڪي ڪُوڪي،
تون ڇا تِي چيرين، ڦاڙين؟
تون ڇا تي پاڻ پڇاڙين؟
هِن مُردي ۾ دِل بہ تہ ناهي!
دل بہ تہ ناهي!
دل بہ تہ ناهي!

(وجون وسط آئيون)

ٻيرُو! ڪيئن ڳيا تئين پُٺَ!
ڪنهن جي لاءِ مُئين!

چانڊوڪيءَ جئن تن آ تنهنجو!
ڪاري رات ڪفن آ تنهنجو!
ڪنهن جي لاءِ مُئين!

تون بہ ٻُڪايل، هُو بہ ٻڪايل،
تنهن کي ڪيئن ڪَيو تو گھايل!
جنهنجي ساڳي ڌرتي ماتا،
جنهن جا ساڳيا ڏُک جا ناتا!
ڪنهن جي لاءِ مُئين!

پيٺَ- ٻُڪئي ۽ پيٺَ پرئي جو
ڪھڙو رشتو؟ ڪھڙو ناتو؟
ڪنهن جي لاءِ مُئين!

اڄ اوير جو ٻُڪَ وطن آ،
هيءَ بندوق ٻُڪئي جو ڌَنُ آ،
گوليون ڪيئن وڃايئہ پيارا!
پنهنجا يائر گهايَئہ پيارا!
ڪنهن جي لاءِ مُئين!

ڳيرؤ! ڪيئن ڳيا تئين پُٺَ!
ڪنهن جي لاءِ مُئين!

(وجون وسط آئيون)

او انسان!
او انسان!
ڪنهن ڪي تو مارين!

هي ماٺهوءَ جو ٻچڙو آهي۔
هي جو پٽر ڪان ڏاڍو آ،
ڪَوُنپل ڪان ٻي ڪچڙو آهي!
او حيوان!
او حيوان!
ڪنهن ڪي تو مارين!

هن جو توسان ويرُ بہ کهڙو!
هن جو ديسُ بہ ساڳي ڌرتي،
هي بہ تہ ماڻهو آ تو جَهڙو!
او نادان!
او نادان!

ڪنهن کي تو مارين!

چو نہ اِهو تو تون ساڃاهين،
ڪير ٻنهي جو ويري آهي؟
چو نہ اُنهيءَ ويريءَ کي ڊاهين؟
او انسان!
او انسان!
ڪنهن کي تو مارين!

*(وجون وسط آئيون)*

تو جو هي آڳاٽا آندا،
پنهنجا مُلهه- مهانگا سُپنا-
اهڙا ميوا
ڪيرُ خريدي؟ ڪيرُ خريدي؟

ڪَهڙو آهي حالُ هتان جو!
مَنُ مَنُ آ ڪنگالُ هتان جو-
تنهنجا سُپنا
ڪيرُ خريدي؟ ڪيرُ خريدي؟

جن ۾ امرت- رَسُ بہ آهي،
واڪو آهي، وَسُ بہ آهي-
اهڙا دوها
ڪيرُ خريدي؟ ڪيرُ خريدي؟

(وجون وسط آئيون)

مون وٽ ڪيئي گيت ڳگن جا
پنڇي بن جا
سانگ سُپن جا.

پر اي وَڏَ- وهاڻيل سَرتي،
گهايل ڏرتي،
توکي پرتي.

منهنجي ڪَوتا، جاپَ جُڳن جا
اڻ- ڳاتل آلاپَ جُڳن جا،
شال ڏئان مان پاپُ جُڳن جا!
جَن گَن مَن جا!
جَن گَن مَن جا!

(وچون وسڙ آئيون)

## دولهہ دريا خان جي پٽ کي

تُون هُونءَ بہ مَرندين ڪاڇي ۾۔
اَڄ ناهَر وانگُر چالَ ڏئي،
تون آءُ پهاڙيءَ پاڇي ۾.

تون گوليون هيٺ هَلائي ڏسُ!
۽ ڪنهن پَٿر جي اوٽَ ڏئي،
هِنَ ڌرتيءَ کي ڌڌڪائي ڏسُ!

جي تنهنجو ڦِرندو لاش ڪِري،
نئن گاجِ مٿان، پَروا ناهي،
جي ڌرتيءَ تي آڪاشُ ڪِري.

هيءَ ڌرتي اُن کان هيٺي آ،
تون ڏاڍي جو ڌَهڪاءُ نہ ڏسُ،
هر دلِ بندوقَ وهيٺي آ

هَر گوليءَ کي ڪا ٻولِي آ،
جا هرڪو ڄاڻون ڄاڻي ٿو،
تون چَوندين هيءَ پرولي آ. . .

پر سَولِي هيءَ پرولي آ.
تون ڪنهن جو ٻانهون ناهين ڙي!
جي گولي تنهنجي گولي آ.

اَڄ ناهَر وانگُر چالَ ڏئي،
تون آءُ پهاڙيءَ پاڇي ۾،
۽ ڪنهن پَٽر جي ڊالَ ڏئي،

تون گوليون هيٺ هَلائي ڏِسُ!
۽ ٺا ٺا. . . ٺا ٺا. . . جي سُر تي
ڳڙ آزادي جا ڳائي ڏِسُ!

(وجون وسڙ آئيون)

مان توکي گيتَ ڏيان اي ڌرتي!
تون مون تي زنجيرَ وجهين!

هي گيت گلابي جهڙ ڦُڙ جا،
هي گيت شرابي جهڙُڦُڙ جا،
هي ساوَڻ جا من ڀانوَڻ جا،
هي آگم آگم آنوڻَ جا،
هي گيت اُجايل مورن جا،
ريتيءَ تي ڪَنڌ ـ ڪَنورن جا،
هي گيت سُنهريءَ سنڌوءَ جا،
جا سُپنا آهي سانجهيءَ جا ـ

هي گيت تکن طوفانن جا،
هي گيت اَٽل انسانن جا،
هي گيت روپهري ٻانهُن جا،
ءِ دوريءَ جا ءِ دانهُن جا،
گهنگهور گهٽا جئن جوانيءَ جا،
پُرشور هوا جئن جوانيءَ جا،
هي گيت رسيلن رنگن جا،
يا جهولا مست اُمنگن جا!

هي گيت نِڪورن تانوَن جا،
۽ لانوَن جا ۽ چانوَن جا،
هي گيت رُسڻ جي راتين جا،
۽ اَت اُڪنديُن باتين جا،
هي گيت برھ جي بانديءَ جا،
۽ سُهڻين جي سيرانديءَ جا،
۽ وارن ڪارن ڪارن جا،
هي گيت سُڳنڌي سارن جا،
هي گيت جُدائيءَ جهوريءَ جا،
۽ لونءَ لونءَ ڪنهن جي لوريءَ جا،
۽ هَر هَر هنجون هارڻ جا،
هي گيت اَڪارڻ ڪارڻ جا.

ڪنهن وقت هوا ڪان هَلڪا ها،
هي گيت جهڙاليءَ جهَلڪا ها،
ڪنهن وقت اِهي ڳنڀير هُيا،
ڪنهن اونهيءَ نَئن جو نِيرُ هيا،
هي گيت ڏياٽيءَ ڏرتيءَ جا،
۽ داٽي پاٽيءَ ڏرتيءَ جا،
هي گيت لهوءَ جي لُڙڪن جا،
هي گيت سَلهاڙيل سُڏڪن جا،
هي گيت اُڏاٽل ڳيرن جا،
۽ آنڌيءَ ۾ آکيرن جا،

هي گيت ٻُڪايل ٻارن جا،
۽ مستقبل جي تارن جا،
درماندن جا، مزدورن جا،
۽ ڪيتيءَ ڪيتيءَ ڪورن جا،
زنجيرن جا، زندانن جا،
۽ لوهہ لڱين انسانن جا،
۽ سوريءَ تي سَرواڻن جا.

هي گيت اَمر اُهڃاڻن جا،
هي گيت ڪُليل ميدانن جا،
۽ جندڙيءَ جي جولانن جا،
هي گيت اَجھلَ آزاديءَ جا،
۽ ٻانهن ٻَلَ آزاديءَ جا،
جو ڪيري ڪوٽ غلاميءَ جا،
هي گيت اُنهيءَ هر عاميءَ جا.

مون توکي ڇا ڇا گيت ڏنا!
ڇا شبنم شعلا گيت ڏنا!
ڇا سُپنا سُپنا گيت ڏنا!
ڇا سُندرتا جا گيت ڏنا!

مان توکي جيتَ ڏيان اي ڌرتي!
تون مون تي زنجير وجهين!

(وجون وسط آئيون)

تون جو مون کان پوءِ اچين،
ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين منهنجا گيت ٻڌين،
مون کي ياد ڪرين!

سنڌڙي ساري ڳاڙهو ڪهنبو تي ويندي تيسين،
۽ جي اُن تي منهنجي ڦلڙيون ڏات ڏسين،
شال اهو سمجهين!
ڏات وڏي شيءِ ناهي،
پر سَچ وڏي شيءِ آهي،
۽ جو سَچ مچائي
سو مَچ وڏي شيءِ آهي!

(وڄون وسڻ آئيون)

اي ڪينجهر! تنهنجي ڪنڌيءَ تي،
ڪوئي تہ تماچي اچڻو آ!
ٻه نُورا پائي نُوريءَ کي
تي لهرون لهرون نچڻو آ!

مون ڪالهہ پَتَڻَ جا پارَ پُڇي،
تن لاءِ بتيلو تاهيو آ:
طوفان لڳا، سڙهہ ڪونہ چِڪيا،
اُنَ ڪيڏو سَينو ساهيو آ!

اڄ لامَ نِوائي نيري جي،
تن لاءِ ستارا توڙيان تو،
تا جهرمر جهرمر هار لڳن،
جي گيتَ نوان مان جوڙيان تو.

اي ڪينجهر! توتي ڳاڙها گل،
جو واءُ قلاري وِيٺو آ ـ
هن سونهريءَ جي سَرَ سَرَ جي،
سو سونهن اَجاري وِيٺو آ.

اي ڪينجهر! تنهنجي ڪنڌيءَ تي
ڪو ميلو نيٺ تہ مچٽو آ!
ڪا نُوري نيٺ تہ نچٽي آ ـ
ڪوئي تہ تماچي اچٽو آ!

(وچون وسٹ آئيون)

سَرديءَ ۾ سنگينون آهن،
وَرديءَ وارا بُوٽ اچن ٿا ـ
اَؤٽا پيرِ، پري کان پَڌرا،
منهنجيءَ چانئٺ تي ترسن ٿا ـ
هيسيل هانوَ اُڀرا اَلڪا!
سارا ياتي ڌَڪ ڌَڪ ڪَن ٿا ـ
ڄڻ هوُ دَر تي
ٺَڪ ٺَڪ ڪَن ٿا
ٺَڪ ٺَڪ ڪَن ٿا!

"مون تہ چيو هو توکي، بابا!"
ڄڻ پيو ٻوڙا لُڙڪَ لڙن ٿا ـ
"اهڙا گيت لکين ڇو تو تون،
"جو توتي زنجير وجهن ٿا!
"توکي ديسَ ـ ڏُروهي ڪوٺي،
"ڪوُڙا ڪانٺر بَڪ بڪ ڪن ٿا."
ڄڻ هوُ در تي
ٺَڪ ٺَڪ ڪَن ٿا ـ
ٺَڪ ٺَڪ ڪَن ٿا.

(وڄون وسڻ آئيون)

هن ديسَ سڄي ڪي سائي آ،
هر شام اُفق تي ليمي جئن
ڇا هيبڌي هيبڌي آئي آ!
۽ اُن جي ڪاريءَ 'ڪان ڪان' ۾
ڇا وحشت! ڇا تنهائي آ!

ڪو ديوُ ڦري ٿو ڌرتيءَ تي،
جنهن منهن ۾ پاتي ڇائي آ،
۽ ڪَنڌُ ڪِرنگهو ماٺوءَ جو
تنهن رَڙڪي، راڙِ مچائي آ ـ
جو پُٺڪو آهہ پيانَڪ آ،
هر ڄاڻوءَ ڄيَ ڪَپائي آ،
ڪا جهاتي ناهہ جهَروڪي ۾،
ڇا هيبت هن ڦهلائي آ!
آ مڙهہ جي ماٺ هوائن ۾،
هر شام هتان جي ڪائي آ ـ
پر توسان ڳالهہ اجائي آ!

هن ديس سڄي کي سائي آ،
هر سپني ساڀيا ۾ اُن جي
کا هيڊي هڪجهڙائي آ_
سڀ اُڏري ويا وهلُور وِڳر،
کا ڪُونج نہ موٽي آئي آ،
سُڄ تاري تاري ڪَپجي تو
ڇَا 'کان کان' جي ڪارائي آ!
هر وقت پيو راڪاسُ رَڙي،
تو ڪهڙي آس لڳائي آ؟
ڪو ڪَنڌُ ڪرنگهو آهي ڇا،
جنهن ۾ کا سَگهہَ سمائي آ؟
سي ڳاڙها قول ڪٿي آهن،
تو جن لئہ جهول وڇائي آ؟
ڪنهن باکَ_ ڦٽيءَ جي سپني ۾،
تو ڪيڏي عمر گنوائي آ!
پر تو سان ڳالهہ اجائي آ. . .

(وجون وسط آئيون)

چڳو ڀنائي آءُ هلان تو۔

مان تنهنجو احسان وساريان،
سو ناممڪن آهي سائين!
تون تہ اگهي جو آڌر آهين،
رهندي تنهنجي سارَ سدائين.

ساحل تي بيهوش هيُس مان،
مون کي لهرون لوڙهي آيون:
جي مون سان تنهن وقت ڪيئہ سي
ڪيئن ڀُلايان آءُ ڀلايون!

تو مون کي ٻي جندڙي بخشي،
ساهہ وڌو تو سُرت ڏني تو
مون سان ساريون راتيون جاڳي،
ڏيکاري آ پيچ۔ پِني تو.

پر هاڻي ڏِسُ هو وانڻيون،
جن ۾ ڪو سپنو سَرجي ٿو،
گهنگهور گهٽائون پرجن ٿيون،
پُرشور سمندر گرجي ٿو. . .

هوءَ ڇاتي ڇوليءَ ڇوليءَ جي،
هوُ لوليون لهر هندوري ۾!
پر ڇا ڇا تارَن- تِڙڪا ها
هِن ڪَنڌيءَ هيٺان ڍوري ۾!

۽ ڇا ڇا وينجهرَ واءُ جَڙيون
ڪلهه منڊيون تنهنجي واريءَ تي!
مان توسان پاڙيندو رهندُس
جي ٻول ڪَيم ٻيڻاريءَ تي-

اڄ مون کي ٻيهر وِجٽو آ
طوفانن ۾، طغيانين ۾،
هن رت جي ريت نرالي آ
تي شور وجهي شريانين ۾-

هوُ ساحل ڏاڍو ڏُور سهي
پر اُن جا سَڏ ٻڌان تو مان!
هيءَ ڪشتي، جا تو جوڙي آ،
اڄ اُن تي دُور وڃان تو مان-
ڇڱو ٿيٺائي، آءُ هلان تو.

(وجون وسط آئيون)

جنهن تي بہ ٿيو جنهن وقت ٿيو جنهن جاءِ ٿيو
سو مون تي ظلم ٿيو آهي.

ڪا ٻانهَن وڌي، مون دانهن ڪئي، جو ڪانهُن ڳپيو
سو منهنجيءَ ڪنڌيءَ جو آهي!

ڪوئي بہ ڪُتو جيڪو بہ ڇُرو، جنهن تي بہ هَليو
سو منهنجي رَتُـ رتو آهي.

جنهن وقت بہ ڪو مون گيت چيو هن ڌرتيءَ جو
ڄڻ ڪوئي قرض چُڪو آهي.

*(وچون وسط آئيون)*

ڏينھُن جھڪيو ھو ڏاگھي جئن،
جھَرڪي ھئي سانجھيءَ جي جھُل،
گھَر کان ٻاھر ڪيتيءَ ۾
ڇا نہ ھيا ڪَس ڪَس جا گل!

مون تِن جي ڳاڙھاڻ ڏسي،
سج۔ لٺي ۾ ووڙيو ھو
ڪَالھ ڪَڪوريءَ ڪَڪريءَ تي
مون ڪو تَنبو ڪوڙيو ھو.

پو ھوُ ڪانئر آيا ھا،
ڪولي مون لَئہ ھَٿ۔ ڪَڙيون،
ڪيئن وساريان اي ساٿي،
آۓ اُھي گھنگھور گھَڙيون!

ايئن لڳو ھو ڄڻ ڪنھن ڪَڏ
پنھنجو واتُ پٽيو آھي،
۽ مون کي ڪنھن واڳوءَ جئن،
ڏيئي جھَڙپ جھٽيو آھي.

ڪالهه تہ ڳاڙها ڪَس ڪَس گل
ڪنهن نَشي جي نِينڊَ هيا،
اَڄ اُهي تا ڪَٽنڊ لڳن،
منهنجي ريٺي رَتُ_هاٺا!

سانجهي ياد ڏياري تي،
لَهندي سجَ جي هَٿ_ ڪڙي!
جنهن ۾ قيد ڪَئي وئي آ،
ڪائي سَرجڻهارَ گهڙي!

(وجون وسط آئيون)

هي واريءَ پَنڊُ نہ ڳُنٽو آ. . .
اي رِڻَ جي رات! انڌيري ۾،
هي منهنجو سپنو ٽٽو آ.

ڪنهن وقت وهائو ڳائي ٿو
۽ چارو چمڪِي، پيرن کي
ڪو ڏڍُ ڏئِي ٻوڙائي ٿو.

ڪنهن وقت گهَٽا جي گهاٽيءَ ۾،
هي ڪارو نِپُ پهاڙن جان،
آ پنهنجيءَ چوماچاٽيءَ ۾—

ڪو ڏائِڻُ جَڻ ٻُچڪار ڏئي—
تو چَپَ چُمي ڪنهن ڏائڻ جا،
۽ ڍادَ ڪَري ٿو ڍارَ ڏئي—

تنهن وقت گهٽا ۾ گهُوريان ٿو.
۽ جاچي پنهنجون لالُ لِڦُون،
مان اَرتيون اکڙيون پُوريان ٿو. . .

۽ ڊُرڪي ڊُرڪي سوچان ٿو
’هي واريءَ پَنڊُ نہ ڪنٽو آ. . .
’مان چو لالَڻ لَئہ لوچان ٿو!‘

(وڄون وسڻ آئيون)

ڳَلهه بيهي ڪنهن نِم جي هيٺان،
مون سوچيو- آءٌ به وَڻُ آهيان!

مون ۾ به نِموريون وهُ جهڙيون،
جي ڇِچرن ويٺا نوريئڙا!
تو چانوَ ڳيان مان ڌرتيءَ تي
پر مون تي اُبَ جا آرانيا!

هن ڳلرائيءَ ڌرتيءَ تي مان
پيو تي نه سگهان، توڙي چاهيان-
ڳَلهه بيهي ڪنهن نِم جي هيٺان
مون سوچيو- آءٌ به وَڻ آهيان!

(وڃون وسڻ آئيون)

تو سَجُ لهي، جَڻ ڍاڪوُنءَ ۾
ڪَنهن رينو رَتُ ڍَريو آهي!
۽ هَرڪو ڏُڪ ڏُڪ پيئي تو
اِئن جيئي تو!

تِي رات اچي، هَر تارُون ۾
ڪنهن تاري تيرُ هنيو آهي،
پَر هرڪو لوچَ ڇُپائي تو
۽ ڳائي تو!

تون تون ناهين! مان مان ناهيان!
تون ڇا آهين؟ مان ڇا آهيان؟

(وجون وسڻ آئيون)

ڪُتا يَونڪن
ياڳيا يَونڪن
چور بہ يَونڪن ٿا!
ڪيڏي آ اوناڙ هوا ۾!
هَر هَر هِيئين- ڦاڙَ هوا ۾!

جارا چرڪن
چارا چرڪن
تارا چرڪن ٿا!
ڪير اَويرو آيو آهي!
هن وَستيءَ ۾ چا ٿو چاهي؟

(وڃون وسط آئيون)

هي شهر بہ جهڙو بابُل آ ـ

گَهَر گَهَر ۾ گهنڊ گُناهن جا،
دِل دِل ۾ چَڪلا چاهَن جا،
محراب اُهي مُنبر بہ اُهي،
جت گوڙَ لڳا گمراهن جا.

آ تورو فَرقُ، اُهو هي آ ـ
هت جو بہ فرشتو آيو آ،
پو ڏوهي آ، بي ڏوهي آ،
هِنَ کوهہَ اندر لٽڪايو آ ـ
هي شهر بہ جهڙو بابُل آ.

(وجون وسط آئيون)

مُلان پنهنجي عمامي ۾
سوچي، ڏاڙهي نوچي،
’سرمد ڇا تو سوچي؟‘

دلِيءَ جون ديوارون سوچن،
ڇَنڊُ قُطب- مينارَ مٿان آ،
ڌرتيءَ تي دستارون سوچن،
مجري مجري جي پايل ۾،
ڇَم ڇَم جون ڇَنڪارون سوچن،
قِلعي قِلعي اَک نہ جهپڪي،
رات لڙيءَ للڪارون سوچن،
هَٿ هَٿِ خوني خنجر سوچي،
تارُونءَ ۾ تلوارون سوچن،
دارا جي تقدير نہ سوچي،
هونءَ تہ سڀ درٻارون سوچن-

’سرمد چا تو سوچي؟
’هنَ عريانيءَ جي جامي ۾،
’لَونءَ پئي چا لوچي؟‘
مُلان پنهنجي عمامي ۾
سوچي، ڏاڙهي نوچي،
’سرمد چا تو سوچي؟‘

(وچون وسٽ آئيون)

تون ديوانو آنهه مُصورا!
هيءَ ڪائي تصوير تہ ناهي،
چئہ هيءَ ڇا هي؟

سو تہ ڏسان تو سُج لٿو آ،
رَتُ۔ وَرنو آ، دلِ جهڙو آ
پر هي ڪنهن جو لاش پيو آ؟

ڇا، هيءَ جهانسيءَ جي راڻي آ؟
ڇتر تہ ناهي، ڳڙدانٽي آ!
رَتُ آ! پَرلَئہِ جو پاڻي آ؟

هي ٽيپوءَ جو ڪَنڌُ پيو آ،
ٽيپو ساڳيءَ جاءِ مُئو آ!
۽ هي ڇاهي؟ ۽ هي ڇو آ؟

هي تہ 'مُسدس حالي' آهي!
ڳاڙهي رَتُ ۾ آلي آهي!
۽ هيءَ ڳِجههَ نرالي آهي.

چا، ڪا ڳجھ بہ پڙھندي آھي؟
ھيڏي ڇُھنب تہ ڪنھن جي ناھي!
ٽيپوءَ تي پنھنجا پَر ساھي،
ٽي راٽيءَ جا نيڻ ڇٻاڙي!

ءِ جڻ لھندي سِجَ کي تاڙي،
ٽي نظرن سان چيري ڦاڙي!
تون ديوانو آنھ مصور!
ھيءَ ڪائي تصوير تہ ناھي،
چئہ ھيءَ ڇاھي؟

(وجون وسط آئيون)

سُر هيٺ، ڏڳُر مٿي،
شَوُ ناچُ تو ڪري،
ٻَلُ ٻانهن ۾ نہ، پر
ٻهہ ٻهہ ڪَيو ٻري،
چا هَٿَ تو هٽي!
چا پيرَ تو ڏري!
انڌو ڏسي نري!
نَٽ۔ راج هيل تو
کو مسخرو لڳي!
تانڊوُ تہ نانوَ ۾،
آ ڪِلَ وڏي ڪڳي؛
هئن ڌُهل جنگ جو
تو کو ٻڌو اڳي؟
ٻوڙا پيو ٺڳي.

(وڄون وسڻ آئيون)

---

نوٽ: نٽ۔ راج (شوُ) جڏهن تانڊوُ ناچ ڪندو آهي، تڏهن جر جي چڪري ۾ هوندو آهي، هن جون چار ٻانهون هن جي ننگن ڪلهن وٽان ويڻن وانگر ڦهليل هونديون آهن ۽ هن جي گوڏي وٽان مڙيل هڪ تنگ مٿي ڪڄيل هوندي آهي. هن جي انداز مان ڦهر ۽ غضب جي ڪيفيت ٽپڪندي آهي ۽ هن جي منهن تي ديو۔ لوڪ جي گنڀيرتا ۽ پنهنجي ٻل ۾ ڀروسو ٻڪندو آهي. اهو ناچ تباهيءَ جو ناچ هوندو آهي ۽ انسان ذات کي جنگ جي آڙاهہ ۾ وچڙائي ڇڏيندو آهي.

هيڏانهن گَرڻ، هوڏانهن گَرڻ،
ڪو لاشُ پيو آ واريءَ تي،
۽ اُن جي لوهي ٽوپَ اڳيان،
بندوق پئي آ ڌرتيءَ تي،
۽ جنگي تمغو ٽو جَرڪي
ڪو اُن جي خاڪي وَرديءَ تي.
۽ اُن جو ماسُ ڳَري ويو آ
پر بُوٽُ پيو آ پيرن ۾-
ٽي شام، هَڏائين پيجري ڪي
ويا ڪانوَ چَڏي واهيرن ۾،
ٽو گهُوري هن ڪي حيرت مان،
ڪو پيلو گل ڪانڌيَرن ۾!

(وچون وسط آئيون)

قاسي گهاٽ،
اوچي ڳاٽ،
باغيءَ کي آندائون۔
هُو آڪاشُ
۽ هي لاشُ
ڪٿن نہ لَهن تا لائون!
توري دير
پرسان ٻير
ڏُونڻ ڏئي ڇاٽيائون،
هو پڇندو
نوريئڙو۔
تنهن کي قوڙ هنيائون؛
۽ پو هيئن چيائون،
"ڏاڍي بُکَ لڳي آ،
"ٻيرَ تہ ٻہ ٿي کائون!
"ٻيرَ تہ ٻہ ٿي کائون!"

(وجون وسط آئيون)

## جيل ۾ بلئڪ آئوٽ

جئن ڪوليءَ تي چنڊ ڪِڙي ٿو
ڪوئي جھونو ٿَڪُ مڙي ٿو
جو ٻه هٽي ٿو ٻيڙيءَ سُوٽو
تنھن تي چوڪيدارُ چڙي ٿو.
ڪنھن جو من ڪُجھ وِٺو لوچي،
ٽيٽي اڻ- ٽيٽيءَ تي سوچي:
"بمباريءَ جي ڀَوَ ڪان بجلي،
"آهي روز وسائي ويندي،
"پر هو چوڏهينءَ چنڊ ڪِڙيو آ
"(رات تہ ناهي، ڏينھن- ڏٺو آ)
"اُن کي چو نہ وسائي ٿو ڪو؟
"اُن کي ڪير وسائي سگھندو!"

(وچون وسط آئيون)

## ساڳيءَ ڪوليءَ ۾ هڪ قيديءَ کي

هي قابيلُ
هو هابيلُ!
ساڳيءَ ڪُکِ جا ٻئي رهواسي
هڪڙو ٻئي جي رَتُ جو پياسي!
توکي مُصحف پڙهڻو آهي،
دور ستارن جي ڏاڪڻ تي
جَنَتَ تائين چڙهڻو آهي:
مون لئہ دوزخ ڪولِي ڪولِي،
مون کي ڏاڍي ننڊ اچي ٿي-
ٻاهر وَچ
ڏٽيءَ کي مَچ
پڙهين جو پڙهہ
قَلوبان ڪَڙهہ-
وسايان چَڏ تہ اهو قنديل!
ها ها ها ها!
هي قابيل!
هوُ هابيل!

(وجون وسط آئيون)

پهريون پهريون
لفظ خُدا جو ’ڪُن فيَڪُون!‘
شاعر، موسيقار، مصور
سڀ ۾ ساڳيو جوش جنون.
ڪُن فيَڪُون!

ڏات خزانو آهي،
ڀَل تہ وراهي
موتي هيرا،
نيلم نِيرا!
ڀَل تہ ڪَري سينگار صدين جا!
روڪِ نہ تن کي
ٽوڪِ نہ تن کي
هي جي سرجڻهار صدين جا.
تن کي تون پنهنجي ساڃَهہ جي،
ڄاڻي واڻي،
اهڙي ٻُڪَ نہ ڏي اي ڌرتي!
ايڏا ڏُک نہ ڏي اي ڌرتي!

(وچون وسٹ آئيون)

هُو ڪري تو ڏينهن رات،
فاعلاتن فاعلات-

ءِ اُڏامي تي حيات،
عمر ڪي ڪهڙي ثبات!
ناهہ هُن ڪي تانگھہ تات،
ديس جي چا ۾ نجات،
ديس جو واڳونءَ واتِ.

جا اسان وٽ آهہ ذاتِ،
لُونءَ جي ڪاندارَ لات،
موت سان تيندي نہ ماتِ،
تو گھَڙي تنهن لاءِ گھاتِ،
چو تہ ڪانئرَ ڪائناتِ-
فاعلاتن فاعلات
فاعلاتن فاعلات

(وچون وسٽ آئيون)

ڪالهه ڏٺا پوتارَ
مُڇن جا وارَ
تہ ٻہ۔ ٽي اَڇا ها!

سوڍي ڪوئي سَڱُ،
ازل جو اَڱُ،
ڪَئي هُن ها ها ها:

"پندرنهن سَوَ ۾ نيٺ،
"لهي هو هيٺ
"وڏا هي پيسا ها!"

هوءَ هاريءَ جي ڌيءَ
اَلا، هي سيءَ!
پيا ڪلهہ پارا ها.

"جي تو ناٽي۔ ڪَڏَ
"تہ سپ جا سَڌَ"
چئي ويا ڏاها ها.

(وچون وسط آئيون)

ڪالهه سنجاب ۾ سڄي ويڙهيل،
ڪار مان ڪائي نازنين لٿي،
ڪَڇَ ۾ چڙهه سمورَ جو ڪُتڙو
ٻَجِ تي هَٿَ، ڏَڄَ ۾ نرمي.

روپُ شوڪيس ۾ رکڻ جهڙو
رنگَ ۾ هڪ ٻهارُ ٻوندَ- ڀنل،
پيرَ جهڙا پَدم، اکيون پونرا،
وائکي وک، لهر جيئن چنچل.

ٺهلندي هڪ دُڪان تي آئي،
واٽڙا مُنهن نهار سان جهاڙي،
ميز تان ڪيڪ جئن ڪنيائين تي،
تہ ڏنائين تہ ڪو پيو تاڙي.

هيٺ ڦُٽ- پاٺ تي ٻُڪٺي نينگر،
تي ڪَيا بيڪَ لاءِ سانباها،
اَک جنهن جي چپي چپي آلي،
وار جنهن جا ٻڦَوَ ٻڦو اٽيا.

رحم دل ۾ پري لهي آئي،
۽ چپائينس آنڪي ڏيئي،
”هان، متان چرس جي وٺين گولي!“
پوءِ ڪلندي، متي چڙهي ويئي.

(وجون وسط آئيون)

## مزدور جي ٻار جو گيت

ٺُرو وڏو اَبا جو
ٺُرو وڏو اَبا جو
رَئو وڏو اَمان جو
تَئو وڏو اَمان جو
پيٽ وڏو سيٺ جو
پيٽ وڏو سيٺ جو.

هَٿَ چڳا ابا جا
نَڙَ چڳي امان جي
ڳيچَ چڳا امان جا
چيچَ چڳي ابا جي
پيٽ ٻُرو سيٺ جو
پيٽ ٻُرو سيٺ جو.

ڳِيا ڳَيا روٽِلا
ڪسي ويو ديس جا
ٻُڪَ ٻُري ديس جي
نُڪَ ٻُري سيٽ جي
پيٽ ٻُرو سيٽ جو
پيٽ ٻُرو سيٽ جو.

نيٽ اهو سيٽ جو
پيٽ وڏو ڦاٽندو۔
ڇرو وڏو ابا جو
مُرو وڏو ابا جو
پيٽ وڏو سيٽ جو۔
پيٽ وڏو سيٽ جو.

(وچون وسط آئيون)

نوٽ: مٿئين نظم ۾ هر سٽ يارهن ماترائن جي آهي. فارسي عروض جي لحاظ کان ان ۾ چار وزن آندا ويا آهن۔ مفتعلن فاعلن، مفتعلن فعولن، مفاعلن فعولن ۽ مفاعلن فاعلن. سٽن ۾ مختلف وزنن جي اچڻ، نظم جي ترنم کي وڌايو آهي. قافئي ۽ رديف جي پابندي هن نظم ۾ انوکي آهي ۽ ان جي ترنم کي وڌائي ٿي.

## ٽري پار جو گيت

آ گدري جي ڦارَ امان!
اڄ پورو ناهي چَنڊُ، اسان کي بک بہ ڏادي آ !

ڏاڙهونءَ ڪَڻِ چوڌار امان!
هي تارا تارا مَنڊُ، اسان کي بک بہ ڏادي آ !

ڏُٽُ نہ ڏؤنرن ڏارَ امان!
تون پينهين خالي جنڊ، اسان کي بک بہ ڏادي آ !

هي چَنڊُ امان! هي مَنڊُ امان!
پر سَڀ کان ڳورو جَنڊُ، امان!
هِي تنهنجو ڪورو جَنڊُ، امان!

(وڇون وسرڻ آئيون)

تون تہ چوين ٿو
”تنهنجو پٽ تنهنجي ڌيءَ!“
آءٌ چوان ٿو
”ڪهڙو پٽ، ڪهڙي ڌيءَ؟“

هيءَ جا سنڌ سياڻي آهي
(تو تہ چيو تہ نياڻي آهي)
اُن جي هر اَبهم جي اَوسر
آهي منهنجي غم جي اَوسر
هي جو سارو ديس ڏکيو آ،
انگ_ اُگهاڙو پيٽ بکيو آ،
اُن جون مائر، اُن جا پيئر،
سڀ سان منهنجو ناتو بابا!
تنهنجو منهنجو سڀ دولابا.
جو بہ ڄڀيءَ جو ڄايو آهي
پنهنجو آهہ، پرايو ناهي.

تون تہ چوي ٿو
”تنهنجو پٽ تنهنجي ڌيءَ!“
آءٌ چوان ٿو
”ڪهڙو پٽ، ڪهڙي ڌيءَ؟“

(وڇوڙي وسط آئيون)

## ڪيوبا جي انقلابيءَ چي گويرا جي موت تي

جنهن آزاد گذاريو آهي،
تنهن لَءِ موت تہ ڪا شيءِ ناهي.

وکَ وکَ تي پنجوڙ ڏسي، ڇا
شينهن ڪڏهن گجگوڙ ڇڏي آ؟
ڪنهن بہ عقابي چنبي، ڀوَ ۾
آکيري جي اوٽَ وَتي، آ؟
ڏَر جو ڏُڏِ گِدڙَ لءِ آهي،
جَهرڪي جهَڙپ ڏسي ڏَرندي آ.
جنهن آزاد گذاريو آهي،
تنهن لَءِ موت تہ ڪا شيءِ ناهي.

ساريءَ عمر غلاميءَ جي ڪان۔
آزادي پل جي بہ چڱي آ۔
۽ تو پنهنجي پوري جندڙي
جنهن پَلَ ۾ ڀرپور ڀري آ،
سو پل سگهہ صدين جي آهي،
اُن جي سيِ ڪان عمر وڏي آ.

جنهن آزاد گذاريو آهي،
تنهن لئہ موت تہ ڪا شيءِ ناهي.

(وجون وسط آئيون)

## ويٽ ڪانگ جو سائگان تي حملو

ڪُوڪرا ڪَن پيا
سامراجي ڪُتا،
شيرَ جمهور جا گرجندا تا وڏن.

اي وطن! هيءَ خَبر
سچَ جهڙي، مگر
هَت تہ ڪارا ڪڪر پرجندا تا وِڃن.

واءُ ۾ وَڍُ آ،
پو بہ هي ڏُڍُ آ،
ڏادَ جي آدَ ڏاري وڏي آهہ ڪَن.

ڪُوڙ ڪيڏو ڪُڏيو!
سَچُ ناهي لُڏيو۔
سَچَ جي ناوَ تاري وڏي آهہ ڪَن.

سامراجي گِدڙَ
هُونءَ ڪيڏا بہ پِڙَ،
شير جمهور جا اڄ ڏسي تا ڏَرن.

بي وطن، بي ڪفن
لاش تـن جا، مَتَن
اٿمي ڏند تا جانسن جا ڏَڪن.

سوپَ هر سَچَ جي
آسَ جي آرسي،
هانءُ هارين متان اي وطن! اي وطن!

ڪُوڪرا ڪَن پيا
سامراجي ڪُتا،
شير جمهور جا گرجندا تا وڏن.

(وچون وسٽ آئيون)

*داٻانگ تي ويٽ ڪانگ جي حملي جون خبرون پڙهندي، هوچي منھ جو هڪ نظم ياد آيو. اُن ياد جيڪو مون تي تاثر پيدا ڪيو، اُهو هيٺئين نظم ۾ چٽيو ويو آهي:*

ڪنهن به آزادگي
ناهه روئي وتي.
تون تئين تَلَ تي،
رات تارن پري.

جهاڳَ جهُڙجي تہ ڏس!
ڏات چا تمڪندي!
آڳَ جي راڳَ جي
تيءُ ڪائي جيي!

مشعلون مشعلون
تي وڃي شاعري:
سَمنڊ جي شور ۾
وير وانگر وڌي،
تَون پهاڙن مٿان
ڪَڙڪندڙ گَرج تي!
گيتَ جي جيتَ آ
جِيتَ جمهور جي.

دُور ڪنهن ديس ۾
سُرخ پرچم ڪٽي،
شير 'دانانگ' ڏي
ڪالهه آيا وڏي،
سامراجي ڪُتا
چيرجي، ڦاڙجي،
ڍيرَ ٿيندا ويا،
تي ڌنوي ڌرتتي،
۽ ڳجهون ٿيون لَمن،
ڍونڍَ تي ڍائجي.

گيت ڦولاريا،
امن ايندو وري،
شهر ٻهه ٻهه ڪندا،
ڇَهڪندي زندگي،
ٻار جي ٽهڪ ۾
امن جي آرسي،
ماءُ جي مهڪ ۾
امن جي تازگي—
امن ايندو وري!
امن ايندو وري!

خوابَ هرڪو ڏسي،
تِن حقيقت ڏٺي،
موت سان داوَ ۾
جن رکي زندگي،
نيٺ جيتي ويا،
هارَ تن جي نہ ٿي.

اي وطن! مون ڪئي
دل- جَلي شاعري،
چَنگ جي چِٽنگ ڪا
ڪجهہ تہ آهي دُکي
خوابَ جرڪي پيا،
ڪا حقيقت ٻري-
آگ جي راڳ جي
تون بہ ٿي ڪا ڇپي!
تون بہ ٿي ڪا ڇپي!
تون بہ ٿي ڪا ڇپي!

(وچون وسٽ آئيون)

سچ وڏو ڏوهاري آهي
روز اول کان پڪڙيو ويو آ،
زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو آ،
ڳولي ڳولي ماريو ويو آ،
ڪڏهين زهر پياريو ويو آ،
ڪڏهين ڦاهيءَ چاڙهيو ويو آ،
تيل ڪڙهائيءَ ڪاڙهيو ويو آ،
گهاڻي ۾ پيڙايو ويو آ،
چوٽيءَ تان اڇلايو ويو آ:
ها، پر پوءِ ٻه انهيءَ جي ساڳي
رهندي آئي ريت اياڳي!
جنهن جي من ۾ ڪاٿُ هٽي تو
تنهن جو سارو چين ڪٽي تو!
اڄ تو وٽ مهمان ٿيو آ،
پر تو هي ٻه ڪڏهن سوچيو آ!
ڪنهن سان تنهنجي ياري آهي؟

(ڪپر ٿوڳن ڪري)

اڄ بہ وري هو فاشي ڪُتا،
مون کي قابو ڪن ٿا؟

ڳورو ڳٽ وجهي ڳاٿي ۾،
هو ڪنهن اونهي سناٽي ۾،
منهنجا گيت وجهن ٿا.

اوچي وڻ جئن مان ايران تي
ايري تن تي هيٺ ڏسان تي
هو ڪي ٿوهہ لڳن ٿا!

مون وٽ جيڪو امرت رس آ،
تنهن تي وِهہ جو کهڙو وس آ!
گوندر گوڃ ڦٽن ٿا.

پوءِ بہ هر هر فاشي ڪتا،
مون کي قابو ڪن ٿا.

(ڪپرتوڳن ڪري)

## جيل جي گيٽ تي جيلر ۽ قيديءَ جي وچ ۾ گفتگو

جيلر: سڀ جمع ڪرائي ويٺو آ،
ڪجھ پيو نہ ڇپائي ويٺو آ!

قيدي: ڇا لاءِ ڏئين ٿو هيئن تڙي؟
مون اڳ ئي لاٿي آهہ گھڙي،
هان صاحب! وقت بيهاري ڇڏ،
هان ان جي چابي ڪاري ڇڏ!

جيلر: سڀ جمع ڪرائي ويٺو آ،
ڪجھ پيو نہ ڇپائي ويٺو آ!

قيدي: مان ڄاڻان ٿو قانون اهو!
انگريز بهادر جو ڏڏڪو
اڄ تائين تو ۾ آ صاحب!

اي ساڳيءَورديءَ جا صاحب!
هو گورو هو، تون ڪارو آن،
پر اهڙو ئي هتيارو آن!
مان اڳ بہ اندر آيو هان،
مان آزاديءَ ۾ ڇايو هان،
۽ آزاديءَ ۾ مرڻو هان،
مان تو وٽ ور ور ورڻو هان،
زنجير غلاميءَ جا جيسين
هن ديس مٿان آهن، تيسين
مان تنهنجي در تي ڏرڻو هان،
۽ توکان مور نہ ڏرڻو هان،
مان توکي خوب سڃاڻان ٿو
قانون بہ تنهنجو ڄاڻان ٿو
مون سيڪجھہ جمع ڪرايو آ،
۽ توکان ڪجھہ نہ ڇپايو آ،
ها، مون وٽ هڪڙي شيءِ آهي،
۽ مون سا جمع ڪئي ناهي،
انگريز ڏنا ها .ان شيءِ ڪان،
۽ تنهنجو آقا اِن شيءِ ڪان
ايڏو تہ ڏڪي ٿو اي صاحب!
هر وقت ٻڪي ٿو اي صاحب!

جڻ پنهنجيءَ مالي خوليا ۾
تون ان کي جمع ڪندين چا ۾!
جا منهنجي سيني ۾ دل آ؟
ماحول ڪئي جا بسمل آ.
۽ جنهن ۾ منهنجيءَ ڌرتيءَ جي،
۽ انساني آزاديءَ جي،
ڪا تڙف سدائين رهڻي آ،
ها، مرندي تائين رهڻي آ!

(ڪپرتوگن ڪري)

## ڇا تون مون کي ڪونہ سڃاڻين؟

مرليءَ سان ڪيئي من موهي،
رڻ ۾ پهتو هان بن موهي،

تنهنجو رت هلايان بيٺو
۽ توکي اتساهيان بيٺو

جيسين سامهون سينگ سڃن تا،
ڪڙ ڪڙ منهنجا ڪان وڃن تا.

لوڙهہ لتاڙي منهنجا گهوڙا،
ڪن تا ويرين منجهہ ولوڙا.

ڏس ڪيڏو گهمسان متو آ!
سارو ڪيتر رَت رتو آ!

ءِ مان بيٺو ساٿ نباهيان.
هونءَ تہ مان سناٿو آهيان،

اونهيءَ ماٿ مها ساگر جي،
جنهن ۾ ڪيئي موتي سرجي،

گيت تين تا، گيان تِين تا،
ڇايا پٽ ڪان دور نِين تا.

ڇا تو مون کي اڳ نہ ڏنو آ؟
اڳ منهنجو مارڳ نہ ڏنو آ؟

تو سان آءُ نئين سر ناهيان،
آءُ ڪرم جو ڪاڊو آهيان.

ڇا تون مون کي ڪونہ سڃاڻين؟

(ڪپرتوگن ڪري)

هيءَ ڌرتي ساڳي ڪُنتي آ،
ها، هيءَ اياڳي ڪنتي آ!

هي اُن جي ڪُک مان پاپي آ،
هي ڪرڻ اڳي جان پاپي آ!

مان جو توکي گيان ڏيان ٿو
۽ تنهنجو رتوان ٿيان ٿو

توکي ور ور ٿو ويڙهايان،
توسان پويون پيرو آهيان.

پورو ٿيڻو آهه بکيڙو
جنم جنم جو تنهنجو جهيڙو

اٿ! اٿ! ترڇا تير اماڻيون،
پويون موت ڪرڻ جو آڻيون!

ڪوبہ نہ ڪر تون اونو ارجن!
آءُ مران، ماريان ٿو ارجن!

ڏنش ڏڪاريو تو ڇو ارجن؟
توکي ڇا ٿيو؟ ڇا ٿيو ارجن؟

(ڪپر ٿو ڳن ڪري)

اڄ زندان جي تنهائيءَ ۾،
مان ڳولي تڙڪا تارن جا،
سي دولهه بيٺو دور ڏسان،
جن دنگ ڀڳا ديوارن جا-

هن ات اجايل ڌرتيءَ جا،
جن چپ چميا درياهن جان،
تي چڙ تہ لهوءَ جا لال لڱهه،
جن وس ڪئي ويساهن جان.

پو زنجيرن جي ڪڙ ڪڙ تي،
مان پنهنجا پير نچايان ٿو
۽ بيوس بندي خاني ۾،
ڪو گيت نئون مان ڳايان ٿو.

’اي چنڊ ستارو! ساکي ٿيو
’اڄ رات لهوءَ جي ڇوليءَ ۾،
’ڪجھ آهن منهنجون رت ڦڙيون،
’جي گيت لڳن ٿيون ٻوليءَ ۾.

’اي چنڊ ستارو! ساکي ٿيو
’جي آءٌ اجهامان اؤجهڙ ۾!
’مون گيت ڇيا پر شاعر جئن،
’مون عمر نہ گهاري ٻڙ ٻڙ ۾.

’اي چنڊ ستارو! ساکي ٿيو
’مون جو ٻي گيت ڇيو آهي،
’تنهن آزاديءَ جي رستي تي،
’هڪ لنبو پنڌ ڪيو آهي.‘

(ڪپرتو ڳن ڪري)

ڪلهه ڇا نه ڪجاوا ڇمڪيا ها!
۽ ڏينهن تتي ۾ واريءَ تي،
ڇا جهاڀا جُهوڙا جهمڪيا ها!

هو ڇم ڇم گهنگهرو گوڏن تي!
ڇا جهانءِ هئي جهونجهارن ۾!
ڪلهه تڙڪا تڙڪا توڏن تي!

هر وڪ تڪيري تڪ ڏئي،
ڪيڏانهن نظر مان ترڪي ويا؟
ڪيڏانهن ويا هو ڏڪ ڏئي؟

اڄ واٽن تي واجهائن ٿا،
۽ سڄ سياپا واريءَ جا،
ٻين ڪرهن لاءِ ڪنائن ٿا!

ڪجهه سانيڪي مان ڪوس پريان!
ٻيا اوٺي ايندا اڄ ڪٺي،
ڪئن ڇنجي، ڪهڙي وقت، پريان!

(ڪپرتوڳن ڪري)

اي ڌرتي! تنهنجا ڏاج۔ ڏٺي،
هئن ڪيسين ڪاٽيارا رهندا،
۽ ڀنڀارن مان ٻُڪ ڪٽي،
هو ڪيسين ڏک پيا سهندا؟

اونڌير نگر جي در در تي،
انياءَ تراڙو توري ٿو
تي آزاديءَ جي وٽ ملي،
جي گهر تڙ ڪوئي گهوري ٿو!

هن مرڪ مهانگيءَ دنيا ۾،
مان ڪنهن جا ڪنهن جا لڙڪ اگهان!
هن ڏاڍ ڏمر جي ويلا ۾،
مان ڪنهن کي ڪنهن کي ڏڍ ڏيان!

---

ڏاج: ان. رگ ويد ۾ اَن لاءِ ”ڏانيہ“ لفظ ڪم آندل آهي، جنهن جو اچار سنڌيءَ ۾ ڦري ڏاج ٿيو آهي. لس ٻيلي جي رزمي لوڪ شاعريءَ جي هڪ سٽ آهي:
”جي نہ هئي نور دين، تہ ڌرتي ڏاج ئي نہ ڪري“

اڄ بات ٽٽي ٽي گوليءَ سان،
مون عمر وڃائي ٻوليءَ ۾!
مان ڪهڙي منهن سان گيت وڄهان
اي ديس! دکن جي جهوليءَ ۾؟

اڄ گيت اڄايا ياسن تا،
اڄ مان به ملان تو ميڙي ۾،
ڇا پيارا نعرا گونجن تا!
جهونجهار وڏن تا جهيڙي ۾!

(ڪپرتوڳن ڪري)

سچ اها تارازي آهي،
جنهن ۾ هر ڪو ائن سمجهي ٿو
هن جو ئي پُڙ ڀاري آهي.

نيائي ۽ انيائي ٻيئي
پنهنجي ليکي سچ چون ٿا،
شايد آهن سچ گهٽيئي!

ڪئن ٻه هجي، پر مان ڀانيان ٿو
هي هڪ سچ ازل کان آهي،
۽ مان تنهن کي اپنايان ٿو:

هر ڪو پنهنجيءَ مانيءَ ڪارڻ،
پنهنجيءَ پياريءَ ڌرتيءَ ڪارڻ،
۽ پنهنجيءَ آزاديءَ ڪارڻ،

جڳ جڳ کان وڙهندو آيو آ،
(۽ هيءَ ويڙهه سجائي آهي،
جنهن جندڙيءَ کي جرڪايو آ)

ءِ هيءَ ويڙهه سدائين هلندي،
جيسين سچ اپرندو رهندو،
ها، ها تيسين تائين هلندي . .

جيسين مائون ٻار ڄڻينديون،
جيئڻ ڪارڻ جنگيون ٿينديون،
جيئڻ ڪارڻ جنگيون ٿينديون.

(ڪپر ٿو ڪَن ڪري)

جنهن وقت بہ ڪنهن جو طوق ٽٽو
مون ائين سمجهيو
ڄڻ منهنجي گردن هلڪي ٿي.

اي دنيا ڀر جا محڪومو!
اي مظلومو!
جي محڪوميءَ مان ڪوبہ ڇٽو
مون ائين سمجهيو
ڄڻ منهنجي گردن هلڪي ٿي.

ڪنهن هنڌ بہ منهنجي قاتل جا،
جي هٿ لڏيا،
ڀل مون ڪي ڏي ڪيڏو بہ ڳُهٽو
مون ائين سمجهيو
ڄڻ منهنجي گردن هلڪي ٿي.

(ڪيرٿو گَن ڪري)

هو مون کان چاڙ لاءِ ڏکن ٿا
مون وٽ پيار سوا ٻيو ڇاهي؟

جهُونيءَ وِهُه تي جيئڻ وارا
امرت کان ڏاڍو ڇرڪن ٿا۔
مون وٽ پيار سوا ٻيو ڇاهي؟

هو سڀ موت جا ڪانکي آهن
جِيوَن تي ڪيڏو نه چڙن ٿا!
مون وٽ پيار سوا ٻيو ڇاهي؟

ڪيڏا لاش سَلامِي ڏيئي
بندوقن تي آڪِڙجن ٿا!
مون وٽ پيار سوا ٻيو ڇاهي؟

(راج گهاٽ تي چند)

ڏَر ٽَتِي پيئي ڏُڏي
ڪوٺ سارو ٿو لُڏي
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

ڪيتري ڳاڙهاڻ آ
لوهہ ۾ ٿي جا اُڏي-
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

اڄ هَلي اوڙاهہ ۾
ڪير ڳنڍيءَ تي ڪُڏي!
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

آءُ اي سيلابَ آءُ!
جو ٻُڏي ٿو پل ٻُڏي!
انقلاب ايندو ڪڏهن؟
انقلاب ايندو ڪڏهن؟
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

*(راڄ گهاٽ تي چنڊ)*

ماڳُ ڏسي جي مُرڪن ٿا
ڪاش! اُنهن سان مان بہ هجان.

منهنجي جوتِ تہ آهي جنهن جي
ڄَر ۾ هُو سڀ ڄرڪن ٿا.
ڪاش! اُنهن سان مان بہ هجان.

جندڙي تورو ساٿ تہ ڏي، هُو
اُجيارو گهَرِ گهَرِ ڳن ٿا!
ڪاش! اُنهن سان مان بہ هجان.

*(راج گهاٽ تي چنڊ)*

منهنجا گيت ڪڏهن اي ڏرتي!
ڇَئہ توکان ڪو مُلهہ گُهرن ٿا؟

مون کان پوءِ اِهي اِئن لڳندا
اِندَمان جي چانڊوڪيءَ ۾
جڻ ڪي هڏڙا پڪڙيل آهن۔

هڏڙا ڪنهن کي ڇا ٿا چاهن
ڇا ڪوئي سوچي ٿو!
ڇا ڪوئي سوچي ٿو!

(راج گهاٽ تي چنڊ)

سارو عرش منور آهي
چَنڊُ ڳليءَ ۾ چمڪي ٿو.

دور پَٽائيءَ جي بستيءَ ۾
سَچَل پنهنجي سرمستيءَ ۾
بيٺو مون کي تاڙي ٿو.

چنڊُ ڳليءَ ۾ چمڪي ٿو
سارو عرش منور آهي.
ڇا هِي منهنجو ئي گهر آهي؟
ڇا هي منهنجو بِستر آهي؟
جنهن وٽ ڪوئي روئي ٿو.

چي، ”هي شعر اڌورو آهي
’ويني ڪالهه لکيائين ٿي جو
’جهونگاري سوچيائين ٿي جو
’پانيان ٿو اڻ پورو آهي.“

پرسان ڪوئي سوچي ٿو
’بس، هي هاڻي اڇڙو ناهي
’پُورَ پَتڻ جو پوبون آهي
’ڪٿي وڃي ٿي ناوَ نہ ڄاڻان
’دور ڪنارا مان نہ سڃاڻان.“

آءٌ اُنهن جي سوچ ٻڌان ٿو
موٽِي تن کي آءٌ چوان ٿو:

”توڙي ڏور اُسهڻو آهيان
آءٌ اوهان ۾ رهڻو آهيان.“

پر هُو مون کي ڪونہ ٻڌن ٿا
لُڙڪ اگهن ٿا، پوءِ چون ٿا:
’هن جا گيت تہ سپنا آهن
’پر هي سُپنا سَچا آهن
’آزاديءَ جي وِڪَ وِڪَ تي
’هن جا پيرا چٽا آهن،
’هن جا گيت نہ مرڻا آهن
’گونج نہ اڳتي تن جي گهٽبي
’گيت تہ ناهن جهرڻا آهن،
’امر گيت جي بارش وانگر
’ٿر بَر وَر وِر ورڻا آهن;

’نيٺ ڦُلن رُت اچڻي آهي
’هن جا ياڳ سَنوَرڻا آهن،
’هن جا گيت نہ مرڻا آهن.“

پوءِ ڪو مون کي ڳائي ٿو
چنڊُ ڳليءَ ۾ چمڪي ٿو
سارو عرش منور آهي.

(راج گهاٽ تي چنڊ)

لوهي دروازي تي تالو
ڇا اِئن کُلڻو ناهي؟
جَيلَر اِئن تہ نہ مڃڻو آهي!

هي تالو جو آهِ نرالو
جڻ جِيلَر جي کوپر وانگر
سڀ کي گڏجي پڇڻو آهي.

هر جيلي جڻ روز پُڇي ٿو:
ڇو هِي دروازي تي تالو
اڃان لڳو پيو آهي؟
اڃان لڳو پيو آهي؟

(راج گهاٽ تي چنڊ)

## فلسطين جو گيت

جلاوطن يارو
اوهان بنا ڪو نانهہ اوهان جوُ نيتارو!
سِڄُ سدائين اُپريو آهي اوپارو
غلطِ اٿَوَ چارو
وچو نہ لهوارو!
جلاوطن يارو!
جيتَ نہ آ ڍارو!

هار سدائين ڪُوڙَ جي آهي
سوڀ سدائين سَچَ جي آهي.
ڪوڙ جي مُنهن ۾ ڌوڙ وجهو اڄ

سچ جو بالا بولُ ڪيو اڄ
ها اهڙو ماحولُ ڪيو اڄ
جو اُڀري نعرو:
’پنهنجو ديس اسان کي هاڻي
’ٻيهر حاصل ڪرڻو آهي
پنهنجن بندوقن کي تاڻي
’هر دشمن کي موتِ اُماڻي،
’پنهنجو ديس اسان کي هاڻي
’ٻيهر حاصل ڪرڻو آهي.“ـ

نعرو ڪو هٿيار نه آهي
پوءِ به اُن سان ڪائي تنهنجي
دل کي جڙ تسڪين ملي ٿي.
زندان جون ديوارون توڙ
روز اڳي کان اوچيون، ليڪن
نعري لئه ديوار نه آهي؛
روز ٽپي ديوار وڃي ٿو
جڙ ته پراهين پار وڃي ٿو؛
ها، پر هاڻي تنهنجا نعرا
توکان پهريدارَ کَسِن ٿا
توکي گونگو گُسُ ڏَسِن ٿا ـ

سيئي هاٺي اِئن سوچن ٿا،
’نعري مان ڇا ملڻو آهي؟
’نعرو ڪائي گولي ناهي،
’ها دشمن تي وارَ تہ آهي،
’نعرو پر هٿيارُ نہ آهي
’اُن جي چيڙ تي اَڄُ ڪوئي
’آزاديءَ جو پارُ نہ آهي“

ساري ديس ڇَڏِي سڀ نعرا
چُپِ، ڇَپن تي لاتي آهي
اندر جهاتي پاتي آهي–

(راڄ گهاٽ تي چنڊ)

هي سنڌوءَ جي ڇَر ۾ تنهنجو
لاش پيو آ ـ
عطر عَنبير جي اُن ۾ ڪائي
اَڄُ بہ خوشبو آهي،
تنهنجي موت حياتيءَ ۾ ڇڻ
ساڳو جادو آهي!
باقي تنهنجي ساري سَئنا
اُڏري وَئي آ،
ڇڻ پيچري مان ڪائي مئنا
اُڏري وئي آ!

آءُ پُڇان ٿو هي توکان، "ڇا
'اڄُ بہ تنهنجا نيڻ ڏسن ٿا
'تلوارن جا تيج هوا ۾؟
'بيهر رَت جا ريج هوا ۾؟
'هُرندڙ ڪائي هيج هوا ۾؟
'يا تون منهنجي نظم لکڻ لئہ
'ماريو ويو هُئين؟"

(راج گهاٽ تي چنڊ)

هي جو انڌياري ڏرتيءَ تي راڄ ڪري ٿو
ماٺهو ننِدا ڪن ٿا، هُو جنهن وقت مري ٿو،
سڄُ اُڀري ٿو، هُن جا سَڀُ ڪرتوُت ڏسن ٿا
هُن جي ڀُر ڀُر مٽيءَ ۾ سؤ ڀوُت ڏسن ٿا،
ءِ هو پاڻ مِٽيءَ سان مٽي ٿي ويو آهي،
ڪِئن چئجي ڪنهن وقت هتي هو جي ويو آهي!
جيڪو هُن ڪان پوءِ اچي اَيمانُ چڪي ٿو
ڪونہ لهي ٿو ڪُرسيءَ تي جي پير رکي ٿو
اِئن سمجهي ٿو ”حال تہ مون ڪي مرڻو ناهي
’ڦهڪو ڪائي ڀِيُ مٽيءَ جو ڀرڻو ناهي،
’مون ڪان اڳ ۾ جي آيا تن وانگر مون ڪي،
’مرڻو ناهي، مرڻو ناهي، مرڻو ناهي!“

(راڄ گهاٽ تي چنڊ)

آزادي لاءِ روز مرن ٿا
ماڻهوئڙا.

ايشيا يا آفريڪا آهي،
لاطيني آمريڪا آهي،
مرندي تائين ڪونہ ڊرن ٿا،
ماڻهوئڙا.

آخر هي آزاد تہ ٿيندا،
پر ڇا هي جلاد نہ ٿيندا؟
ڳنڍَ اَڏيءَ تي روز ڏَرن ٿا،
ماڻهوئڙا.

ڪلهہ جن آزادي تي ڇاهي،
ناهن ٿا ٻئي ڪنهن لئي ڦاهِي،
فاتح تي جنهن وقت وَرن ٿا
ماڻهوئڙا.

واءِ! اُهائي ڪارِ ڪَرن ٿا
ماٺهوئڙا.
جنهن مان جِندُ ڇڏائڻ خاطر
روز مَرن ٿا
ماٺهوئڙا.

ويريءَ جا جنهن وقت اَڏيءَ تي
ڪنڌَ ڏَرن ٿا
ماٺهوئڙا.
واءِ، اُهائي ڪار ڪَرن ٿا
ماٺهوئڙا!
ماٺهوئڙا!
او ماٺهوئڙا!
او ماٺهوئڙا!

(راج گهاٽ تي چنڊ)

راج ـ مهاجرُ ڪوئي ناهي، هر ڪو پاڻَ وڏو آ،
پر جنهن کي بندوق نہ آهي، سو ڄڻ مڙس ڄڏو آ.

هاڻو هيءَ مخلوقَ وڏي شيءِ آهي،
تنهن کان پوءِ بندوق وڏي شيءِ آهي.

بادل آيا، ڪيڏي اُڻ تُڻ آهي تاڙَن ۾!
مورَ اُڏاڻا، گونجي تي بندوق پهاڙن ۾.

ڪالهہ ڪوَيتا جي رس تي جي چارَڻ ايندا ها،
روز لُريءَ ۾ ڪوئي ٻارڻ ٻارَڻُ ايندا ها.

هاڻي هن بندوق جي تڙ تڙ اهڙي واڻي آ،
هر ڪو ڄاڻي ٿو تہ اُنهيءَ جي اَمر ڪهاڻي آ.

هاڻو هيءَ مخلوق وڏي شيءِ آهي،
تنهن کان پوءِ بندوق وڏي شيءِ آهي.

(راج گهاٽ تي چنڊ)

”جو چوين ٿو
سا حقيقت آهِه شاعر،
پر اهو ممڪن نہ آهي!“
مان پُڇان ٿو
’ڪوڙ ڇو ممڪن لڳي ٿو؟
’سچُ ڇو ممڪن نہ آهي!
’جُهڙَ اندر جو سِچُ آهي
’ٿورڙو روشن لڳي ٿو
’ڇو بنهه روشن نہ آهي!
’سچُ آخر سچُ آهي؟
’ڪُوڙ آخر ڪُوڙ آهي!
’ڪيستائين ڪونہ مڇندو
’سَچَ ۾ جو مَچُ آهي؟
’جي پَتنگ آهين تہ پيارا
’سَچَ تي قربان ٿِي وڃ!
’جو بِنهه مچندو سُيان، تنهن
’مَچَ تي قربان ٿي وڃ!“

(راج گهاٽ تي چنڊ)

موت مسئلو ناهي،
مسئلو حياتي آ؛
پُرسُڪون ڪيڏي آ
دُور جا مماتي آ!
ڪيترا نہ ڏولاوا
مون هتي ڏٺا آهن،
زندگيءَ جا لمحا
پوءِ يي مِٺا آهن.

ڪنهن بہ ڪونہ جاتو آ
نيٺ انت ڇا آهي،
اختتام ڪان اڳتي
ڪابہ ابتدا آهي!

خون بها حياتيءَ جو
مون اڃان نہ پاتو آ،
ڪيترو ڪڏهن ملندو؟
هي بہ ڪونہ ڄاتو آ.

مون ڪڏهن ڇني. ڳل ڪي
پيتيو نہ آ خود سان؛
جا سڳنڌ آ مون ۾،
ڌار نانهہ ٿاريءَ کان-

سنڌ کان سوا منهنجي
شاعري اڃائي آ،
ڪائنات جي خوشبو
سنڌ ۾ سمائي آ.

(راڄ گهاٽ تي چنڊ)

هي شاعر جي لهرائن تا
هي جيڪي آداب عرض ڪن،
جن کي ڪوبہ ضمير نہ آهي-

سَچَ چوڻ کان ڪيٻائن تا
ڏاڍِ ڏَمر کان گهٻرائن تا،
بي درديءَ کان داد گُهرن تا
بي شرميءَ سان شرمائن تا،
ڪورُ ڪورُ تي جئن ڪي ڪتا
جِن جي چيلهہ ۾ ٻچي پونڌي آ،
ڪنهن جي اوبر ڏانهن نهارِي،
رڙهندا آهن پيٽَ سهاري،
هي بہ ائين ئي واجهائن تا
پنهنجي جهولي ڦهلائن تا-

هي شاعر جي ڪانئر آهن،
جن ٻوليءَ جي سگهہَ وِڪي آ،
جن کي ڪوبہ ضمير نہ آهي.

(راج گهاٽ تي چنڊ)

پنهنجي جيئري يارو!
انقلاب اچڻو آ؛

ڪا تہ جنگ ٿيڻي آ
ڪوڙ جي نقيبن سان؛
جڻ وري گذرڻي آ
عمر تن عجيبن سان،

زندگي سڄي پنهنجي
جن ڳڙيُن ۾ ڪاٽي آ،
جي سدا امر آهن
تن گهڙيُن ۾ ڪاٽي آ.

ڇُپ ڇَپ رهڻ ڪيسين
خامُشي عذاب آهي؛
موت کان بہ بدتر آ
زندگي عذاب آهي،

اِن عذابَ جو هاڻي
ڪو حساب اچڻو آ،
پنهنجي جيئري يارو
انقلاب اچڻو آ.

(راج گهاٽ تي چنڊ)

حڪمرانَ کي ڪونہ مجون ٿا
پوءِ بہ اسان محڪوم تہ آهيون؛
ظالم لاءِ تہ نفرت آهي
پوءِ بہ اسان مظلوم تہ آهيون!
ڄاڻن جو ناڪاري پاڱو
سو بہ ضروري آهي ساٿي،
هانوڪاري پَڙڪ بنان پر
ڄاڻ نہ پوري آهي ساٿي!
اڄ ڪان اڳتي ڇا ڪرڻو آ؟
اڄ ڪان اڳتي ڇا ٿيڻو آ؟
(اڳ تہ اسين نادان هياسين
هاڻي توکي ڇا ڏيڻو آ؟)
سڄُ لهي تو ڪارونجهر تي
پويان مورَ ٿهوڪا ڪن ٿا؛
ڪيڏي ڪاري رات لٿي آ؟
پاڇا ڇا ڇا ڏيک ڏين ٿا!
اهڙي گهري انڌياري ۾
تون ڪو چنڊُ اُڀاري سگهندين؟

سيءُ لتو آ، لڳ ڏڪن ٿا
تون ڪو ٻارڻ ٻاري سگهندين؟
تون جو اڄ اڱواڻ بڻيو آن
سارو ڪوڙُ مٽائي سگهندين؟
جا ڌرتي تو ڪالهه وڃائي،
سا ڌرتي اڄ پائي سگهندين؟

*(راڄ گهاٽ تي چنڊ)*

تنهنجون ڳهليون ڳالهيون جڻ ڪي
ڪِڪيءَ ڪاريون آهن؛
چِٻَ پَئِي چرڙاٽ ڪري تي
اُپَ اُڏاريون آهن؛
آءٌ اِنهيءَ لئه چُپِ ۾ آهيان
توکي رَڌُ ڏيڻ جي چاهيان
شبد ڪوش ۾ ٻولَ نہ آهن،
ڪچيون گاريون آهن!

ڪنهن تي سوچان؟ ڇا تي سوچان؟
جيڪي آهہ رَدِي آهي؛
تو وٽ جيڪا نيڪي آهي،
منهنجي لاءِ بَدي آهي؛
توکي تو جنهن وقت ٻُڌان مان
هڪڙي ڳالهہ پڇڻ تو چاهيان،
ڪهڙيءَ دنيا ۾ گهاريون تا
ڪهڙي هيءَ صدي آهي؟
ڪهڙي هيءَ صدي آهي؟
ڪهڙي هيءَ صدي آهي؟

*(راج گهاٽ تي چنڊ)*

ڪي ماٺهو تاريخ تين تا
گهايل ڌرتيءَ جي سيني جي
اهڙي گهَري چيخ تين تا،
جا هر ڪنهن کي جاڳائي ٿي،
جا دنيا کي بدلائي ٿي.

هاڻي سيرَ بهاتي نڪري
ڪاسترو جي ڪيوبا يانڪي
ڪيڏي حيرت ساڻ ڏسن ٿا!
ڪيڏيءَ حسرت ساڻُ ڏسن ٿا!

(راڄ گهاٽ تي چنڊ)

ڪالهه جڏهن مون وارياسي ۾
ڳاڱيون، ڳمَ، ڳنڊِير ڏسي،
سج جي پاڇي ڏانهن ڏٺو
سونَ وَني ساواڻ هئي
مُنهن ڦيري جيڏانهن ڏٺو.

تيسين تي تيڏانهن ڏٺو
سارو سج ٻڏي ويو جيسين
حسرت سان ڪنهن وقت فلسطين،
جئن ياسَر عرفات ڏسي،
ڇپَ اِئين پيڪوڙي پنهنجا
سارا رَتو رتُ لڳن!

(راج گهاٽ تي چنڊ)

باک ڦٽيءَ جو روز ٻڏان ٿو
'وِڪٽر جارا' ڪي.
هي جو ڇِليءَ جو راڳي آ
منهنجي پياءُ جيان آ،
اُن جي ڏُکياري ڏرتي ڇرڻ
منهنجي ماءُ جيان آ.

سڀ انسان ڀَڏا پيا آهن
ڏُک جي ڪنهن رشتي ۾،
اهڙي ڳوڙهي ڳنڍِ نہ آهي
سُک جي ڪنهن رشتي ۾.

هن جي ٻولي آءٌ نہ ڄاڻان،
توڙي اُن جو دردُ سڃاڻان.

منهنجا گيت سَمايل آهن
جڻ هُن جي ٻوليءَ ۾،
ڪيئي گهاوَ لڪايل آهن
جڻ هُن جي ٻوليءَ ۾.

سِجُ گَلي ۾ آهي هن کي،
ٻول نہ، شعلا آهن،
مون کي شڪ نہ آ، هي منهنجن
گيتن جهڙا آهن.

*(راج گهاٽ تي چنڊ)*

## اورنگيءَ ۾ فساد

اورنگيءَ جي چؤراهي تي
دور جلايل بس جو دونهون
جنهن ۾ ڪجهہ للڪارا آهن-
آسمانَ ۾ تارا آهن
جن جي ٽم ٽم لالَ لهوءَ ۾
ڌرتيءَ تي ڏيکاري ڏي ٿي-
ڪنهن جو لال لهو آهي هي؟
ڪالهہ اِنهيءَ ڀاڪا جا رستا
ڪنهن معنيٰ جي لاءِ رڱيا ها-
معنيٰ، جا بي معنيٰ نڪتي،
۽ جنهن تي تاريخ جا طعنا
اڄ بندوقن جي ٻوليءَ ۾
(ٻولي جيڪا اُردو ناهي)
زور زور سان گونجن ٿا.

*(راج گهاٽ تي چنڊ)*

## اپريل 1985ع

ڪنهن جو خون وهيو ٿوڙيءَ ۾
او ڊايَر؟
توکي ڪيئي سال مُئي ٿيا
رُوم رُوم مان تنهنجي نڪتا
جيڪي ڪِيڙا
سي بہ مٽيءَ سان مِٽي ٿي ويا۔
ڪالهہ مگر تو ٿوڙيءَ ۾
لڳ ڀڳ ساڳيءَورديءَ ۾
ساڳي هولي کيڏي!
توکي عمر ملي ڇو ايڏي
او ڊاير!
مون تہ ٻڌو هو
”ظلم سدائين قائم آهي
ظالم قائم دائم ناهي“
ها، پر ظالم!
عمر درازيءَ ۾ تون سڀ کي
مات ڏئي ويو آهين!

(راج گهاٽ تي چنڊ)

نظريا جن کي نظر ڪائي نہ آهي
جي نِپٽ نابين آهن،
توکان تنهنجو خون چاهن،
ءِ ڏئِين تون!
سرخرو پنهنجي چريائيءَ تي ٿِئين تون!
اوءِ مجنون!
تنهنجي ليليٰ قحبہ آهي!
قحبہ آهي!
قحبہ آهي!

(راج گهاٽ تي چنڊ)

ڳيرو
ڳاڙها،
۽ ڳـَرُ وارا
لفظ، اُنهن جي
پيشانيءَ تي
گُهنج نـہ آهن؛
منهنجي ڪوتا
تن ڪي امرتا
آڇي آهي،
اِندر ڏنش جئن
ڪوملتا، جا
اَنت سَمي تائين هلڻي آ.

(راڄ گهاٽ تي چنڊ)

هي ڏيکارا
رنگارنگ گُلن جا ٻارا
جن تي موت جا پاڇا آهن!
ديوارن ۾ دهڪا آهن،
لوڪ ڀڄن ٿا
وِڪَ وِڪَ تي سَهڪا آهن،
ٽئنڪ اچن ٿا
گولن جا گَرڙاٽ اَڙي ڙي!
ماٺهوٺڙن جا
رستن تي رانياٽ اڙي ڙي!
ڀڳ ڀڳ لاشا
تن جا لاڙيل ڳاٽ اڙي ڙي!
ءِ پوءِ ماٺ جُڳن جي آهي...
هاڻي اُڃنگارن ۾ ڇاهي؟
ديسُ اُها گاڏي آ جنهن جو
ڦِيٿو ڦِيٿو ڏار پيو آ.

(راج گهاٽ تي چنڊ)

ماڻهو سڀ هڪجهڙا آهن۔
هر ماڻهوءَ کي بُکَ لڳي ٿي،
هر ماڻهوءَ کي اُڃَ لڳي ٿي،
پيار ٻنان ڄڻ هر ماڻهوءَ کي
ساري دنيا سُڃَ لڳي ٿي؛

توڙي تن جي قوم الڳ آ
توڙي تن جو رنگُ الڳ آ
توڙي تن جا ٻولَ نہ ساڳا
توڙي سُرَ جو سنگُ الڳ آ
ماڻهو سڀ هڪجهڙا آهن۔

هيءَ بہ حقيقت آهي ليڪن
ڪي ماڻهوءَ جو روپ رکن ٿا
سچ تہ شڪاري ڪتا آهن
ڪارا توڙي اَڇا، تن ڪي
هڪجهڙا ڪاٽيانا آهن؛

اڇا ڪتا، ڪارا ڪتا
آپي شاهيءَ وارا ڪتا
فوجي ورديءَ وارا ڪتا،
سارا پُونجيءَ وارا ڪتا،
ها، ها سڀ هڪجهڙا آهن.

*(راج گهاٽ تي چنڊ)*

## دهشت پسند جو موت

پنهنجي ڪلاشنڪوف کي
۽ ايذي ساري خوف کي
ويڙهي، متي هيئان رکي
هُو آ سُتو.
چُپ چاپ پيري ٽا اچن
وَردين سان ويري ٽا اچن
ڏرتي سُنگهي ٿو موت جو
ڪارو ڪُتو۔
گولي چُتي گرڙاٽ سان،
لُنءَ لُنءَ والاري لاٽ سان،
شعلو هوا مان اوچتو
هُن ۾ ڪُتو۔
هُن موت کان معنيٰ مگي
آ رَتُ جي رُومي چگي،
ڳوڙها تہ ڪجهہ ناهن، رڳو
پاڻي ٽُتو۔

(راج گهاٽ تي چنڊ)

اڄ تن جي بندوقن مان
ڪيئي ڪِرڙ ڪڪوريا آهن
ڪيئي ڪنڊا موريا آهن
لفظ صفحن تان موڙ مُڪٽ ٿي
مَٿن مٿان مَڏُ ماتا آهن،
لال لهوءَ ۾ لويَل گهوٽن
ڇا ڇا سهرا پاتا آهن!

چوڏاري جهرجهنگ ٻُرن ٿا
ڇَنگ ڇپن جو چوريا آهن؛
موت اَمڙ جي لوليءَ وانگر
ڪنهن ٻاجهاري ٻوليءَ وانگر،
ننڊ هندوري وانگر تن جي
ديس مٿان جي گهوريا آهن.
ڪيڏا سپنا نڪتا آهن
اڄ ٿوڙيل صندوقن مان!

(راڄ گهاٽ تي چنڊ)

## فاشي فوج جي شڪست

هُو اُباتيل ۽ اَبالا ٿا اچن
لڙڪڙائيندا اچن ٿا
تيزَ ڪائيندا اچن ٿا
راهہ تي ڪيڏا رِسالا ٿا اچن!

ڪيتري آڪڙ ڪندا ها!
ڪيتري بڙ بڙ ڪندا ها!
موركائيءَ جا نِوالا ٿا اچن:

ڇا سياڻي هارَ پنهنجي
ياد رکندا مارَ پنهنجي؟
ڪيترو مايوس سالا ٿا اچن!

*(راڄ گهاٽ تي چنڊ)*

عمر گذري وئي،
ڏُکَ هن ديس جا
اڄ بہ ساڳا هئا
جي هئا مون ڏٺا
سال چاليهہ اڳ
ٽيهہ يا ويهہ اڳ،
ڪوبہ ڦيرو نہ آ
ديس جي دانهن ۾!

امن جي فاختہ
پَرشڪستہ، اُڏِي
جڻ سگهي ڪانہ ٿي؛
اڄ بہ ساڳا جهنڊا
ٿا هوا ۾ جهُلن،
اڄ بہ ساڳا ڪَنڊا
راهہ ۾ ٿا چُڀن؛

اڄ بہ ديوار آهي، اڳي ڪان وڏي
ڪانہ آهي سگهيو ڪوبہ جيڪا ٽپي؛
اجنبي، اجنبي آدمي ٿا ملن
اجنبي گهُور سان راهہ تي ٿا ڪِلن!

ماڻهپو ڪونہ آ،
ماڻهپي جو ذُڪر
هيئَن هن ديس ۾
اڳ پيو ڪونہ آ!

*(راڄ گهاٽ تي چنڊ)*

انقلابي اُٿو!
اڄ تہ هن ديس جو
سڏ ورنائيو!
سڏ تي آءُ ڪيسين اڪيلو ويان؟
گڏُ ورنائيو!
گڏُ ورنائيو!
سَڏُ ورنائيو!
سَڏُ ورنائيو!

*(راڄ گهاٽ تي چنڊ)*

هو سڀ آڌيءَ رات اَچن ٿا،
مُگرمانَ تي ناچُ نَچن ٿا.

مُگرمانَ جي چَمڙي هيٺان
تن جون ڪيئي پيڙهيون آهن،
هڪٻئي پويان سيڙهيون آهن
تن تي گڏجي هيٺ لهن ٿا،
دودي تائين، ٻاگهيءَ تائين-
ڳُنڊَ ڳُنڊَ ۾ ديپَ جَلن ٿا،
مُگرمانَ تي ناچُ نَچن ٿا.

جيڪي ڪالهه انهيءَ ڌرتيءَ تي
ماريا ويا ها، سي ٻه اُٿن ٿا،
۽ پوءِ پنهنجي پيرَن هيٺان
لاشُ چنيسرَ جو چيپاٽي
ڇاتي ڪولي، اوچي ٻاٽي
ڏاڪولن سان ٺڪ ٺڪ ڪن ٿا
مُگرمانَ تي ناچُ نَچن ٿا.

(راج گهاٽ تي چنڊ)

رات جي سياهيءَ ۾
روشنيءَ جي جهرمر آ؛

ڪيترا نوان ماڻهو
سَچَ ڏي وڌن ٿا پيا
چڙھ پتنگ آھن جي
مَچَ ڏي وڌن ٿا پيا؛

ڪُوڙ جا نوان حَربا
ڪم نہ ٿا اَچن هاڻي
ڪوڙ سان نوان شعلا
ڪونہ ٿا مَچن هاڻي؛

ڪوڙ جا حواري سڀ
روز و شب بَڪن ٿا پيا
آدمِي انهن ڪان پَر
ڪونہ اڄ ڏَڪن ٿا پيا؛

تون اڪيلڙي اي دل
ڪيترو وِڙهي آهين!
راهہ تي اڪي ڪان تون
ڪيترو رِڙهي آهين؟

پيا بہ تا وڌن هاڻي
ڪيترا قدم اي دل!
واءَ ۾ پيا ڦڙڪن
ڪيترا عَلم اي دل!

وِکَ وِکَ ۾ تن سان
جيڪڏهن هلي هلندينءَ،
منزلون وڏي ملنديون
تون جڏهن هلي هلندينءَ.

*(راج گهاٽ تي چنڊ)*

گيت بہ جڙ گوريلا آهن،
جي ويريءَ تي وارَ ڪَرن ٿا.

جئن جئن جاڙَ وڏي ٿي جَڳَ ۾
هُو ٻوليءَ جي آڙَ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا
موتي منجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

ڪيڏي تِرڇي تاڙ رکن ٿا
اُتر اُيري، لاڙَ ڇُپن ٿا؛
سانوڻَ سَنگِ وسن ٿا ڏاڍو
بادل تي آڪاڙَ ڇُپن ٿا.

ڪالهہ هُيا جي سُرخ گُلن جئن
اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيت بہ جڙ گوريلا آهن
جي ويريءَ تي وارَ ڪَرن ٿا.

(راج گهاٽ تي چنڊ)

جوت ٻَرندي رهي
رات ٺَرندي رهي...
باکَ جي ساکَ مان اڄ ڏَئي ٿو وڃان!

اڄ چئي ٿو وڃان
”سِڄَ لالاڻ سان
’مَڌَ ريٽي جيان
’نيٺ سنڌوءَ مٿان
اڀرندو ساٿيو!“ مان چئي ٿو وڃان،
باکَ جي ساکَ مان اڄ ڏَئي ٿو وڃان.

هانءُ هاريو مٿان!
پيرُ اڳتي اچان...
نِيرُ نيٽان اُگهو
پنڌ ويجهو پيو آهِ اُن باک جو،
گيتَ منهنجي ڳئي
آهِ جا اڳڪتي
تنهن انوکيءَ صدا جي سچيءَ ساک جو.

(راڄ گهاٽ تي چنڊ)

اي ڪاش اِهو تون ڄاڻين ها
آزاد هوا ڇا ٿيندي آ!
اي ڪاش اِهو تون ڄاڻين ها
پرواز بنا پَرَ ڪئن هوندا
آزاد فضا ڇا ٿيندي آ!

اي ڪاش اهو تون ڳائين ها
ڪلهه رات ٻڳت سنگهه ڦاسيءَ تي
جو گيت اڌورو ڳاتو هو!
اي ڪاش اُهو تون پائين ها
جو هارَ هوائن ۾ لڏندي
ڪلهه تانتيا ٽوپِي پاتو هو!

تاريخ جي خوني گلين مان
هر وقت صدا ڪا ايندي آ
هر وقت لهوءَ جي لاڙن ڏي
ڪا توکي ڇِڪَ ڇڪيندي آ.

ڄڻ ’اوڊائر‘ جي ڪا گولي
اڄ تائين توکي تاڙي ٿِي
۽ ٿُنهنجا ٿُنهنجي مقتل ڏي
ڄڻ پيير اچانڪ لاڙي ٿي،
تاريخ بڪايل چيتي جئن
چوُواٽي تي چنگهاڙي ٿِي.

اي ڪاش اِهو تون ڄاڻين ها
ڇا تن جي قيمت ٿيندي آ.
جنهن آزاديءَ جا گيت چيئہ
سا آزادي ڪِٿِ نيندي آ!
اي ڪاش اهو تون ڄاڻين ها
سا آزادي ڪئن ايندي آ!

(رڻ تي رمجهم)

تازي ڄايل
ٻار جي اکڙين وانگر آيل
ٻُوٽيل آهي
مستقبل ڄڻ منهنجي مَن ۾
ڦرندي دير نہ لڳڻي آهي
هن دنيا کي،
هيءَ دنيا جي ٽڳڻي آهي
اڳتي ڪنهن کي ڪانہ ٽڳيندي،
سَچ- ترُازي جا ٻئي پلڙا
پورا رهندا،
سنئينءَ ڳنيءَ سان سارا سودا
ٿيندا رهندا،
چور اُچڪا هن دنيا جا
هيسيل هوندا،
ڪوڙَ ڪپٽ جا سڀ واپاري
پيسيل هوندا،
ڏاڍ ڏمر جا سارا سَلا
پنجي ويندا.

سارا ڏُهلاري ۽ ڏَلا،
ڪنجي ويندا.
ڪوڙيءَ قوم پرستيءَ جا سڀ
غل غپاڙا گهٽجي ويندا،
ٻج پيار جا ڇٽجي ويندا،
اڄ ٻه مون ۾ آئيندي جا
ڪيت ڪڙن ٿا،
هيڪارون هيڪارون ڪيئي
قول نٽڙن ٿا،
توڙي ڇايل
ٻار جي اکڙين وانگر آيل
ٻوٽيل آهي،
مستقبل اڄ منهنجي من ۾.

(رڻ ٽي ري رم جهم)

ڇا ڪوئي سُر اهڙو آهي
جنهن ۾ ڪوئي جي ڳائي ٿو،
اُن مان ڪوٽ اروڙ جا ڪُنگرا
آسمانَ ۾ اُڀرن ٿا،
سنڌوءَ جا گجگاٽ اچن ٿا
جڻ خوابن مان
اُڀري ڪيئي ڳاٽ اچن ٿا
غــورابــن مــان،
ديوارن تي ڳورا پٿر ٿڙڪن ٿا
مُشڪي گهوڙا ڪڙڪن ٿا،
تيرَ ابابيلن جيئن اُڏري
هيٺ ڪِرن ٿا،

ويڙهہ هلي ٿي، گهايل ڏُرڪي
نيٺ ڪِرن ٿا،
ميندي ۽ رتڙا پير ڪٽي ڪو
بُرج مٿان واجهائي ٿو
ڪارا ڳجرا نيڻ ڪٽي ڪو
دور اُفق کي گهائي ٿو
جن ۾ ڪوٽ اروڙ جا ڪُنگرا
آسمانَ ۾ اُپرن ٿا،
ها، اهڙو سُر منهنجو آهي.

(رڻ تتي رمجهم)

تون نہ سکين رابيل جي ٻولي
۽ نہ گلاب جا ٻول ئي ڄاڻين؛
جو پٿر جي ڇاتيءَ ۾ آ
درد، اُنهيءَ کي تون نہ سڃاڻين؛
تارا روز اشارن ۾ جي
ڳالهيون ڪن ٿا
سي بہ نہ ڄاڻين،
ڇو مُرڪن ٿا سانجهيءَ ٽاڻي،
ماڪ ڦُڙن جا ڳوڙها ڇالئہ
رات لڙيءَ جو هو لاڙن ٿا،
سو بہ نہ ڄاڻين؛
واءُ لڳي ٿو تنهنجي ڀاڻي
گل جهومن ٿا
۽ پو تارن کي تاڙِن ٿا
رات وهائين؛
پٿر پٿر
ڪائنات ۾ سڀ تو وانگر
زندهہ آهن، ساهہ کڻن ٿا،

يرُن پيرُ پهاڙن جا جڙ
مون کي گهايل گَدَ لڳن ٿا،
رات ٻہ ڪاري ڪويل آهي
اُن جا نيڻ ستارن وانگر
ڪاري جُهڙ ۾ جڙ جهمڪن ٿا
ڪُوڪ ڪُوڪ تي جڙ ٽمڪن ٿا؛
ماڻهوءَ کي ڪيئن مارين ٿو تون!
پورا، ڪيئن وسارين ٿو تون
هر ماڻهوءَ ۾ ساهہ ٻہ تو جيئن
زندهہ آهي
ماڻهو چا پر گاهہ ٻہ تو جيئن
زندهہ آهي.

(روڻ تي رمجهم)

چنڊ ستارا راهُون آهن
منهنجون عبادتگاهون آهن
تون تہ چوين تو ملحد آهيان،
ڪائنات جو چپّو چپّو
مون لئہ مسجد وانگر آهي،
۽ ماڻهوءَ جي دل مون لئہ آ
جامع مسجد وانگر۔
ڪلهہ ڪان مان ۽ ’فيض‘* اُنهيءَ ۾
پهرينءَ صف ۾ آهيون،
ساڳيءَ صف ۾
بُلي شاهہ، پتائي پارا
ڪيئي مُلحد آهن،
ڪيئي مُلحد آهن.

(رڻ تي رم جهم)

* فيض: فيض احمد فيض

رُت بدلي آ
باک ڦٽيءَ جا
رنگ نچن ٿا
رڳَ رڳَ ۾ رت ٿهڪي ٿو
چاٻين جي ڇَلّي جئن منهنجا
انگ نچن ٿا
رَتَ بہ جڙ ڪا ڪُنجي آهي
آزاديءَ جي دروازي جي
جا مون ڳولي لڌي آهي!

(رڻ تي رم جهم)

ڪالهہ ٽڙيل هُئي
گولاڙن جي گلڙن وانگر،
منهنجي ڳوتا۔
اَڄ ايئن مُرجهايل ڇو آ؟
مان ڀانيان ٿو گُلڙن وانگر
ڳوتا لاءِ بہ اُسَ چڱي آ،
هائو ڪاري اُس چڱي آ.

(رڻ تي رم جهم)

رات، سراءِ، پٽين تي ٽنگيل
فانوسا دونھاٽيل آھن
۽ دونھين ۾ ڪيئي دانھون
ٻوساٽيل ٻوساٽيل آھن
اڄ چاتل مھمانن جون، جي
راتو رات سفر تي نڪتا.

ھي شيشن تي تن جا چھرا
ڏنڏلايل ڏنڏلايل آھن
ھو جي پنھنجا ڳوڙھا پي ويا
جن جا گھاوَ ڇپايل آھن،
ھو جي مُرڪ ڇپن تي آڻي
راتو رات سفر تي نڪتا.

لاٽل لويون ايئن ڪَٽن تي
آذيءَ جو اُڇلايل آهن
ڄڻ تہ اچانڪ تن تي حملو
ٿيڙو آ، گهبرايل آهن،
هُو جي نيٽن ننڊ نهوڙي
راتو رات سفر تي نڪتا.

ڄڻ تہ بکايل ڪوئن وانگر
شهتيرن کي پَل ڪُترن ٿا.
ڳٽُ بہ ڪيئي ڪوئا آهي
زنجيرن کي پل ڪُترن ٿا
روءِ اُنهن لئہ جيڪي پڄندي
راتو رات سفر تي نڪتا.

(رڻ تي رم جهم)

قبرستان ۾ ڳالهائن ٿا.

هي ڦاسيءَ تي چاڙهيل آهي
هي اُن جو چاڙهيندڙ آهي.

ڇا ٻيو ڪوئي ايندڙ آهي؟

ها، ها ڪيئي اڇڻا آهن
ڏاڍا ميڙا مڇڻا آهن؛

جَڳ جي ڪَچي آباديءَ ۾
لڏ پلاڻ لڳي پئي آهي؛
هُو سڀ پُٺ تي واجهائن ٿا
سڀ کي تاڻ لڳي پئي آهي؛

ڪنهن جو تختو نڪتل آهي
ڪنهن جو تخت وڇايل آهي،
مورڙيا ۽ مَڇَ وڙهن ٿا
پاڻي رَتُ رلايل آهي؛

ڪِن ڪيَ ماڙا ياد پون ٿا
ءِ ڪي سونَ هَٽايا آهن،
انگ اُگهاڙا هي سوچن ٿا
اڄ ڪنهن انگ ڍڪايا آهن؟

لايو ڪوبہ سجايو ناهي
سڀ ڪُجهہ مٽيءَ ۾ ورتو آ
ڇا ڪنهن ان تي سوچيو آهي
ڪيسين ڌرتيءَ تي ڌرٽو آ!

شينهَن مري چنگهاڙ ڇڏي ويا
هر لومڙ ڪي مرٽو آهي
هر ڪُتي ڪي مرٽو آهي
هر رومڙ ڪي مرٽو آهي؛

پنهنجو پنهنجو وڙهر ڪنهن جو
هر ڪنهن وَڙ ڪي مرٽو ناهي
تارازيءَ ۾ تور تہ ٿيندي
پر هر ڪنهن ڪي ڌرٽو ناهي؛

جن ڪي ڏاڍو سيءُ ٿئي ٿو
لوئيءَ لئہ سي واجهائن ٿا ـ
قبرستان ۾ ڳالهائن ٿا.

(اڙ تي رم جهم)

ٿُنڊا منڊا ڏينهن لنگهن ٿا
لَمر لَمر ڳن ٿا،
تن کي ڪوبہ سهارو ناهي.
اونهاري جو ڏينهن ٻري ٿو
ڌرتي جرڻ تہ ٽٽيءِ جئن آهي
جنهن ۾ سڀ کي سِجُ تري ٿو:
ماٺهو پنهنجن ڪُڏٽن اندر
لِڪي ويٺا آهن؛
ٻاهر چيٽا ڦيرا ڪن ٿا
ايندي ويندي هر ساسيءَ کي
ٻيرا ٻيرا ڪن ٿا؛
ٿُنڊا منڊا ڏينهن لنگهن ٿا
چيٽا تن کي ڪونہ ڪنگهن ٿا
تن تي مارو ناهي،
چو تہ سگهارا ڏينهن مري ويا،
اڄ تن جي چنگهاڙ نہ آهي
هو ڪالهوڪا شينهن مري ويا.

(روڻ تي رمر جهمر)

جهلملائيندڙ ڪراچي!
روشنيءَ جا گيت ڳائيندڙ ڪراچي!
اڄ بہ مون لئہ اوپري ناهين ڪراچي!
سنڌ جي آهين ڪراچي!
اڄ بہ مان .
تنهنجي رستن کي مُنڌي جئن چڙهہ تہ پورو ٿو اچان!
اڳ گرومندر ڪان ٿورو اڳيرو ويندي هئينءَ
شام جو ڪيئي ٽَلا ٽهہ ٽهہ ڪندا نيندي هئينءَ،
ڪويلين جي ڪوڪ ڏي جي ڏيان ويندو هو ڪڏهن،
۽ ڪڏهن تارا هوا ۾ جُگنوئن جئن جڳمڳائيندا هيا
پير منهنجا ڏگمگائيندا هيا،
عامليا ٽين جي پٽيان-
اڄ بہ مان
تن کي ساري تن جي خوشبوءَ ۾ وڃان ٿو ويڙهجي،
ڪوڪ ڪويل جي ٻڌان ٿو تن جي جادوءَ ۾
وڃان ٿو ويڙهجي،
تنهنجو لالو کيت، اورنگي بہ مون لئہ اجنبي
ناهن ڪُنوارا!

مون رُنو هو زار زار
تانتيا ٽوپي جڏهن ڦاهي چڙهي مردانہ وار
ڪالهہ رَسيءَ ۾ لُڏيو بي اختيار
مون ڇُهيا ها پير اُن جا بار بار
ڪاش هُن جا هم وطن
ايترو سمجهي سگهن
ڪيئن آزادي ملي؟
ڪير ها ورتي هُئي جن
شاهراهن کي ڇڏي سوڙهي ڳِلي؟
اڄ بہ مان هي ٿو چوان
ڪاش، ٽيپوءَ جئن مران!
ڪوبہ دکن کان ڪراچيءَ ۾ اچي
ان ڪري مون لاءِ ناهي اجنبي؛
هِت بہ آهن تنهنجي اوچن بنگلن
مير صادق وانگيان ننگِ وطن،
پاڻ سان غدار آهن
زندگيءَ جي هار آهن،
تن کي ڪيئي نوڪريون ۽ ڪيئي ڪاروبار آهن
پو بہ ڪجهہ ناهي وَتن،
جي نہ آ متي تہ پوءِ کھڙو ڪفن!
تون پلي ڪشمير کان ڪارو منڊل تائين لڳين

منهنجي دل ۾ تي وسين؛
تون سڄي تاريخ آهين
ڏر تتيءَ جي چيخ آهين
دل ڏڪائيندڙ ڪراچي!
جهلملائيندڙ ڪراچي!
اڄ بہ مان
تنهنجي رستن ڪي منديءَ جئن چڙھ تہ پورو ٿو اچان!

(رڻ تي رم جهم)

## فقيرو هڪ مزدور

شام لٿي، چمنيءَ جو دونهون
آسمان ۾ نيرو آهي.

سانجهي گهايل پنڇيءَ وانگر
رَتَ ٽِمائيندي اُڏري ٿِي،
آسمان ۾ نيرو دونهون
دور هٽائيندي اُڏري ٿي.

ملَ منجهان مزدور اچن ٿا
تن جا منهن مُرجهايل آهن
ٽڪُ اُنهن تي ٽنيڻ وانگر
چِپڪيل آهه، هپايل آهن.

سَستيءَ مَڌُ چُڪيءَ لئه آهن
لياريءَ منجهه لياڪا تن جا ـ
رڪشائن جو شور اُنهيءَ ۾
پيئڻَ ڪان پو واڪا تن جا.

ڏِسُ هيِ هِڪُ هزارن جهڙو
آهن ٻول اُگهاڙا جنهن جا
جنهن جو اندر ليڙون ليڙون
ٻاهر غُلَ غپاڙا جنهن جا

مُنهن تہ مُترڪي وانگر هن جو
نانءُ مَنيرو نِيرو آهي،
اڌ دنيا جو حاڪم آ، پر
تو وٽ پو بہ فقيرو آهي.

(اروڙ تي ورجهم)

زخمي تتر
وانگر خبر
ڦڙ ڦڙ ڪئي،
چُپ ٿي وئي–
فرزند تنهنجو فرانس ۾
ماريو ويو
۽ پيءُ جئن واريو ويو
ڇاجي مٿان؟
ڇاجي مٿان؟
تون ماءُ آن
تون ماءُ آن
سوچان پيو توکان پڇان
پر ڪئن پُڇان؟
پر ڪئن پُڇان؟
پر ڪئن پُڇان؟؟؟....

(رڻ تي رمجهم)

ڇا سُر راڳُو مٽي آهي؟
ڇا ڪوهياري مٽي آهي؟
آءُ ڀِٽائيءَ لاءِ پُڇان ٿو-
ڀِٽَ ته ساري مٽي آهي.

هر دکياري مٽي آهي،
سِجَ لٽي ڪي سسئيءَ وانگر
پو ڇو هر ڪنهن ڪونه ڏٺو هو؟
(پنهونءَ پڇاڻان سِج هيو يا
ڪوئي گهرو گهاءُ ڦٽو هوا)

مَٽَ ته مٽي آهي مُوڙها
ڏيئي لاٽ ته مٽي ناهي،
درشن جيڪو دور نِئين ٿو
تنهن جي واٽ ته مٽي ناهي!
ساري جاٽ ته مٽي ناهي!

توڙي تارا مٽي آهن
تن جي ٽم ٽم مٽي ناهي،
دور افق مان روشنين جي
توتي رم جهم مٽي ناهي.

راهب ڪُوڙ ڪمائن ويٺا
ڪيڏا ڪوڙ ڪليسا آهي،
پو بہ صليب تي رَتُ ۾ رانيل
ڳهرو ڳاٺُ تہ مٿي ناهي!

هو جو سپنن ۾ سَوَ چهرا
رات لڙيءَ جو ايندا آهن،
چِت اندر جو چؤنرو آهي
تنهن ۾ پريت وندبيندا آهن.

ننڍ ـ نگر جا سي سپ راهي
ڇا ڪنهن مٽيءَ جوڙيا آهن؟
ءِ پوءِ تن سان تنهنجا ناتا
تنهنجيءَ جاڳ جهنجهوڙيا آهن؟

مٽيءَ لاءِ مترتا تنهنجي
چو تہ ڪليسا ڪُوڙي آهي!
هي تنهنجو آدرش اُڀرا!
ڪيڏي ڪچي چُوڙي آهي!

(رٽ تي رم جهم)

### ڪوريا، برلن

چا چا کي تقسيم ڪيو ويو!
ماڻهوءَ جو مقسوم به ساڳو
ٻُڪَ به ساڳي، ڏُکَ به ساڳا!
پيار به ساڳو پياس به ساڳي
سيرانديءَ سان سُکَ به ساڳا!
هر ماڻهوءَ کي مرڻو آهي
موت به ساڳو مات به ساڳي!
مدرا پيتي پرک به ساڳي
ماڻهوءَ جي مرجات به ساڳي!
ماڻهو پو به ورهايلَ تورڻي
ڏيهہ به ساڳا، ذاتِ به ساڳي!
سَنڌا سيڙها هن ڌرتيءَ جا
لوڙهي تي برسات به ساڳي.
مُک- وچن پر ڪنهن به ڳويءَ جا
مُنهنجيءَ ڪوتا جهڙا ناهن!
آءُ اڪيلو هان ڌرتيءَ تي
مون جئن ڪنهن جا سُپنا ناهن!

(روڻ تي ورجهم)

جَل ٿل جا جذبات لڳي ٿي
ڇاتيءَ منجهہ ڇُپائڻ گهرجي.

ڇُرندڙ پُرندڙ لاش وطن جي
گليءَ گليءَ ۾ ڪيڏا آهن!
انڌا، گونگا، ٻوڙا ماڻهو
هي جي منهنجا جيڏا آهن،
تن جي پرک پريان ئي پڌري
تن کان لعل لڪائڻ گهرجي.

مون کي پوبون لفظ صديءَ کي
ڏاهپ وارو ڏيڻو آهي،
عُمر سجي جو مون چاهيو آ
اَنت اُئين ئي ٿيڻو آهي،
ٻيهر ٻاقي ٻاڦ اجايو
ڳچيءَ ڳَٽُ نہ پائڻ گهرجي.

اڄ ڪنهن جي منصور ٿيڻ سان
ڪوئي فرق نہ پوڻو آهي،
مُوڙها! منهنجي مام نہ سمجهيئہ
مون تہ چيو جو چَوڻو آهي!
ڳُجهہَ ڳُجهاندر ڪي مدرا پِي
وِڃَ نہ اڄ ورجائڻ گهرجي.

(رڻ تي رم جهم)

سورج- پٿر وانگر منھنجا
ٻولَ ٻُرن ٿا
شيشي- گھر جا سڀ دروازا
ڪِرچون ڪِرچون پڪڙيل آھن،
توڙي رتو رتُ، پير آباجھا،
پو بہ وڌن ٿا!
سورج- پٿر سان اڄ ڇا ڇا
مون کي ڏاھڻو آھي؟
شھر سڄو ئي شيشي- گھر آ
سورج- پٿر سان ھر گھر تي
مون کي ڪاھڻو آھي،
پل تہ پيو پو مون تي باھي
جنھن کي باھڻو آھي-

هي جي شيشي جا دروازا
ڪِرچون ڪِرچون پڪڙيل آهن
مون ئي ڀڳا آهن،
هر گهر جي دروازي تائين
منهنجا پيرا آهن،
هي جي شيشا آهن
مون ئي ڦوڙيا آهن،
مون ئي ٽوڙيا آهن،
مون ئي ٽوڙيا آهن.

*(رلڪ تي رمرجهم)*

روڪِ جي روڪي سگهين!
سَڌَ ڪي ڪي هَڌَ ناهن
جو اُهي ٽوڙي سگهين!
آءُ جو آواز آهيان
زندگيءَ جو راز آهيان
ٿو وڃان مان دور تائين
مَوڙ جي موڙي سگهين!
وقت، جو درياهہ آهي
روز و شب پائي رهيو آ ـ
پير پنهنجا کوڙ جي کوڙي سگهين!
ڪنهن مٿان بندوق تاڻين ٿو ميان؟
ڇا نہ ڄاڻين ٿو ميان!
سِجُ تنهنجي وَس ناهي
تاءُ تنهنجي وَس ناهي
واءُ تنهنجي وَس ناهي
سوچ جو ڦهلاءُ تنهنجي وَس ناهي!

وقت سرڪش آ ازل کان
سِرُ اِنهيءَ جو ڦوڙ جي ڦوڙي سگهين!
ڇو نہ سمجهين ٿو اياڻا
ٿو پڇاڻا
پُنءِ نہ پاڻا!
وقت جيڪو زندگي آ
ها، اُهو ئي وقت تنهنجو موت آهي
تون اُنهيءَ کي
ٽوڪ جي ٽوڪي سگهين!
روڪ جي روڪي سگهين!
روڪ جي روڪي سگهين!

(وطن تي [illegible])

ديس سڄي ۾ ڪُڪڙو ڪوُ آ
مائڪر فون تي پو بہ آهن
ٻاٽ ڪٽي ٻالهائڻ وارا
ڳڪا وار لسائڻ وارا
ڪوڙَ- ڳسنبو ڪائڻ وارا!
ڪُڙهہ ۾ ايڏا خچر آهن
سَئس بہ ان تي حيران آهي!

*(رڻ تي رم جهم)*

گهڙيال وڳو
يا وقت پڳو
روپوش ڏوهاريءَ وانگر!
انڌيرَ نگرُ
سنسان ڍگر
مستقبل واريءَ وانگر!
اي خوشبوئو!
آ ڏرتي چو
ڪنهن ڪکيءَ ڪاريءَوانگر!
اي آدرشو!
ڪنهن وقت اچو
مون لاءِ بهاريءَ وانگر!
اي آدرشو!
اي آدرشو!

(روڙ تي رمر جهمر)

## خواب هجن آزاد تہ پيو چا گھرجي!

خواب اسان جا جنگي قيدي
جن تي فاتح ٺوڪارن ٿا،
پنهنجن پيرن ۾ ڪيرائي
تلوارن سان للڪارن ٿا.

خواب اسان جا ويرانين ۾
طوفانن جي شور جيان ها،
ديس سڄي جي دل ۾، اُن جي
ارمانن جي شور جيان ها.

هاڻ تہ هن ڏرتيءَ تي سڀ کان
خواب وڏا ڏوهاري آهن،
آزاديءَ جا خواب، اُنهن تي
بَند اڳي کان ڀاري آهن.

بيوس خواب، اکين ۾ تن جي
ڪيڏي زهر ڀري پئي آهي!
پر هي تن جي چٽنگ، اُنهيءَ مان
ڀيھر باھ ٻري پئي آهي.

ڪا منزل ڏيکاري ڏي تي
ڪو ڏورانھون ڏسُ مليو آ،
واري چڙھ دلداري ڏي تي
گوندر کي ڪو گسُ مليو آ،
جي چوڌاري نعرو گونجي-

’ڌرتي زنده باد‘ تہ ڀيو ڇا گهرجي!
خواب هجن آزاد تہ ڀيو ڇا گهرجي!

(روڙ تي رمر جهمر)

ڏکڻ واءُ!

دامِن مادر وانگر آءُ!

دور پرندن غول هوا ۾
جن کي شام وڇوڙيو آهي،
ڏيري ڏيري اوندهہ پنهنجو
ڪارو خيمو کوڙيو آهي.

چينائي فانوسن وانگر
دور ستارا ٽم ٽم ڪن ٿا،
منهنجي من جي انڌياري ۾
جڻ ڪي پيارا ٽم ٽم ڪن ٿا.

منهنجا پيير وڍيا آهن جن
سي ڪارائين وانگر رستا،
ڪيڏو دور وڃن ٿا اڳتي
سي ڪندن سان ڀُر ڀُر رستا!

هي ڪنهن جي سرگوشي آهي
”مؤنن پر تون ڪيسين رڙهندين؟
”تو وَٽ ڪو هٿيار نہ آهي
”پو بہ وڙهين ٿو! ڪيسين وڙهندين؟“

ڏاڍو ڏور لڳي ٿي منزل
ڪيڏو پنڌ اٽانگو آهي!
سِرُ اهڙو بہ اجايو ناهي
توڙي سِرَ جو سانگو ناهي!

هي سوداءُ!
دامنِ مادر وانگر آءُ!
ذڪرڻ واءُ!

(روڻ تي رمرجهم)

## انٽرنئشنل

بُکَ وگهي ڇا ڇا نہ ڪيو ٿا
ڌرتيءَ جا مظلومو جاڳو!
آزاديءَ اعلان ڪري اڄ
دنيا جا محڪومو جاڳو!
ماضيءَ جون محروميون واريو
جاڳو اي محرومو جاڳو!

يارو، نيٺ تہ ٿيڻي آهي
ڌرتي پنهنجي ڏان–ڏياڻي
هاڻي ڪجهہ بہ نہ آهيون، پو ڇا
نيٺ تہ پنهنجي آ سرواڻي.

نيٺ غلاميءَ جون زنجيرون
هن ڌرتيءَ تي ٽوڙيندا سين،
ڇا بہ هجي تقدير، اُنهيءَ کي
محنت ڪش گڏ موڙيندا سين.

اهڙا ڪُورا پاريندا سين
اهڙو لوهہ تپائيندا سين
هر ڪنهن کي آزاد ڪنداسين
پنهنجي سگهہ مڃائينداسين.

هي سارا قانون ٺڳيءَ جا
جانٻهہ وانگر جي پيهن ٿا،
هڪ پيرو يلغار ڪيون جي
پنهنجي سامهون ڪٽ بيهن ٿا.

ڍؤنگ رياست آهي هرڪا
سرمائي وارن جي ساٿي!
هي سارو انصاف اُنهيءَ جو
آ جڙ ڪوئي انڌو هاٿي.

اُن جو فرض اهو آهي چا
روز غريبن کي چيٿاڙي،
چُرچ ڏين جي پيسي وارا
چيتي جئن هُوءَ چيري ڦاڙي؟

جنهن جو ڪوئي فرض نہ آهي
تنهن جو ڪوئي حَقُ نہ آهي؛
هاڻي ڏَنُ نہ ڏينداسون ڪو
جي سَيَ هڪجهڙائي ناهي.

هي جي شاهنشاهہ ڏسو ٿا
سڀ ئي انگ اُگهاڙا آهن،
سڀ ئي پنهنجو رَت پيئن ٿا
سڀ پورهئي تي ڏاڙا آهن.

اَڄُ جاري فرمان ڪيون ٿا
ڏاڙيلن کان سڀ ڪجهہ کَسجي،
اونهيءَ اوندهہ کان پاسي ٿي
جڳ کي واٽ نئين ڪا ڏَسجي.

دُور هٽايو هي خوشبويون
پنهنجي سگهہ وهاڻ واريون؛
اي مجبورو! ڳالهيون ڳايو
ڪوٽَ ڪڙن کي ڪاڻ واريون.

سَچ- سپاهي اڄ ڏاڍن جي
گڏجي همت ٽوڙيندا سين،
ماڳُ اسان جو ساڳو آهي
مُلڪ اُنهيءَ ڏي موڙيندا سين.

محنت ڪش انسانَ اسان اڄ
ڌرتيءَ کي اپنائيندا سين،
ويچو وچ ۾ ڪو بہ نہ رهندو
سڀ کي سيني لائيندا سين.

ڏنُ ڳجهن جو ڳاهہُ نہ ٽيندو
ائن سڀ ڏنُ ورهائيندا سين،
مِل بہ پنهنجي، ڪاڻ بہ پنهنجي
ڪيت بہ گڏجي ڪائيندا سين.

سِجُ سياڻي اُيري پنهنجون
روشنيون جو ڦهلائيندو
هر ڪو ڌرتيءَ تي خوش هوندو
آزاديءَ جا ڳڻ ڳائيندو.

محنت ڪش ساٿي مزدورو!
پنهنجي وک وڌايون ٿا اڄ،
ساريءَ ڌرتيءَ لاءِ ترانو
سڀ ئي گڏجي ڳايون ٿا اڄ.

اُڀ اُڏارون ڪائي اُيرو!
طوفانن جئن جهُومو جاڳو!
ڌرتيءَ جا مظلومو جاڳو!
دنيا جا محڪومو جاڳو!
جاڳو اي محرومو جاڳو!

(مزدورن جي قومي تراني "انٽرنيشنل" کان متاثر ٿي لکيل)

*(آڪن نيرا ڦُليا)*

تا چانڊوڪيءَ ۾ ڏيکَ ڏين
جنهن وقت پَتا وارياسي جا،
تنهن وقت لڳي ٿو هي رڻ، پٽ
ڪنهن ڇيتي جئن آرامي آ!

ڪنهن وقت تہ پنهنجي ننڊ منجهان
هو اُڀري ايندو ڇال ڏئي،
سو وقت تہ ايندو نيٺ ڪڏهن
آ توڙي اُن ۾ دير پئي.

اڄ ننڊ ٿُتي آهي تہ سهين!
تو ڇيتو ڳرَ ساهي تہ سهين!

(آڪن نيرا ڦُليا)

آ رات لڙي اوٿار اڃا
تن لاءِ پٽن ۾ ڳولن ٿا،
جي ڪالهه ڳرڻ مان نڪري ويا
۽ پنهنجو رستو ڦولن ٿا.

هُو آهن تن جا چنگ چڙا
جي تارن وانگر ٽمڪن ٿا،
هُو جهاڳا جهوڙا واريءَ تي
جي جهونجهڪڙي ۾ جهمڪن ٿا.

ڪنهن وقت لُريءَ جي لهرن ڪان
هو پنهنجا چهرا ويڙهن ٿا،
ڪنهن وقت ڏجهايل ڏاگهن کي
هُو هوريان هوريان ريڙهن ٿا.

اي آزادي! اي آزادي!
تون ڪيڏو ڏور لڳين پيئي!
هر اُج سهي هر بُکَ سهي
تون ايڏو ڪيئن تڳين پيئي!

ڪنهن وقت اچانڪ تون ايندينءَ
ڪا سجَ سُنهري شال ڏڪي،
تلوار هوا ۾ لوڏيندي
۽ لوئيءَ هيٺان ڍالَ ڏڪي.

(آڪن نيرا ڦليا)

ڪنهن توهر هيٺان واريءَ تي
وسرامي آهيان روجهہَ جيان،
چڙهي سارا درد زماني جا
مون دور هٽايا پوجهہ جيان.

هن ڌرتيءَ تي ڏک تاتينديءَ،
ڪجهہ پنهنجا ۽ ڪجهہ دنيا جا،
ڪئن عمر اُڏامي ويئي آ؟
انسانَ ڪڏهن ٿيندا آجا؟

ڪو سُک جو ساهہُ بہ ڪٽبو يا
اِئن ڳهندي ڳاهہُ مري وڃبو؟
هي جوش اجايو آهي ڇا
ڇا مٽيءَ هيٺ ٺري وڃبو؟

يا گيت ڪڏهن جولان ڏئي
ماڻيندا ماڳُ اسان ڪان پو؟
۽ وسڪارا ٿيندا ٿَر تي
۽ ڦِرندو ياڳُ اسان ڪان پو؟

(آڪن نيرا ڦليا)

اي ديس! ڪڏهن تون آڻيندين
انبار گُلن جا مٽيءَ تي؟
مان اَڄُ بہ ڏسان ٿو پائيندين
جَي هار گُلن جا مٽيءَ تي.

جنهن وقت نہ هوندس آءٌ تڏهن
تون منهنجو قدر سڃاڻيندين،
پر پوءِ بہ دعا آ منهنجي تون
سُک آزاديءَ جا ماڻيندين.

مان هونءَ تہ تنهنجو راڳي هان
پر اڄ تائين جو ڳايو آ،
مون اُن ۾ ساري ڌرتيءَ جو
چرڻ پورو ڏکُ سمايو آ.

تون نيٺ تہ مون کي ڳائيندين
۽ مون ۾ پاڻُ سمائيندين،
۽ مون جئن پنهنجي سيني سان
ساري ڌرتيءَ کي لائيندين.

تون راويءَ کي ٻہ ائين ڏسندين
جئن پنهنجي سنڌو دريا کي،
۽ سڀ تي نيٺ وسائيندين
تون منهنجي ساريءَ برکا کي.

هن ساري ننڊي ڪنڊ مٿان
تون بادل وانگر ڇانوَ ڪندين،
۽ رَڪَ مدائيءَ جي مَيٽي
تون اُجرا سارا هانوَ ڪندين.

(آڪن نيرا ٿليا)

هِن آپگهات کان بهتر آ
هو توکي قاهي چاڙهن ها،
کنهن گهاٽي ۾ پيڙائن ها
کنهن تيلَ ڪڙهائيءَ ڪاڙهن ها.

تو موت اچي هر ماڻهوءَ تي
پر هر ڪو ننڊ نہ ماٺي ٿو،
۽ هر ڪو ساري جيون کي
نہ وَرِيِ سپني سان واٽي ٿو.

تون موت ڏسي گهبرائين ٿو؟
هي تنهنجو اَنت تہ ڪونہ آهي!
بس توري ساهي پٽڻي آ
جي ڪوئي اِن کي ساڃاهي!

هو تو کي ڦاهي چاڙهن ها
تون ساهہ پٽين ها سُوريءَ تي،
۽ چنڊ هلي ها تو سان گڏ
جنهن وقت وڃين ها دوريءَ تي.

هي ڇُونڊَ تہ تنهنجي وس آهي
ڦاهو تہ سٽائو آهہ ميان!
جنهن آپ گهات جو سوچين ٿو
ڪيڏو نہ اٽائو آهہ ميان!

(آڪسن نيرا ڦليا)

جنهن وقت اُتي يلغار ڪري
هو آزاديءَ ڏي ڪاهيندا
هي ڪوٽ، ڪروڙين مارِيون۔
۽ مارو گڏجي ڊاهيندا
هو نيٺ تہ تو کي چاهيندا!
هو نيٺ تہ تو کي چاهيندا!
اي آزادي!
اي آزادي!

هي جيئڻ ڪهڙو جيئڻُ آ؟
هو ڳاهہ سدا تہ نہ ڳاهيندا!
هو ڏور تہ ناهن، نيٺ ڪڏهن
هو ٻُوٽاڙين کي لاهيندا!
هو نيٺ تہ تو کي چاهيندا!
هو نيٺ تہ تو کي چاهيندا!
اي آزادي!
اي آزادي!

اڄ هڪُ هزارين تي ويو آ
ڪنهن وقت ڪروڙين دانهيندا،
هو سارو سچُ چئي ڏيندا
۽ اهڙو ساهس ساهيندا،
هو نيٺ تہ تو کي چاهيندا!!
هو نيٺ تہ تو کي چاهيندا!!
اي آزادي!
اي آزادي!

هو لال قلندرَ تي ايندا
۽ سنڌڙيءَ کي ساراهيندا،
۽ ميلا منهنجي مٽيءَ تي
لائي، هو لاڏا ڳاهيندا،
هو نيٺ تہ تو کي چاهيندا!!
هو نيٺ تہ تو کي چاهيندا!!
اي آزادي!
اي آزادي!

(آڪن نيرا ڦليا)

بسنت جي رُت اچي وئي آ
پر هـ ڦٽي موتيا ٽڙن ٽا،
پوَنر مڙن ٽا.
اڳي بہ اهڙي سڳنڌ مون کي
بسنت رت ۾ جڏهن ملي آ
تہ مون اُتي آجيان اُنهيءَ جي
نئين نئين گيت سان ڪئي آ.
خبر نہ آ پر
ڪڏهن ڪڏهن پَر
بسنتُ جو هيلَ آ هوا ۾
اُنهيءَ ڪان چرڪ چو ٿئي ٿو؟
گُلابَ ڪوئي جڏهن چني ٿو
ايئين لڳي ٿو
تہ گردنيون ڪيتريون گهٽيءَ ۾
لتاڙجن ٿيون اجان مٽيءَ ۾
بسنت جي ويلَ آ، هوا ۾
مگر اُداسي رچي وئي آ.

(آڪن نيرا ڦليا)

## چغل

ڪنهن دوست متان ڪنهن دشمن وٽ
هو چغلي ڪائي آيو آ،
۽ بئي تي ڳوڙرو ڳٽ وجهي
هن پنهنجو پاڻ بچايو آ.

تو راتِ رَمي هو چپ جيان
۽ چنڊ ڏسي چِڙَ ڪائي تو.
تو ڪيڏو مُنهن ۾ گهُنڊ وجهي
جي ڪوئي پنڇي ڳائي تو.

جنهن وقت بہ پنهنجي دشمن وٽ
هو پنهنجو پاڻ وڻائي تو
واسينگ اچي تو ڪو اُيري
۽ هُن جو اندر ڪائي تو.

هُو آزاديءَ جو ويري آ
هُو جو ڪِن پل ۾ گهاري تو.
ڪنهن وقت اجل هن لاءِ اچي
تنهن ڪِن پَل ڪي ميساري تو.

هي هُن جو لاش پيو آهي
جنهن آزاديءَ کي واريو آ،
تِي هُن کي ڌرتي جاءِ نہ ڏي
آڪاسَ مٿان ٿوڪاريو آ.

آزادُ رهِي بہ تہ مرڻو آ
پر اهڙو موت اَبد آهي،
اي دوست! جياپو ڪن پل جو
ڇا جي آهي، ڇا جي ناهي!

*(آڪن نيرا ڦليا)*

جي هي منهنجو ڏيهہ تہ مون تي
پهرا ۽ بندوقون ڇو؟
جي آهيون آزاد تہ پو هئن
قيديءَ وانگر مان، تون ڇو؟

آ هيڏو ڏهڪاءُ پلا ڇو
هو ڪنهن کي هيسائن ٿا؟
تو کي هو خاموش ڪري ڪئن
روز ترانا ڳائن ٿا!

آءُ انهن جو ناهيان، ناهيان،
ناهيان، مان ورجايان ٿو
آزاديءَ جي رستي تي مان
اَڄُ بہ وِکَ وڌايان ٿو.

شاهي رستو دور چڏي مون
جهاڳيو پنڌ پهاڙن مان،
هو جو سوڙهو لڪ وڃي ٿو
دور انڌيرن لاڙن مان.

ان تي منهنجا پيير وڌن ٿا
نيٺ تہ ايندو ماڳُ ڪڏهن،
پوءِ سدا تہ نہ رهڻو آهي
نيٺ تہ ڦرندو ڀاڳ ڪڏهن.

(آڪن نيرا ڦليا)

اي ديس اُهو ئي راڳي هان
مان تنهنجيءَ ساري پيڙا جو
زنجير ڇني سارا اُن تان
جنهن پنهنجو گيت ڪيو آجو.

جنهن آزاديءَ جي رستي تي
آ تو سان سارو پنڌُ ڪيو
۽ مرندي تائين مارڳ ۾
جنهن تو سان هي سَؤگنڌ ڪيو:

"مان هونءَ پراهون پانڌي هان
پر تو سان ساٿ نڀائيندس،
مون لاءِ تہ ٻِن ٻِن گيت هيا
پر مان تولئہ ئي ڳائيندس."

جنهن وقت پوان مان ليٽي، تون
هي تنبورو سيرانديءَ کان،
سِرڪائي جنهن کي پيي ڏيندين
ڪو ساڙُ نہ ٿيندو مون تنهن سان.

مون لاءِ اهو ئي ڪافي آ
مون تنهنجو ساٿ ڏنو آهي،
آ تنهنجي آزاديءَ جو ئي
مون جيڪو گيت چيو آهي.

(آڪن نيرا ڦليا)

مون شعلا شعلا گيت چيا
جئن تنهنجو چارو روشن ٿئي،
جو ڪارونجهر تي دور ويو
سو رستو سارو روشن ٿئي.

جنهن وقت انڌيري راتين ۾
گهنگهور گهٽائون ڇائينديون،
تنهن وقت سموري ٿر بر کي
هي روشنيون ڏگ لائينديون.

ڪنهن وقت نگر تي نينگرڙا!
سڀ چارا چنڊ پسائيندو
تون پنهنجو گهر ڳولي لهندين
هُو تنهنجي گهر تائين ايندو.

تنهن وقت وسارين هيءُ متان
ڪنهن وقت گهٽا جي گهيري ۾،
ڪنهن مشعل تنهنجي لاءِ اُيي
ڪئي آڌيءَ رات انڌيري ۾!

(آڪن نيرا ٿليا)

## موت ڪائي شيءِ نہ آ

زندگي آزاد پل جو نانءُ آ
ناهِ ماهہ و سال جي ان ۾ ڳڻپ،
موت ڪائي شيءِ نہ آ.

ڏس اهو ڪنهن وقت ڪو ماڻهو هيو
هيءَ جا مُٺِ ۾ مٽيءَ جي آهِ لپَ
موت ڪائي شيءِ نہ آ.

موت هر ڪنهن تي اچي ٿو نيٺ ڙي!
ڊپ! ڪهڙا ڊَپ؟ ڇا جي لاءِ ڊَپ؟
موت ڪائي شيءِ نہ آ.

ڪيستائين ٿو وڃين گهوڙي سوار؟
زندگيءَ ۾ گيانَ جي ڪيڏي نہ گپ!
موت ڪائي شيءِ نہ آ.

رُوح جي خوشبو رهي ٿي واءُ ۾
هي بدن آ ڌوڙ ۾ ڪيڏي نہ ڌپ!
موت ڪائي شيءِ نہ آ.
موت ڪائي شيءِ نہ آ.

*(آڪن نيرا ڦليا)*

ساري قوم بہ ظلم ڪري ٿي،
اوچ بہ ظالم، نيچ بہ ظالم.

نيچ بہ پنهنجي نيچائيءَ ۾
اوچائيءَ احساس رکي ٿو،
تنهنجو تن تہ هڏائون پڃرو
هو ڪجھہ ٿورو ماسُ رکي ٿو،
جيڪي هن جو رتُ پيَن ٿا،
تن ۾ ئي وشواس رکي ٿو.

اوچ بہ ظالم، نيچ بہ ظالم-
ساري قوم بہ ظلم ڪري ٿي.

تنهنجي رَتُ پِيڻ لئہ گڏ آ
پنهنجن رَتُ پياڪن سان هُو
توکي دوست ڪٿي تو سمجھي
خوش آ پنهنجي دشمن سان هُو
چڻ تون کو آئينو آهين
جنهن ۾ آهہ درندي جان هُو.

تنهنجي روٽيءَ سان پنهنجي جو
تو کي ريٽي، پيٽُ پري ٿي،
ساري قوم بہ ظلم ڪري ٿي
اوچ بہ ظالم، نيچ بہ ظالم.

(آڪن نيرا قليا)

پوڙهن هَڏڙن ۾،
ساڳن سَڏڙن ۾.

ڪلهه ڪهڙو سوئَر ساماڻو
منهنجن وڏڙن ۾؟

ڏرتي ڪيڏا ڏِڳَ وڙهن تا،
آءُ تہ جڏڙن ۾.

ترندا تار تہ پو چاَ ٿيندو
موڙها مَڏڙن ۾،

ساڳن سڏڙن ۾،
پوڙهن هَڏڙن ۾.

(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)

ڪيڏي ڏوڙ اڏامي پيئي؟
گهر ڪان گهٽي، گهٽيءَ ڪان گهر
ميرا ٿي ويا لوڪ سپيئي!

آءٌ تہ ويهي رات ڪُٽايون!
ڏيئو ڏي تو پڙڪا، ان کي
تيز هوا ڪان ڪئن بہ بچايون!

تيز هوا گهوگهاٽ ڪري ٿي،
ڏسجي ڪيسين پنهنجي گهر ۾
ليئا پائي لاٽ ٻري ٿي!

آءٌ ٻئِي هَٿ اُن تي آڏي
چوڌاري ديوارِ بڻايوُن-
ڪوبہ نہ ايندو لاٽَ اُجهاڏي.

ڪوبہ نہ ڏسندو در کڙڪائي
چَوندو چارئي ڏسَ ٻُجهي ويا
لاٽ تہ واڻهڙُو دڳ لائي.

آڏيندي هِت، ميڙا ٿيندا
باک ڦٽيءَ جي سوجهرڙي ۾
ماروئڙا گهر پيڙا ٿيندا.

(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)

ڏِسُ، لاتَ وسامي تي پياري،
طوفانُ اچي ويو آ تَر ۾،
تون ٻوٽِ سيئي دروازا
۽ وِتِ نہ ڇَڏ ڪائي گهَر ۾!

تو ڪيسين هي طوفان هَلي
ڪئن ڇئجي؟ ڳوٺُ ٻُهر ۾ آ،
هي ٻاهر ٺَڪ ٺَڪ ڪنهن جي ٿي؟
هي دهڪو ڪنهن جو در ۾ آ؟

ڇا اُن جو آڌرڀاءُ ڪيان؟
ڇا اُن لئہ دروازو کوليان؟
مهمان اويرو آيو آ
چُپ چاپ رهان يا ڪجهہ ٻوليان.

(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)

مان انت سَمئہ جو پانڌيئڙو
اڄ آيو هان تُنهنجي گهر ۾،
تون منهنجو آدرياءُ ڪرڻ
جڻ اڳ ئي ٻيٺي آن در ۾!

تو چَندُ پُڇي: هي ڪيرُ آهي
هي راهي مُنهنجي رم جهم جو؟
تي رات چوي: هي ڪيرُ آهي
جو واٽهڙو آ ٽِم ٽِم جو؟

ٽا تارا مون تي وَرڪا ڳن
جڻ نيل گگن جا نيلا گُل،
۽ ڪيئي ڪانڊيرا مون کي
ٽا آڇن پنهنجا پِيلا ڳل!

مان ڏنڏيون ڏورا ڀٽڪيو هان
۽ جهاڳي پنڌ پهاڙن جا،
اڄ تُنهنجيءَ نگريءَ پهتو هان-
آواز اچن ٽا تاڙن جا.

ءِ ڪوڪُون ڪن تيون ڪويليون
وَڻ مون کي اَجرڪ پائن ٿا،
ءِ گربيءَ جهڙا بادل ڇڻ
من منهنجي تي لهرائن ٿا.

اي آزادي! مان پهتو هان
اڄ تو لئہ ڪيڏو پنڌو ڪري،
تون مشعل مشعل آئي آن
ڇڻ در تي پيارا پيرَ پري!

*(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)*

جنھن وقت ڪِپيل سِرَ جانچيان ٿو
مان هَٿ ۾ ڪاليءَ ماتا جي،
سوچان ٿو گوئنچ محبت جا
ڇا پيھر ڦُٽندا ڌرتيءَ تي؟

ڌرتي جا ڪيئي ورهين ڪان
ڪنھن برڪا لئہ سيڌائي ٿي،
پر ڪارا ڪارونيار هتي
نفرت جا ئي ڦهلائي ٿي.

ڪنھن وقت تنبورو ميران جو
ان ڪاري ڪارونيار منجھان،
ڇا گيڙو بادل ٿي وَسندو؟
مان سوچان ٿو ڇا نانڪ مان،

وَسڪارَ اُڪِيرَن جِي ٿِيندِي؟
ڇا چَرخو پيھر چوريندو،
ڪنھن وقت ڪبيرُ اچي مون وٽ
۾ مون سان آندرُ اوريندو؟

ٻيهار اَچي ڪوئي ٻَٽ تي
ڇا مومل راڻو ڳائيندو؟
يا ڏاگهہ اَچا پيئي ٻرندي
۽ اُن کي ڪونہ وِسائيندو؟

جيڪي بہ ٽِئي هِنِ رَستي تي
مان ويندُس حدِ نظر تائين،
هي رستو نيٺ تہ کُٽڻو آ،
۽ اچڻو آهي گهر تائين.

ڇا لاءِ تہ پيار اَمر آهي
۽ نيٺ ڏڪارَ نہ رَهڻي آ،
ڪنهن وقت تہ وَرندو واءُ جڏهن
دِل دِل کان ڏار نہ رَهڻي آ.

(هينئڙو ڏاڙهون ءَ گل جئن)

چا منهنجون ساريون روشنيون
بيڪار ويون تهخاني ۾؟

هت ڪائي جوت، نہ ٻرٽي آ.
هت چمڙا پَر ڦڙڪائن ٿا،
ٻاهر بہ تہ ڪائي وِجُ نہ آ،
بادل نہ ڪڏهن برسائن ٿا!

ٻاهر بہ انڌيرو ئي آهي
اندر بہ انڌيرو. ڇايو آ.
آڪاش منجهان چمڪاٽُ ڪڏهن
ڪوئي بہ نہ هتڙي آيو آ.

هي نيڻ ڏياٽين جئن ٻرندا،
ڪيسين هن قحبہ خاني ۾؟

*(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)*

ماٺهو – ڪُتو ڪُتو- ماٺهو ڀؤنڪي آڳُر ۾
ايئن لڳي ٿو در مان گهر ۾ پيهي اچڻو آهه!
ساري عمر ڏٺو ڪو ناهي ههڙو آنءُ پَسون
مون تہ چيو هو ’مون ڏي ڪوئي نيهي اچڻو آهہ‘!

ناهر جا نَنهن، مَرَ مُهاندو، آيو آهي ڪيرُ
چَندُ اڱڻ ۾ جڻ تہ سُڃاڻڻ چاهي ٿو هُن کي،
ڪنهن ڦهلايو آهي هُن جي هيٺان ناٽي- ڊيرُ
اِن جي مامَر نہ سمجهِي، ڄاڻڻ چاهي ٿو هُن کي.

آنءُ وِهائوءَ ڏانهن تَڪي ٿو اُن ڪان پَندُ پڇان
”رستو ڇو نہ کُٽي ٿو؟ ناهي راتِ گُذرِڻي ڇا؟
”ماٺهو-ڪُتو ڪُتو- ماٺهو روڪي ٿو سڀ کي،
”روُپ وَٽي آئي آ پَنهنجِي ڪرٽي ڀرِٽي ڇا؟“

هارِڻ تہ گُر کي بيٺو مون کي تاڙي ٿو دَر مان
چَندَ پسُونءَ کي نانهہ سُڃاتو حيرت ۾ آهي؛
مان تہ چوان ٿو ”جيڪر ٻيو ڪو ديسُ وسايون ها
”روزُ نَئِين ڀؤنڪار اَچي ٿي، تَر ۾ ٻيو ڇا هي؟“

(هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن)

هيءَ ڪارِي رات سِتارن سان
جڻ مُنهنجو مَنُ هرڪائي ٿِي،
۽ دُور نِئين ٿي ڌرتيءَ ڪان
پولارَ اَندر پِرپائي ٿي.

مان اِن ۾ ڪنهن کي پوليان ٿو؟
اِنسان هِتي ناياب آهي،
اڄ تائين ڪنهن بہ ستاري تي
انسانُ نسورو خوابُ آهي.

مان سوچان ٿو ٻي هَندِ ڪِٿي
اِنسان اگر هوندا، تہ اِئين
خونخوار دَرندا ئي هوندا
هِن ڌرتيءَ تي هاتارَ جئين؟

ڪنهن وقت وَلين ۾ ويڙهيل ها
ڦَلَ ڦولَ رُڳو ڪائيندا ها،
۽ پورنما جو چَنڊُ ڏسي
اِنسان مِڙِي ڳائيندا ها!

پو وسندا ها جي ماڪَ ڦُڙا
هو مُڪڙين وانگر ٽِڙندا ها،
جئن باک ڦُٽيءَ رابيلَ ڪِڙن
تِئن ڪِينءَ مَنجهاران ڪِڙندا ها.

هو پيار ڪندا ها هر ڪنهن سان
۽ ڪنهن سان ويرُ نہ رکندا ها،
هوُ آجا ها هَر هُر ڪُر ڪان
۽ مَن ۾ ميرُ نہ رکندا ها.

اَج بَن۔ مانِس بهتر آهن
انسانُ سَين ڪان وحشِي آ،
اڳتان بہ بُرا پُٺ تانْ بہ ڇُرا
پر نعرو 'يائي يائي' آ.

تو هُن ۾ آپو آلاپي
جو ماٺهو آهي ڏرتيءَ تي؛
تون ڳهڙيءَ مُرليءَ موهيندين
هِن اَيماني مَن ورتيءَ کي؟

آ عمر ڪسِي هر شيءِ مون ڪان
مون خالي جهولَ جهَلي آهي،
چا، ڏرتي نيٺ بدلٽي آ
يا اج مون آسَ پَلي آهي!!

(هينئنئرو ڏاڙهونءَ گل جئن)

تون چوين ٿو پيو آزاد آهين
”تو غلاميءَ جا نيرَ پاڙ پڳهاريا آهن۔
ڪنهن بہ انگريز نہ ڳاريا آهن“
تون چوين ٿو پيو آزاد آهين
”تون ٿيي خون جا دريا آئين“
ڇا چوان؟ ”ڪيئن تون ڇَريا آئين!“
تون چوين ٿو پيو آزاد آهين
مان پڇان ٿو تہ ”سندءَ آزادي
ايتري آهہ تہ تون سڄ ٻُڏين!“
مان چوان ٿو تہ ”سندم بربادي
تو ڪئي آهہ تہ اهو سچ چوين!“
آمريڪا جا اڳيان رهواسي
ناس ڪيا ويا، اهي ڪمزور هُيا!
تو ڪئي آ ائين حالت منهنجي
گوليون، بَم، ڪڏهن قيد ڪڙا
مون کي واهر بہ نہ ڪا!
واٽَ بہ ڪائي ناهي
بس رڳوان کان سوا،
مون ڏَسِي شعر ۾ جيڪا آهي.

(ڪتين ڪـر موڙيا، ياڳو بيو)

هُنن ڳوٺ ۾ نانهہ وَستي وَسائي
هُنن جي هِتي شهر ۾ آ خُدائي!
هُو باهيون ڏين ٿا
هو ڪاهيون اَچن ٿا
هُو گوليون هڻن ٿا
الوليون انهيءَ ريت ڳن ٿا
ٿا معصوم مارن.
گلن کي پٽن ٿا
اِئين کيپ ڪائي ڪَٽن ٿا
لهوءَ لالَ ٿي هو چَپن کي چَٽن ٿا.
مٿان چنڊ تن جا تماشا ڏسي ٿو
ڳري نيٺ ويندا
جيئين منجهہ پاڻيءَ پتاشا، ڏسي ٿو.
بہ ٿي ڏينهن آهن
وڏا شينهن آهن
بگهڙ ٿي اچن ٿا
نچڻ وير ڪيڏو اگهاڙو نچن ٿا
چپن سان اسان ڪجهہ نہ تِن کي چيو آ

نہ بندوق تاڻي، نہ پستول پنهنجو پريو آ
نہ ڪوئي ڏُڪو آ
سڄي رات هر وقت اوناڙ ڪن ٿا
سڄي رات اڌ۔ننڊ ۾ هو ٻُرن ٿا
ڪنن ۾ ڪُرن ٿا
چون ٿا تہ فانوس آ هر گهٽيءَ ۾
ڪري چنڊ وانگر پيو جو چٽائي
اسان جي بُرائي
متان ٿي نہ ظاهر
اجا ٿي نہ ظاهر۔
متان ڪو چوي ڪينئَرا روح آهن
انهن ڪان اهو ٻجُ آهي اجايو!
سڪل ڪُوهہ آهن
پلي آزمايو۔
جئين پو تئين اج وڌندي رهي ٿي!
اڙي اوجهڙءُ، رج وڌندي رهي ٿي!

*(ڪتين ڪتر موڙيا، ياڳو بيو)*

اوچتو هيمنگوي
تو ڏِسي مون کي چَوي
بارسيلونا[1] ۾ تون مون سان هئين!
روبرو منهنجي مُئين!
جنگ ۾ فاشي سپاهي جو نشانو ٿي وَئين،
آئينده جي لئي بيانو ٿي وَئين،
مان پيو هن کي چوان
”آنءُ ڪيئي بارِ پنهنجي موتَ سان،
تو ملاقاتي ٿيان:
ڪالهہ مان
تانتيا ٽوپي مثان
گهورجي ماريو ويس:
مان اجا تائين جِمان
۽ پيو وڙهندي مران
بارسِلونا فقط هڪ جاءِ ڇا؟
رَتُ سان مون آ سڄي ڌرتي رڱي،
جو اجا ڌوتو نہ آ
جو اجا ڌوتو نہ آ!“

(ڪتين ڪَر موڙيا، ياڱو ٻيوا)

[1] بارسيلونا: اسپين جو هڪ شهر.

هَني بال! پهاڙيءَ تي تون
ڦونيہ ۾ آرامي آهين!
اُٽتيهين اونداهي آهي
چَنڊ ڏجي ٿو مان ٿو سوچان،
تون ايڏو آزاد هُئين جو
توتي ٿو هي نظم لکان مان،
توتي ڪائي قبر نہ آهي
پوءِ بہ ڳتبو هيِئن هٽان مان:
”چا هِي تو ڄاتو تي اڳ ۾
ڏاتو هو جو ڪنهن بہ نہ ڄَڳ ۾
سو تنهنجي ئي هڪ حملي سان
روم ڏهي پوٽو آ آخر؟
روم ڏهي پوٽو آ آخر؟؟“

(ڪتين ڪر موڙيا، ياڱو ٻيو)

اي ٽيپو![1] تون ڇا لاءِ مُئين؟
نانا صاحب، تانتيا ٽوپي
تون ڇا جي لاءِ ٻُڏاءِ مُئين؟
اي دارا، اورنگزيب هٿان
تون ڪهڙي ڪارڻ لاءِ ڪُٺين؟
مان ڪوليان ٿو تاريخ جتان
هر وقت شهادت بي معنيٰ!
اي غالب خوش گوئي ڪهڙي
اي مير فصاحِت بي معنيٰ!
ڪنهن وقت غَدر تي سوچان ٿو
ڇا لاءِ ظفر جا پُٽَ مئا،
پو پنهنجي اندر لوچان ٿو
ها ڏاهر تو ڪي ڏاهه هُئي
ڇَا لاءِ مرين ٿو تو ڄاتو
اهڙي توکي ساڃاهه هئي!
ٿا ڇا ڪي پنهنجي قومَ چئون
اي سنڌي ڇا تون ڄاڻين ٿو؟

---

[1] ٽيپو (ٽيپو سلطان) تانتيا ٽوپي ۽ نانا صاحب: انگريزن خلاف آزاديءَ جي جنگ جا علمبردار.

يا ڪانوَن جِئَن ٿا روزُ لَئون!
۽ پنهنجي ڪاريءَ ڪان ڪان ۾
ٿا ٽيڙي پنهنجا پنک ڏسون؟
۽ پورا آهيون "مان" "مان" ۾!

*(ڪتين ڪر موڙيا، ياڳو بيو)*

اتو مسلمان پاڙرو
چين کي ور، ايو!
اُتي ٻہ ڪيئي ڪروڙ چيني
اجا ٻہ لادين ئي لڳن ٿا.
اجا اُتي راڄ ڪفر جو آ؟
نہ آهہ تائو نہ ڪنفيوشس
اجا تہ لينن ڪڙو تڙو آ
اسان سڀ عالِمين جا هُون!
اسان تہ اقبال سان چئون ٿا
ورهيہ ٿيا خواب ۾ لَنئُون ٿا
”عرب ٻہ آ چين سان اسانجو
سڀو ئي هندستان اسانجو
اجان ٻہ سارو جهان اسانجو!“
اتو مسلمان پاڙرو
روس کي ورهايو!
اُتي سَمرقند ڪان دُوشَنبي
هلال ِاحمر جا گيتَ ڳايو
مگر برازيل، ميڪسيڪو؟

اِئين ٻيا شهر اُتي بہ ليڪو!
خبر نہ آهي اُتي بہ پنهنجو
حساب آهي؟
اُتي بہ اقبال وانگيان ڪوئي خواب آهي؟
اُتي بہ اهڙو حباب آهي؟
اُتان تہ مون کي صدا اچي ٿي،
”هتي تہ مضراب آهہ خنجر
هِتي تہ گردن رباب آهي.“
اُتان بہ بانگ_ درا اچي ٿي؟
اُتان بہ بانگ_ درا اچي ٿي؟؟

*(ڪتين ڪر موڙيا، ياڳو بيو)*

ٻانهن ٽُنهنجي وَٽي
آنءُ توکي دعا ٿو ڪيان سنڌڙي!
لَهس ايندي نہ توکي ڪڏهن!
باهہ ۾ تون ٽَپي،
اُڀرندينءَ، نيٺ گلزار ٿي،
آنءُ جا اِڳَـڪـتي
آ ڪـئي
آهہ ڪُوڙي نہ ٿِي،
آهہ ثابت ڪيو
وقتَ اُن کي سَچِي،
سنڌڙي، سنڌڙي!
جَڳَ جي جندڙي!
تون نہ مرندينءَ ڪڏهن
تون نہ مرندينءَ ڪڏهن!
آنءُ ٻَلهار توتان ٿيان
سوَ دفعا گهورجان،
نيٺ ورندينءَ ڪڏهن،
نيٺ ورندينءَ ڪڏهن!

(ڪتين ڪـر موڙيا، ياڳوٻيو)

ڪاش صِحت هجي مان وڙهان!
ڇا ڪيان!
بستري تان پيو تو لڪان
جنگ منهنجي اڃا
آ قلم جي ذريعي هتان!
هَڏَ پوڙها ٿيا
هوڏَ پوڙهِي نہ ٿِي،
هي ڳِلي آهہ آزادگيءَ جي ڳِلي
ڪِٿ بہ سوڙهي نہ ٿي
ٿي اڳي کان ڪُشادي وَڃي
گيت منهنجو اِئين جئن منادي وڃي،
تُنهنجي آزادگي لاءِ ڳايان پيو
آنءُ بيمار هوندي بہ پايان پيو
گيت هارن جيان،
جڙ پٽا ڪارتوسن منجهان
تو پري پائيان؛
ديس توتي اچان
جيستائين جيئان

شاعريءَ کي پيو گھوريان
هر گھڙيءَ کي پيو گھوريان،
گيت تو لئي ائين مان چڏيان
پير لاهين نہ تون
پٿرن تان ڪڏهن،
ڪنهن بہ قالين لئہ
پنهنجي آزادگيءَ کان سوا!

(ڪتين ڪر موڙيا، ياڳو بيو)

موت کان ڇا لئہ ڊڄين ٿو
جي ڏسين ٿو
زندگي هڪ جامُ آهي،
جو جذهن ڀرجي تہ ڇلڪي
يا ڪڏهن ٽِڙڪي پوي ٿو.
تون ڀڃي ڀورا ڪرين يا
خود ڀڄي ڀورا ٿئي ٿو
جيستائين مَئڪدي ۾ شمع آهي
۽ پتنگا ناچُ ڪَن ٿا
تيستائين تون ڀَري مَئي پيءُ ان مان
جيءُ ان سان
ڇو تہ جيسين اَنجمن ۾ تون هلين
تيستائين شمع ٻرندي ئي رهي،
۽ پتنگا پَر جلائيندا رهن،
آڳ ٻٹجي راڳ ڳائيندا رهن،
موت پنهنجي کي ملهائيندا رهن،
ائن اَمر ٿيندا رهن.

(گتين گر موڙيا، ياگو بيو)

ڪالهه ڪنهن نعرا هنيا
مَن خدايم مَن خُدا؟
آنءُ هي ڳُل ناهيا ڄٽندا نہ سي
ٻَل سَرءُ جو واءُ سي ڇاٽي ڏِسي
آنءُ جو سج ناهيو لَهندو نہ سو
زور لايو رات جون اونداهيو!
آنءُ جنهن مُنهن کي ڏني آهي جِلا
اي مُهندس![1] ان اڳيان ڇا هي طِلا!
آنءُ جو سچ آڇيو مَرٽو نہ آ.
ڇا ڇيُرءِ؟ هِت مَڄُ ڪو ٻَرٽو نہ آ؟
مان ڏسان ٿو آڳِ جا شعلا سَوين،
نيٺ اي ڌرتي هتي ٻَڙڪي پَوين!
هِت ڄِيي ڪا ڄَرڪندي ٻيهر ڪڏهن
جوت منهنجي ڄَرڪندي ٻيهر ڪڏهن.

*(ڪتين ڪـَر موڙيا، ياڳو بيو)*

---

[1] مُهندس: طلا يا سون ناهڻ واري کي چوندا آهن (گهڻو ڪري فارسيءَ يا اردوءَ ۾ مستعمل آهي.)

هي تنهنجون تصويرون ريپن[1]
ڪلهہ جئن اَڄ بہ زنده آهن،
توڙي اڄ ڪالهوڪي لينن
جون ڳالهيون پائنده ناهن؛
(لينن گراڊ[2] چون ٿا هاڻي
چوندا پيٽرسبرگ سياڻي)
آرٽ هميشہ زنده آهي
سَچُ رڳو پائنده آهي.

(ڪتين ڪتر موڙيا، ياڱو بيو)

---

[1] ريپن: (Repin) روس جو انقلابي مصور.
[2] روس ۾ وڏو بحث هلي رهيو آهي تہ لينن گراڊ جو نالو ڦيرائي، ان تي اصلوڪو نالو پيٽرسبرگ رکيو وڃي.

## آرويل[1]

تو ڏسي ڪيڏو سويل
هيءُ خوني انقلاب
خون ۾ ماڻهو نهائيندو[2] رُڳو
رت جا دَريا وهائيندو رُڳو
هي جُنوني انقلاب
آدميءَ ۾ آدمي ماري ڪري
پوءِ چيتي يا بگهڙ جون عادتون ڌاري ڪري،
نيٺ چوراسيءَ[3] ۾ مَرندو اِهو!
آدميءَ کي ان منجهان وَرندو اِهو!
رِڳ پيولا راڄُ ڪَن
آدميءَ جي آڙ ۾ پنهنجو پيا هو ڪاڄُ ڪَن!

*(ڪتين ڪَر موڙيا، ياڳو پيو)*

---

[1] آرويل: جارج آرويل جو اسپين جي ريپبلڪن جنگ ۾ وڙهيو هو ۽ 1984ع ۾ ڪتاب لکيو هيائين، جنهن ۾ هو پيغمبر وانگر لڳي ٿو.
تاريخ هُن جي ڏورانهين نظر سچي ثابت ڪئي آهي.
[2] نهائيندو: ڌانوارييندو.
[3] جارج آرويل جو مشهور ناول 1984.

ٻار مون کي ٿا چَوَن،
”سنڌُ توکي ٿي سڏي،
ڌَر تتيءَ کي تون ڇڏي
روجھہ وانگر ڳوليون ڪي واٽڙيون.“
مان چوان ٿو ”روجَھہ گوليءَ کي لَنوايو ڪيئَن آ؟
سنڌڙيءَ کي مون گنوايو ڪيئن آ؟
نظم منهنجا تا ابد ڏيندا اوهان کي زندگي
جا وچي ٿي اَڄُ کَسي
پر کَسي سَگھندو اُها ڪوئي اوهان کان ايئن ڪونہ!
نظم منهنجا اَنتُ ماري ڪو بہ سگھندو جِيئَن ڪونہ!“
ٻار مونکي ٿا چون:
”پر اسان کي کيرَ ٿَر جا پارَ ڏس!
پنڌ تُنهنجي جي وَهِي ناهي، اهو ڄاڻون پيا،
تون سفر جا پارَ ڏس!
تو ڏٺو جو آ پهاڙن ۾، اسان کي اُن نگر جا پارَ ڏس!
ڪنهن ترائيءَ، ڪنهن تہ تر جا پارَ ڏس!
ڪنهن تہ گهر جا پارَ ڏَس!“

*(ڪتين ڪر موڙيا، پاڳو ييو)*

دوستو آزادگي
هاڻ گوليءَ پنڌ تي ملڻي نہ آهي
هاڻ ڪنهن سوڳنڌ تي ملڻي نہ آهي
جو ڪٽي
پاڻ کي آجو ڪري ويندا اوهين!
مان چوان ايڏو پري ويندا اوهين،
رَتُ جا درياهہ هوندا
چؤطرف واهڙ وَهي ويندا تڏهن،
لاش، جئن آڪاش ۾ تارا ڪڏهن
ايترا اڳ ۾ نظر آيا نہ هوندا!
سِيرَ ۾ زنجير ٿاهيندا ڪتين جئن ائن ڪتي جڪڙيا نہ هوندا!
موت جي پَنجي اَڳي پَڪڙيا نہ هوندا!
وِچ پاڻيءَ ۾ پُڄي
نيٺ سڀ ويندا سُڄي،
ڪيترو اَڪڙيا نہ هوندا!
ايترا جَرڪا نہ هوندا
جي اُهي ڪائي سگهن؛
موت پنهنجيءَ ۾ مگن،

ڪنهن طرف گهوري نہ ڏسندو ڏيان سان،
زندگي آيمان سان،
لُڙهندي پئي ڦيرا ڪري
مانگريون گهيرا ڪري
واتَ ڦاڙيندين وَڏا
ڪونہ رهندا ڪي هڏا
جي ٻيا ڪائي سگهن
ڪير ٿا قيمت ڏين
ايتري؟
آزادگي!

*(ڪتين ڪـَر موڙيا، پاڱوٻيو)*

سوچئين تون متان
مون متان مقبرو!
چنڊ، تارا، ڪتيون
سِجَ جون مشعلون
مون متان
روز پَرنديون پيون
هي مجاور جيان
روز مون تي ڪندا سوجهرو!
روز مون تي شفق پَٽ پائي زريءَ جا،
عقيدت جو اظهار مون سان ڪندي
ڏينهن جو روز سورج مُکين سان پئي زندگي جر ڪندي،
رات رابيل جا گلَ نڇاور ڪندي
ماڪَ سان تنهن متيءَ کي معطر ڪندي
آنءُ هوندس جتي
تون متان هن گنهگار کي
ڪنهن وڏي پِير سان پيٽئين
شاعري ريٽئين
جنهن هزارين بزرگيون متائي ڇڏيون

سجَ هيٺان ڪڪر جٹن لڪائي ڇڏيون،
سمنڊ ۾ رَيت وانگر ڇپائي ڇڏيون،
مشعلون سوَ جلائي ڇڏيون
جي نہ ڪوئي ٻُجهائي سگهي
۽ نہ طوفان ڪوئي بہ تن کي وسائي سگهي.

(ڪتين ڪرَ موڙيا، ياگو بيو)

آنءُ ٽيپوءَ جئن ڪڏهن وڙهندي مران
يا مران مان بستري تي،
فرق ان ۾ ڪونہ آهي!
شاعري منهنجي مسلسل جَنگِ آ
زندگيءَ جو سَنگ آ؛
پو بہ ڄاڻان ٿو تہ مان
نيٺ مرڻو آهيان،
موت مون تي ڪنهن ڪڪر جي ڇانوَ وانگر ٿو هلي؛
زندگيءَ جي اُس ۾
ڏسُ تہ گهوڙو گَس ۾
ٿو ڪٽي ويريءَ مٿان پنهنجا نَرا!
موت مون لئہ ڪجهہ نہ آ،
ننڊ جي جَهپڪي جِئين
موت مون لئہ آ اِئين!

(ڳتين ڳر موڙيا، ياڳو ٻيو)

آنءُ جو آزادُ آهيان
زندگيءَ جي راهہ تي ڪو نادُ آهيان
قافِلي لَئہ،
موتُ منهنجي لاءِ ڪا شيءِ
ڪانہ آ؛
تون ڀُلو آهين اگر سمجهين اِهو
زندگيءَ جي ڀيڪ مان گهرندس ڪڏهن،
موت ۾ جُهرندس جڏهن
مان جِئين، آزادگيءَ جي جهولَ ۾
موت ايندو نِندَ جئن.
تون ڀُلو آهين اگر سمجهين نٿو
زندگي مون لاءِ ڀيو
نانءُ آ آزادگيءَ جو.

(ڪتين ڪرَ موڙيا، ڀاڱو ڀيو)

موت ڪوئي ڪوڙُ آهي
جو هنيو قابيل هو
چو تہ مان هابيل ڪي
اڄ بہ زنده ٿو ڏسان،
۽ وڙهي ٿو هُو اڃان
۽ پيو سوچي تہ مان
ياءَ ڪان بدلو وٺان
ڪوڙُ جو منهنجي مٿان
هُن مَڙهيو آهي، ٿيو پَر سَچ جو ناهي اڃان!

*(ڪتين ڪَر موڙيا، ياڱو بيو)*

زندگي احمد نگر جو جيلُ آ
آنءُ هان آزاد[1] جان،
مان بہ ساجهر تو اُتان
ءِ لکان،
زندگي مون لاءِ گهَر جو جيل آهي
پو بہ مان آزاد هان،
شهر سارو ڏاڍ ذَر جو جيل آ.

*(گتين گـر موڙيا، ياڳو بيو)*

---

[1] آزاد: مولانا ابوالڪلام آزاد.

درياءِ ڪُنهار[1] وهي ٿو
ڪائي لهر بہ ياد ڪري ٿي؟
سُڏڪو ڪو تولاءِ پري ٿي؟
سيد احمد!
تُنهنجو لاش لُڙهي ويو جنهن ۾
بالاڪوٽ، بَريلي سَڀ شيءِ
پاڻيءَ منجهہ ٻُڏي وَئي سَڀ شيءِ!
هي جَڳ سارو فاني آهي.
سيد احمد!
پر ڪا ڪا ناداني آهي.
ڪنهن ماڻهو جي جا هر ڪنهن لَئہ
چِرڪائيندڙُ خوابُ ٿئي ٿي
صَدين لاءِ عذاب ٿئي ٿي.

*(ڪتين ڪر موڙيا، ڀاڳو ڀيو)*

---

[1] دريائي ڪُنهار: بالا ڪوٽ پرسان ندي (مصنف بالا ڪوٽ ۽ درياءِ ڪنهار ٻئي ڏٺا آهن.)
1831ع ۾ سيد احمد بريلوي ڪنهار ندي (بالا ڪوٽ جي) پرسان آڪالِين جي هٿان شهيد ٿيو. آڪالي ليڊر شير سنگهہ هن جي لڏل سر ۽ ڌڙ کي پورائي ڇڏيو. پر پوءِ اڪالين ان کي ڪڍي درياہ ۾ اڇلائي ڇڏيو. هن جو سر، ڌڙ وري دريا مان هٿ ڪيا ويا ۽ پوءِ بالا ڪوٽ ۾ هن جي قبر ٻيهر تعمير ڪئي وئي.
(هندستان ۾ وهابي تحريڪ) صفحو 88.

قراة العين[1] جي عقيدت سان
آنءُ ڪنهن طرح واڳيَل ناهيان،
پو بہ هن جي جَلاد جو گهُٽو
جيئن گردن ڪٽي دٻائي ٿو
ساهہ منهنجو مُنجهي رهيو آهي،
موت منهنجو بہ ٿي رهيو آهي.

*(ڪتين ڪر موڙيا، ڀاڳو ڀيو)*

---

[1] قراة العين: ايران جي بابي (عبدالوهاب باب جي پوئلڳ) شاعره، جنهنجو مشهور غزل آهي:
گر بہ تو افتدم نظر چهره بہ چهره روبرو
شرح دهم غَمِ ترا نقط بہ نقط مو بہ مو
(جي تنهنجي آمهون سامهون ٿيان تہ تُنهنجو غم سارو سليان) •
هوءَ پردو نہ ڪندي هئي ۽ جڏهن جلاد هن کي گهٽو ڏئي ماريو هو تہ جلاد جا هٿ ڪنبي رهيا هئا.

تو اِن کي ڏاڍو ٻاريو آ
هي شمعَ اُجهامي وَيڄي آ
تو سارو صحن اُجاريو آ
هي هاڻي ڪامي وَيڄي آ.

ڪوئي ٻہ سِتارو ڪونہ آهي
۽ رات اڃي ڪان ڪاري آ،
۽ ڪيئي قاتل آهن، جَن
ڪَئي شَب خُون جي تياري آ.

هي شمع اُجهامي ويڄي آ
۽ ڪاري رات اُسهڻي آ
۽ رَتُوچاڻ منجهان آخر،
ٻي ڪائي باکَ اُڀرڻي آ.

*(ڳتين ڪَر موڙيا، پاڳو ٻيو)*

## دُعا

جڏهن دور اُفق ۾ رَتُ جيان،
درياهہ ڇُلائي ڇوليون اَج،
۽ سِجُ ٻُڏِيِي اُن وقت هٽي،
تو گوليءَ پنتان گوليون اَج!

هي دؤر بہ ڪوئي دؤر آهي،
مان جنهن ۾ لڙهندو آيو هان!
ڇا لاءِ پتائي بيتَ ڇڏيئہ،
مان جنهن جي سونَهن سمايو هان؟

تي تُنهنجي سهٽي سِيرَ ٻُڏي،
ميهارُ بہ ڪوئي ڪونہ آهي،
تي ڇا نہ تکيري تارِ وچي،
۽ پارُ بہ ڪوئي ڪونہ آهي.

هي واڪا اُيِري واءُ وٽان،
تا بيهر پاٽيءَ منجهہ ٻُڏَن،
تا وات وڏا واڳون قاٽن،
۽ ڪَن ڏسي سيسارَ ڪُڏَن!

ڪلهه راتِ صُراحيون پيئي پو،
جي جامَ ڪٽِي مدّماتا ها!
سي هَٿَ دعا جي لاءِ کڄي،
جڻ تنهنجي در تي آتا ها!

هي ديس پَناري تُنهنجي آ
مان پانيان ٿو تون تاريندين،
اونداهِ اکَٿُ لهرائي ٿي،
بس، تون ئي پار اڪاريندين.

مون وَتِ جلائي آ ٻيهر،
تون جَرڪِي سنڌ اجاري ڏي!
۽ ماٿهوءَ ماٿهوءَ جي مَن ۾،
تون مونکي ڏيئا ٻاري ڏي!

(سورج مکيءَ سانجهه)

آ هِڪُ وِڳو تون جاڳين تو،
رڪشائون آهن رستي تي،
ڪن ننڊ پيا فٽ پاٿن تي،
ڏِس ڪيئي بستر سستي تي.

هو اڄُ سُپاٽي ڪان آجا،
تِي ڪنهن بہ نِڪاٽي ڪان آجا!
ڪائي بہ سَوَڙ ڪائي بہ رِلي،
آڪاسَ سَوا تِن نانهہ مِلِي!

هي اَنگَ اگهاڙا آهن سڀ،
جڙ ڪاٺَ ڳُهاڙا آهن سڀ!

اي تِين دنيا! تو ايئَن ڪَيا،
هي سَڀ ڦِٽا فٽ پاٿَن تي،
تا پَٽَ تي ليٽي خوابَ لَهن.

ڪجھ ڪاغذ دور اُڏاري ٿي،
ڪنھن وقت ھوا فٽ پاٽن ٿي.

۽ گَٽر ۾ مھتابُ ڳھِي،
ڪيڏانھن وڃي تو ڇا ڄاڻان!
ڪو ميراجيءَ جو خواب ڳھِي،
ڪيڏانھن وڃي تو ڄاڻان!

ڪنھن وقت خدا فٽ پاٽن ٿي،
تو آخر ڇاتي ڇِرڪُ پري؟
جئن پنگي جھاڙو ڏين ٿا پيا،
۽ صبح سويري ٿَرڪ ڳري،
ڪم تي مزدور وڃن ٿا پيا.

ڪي بيڪَ مَڱن ٿا رستي تي،
ڇڻ نانگ جيان ڦڻ ڦھلائي،
ٿا ڏنگَ ھڻي رھگيرن کي،
ھوُ ٻاڪاري، ۽ ٻاڏائي،

ڪي سارو ڏينھن اِئين ليٽي،
ھي پيٽ ندورو پالن ٿا،
جئن باک ڦٽي تي ڏرتيءَ تي،
ٿا بيک مڱن ۽ جالِن ٿا.

آ ساموهن جا فٽ پاٿن تي،
هي ڳهڙي پرڪرتي آهي؟
هي ڪهڙي تُنهنجي مايا آ؟
هن ڌرتيءَ تي ميري گدلي،
ڇو ماڻهو جي هئڻ ڪايا آ؟

تو چارَ منجهان نڪري نہ سگهي،
آ هر ڪو تنهنجي اندر ۾،
جئن جيوَ مٿان ٿا جيوَ پلَن،
اونهي، بي انت سمندر ۾؟

فٽ پاٿ ڪراچي جا مون لئہ
سڀ چارا چڙ تہ سمندر جا،
نديون ۽ وڏيون ڪيڏيون نہ مڇيون،
جن منجھ هزارين مانگر ها!

(سورج مکيءَ سانجھ)

ڪشڪول ائين ئي خالي ها،
تي گونجي سَئن فقيرن جي،
تي رات تہ تن تي چنڊ ڪئي،
جڙ بارش پنهنجي تيرن جي!
سڀ پير لَهوءَ ۾ لويل ها،
ڪئن راهہ ڳتي رهگيرن جي؟

هي منهنجو ديس ائين ئي آ،
تون چَئُہ ڪو ان ۾ ڦيرو آ؟
هي تين دنيا آهي يارو،
جنهن ۾ڻَ ڪان پنڌ پريرو آ،
هت آهہ غريبي اڳ وانگر،
ڪيڏو نہ جهالت گهيرو آ؟

ڪنهن ريت سَهِي، ڪنهن راهہ هَلِي،
هي دنيا ڦيرائيندا سين!
تون ساٿُ ڇڏي ڏيندين بہ تہ ڇا،
مايوس نہ هرگز ٿيندا سين!
ڪنهن طرح هتي انسان پڻو
آڻيندا سين، آڻيندا سين!

هن ڏکَڻُ اوڀر ايشيا تي،
هيءَ رات سدا تہ نہ رهڻي آ!
رفتار ڍَري تي وئي آهي،
پر گاڏي پو بہ اُسهڻي آ،
ٿين دنيا نيٺ تہ نهڻي آ،
ٿين دنيا نيٺ تہ نهڻي آ!

(سورج مکيءَ سانجهہ)

هابيل پئي رَتُ ڳاڙي جئن،
قابيل اکين ۾ ڳوڙها ها!
رابيل مٿان ٿي ماڪَ اُهي،
هر روز ڳڙيا ها، پوڙها ها!

ڪا ڳالهه نہ آهي دنيا ۾،
جيڪا مون لاءِ نئين آهي،
ڪنهن ٻي جي خون وهائڻ جي،
اي دؤر نئين خواهش ناهي!

آ اڄ بہ درندو ائن ماڻهو
جئن ڀهريون پيرو جايو هو
دل هن جي خون پياڪ آهي،
هُو سارو وعظ اَجايو هو.

جو پيغمبر ويا سال ڳري،
هي نَهن تہ بگهڙ تي ڪالهہ جيان،
جي اَڄ بہ ڏِسين خونخوار آهن،
۽ هن جا سپنا مالهہ جيان.

تا رت وهائن نيسر ۾،
۽ هر ڪوئي رت پيئي ٿو،
قابيل جيان ٻئي کي ماري،
هو اَڄُ بہ ائين ئي جيئي ٿو.

(سورج مکيءَ سانجها)

هيڏي ماءُ!
او منهنجي رت پوٽي ماءُ
منڙي ماءُ!
ڇا تنهنجي مان ڪچ پريان
تو لئہ روئي رچ پريان؟
يا پيو ڪوئي آهہ اپاءُ؟
هيٺي ماءُ!

ڇا تون مٽيءَ جي برتن جئن
پورا پورا ٿي ڳهارينديئن؟
ڪالهہ لڏو پنيور منجهان جو،
ان جئن ڇِٽ بہ ميسارينديئن؟
منهنجي پارڻ وهيٺي ماءُ!

يا تون موکيءَ جو مَٽُ ٿينديئن،
مون کي سگهہ صدين جي ڏينديئن،
مون سان پيا بہ متارا ايندا،
تُنهنجي لاءِ سهارا ايندا،
ٿيندا جيءَ جتاءُ،

جهيڻي ماءُ!
سَڏُ اجايو وڃڻو ناهي،
منهنجي هيڻي ماءُ!

تنهنجا پُٽڙا!
ڪيئي پُٽڙا، زرد گلابن وانگر ڦُٽڙا،
جن ۾ تنهنجو آهه هُڳاءُ!
نيٺ پرهه کي پارون آڻي،
ٿيندا اُن جو آدَر ڀاءُ!
منهنجي مٺڙي ماءُ!

دل لاهي ڇو ويٺي آهين،
غم درياهه انهيءَ جا گهاٽ ڇڏي ڇا لاءِ ڪُنن ۾ ويٺي آهين!
اڄ به ٻُڌان ٿو مان ڪُرلاءُ،
ڪُونجون نيٺ قطارون ٿي،
اينديون لُنءَ لُنءَ لارون ٿي،
آکيرن جي اوٽ ڇڏينديون،
ٿينديون اُڀ اُلاءُ!
ماءُ!
جِهيڻي، هيڻي، پارَ وهيڻِي ماءُ!

(سورج مکيءَ سانجها)

رات جو ريڙهي ڙِڪي،
هو صدر مان ٿو وڃي،
جهوپڙي هن جي پري، ڏاڍو پري
آهہ اورنگيءَ ڏي.
تيهہ رپيا هُو ڪمائي ٿو وڃي
عمر مان هڪڙي ڏِهاڙي ڪي ڪٽائي ٿو وڃي
ڪير آ هُو؟ ڇا 'ٻهاري' آهہ هُو
شڪل ڏاري آهہ هُو
هن تہ 'توتي مير'[1] جو نالو ٻُڌو ناهي ڪِٿي،
هو هتي ڇا ٿو ڪري؟
هُن ٻڌو آ ميرپور ۾ روز مڪتي باهِني،
ٿي ڪلاشنڪوف سان ٺڪ ٺڪ ڪئي،
۽ ٻِهاري ماريا.
ٿي سوين ديسي وديسي ساريا.
هي هُتان ٽاريا ويا
(ڇو اُهي ماريا ويا، ڇا لاءِ هو ماريا ويا؟)
زندگي هُن لئہ رُڳو ٿي بار آ

---

[1] توتي مير: بهار جو تجديد پسند ويڙهاڪ.

زال هڪ مرٽينگ آهي، ماءُ وٽ آ، ڏاڙ آ
آدمي انبوهہ ۾ نعرا هڻي ٿو مارجي
ڇڻ تہ ڪنهن جي ڏوهہ ۾ نعرا هڻي ٿو مارجي
نظريو ڪا شيءِ نہ آهي
هي ڇُرو، بندوق، ڇا ڇا شيءِ نہ آهي،
جا رَکي پاڙيسري
تا وجهن انسان ۽ انسان ۾ ايڏي وِري،
جا وِري تن کي ملائي ڪا نہ ٿي
پريت جو ڪو گيت ڳائي ڪا نہ ٿي،
نفرتون ڦيٽا تہ ناهن جيءَ ۾ ريڙهيءَ جيان
مان چوان ٿو اي ميان!
هي سياست راند آ رانديگرن جي واسطي
پاڻ ڇاياسين ٻرن جي واسطي
روز ڇَڙڪي ٿي سياست زهر ڄِن تي،
ڦَهر ڄِن تي،
تا هڻن نعرا پيا،
پوءِ مون پارا پيا
تا ڇڏي ريڙهي وِڙهن،
جئن ڪُتا باهوڙجن
ايئَن هڪ ٻئي ڏي وَڏن
۽ اُنهن جا خون ڪن،

جي اُنهن لئہ اجنبي ها.
ها، مگر تن وانگيان هو آدمي ها،
ٻارڙا تن لاءِ پيي ها،
هُئي ٿنوڻ جي تانگھہ جن کي،
ڇيٽ توڙي مانگھہ جن کي.
نظرين سان پيٽ پاليو آهہ ڪنهن؟
جڻن اسان جاليون پيا ڇا ايڏن جاليو آهہ ڪنهن؟
جيترو سوچان پيو مون کي تہ حيراني لڳي ٿي
خلق ديواني لڳي ٿي
خلق ديواني لڳي ٿي!

*(ڇوليون ٻوليون سمنڊ جون)*

ٿو وڃان مان،
هڪ ڇِڪيءَ سان ٿو ڇِنان مان
هاڻُ تون زنجير قابو ڪر اهي!
هاڻ تون زندان اُوچا ڪر، نہ جئن ڪوئي ٽپي!
آءُ هر ديوار کي
هڪ ٺوڪر ساڻ ڊاهي ٿو وڃان،
زندگانيءَ سان نباهي ٿو وڃان،
جو بہ چاهيو آهہ چاهي ٿو وڃان،
تون متان سمجهين تہ ڦاهي ٿو وڃان!
آنءُ هي سيڙهي چڙهان ٿو اُپ ڏي،
مان رڳو ڏاڪو مٿي
پهچ ٽُنهنجيءَ کان گهڻو ئي دور آهيان
۽ سگهو ئي دور آهيان،
بُوٽَ پنهنجي جي ڪِهي
تو اجا ناهي ڀڏي!
آءُ! پهريدار پڪڙي ڏس، تہ تنهنجي وَسُ کان ڪيڏو پري
جوت ٿي منهنجي ٻري،
ڪا ڏياتي آ ازل جي هٿَ ۾،

نانءُ جنهن کي تو ڏنو آ تنهن اجل جي هٿ ۾
چند جئن مان ٿو پران!
اي ميان! ڇا تون اجان....
بوٽَ تُنهنجي جي گهِي
کنهن ڇِڳي؟

(ڇوليون ٻوليون سمنڊ جون)

اوچتو هُن کي اچي ڳوڙهو لڳو
۽ پکي بولاتيون ڪائي ڪري پيو گاهہ تي،
۽ انهيءَ گهايل پکيءَ جي ساهہ تي،
ڪَهِل باغائيءَ نہ آئي ۽ وڏيو گهر ڏانهن ڪانياٽي ڪَٽِي،
تي ٻري جت باهہ جا هُن کي وٽي،
۽ ونيءَ جي سونهن کي اُن ۾ ڏٺائين چاهہ سان،
ٻارڙا مانيءَ مٿان ويٺا هُيا تن کي چميائين چاهہ سان،
پوءِ ننڍڙي ڏيئڙي چاتيءَ لڳائي ساهہ سان،
هو وري ويساهہ سان،
زندگيءَ ۾ گرم جوشيءَ سان ائين گم ٿي وَيو
ياد هن کي ڪونہ هو جڻ باغ ۾ هُن ڪجھ ڪيو
هن اهو ڄاتو نہ ٿي جيڪو پکي ڦٿڪي ڪِريو
گيت تنهن ڳاتا پئي وڻ تي تہ هو ڦهہ ٿي ڪِريو
۽ اُهو آواز جيڪو آسمانن تي پُڳو
اوچتو چُپ ٿي ويو
هن اِهو ڄاتو نہ ٿي اُن کي بہ آکيرو هيو

ءِ جتي آنا اجا تائين نہ ڪنهن ڦوڙيا هُيا،
ءِ اُهي هُن جئن پَڪي ٽيٽا هيا،
زندگي ٽيٽا هيا
گيت تِن جا ڳائجي ساڳي خوشي ٽيٽا هُيا.

*(چوليون ٻوليون سمنڊ جون)*

پِڃري ۾ ڪِڏهن تون بند نہ ڪَر
هي پنڇي جي هر وقت هوا ۾ اُڏرن ٿا،
هي ٻاهر ڇَهہ ڇَهہ ڇهڪن ٿا،
جنهن وقت نديءَ تي ڪِرٽا ٿِي، تو سِجُ هوائن ڏي موٽي؛
آزاد فضائن ڏي موٽي،
هي ڪيئن نہ ٻَهہ ٻَهہ ٻهڪن ٿا،
۽ آزاديءَ سان ٽهڪن ٿا!
هو چند بہ ائن آزاد آهي
ڪيڏو نہ فضا ۾ شاد آهي
جنهن وقت وَڻن مان واجَهہ وِجهي،
تو ننڊَ ڏسي آڪيرن جي،
آزاد لڳي ٿي هيءَ هوا
جا گُل گُل جي ڳل کي ٿڦڪي،
ٿي رمندي اُن مان واس وَٺي،
آزاد پؤنر ۽ پينيوريون
ماڪيءَ جون مَکيون،
ٿي سات کَٽي
۽ تن سان ڪوبہ حسد نہ ڪَري،

جنهن وقت ڀرِي هُو خوشبوءَ تي
ڪي پيار-ڳهاٽيون سانديڻ ٽيون.
۽ سڀ کي اُن ڏي ڪانڍين ٽيون.
هر چيز خدا جي قدرت ۾
پابند بہ آ، آزاد بہ آ.
پر آنءُ چوان ٿو فطرت ۾
هي حق ڏنو تو کي نہ خدا
تون پڃرا ڀَر،
۽ پنهنجي ترِ
تون بند پکي آزاد نہ ڪَر.

(چوليون پوليون سمنڊ جون)

هي ماڻهو جي انسان اڃا
ٿيا ڪونہ آهن،
هي ماڻهو جي حيوان اڃا:
لُٽ مار ڪري ائين ٿا موٽن
خونخوار جئين چيتا موٽن،
نَهن تن جا اڄ اڳ کان بہ وڏا،
اڳ جيئن اڪين ڏي اُيرن ٿا؟
جنهن وقت بہ ڏس تنهن وقت هَڏا
هو چَسُ منجهاران چوُپن ٿا،
الله! اهي اشرف آهن؟
هي ظالم ۽ جاهل ناهن؟
اشرف تہ اُهي اخلاقُ سندءِ جي پيدا ڪن،
انبوهہ اُتي ڇا ٿا چاهِن
هو توڙ ڦوڙ ۽ هڙتالون!
۽ سِر تان مائُن جون شالون
ڇو لاهِن ٿا؟
ڇو ناهہ نڱيءَ جا ناهن ٿا
ڪيڏا ڪوڙ بدوڙ چئي

هو باھِن تا
هر ويريءَ تي،
ءِ ڪاريءَ رات انڌيريءَ تي
ايمان رکي پَڙَ پائِن تا،
پو چوڌاري واجھائن تا
ڪِٿ باھہ ڏئي ڳن روشنيون؟
هو جايون روز عبادت جون
تا ايڏيءَ آگ حوالي ڳن،
جئن شعلا تن جا عرش پُڄن!
الله! انھن کي ساڄھہ ڏي
تو تن کي پنھنجو موٽُ سَڏي
پَر ان کان اڳ ھي باھِ وڏي
هر پاڙي کي وچڙائن تا،
ءِ ڪيڏا مَچَ مچائن تا
جي صدين لئہ ٻُجھندا نہ ڪڏھن!
ھُو چا نہ ڪڏھن
ڪنھن مسجد، ديرَ، ڪليسا کي
ءِ تنھنجيءَ ساريءَ دنيا کي
هڪ تُنھنجو ئي جَلوو سمجھي،
اپنائيندا،
يا جت ڪِٿ تو کي ٻيو سمجھي

تو ۾ اَمجِهي
هڪ ٻئي جو خون وهائيندا،
قابيل جيان
ٻي کي هابيل ٻڏائيندا؟
الله! انهن کي ساڃهہ ڏي
جئن رنگ شفق جو سورج کي
جر ڪائي ٿو
۽ هر شيءِ ۾ جهلڪائي ٿو
هي سورج هونءَ تہ ٻاهر آ
پر هي بہ حقيقت آهي جا
ويجائي اڳ ۾ آهي ڳنهن،
۽ هيءُ چيو آ دَر دَر ٿَنهن:
”هڪ سورج ماڻهوءَ اندر آ
دن رات ٻجهي ٿو جو نہ ڪڏهن،
۽ روشنيون ڦهلائي ٿو
۽ سَچُ سچو سمجهائي ٿو.“

(چوليون ٻوليون سمنڊ جون)

جاڳَ هُئي سقراط تُنهنجو ڀاڱ پر
اڄ تہ هاڻي ٿا ڏسون
ڪيرُ تو تڪجي ڀوي؟
هي اَرسطو آ مگر
جو پيو مون کي تَڪي
ع هزارين سال پو
تو سڃاڻڻ جي ڪري،
زهر نوشي شاعريءَ جي جام ۾
مون ڪئي آ عمر ڀَر
پو بہ جيئان تو مگر
تو تہ اي سقراط پَر
زندگي هڪ جام سان ساري خيالِ خام ڪئي
عمر دستاويز وانگر موت جي ڇو نام ڪئي؟
زندگي وَر وَر ڪري وِهُ جي پيئڻ جو نانءُ آ
ائين جِيئڻ جو نانءُ آ.

(چوليون ٻوليون سمنڊ جون)

هر نعري باز مري ويا سپ
سارا آواز مري ويا سپ
جن ڪالهہ غريبيءَ آڙَوَتي
۽ اهڙيءَ بي بيءَ آڙَوَتي
جنهن لاءِ تئي تي مانيءَ لئہ
۽ ٻُڪ ۾ ڪُڪِ جي ڪانيءَ لِئہ
هُئو ڪونہ اَنو.
جنهن لاءِ لتو
تي آندو ڪاريءَ رات رڳو
جنهن لاءِ اَجهو
آڪاس هُيو.
ڪنهن ڄاتو تي راڪاسَ هُيا؟
هو جن جا نعرا آسَ هُيا
جا آس نہ، جَر تي قوتو هُئِي،
ڪيڏو نہ تصور ڪوتو هُئِي!
اڄ تنَ جا نعرا رَديءَ ۾
هُن صديءَ ۾

تنهن جاءِ ڪٻاڙي وڪڙَن تا
جنهن جاءِ لٻاڙون لڳنديون هُون،
ءِ ماٺهوءَ جي ويساهہ مٿان
ڪلهہ تڳنديون هُون.

*(چوليون ٻوليون سمنڊ جون)*

سو شاعر ڪهڙو شاعر آ
جو آگ ڏِئي پيٽرول مٿان
جئن ڌرتي ۽ آڪاس جلي
۽ شعلا نڪرن ٻوليءَ مان؟
شاعر تہ سدائين ٻَرڪا ها
جا ٽر ٻر ورسائيندي هئي،
ٽوهر ۾ ڳاڙها ڦولَ ڏسِي
جا گيت نوان ڳائيندِي هئي!
هو هٿَ دعا جا کڻندا هَا
جئن ٻاڱوريون ۽ روهِيڙا
سَو چنڊ ستارا ٽِي چمڪن،
۽ واريءَ تي چوڏار وَليُون
جهَر جَهر جهمڪن
سي شَعر تہ رحمت وانگر ها
تو جن مان زحمت ٺاهي آ!
تون ڇا لئہ ٻاهہ لڳائين ٿو
جا هر ڪنهن لاءِ تباهي آ؟

(چوليون ٻوليون سمنڊ جون)

ڪانئرو! موت کان ڏا ڊڄو!
نانءُ جئن مون وتو
موت جو
آ اوهان ۾ اچي ڪنبڻي چو پئي؟
مون تہ ٿي ڳالهہ سادي چئي،
زندگيءَ جي ڪهاڻيءَ جو انت آهي اهو،
موت کان ڪوبہ رستو نہ آ ياڄ جو
پر اوهان نانءَ کان ئي ڀڄو ٿا پيا!
ايئن ڇو ٿا پيا
ڀؤُ ڪيو موت کان؟
موت جيڪو اچان
دور هوندي بہ ويجهو رهي ٿو پيو
سارَ سڀ جي لهي ٿو پيو
هن جيان ڪو بہ همدرد پاڙيسري
ناهہ او بُزدلي!

(چوليون بوليون سمند جون)

هو لئبرريءَ کي ساڙن ٿا
هو ٽالسٽاءِ لٽاڙن ٿا
۽ گانڌيءَ کي چيٿاڙن ٿا
۽ مون وٽ ساريءَ دنيا جو
جيڪو به ڪتاب ڏسن ٿا سو
هُو ساڙن ٿا.
ڇڙ ڪوس گهرن تي ڪيئي هِليون
جي جهڙپ ڏِين ٿيون ڇيڙن تي
ائن ورق وَرائيندي تن کي
جنهن وقت مِليون
ڪي تصويرون،
مدهوش مصَور گويا[1] جون
هو نظرن سان ڇيچاڙن ٿا
۽ آنگ اُنهن جا تاڙن ٿا
پو تِن جا ننگ لُڪاڙن ٿا
هو پنهنجن ميرن بوٽن سان،
۽ اِسلامي رانيوٽن سان

[1] گويا: هسپانوي مصور جو نالو.

هو رَنگ اُنهن جا رَهڙن تا
۽ اوڙي پاڙي ڇَهڙن جا
ڪيڏا نہ گُليلا اُچلن تا،
جَڙ ٻاهر ٻيلا اُچلن تا
تا جن ۾ سَوَ ها تار ڦِرن
هو چِيتَن جئن چنگهاڙن تا،
دَرُ وَئِن پٽي تي واڳون جئن
هو ڪيئي ماٽهو واڙن تا،
هو لئبرريءَ کي ساڙن تا.

(ڇوليون ٻوليون سمنڊ جون)

چا تنھنجي قاسي وسري وئي!
ھي آھن ساڳيا ڪافي- گھر،
۽ تَن ۾ ساڳيا دانشوَر،
جي ٻھڪن تا ۽ ڳالھہ ٻڌي ڪا ڇَھڪن تا
چرڻ نِڪر آھن ٺھڪن تا،
تن جا ويچار ڀلا ڪھڙا؟
اِقرار بہ ڪافيءَ جا پيالا
۽ سارَ بہ ڪافيءَ جا پيالا
ھُئا تُنھنجا يارَ ڀلا ڪھڙا،
چا تو ڪنھن وقت سڃاتا ھا؟
ھو پگھر پورھئي وارا جي
ڏينھن تتي ھَر ڪيڙيندا ھا،
مينھن وُٺي ۾ جي ويندا ھا
روز ٻنين تي ڏاندن وانگر
سياسي ھَٿَ ڇُراندن وانگر
موقعي لاءِ نہ ھو ڏِسندا ھا،
ھُو مل-مزدور بہ مِل مان جيئن
ڪلھہ دَھڪي تنھنجي دِل مان جيئن

تو لاءِ لڳائيندا نعرا
گهر ويندا ها،
انسان اُهيئي ها پيارا
جن سچ پچ تو سان پيار ڪيو
اقرار ڪيو
جِن ڪي تو نہ سهارو سمجهو
تِن ڪي تو تہ ٻُهارو سمجهو
پنهنجي ڪُرڪِٽ چؤياريءَ لَئہ!
تون ئي چَئہ ڪنهن هاريءَ لَئہ
تُنهنجي جيءَ ڪي جهوڳو آيو؟
ڪلهہ تنهنجي تقرير ٻڌي چو
پورهيت تي موڳو آيو
پنڊالَ منجهان؟
چا توکي هن جي چالَ منجهان
تي ڪانہ بَکي ڪلهہ مايوسي،
هو چيني ها توڙي روسي،
سي ناهہ نڳيءَ جا ناهن پيا،
هو امريڪا ۽ ساٿاري
سي چاهن پيا،
جا قاسي تو کي اچٽي هُئي
جا آئي پي،

پر هَر_ هارين جي سُڏڪن ۾
اج ييي مزدورن جي مَن ۾
تون زنده آن،
پاينده آن!
جا گذري وئي سا گذري وئي،
پر تنهنجي ڦاسي وِسري وئي.
سو ڪئن چئجي!
سو ڪئن چئجي!

(چوليون بوليون سمنڊ جون)

هو ديوارن تي سو نعرا لکرائن ٿا،
پو روز اهي ڊهرائن ٿا
تاريخ مٿان هو باهِن ٿا،
۽ مسجد مندر ڍاهِن ٿا
۽ ڪنڌ ڳڪوري لاهِن ٿا
هو ٻارن جا،
تن هارن جا
تقدير وڏا جي ڌرتيءَ تي،
۽ هڪ ٻئي جي من وَرتيءَ تي
ٺُوڪارن ٿا
۽ ڏينهن اڳوٽا سارن ٿا،
جنهن وقت نہ ماڻهو ماڻهوءَ کي
اڄ ڪالهہ جيان کائيندو هو
جنهن وقت ڪڏهن ڳائيندو هو
طنبورُ وڄائيندي دَر تي،
جي ڪنهن جو سيڻ نہ ٿيندو هو
هو ڪنهن کي ويڙ نہ ڏيندو هو،
اڄ دنيا ڪنهن هاتار جيان
ڏِسُ ڏندَ تہ ڪيڏا تي ڪُرتي،

ڪيڏا نہ اکين ۾ موريسر
جي ڏنڏلائن تا منظر ڪي!
تون چالئہ ڪنهن ڏاتار جيان
اج تِن تي ڏات وڃائين تو؟
۽ باقي عمر گنوائين تو
تون تن جي جهيڙن جهڳڙن ۾،
۽ ايڏن رولَن رڳڙن ۾؟
ڏِس شام سَلوٽي آئي آ
۽ سورج پنهنجي سندرتا
ڪئن پاڻيءَ تي ڦهلائي آ!
هن وقت هوا ۾ ٻاتيبر
جيڏانهن اُفق ۾ اُڏرن تا
ڪيڏو نہ چڱو تي تون شاعر
تيڏانهن اُنهن جا ڪي رستا
تون پنهنجي لاءِ لهين ڳولي،
ڇا لاءِ تہ جيڪو تو ٻولي،
تو مان سو جڙ تہ پَرندو آ،
اج ماڻهو جڙ تہ درندو آ،
ڪجھہ اُن کان دور رهين تہ چڱو!
ڪجھہ اُن کان دور رهين تہ چڱو!!

(جوليون ٻوليون سمنڊ جون)

بوري بازار[1] کُلي پئي آ
آ پيھ اڳي جئن ڪارِن جي،
جت بم ڦاٽو ڪجھ سال اڳي،
اُت ڪارنھن آ ديوارن جي،
پر ڪنھن کي هاڻي ياد تہ هُو
جي ڪالھ ڌماڪي ماريا ها
(ڪي پنھنجا ها ڪي ڌاريا ها)
سي ڪيئن مُئا، ڪيڏانھن ويا
هُو دونھون دونھون لاشَ ڇڏي،
۽ روٽيءَ لاءِ تلاش ڇڏي
تِن چند چپاتي ڪاڏي هئي،
۽ رات لَٿي چُپ ساڏي هُئي
سڀ شتر گتر چُپ هُيا.
۽ چوڌاري گهر چُپ هُيا
۽ روحن ۾ جي ناليون هُون
سي ماٺھوءَ رت سان آليون هُون،
ڪوئي بہ تہ ڪونہ هيو تن وَٽِ

[1] بوهري بازار: ڪراچيءَ جي مشهور بازار.

جنهن وقت ڪُتا پيشاب ڪري،
اوڏانهن هَڏن لئہ سونجهن پيا۔
ماڻهوءَ کي سارَ وِسارَ نہ آ
جيسين هُن کي اخبار نہ آ.
پر هُو جيڪي بي وقت مُئا،
هو ڪير هُئا؟ هو ڪير هُئا؟
جي پنهنجا نوٽ ڳڻيندا ها
اڪروڙ هيا جڙ سِرَ تن جا!
ڪهڙو نہ چڱو انبوهہ ڏِسي
مان ڪونہ وَيُس ۽ جيئان ٿو!
ڇا لاءِ ٿيان ٿو آنءُ لَڄي؟
۽ ڇو ڪائي وِہ پيئان ٿو!
ويو آمِر پنهنجي چالِ چَلِي
۽ هر ڪنهن کي هيسائي ويو،
۽ پنهنجو پاڻ مچائي ويو.
هو وقت گذرڻو، گذِري ويو.
سڀ ڪجهہ ماڻهن کان وسري ويو.
ڪي روح تِجوڙين جهڙا ها
۽ گونگا ها ۽ ٻوڙا ها
سيئي ويا ڪيڏا نوٽ ڇَڏي
هي لوڪُ لڏي،

ڪنهن گمناميءَ ۾ پاڻ گڏي!
اڄ ڪنهن بہ تَڏي
ڪوئي بہ نہ تن کي ساري ٿو
بس، ويساري ۽ واري ٿو
اڳ وانگر ٿي بازار هَلي
۽ ڪو بيهي ٿو ڪارِ جَهٰلي
۽ نوٽَ ڪڍي ٿو ڪيسي مان،
وهنوار ڪري ٿو تيسي مان،
ڪجهہ ياد نہ هن کي آهہ هِتي،
ڪلهہ بَم ڏني هئي باهِہ هِتي،
ڏِسُ ڪيڏي خلق ڇُلي پئي آ!
بوري بازار ڪُلي پئي آ!

(چوليون پوليون سمنڊ جون)

هو تو کي ڪونہ ڇڏيندا
تون هاري آنهہ، پِروهَت آن،
تون شاعر آنهہ، صحافي آن.
مزدور اچين ٿو تون مِل مان
تون توڙي تن لِئہ معافي آن
هو تو کي معافي ڏِيندا؟
هو تو کي ڪونہ ڇڏيندا ـ
چا لاءِ تہ تون ماڻهو آهين،
ڪئن بخشيندا تو ڪاريهَر،
ڪنهن وقت ڪٽي هو ڪارا ڳر،
هو تو کي نيٺ ڏنگيندا،
هو تو کي ڪونہ ڇڏيندا ـ
جي تو وٽ ڪو 'آلندي'[1] آ
تو جنهن سان پيار ڪيو آهي
هي توڙي پوءِ چِلي ناهي
هو توڏي موٽي ايندا.
هو تو کي ڪونہ ڇڏيندا.

[1] آلندي: چليءَ جو ڪنهن وقت پريزيڊنٽ.

هر وردي ساڳي وردي آ
هي ڏرتي ساڳي ڏرتي آ
هر ملڪ هتي ڄڻ ڇِلي آ
تَڪِ، تو، تا ساڳي ٽيندا،
هو تو کي ڪونہ ڇڏيندا.

*(چوليون ٻوليون سمنڊ جون)*

هي مَڏُ گهاتو تون جو پئين تو
تنهنجي ڇُڪيءَ سان ڪيئي مَتارا
گهُوماتِجَن ٿا،
۽ ڪاٽجن ٿا!
جڻ ڪو وسيهر تِن تي وَري ٿو
جو جو مَري ٿو
اُن جي امرتا آهي وَٿِيءَ ۾
تنهنجي گهٽيءَ ۾
ڪيڏا ازل جا اسرار آهن!
۽ يار آهن
جن راز ڄاتا ۽ تو سڃاتا
مخلوق کان جي روپوش آهن!
ٿا چاهه چاهِن
جيڪي اُنهيءَ جا،
جنهن آڇيو آ، سنسار سِرجِي
جئن شام ٿئي ٿِي
ٿا نانوَ تَنهنجي هُو روز پيئَن،
۽ اِيئَن جِيئَن

ڄڻ موت تَن لئہ
ڪائي حقيقت ٿِيڻو نہ آهي،
ڄڻ موت حيرت ٿيڻو نہ آهي
۽ زندگيءَ ۾ حسرت نہ آهي،
پوري نہ ٿيڻي آهي حياتي
جنهنجي بظاهر هر بي ثباتي
ڪوڪوڙ آهي
چاهي نہ چاهي
ماڻهو نہ مَرندو، پيهار وَرندو!
ٿُنهنجيءَ گهٽيءَ ۾
جنهن جي مٽيءَ ۾
ڪوئي اثر آ، اڪثير وانگر
۽ ڪنڌ ڪيڏا اُن ۾ ڪُڏن ٿا
ڄڻ گل لُڏن ٿا.
اُن هير ۾ جا آهي بَسنِتي،
ماڻهو سرشتو ڪو ناهہ تَنتِي
هو روح آهي،
سو ڪوهُہ آهي
سَو ڪوسَ جيڪو ڪن ۾ يَري ٿو
۽ ائن ٻَري ٿو
جيئن مَڏ ماٽي

وَت ڳَٽُ ڳاتي
لاهي چڏي تو
۽ راز کولي آزادگيءَ جا،
ٹُنهنجي خوشيءَ جا،
۽ تنهن دريءَ جا
جنهن مان هوا جا جهُلڪا اَچن ٿا،
۽ سَمنڊُ جا اِئن ڇُلڪا اچن ٿا.
آهي سمايل
اندرِ لِڪايَل
چرڙ سمنڊ تو ۾!

*(چوليون ڇوليون سمنڊ جون)*

سِرَ لُٽندين شهسوارَ
ڪيستائين، ڪيستائين!
ڏڙ لتاڙيندِي پئي تنهنجي ڏڪارَ؟
ڪيستائين، ڪيستائين!
ڪيستائين موت جي وڃندي سِتار؟
ڪيستائين، ڪيستائين!
اِن مٿان مضراب جا هر وقت وار؟
ڪيستائين، ڪيستائين!
زندگانيءَ جو جبو هِئن تارَ تارَ
ڪيستائين، ڪيستائين!
رَت جا ريلا وهن جئن آبشارَ
ڪيستائين، ڪيستائين!
ڪونہ ٻُڌبِي آدميت جي پُڪارَ؟
ڪيستائين، ڪيستائين!
اي خدا! هن خلق کي تون مَت ڏي
هر ڪنهين کي ڇَتِ ڏي!
هر ڳنهين کي ڇَت ڏي!

(چوليون ٻوليون سمنڊ جون)

تو اچي طوفان وانگر، ڪجهہ ٻڌين ٿو؟
دُور تان گهمسان وانگر ڪجهہ ٻُڌين ٿو؟
ڪيئن چئجي سَنک ڪنهن جا ٿا وڄن!
قافلا ڪهڙا اَچن؟
ڏوڙ ايڏي آ اُٿي جَڙ سِج جيڏِي آ اٿي!
ڇا ڏٺو زندان وانگر، ڪجهہ ٻڌين ٿو؟
ڏِس در و ديوار ڦَهہ ڦَهہ ٿي ڪَن پَيا،
ڪير ٿِي آزادُ ٿَهہ ٿَهہ ٿي ڪَن پيا،
اوچتي امڪان وانگر، ڪجهہ ٻڌين ٿو؟
ڇا گهٽا گهنگهور ٿي ڪائي اَچي؟
جڙ تہ زوران زورِ ٿي ڪائي اچي،
ڇا هوا ۾ ڪان وانگر، ڪجهہ ٻڌين ٿو؟
هِيءَ زخمي زندگي ٿِي ڪنهن وَٽي!
موتُ ڪنهن ٿي هيڏَن مرهم ٿو هَٽي؟
درد جي درمان وانگر، ڪجهہ ٻڌين ٿو؟

(چيوليون بوليون سمنڊ جون)

رات ۾ آهي ڄڀي راڪاس جي
هي اُماڙي آهہ جا اتهاس جي
باهہ تِي پڙڪي متان!
تون تہ ڳياڙيءَ سان اجان
تو پيَڙ پڙڪائِئين!
اِئن پيو سمجهين تہ تو نِڙڪائئين
ٿَنيَ توڙي توڙيون،
ڪيتريون ئي جوڙيون
هو هيا ترسي پيا،
نيٺ جو بَرسِي پيا
چؤطرف ڪاريون گهٽائون تي ويون،
بند ايڏو سپ گُهائون تي ويون
تون نٿو نڪري سگهين
جيءُ، پَر جي جِي سگهين!

(چوليون بوليون سمنڊ جون)

تون انهي رستي مٿان ويندو نہ ڪر،
جنهن مٿان
ڪالهہ ’نانا‘[1] تي ويو
’تانتيا ٽوپي‘[2] ويو
ڇو تہ ان رستي مٿان
جو ويو موٽيو نہ آ
وقت ٿيو موٽيو نہ آ.
جيئن جهانسيءَ مان وئي ڪا تيرَ جان
ڪالهہ گهوڙي جي مٿان
مون ڏٺو رستي اَرَڙ جئن ڪَئي هَلان
وات ڦاڙي چرڻ تہ ڪنهن تقدير جان
ءِ نِڙيءَ مان هيٺ تِرڪائي وَيو
ڪيئَن هُن کي نيٺ ڳِرڪائي ويو
تون انهيءَ رستي مٿان ويندو نہ ڪر!
زندگي پياري اَٿي
شاعري پياري اَٿي

---

[1] نانا: نانا صاحب
[2] تانتيا ٽوپي: جهانسيءَ جي راڻي ـ 1857ع واري بلوي جا اڳواڻ.

ڪالهہ ’غالبُ‘ جئن ’ظفر‘ جي موت تي
مات ۾ هئو جڙ تہ پَر جي موت تي
تون اهو رستو وَٺي
پَندُ پنهنجي کي پُڄائي ٿو سگهين.
پَندُ ئي سڀ ڪجهہ تہ آهي
۽ جتي پڄڻو اَٿي سو هندُ ئِي سڀ ڪجهہ تہ آهي!
تون مگر ڪِٿ ٿو مَڃِين!
تون انهي رستي مٿان ئي ٿو وَڃين
جنهن مٿان
جڙ هوا سان شرط جان
ڪالهہ ’نانا‘ تي ويو
’تانتيا توپي‘ ويو!

*(چوليون بوليون سمنڊ جون)*

هان تون سڀ ڌَنُ دولت ڪَرڻُ!
هي هيرا جي سومنات جي هِيرَن وانگر
تِيرن وانگر
تن جي ساري چاهَت ڪرڻ!
تن ۾ جي آ راحت، ڪرڻ!
سِج هزارين هيرا آهي سنڌوءَ تي،
تن ڪي ڏي مون لاءِ ڇڏي!
سون شفق ۾ ايڏو آهي
چرڻ تہ هماليہ جيڏو آهي
مان شاعر هان، مون جئن شاهوڪار نہ ڪوئي،
هي سارو سنسارَ نہ ڪوئي
مون جئن ڪٽندو!
مون ڪي وَٽندو
جو گل آهي، ڏس سو سوني ڪارڻِ تہ آهي!
مون ڪي ڪائي ڪارڻِ نہ آهي.
هان، تون سارِي شهرت ڪرڻ!
پنهنجي لاءِ حڪومت ڪرڻ!
مان هي سارا سِڪا ڪوٺا تنهنجي لاءِ ڇڏيان ٿو

هي پاڻيءَ تي سارا ڦوٽا ٽُنھنجي لاءِ ڇڏيان ٿو
مون لئہ ھي ٻھراڻ هوا جو ڪافي آھي
مون لَئِہ هيءَ تلافي آھي
ڪپڙا، لٽا، عِزت ڪرڻ!
سج لٿي جا لعل و گوھر تون مَتِ ڪرڻ!
ڪِرڻَ لَئہ ڪَرڻ!
سڀ ڪي وَرڻ!
اڄ هر ڪنھن جي حسرت ڪَرڻُ!
ڪَرڻُ! تون سڀ ڏن دولت ڪَرڻُ!

*(چولیون پولیون سمنڊ جون)*

پاڙ ۾ پيهي تہ ڏس!
چنڊ جا نيهي تہ ڏس!
ڪيترا اُن لئہ اڏامن ٿا چڪورن وانگيان،
۽ گهٽائن ڪاڻ مورن وانگيان،
نِرتڪيون ٿي ناچ ڳن ٿا،
۽ ٻرن ٿا
بادلن ۾!
جڻ ٿهوڪا ٿي اُلن ۾
هو اُڏامن ٿا پيا!
مينهن ۾ هو جڻ تہ ڪامن ٿا پيا
گيتَ ٽُنهنجا ڪِٽ اُجهامن ٿا پيا!
جڻ تہ مايا جار ۾ اُيرن پيا
جڻ سڄي سنسار ۾ اُيرن پيا
مِينهن ٿي اُيرن پيا
نِينهن ٿي اُيرن پيا
اي ڳوي هِي ذاتِ ۾ ڪيئي جِيئُون
جڻ ٻري برسات ۾ ڪيئي جيئون
جي وسامي ڪونہ ويندءون
ڏس تہ ڪئن اُيرن پيون!

(ڇوليون ٻوليون سمنڊ جون)

هي سياست زهر آهي
تون انهيءَ کان دور رهہ!
ڏس تہ هو انبوهہ ڊاهِن ٿا پيا
دورُ ڪي محراب و منبر ۾ رکن ٿا مورتيون،
جي قريب آهن اُهي مَندر مِٽائن ٿا پيا،
۽ اُڏائن ٿا پيا هو گردَنيون،
گهَر جَلائِن ٿا پيا؛
روح ۾ جو قهر آهي
تون انهيءَ کان دورُ رهہ!
دُور ڏِس شعلا اُڏامن ٿا پيا
ٻار ڪامن ٿا پيا،
آدمي حيوان کان بدتر لڳن ٿا
تون نہ وَڃ ويجهو اهي يرقان کان بدتر لڳن ٿا،
ڪيترا نعرا لڳن ٿا
ڏس تہ نيسارا وهن ٿا
رَتُ جا!
آ رکيو ايڏانهن ڇا؟
شور سارو شهر آهي،
تون انهيءَ کان دور رهہ!

چنڊ جو خاموش آهي
سو سَڏي ٿو!
ڏس تہ هو بادل مَٿي مسجد ڪٺن ٿا
۽ هِتي ڪوئي شِوالو ٿو جُڙي!
ڪو اڏي ٿو
۽ اَڏاوت ۾ اُهو مدهوش آهي
۽ سراپا گوش آهي!
ڪو تہ موسيقار آهي
ساز جو آواز جنهن جو ڄڻ تہ ڪو آغوش آهي
واءُ جو هَٿ ماءُ جي هَٿ وانگيان آ.
ٻار ڄڻ تپ ۾ ٻرن ٿا
ڪيترا ناحق مَرن ٿا،
ڏوهہ جن جو آ تہ هو بي ڏوهہُ آهن
ڊوهہ ناهِن،
ڪنهن مڙهيءَ جو موهہُ ناهِن
ڪابہ ڪَروَت ڪانہ تِي ڪاري اُنهن ڪي،
ڪابہ نفرت ڪانہ ٿي ٻاري اُنهن ڪي!
آءُ پوپون ڀَهر آهي
شور سارو شهر آهي
تون انهيءَ ڪان دورُ رهہ!

(چوليون ٻوليون سمنڊ جون)

اڄ بہ زِندانيِ چڪي زنجير پنهنجا ڪڙ ڪَڙائن ٿا پيا
لَڙ ڪڙائن ٿا پيا
ڪيترا ٻانها ٻَنين تي،
۽ وَنين تي
لُڙڪ گونگا ٿا وَهائن
ٻِڙڪ ڪا ٻاڦِن نہ ٿا،
ڇُڙڪ جئن آهي حياتي
زائفان پُورين جيان،
ڏس تہ هو چاتيون سُڪل تورين جيان
ٻارَ جي چُوسن پيا!
جندڙي گهَنگهرن جيان گهلن پيا!
وقت گهاٽي جئن بلاوَل ڪيترا پينهين چڏي ٿو
وقت جي جهونيءَ اڏِيءَ تي ڪيترا ئي ٿا عنايت سِر ڏين.
زندگي آخر ڏِين
چوٽڪاروِ ايئَن پائن ٿا پيا،
ڳَنڍَ نوڙائي ڳپائن ٿا پيا،
آدميءَ جئن ڪو دَرندو ڪونہ آهي
پر فرشتو تي سگهي ٿو.
آدمي ٿي جِي سگهي ٿو.

(چوليون ٻوليون سمنڊ جون)

اُلهاس نگر جي تيز هوا
ڪنهن وقت حشوءَ کي ٻڌولي ٿي
اُلهاس نديءَ ۾ ٻوڙي ٿي،
هو ڪير هيو جو سپنو هو
جو قيد ڪڙن ۾ ساٿيا جي
هئن ڇا ٿو هو؟
تاريخ هئي طوفان جيان
مان اُن ۾ تحريرون هن جون
ڪنهن جاءِ ڏِسان؟
هي حشُو جيڪو سنڌ هُيو
انسان هيو ارمان هيو
نادان هيو.
هن ڪونہ ڪيو ڪو سمجھوتو
اي ڪاش!
انهيءَ جو مان جُوتو
ڪنهن وقت ڪٽان
اي ڪاش! سَمءِ جي نوڙهہ مٿان ايڏو تہ هٽان
ايڏو تہ هٽان...
ايڏو تہ هٽان..

(چوليون بوليون سمنڊ جون)

سن ستيتاليهہ پيهر آ وَريو
آدمي ناهي ٺَريو
جڙ اچا تائين تتل تنُور آ!
جڙ اچا تائين اَڳيون ناسور آ
جو ڇڪي ٿو
سينگ کي پيهر ڇڪي ٿو
تيرُ ان ۾ ڪٺ تڪي ٿو
ٿو ڪري چاڻي اُهو چاٽيون اِئين
قدسيہ گُرداس[1] پور ۾ ڪلهہ جِئين،
ٿي ڏنيون خاموش ٿِي،
هوشَ ۾ بي هوش ٿي،
آدمي ۾ آدمي مون ڳوليو پَر ڪونہ هو!
آنءُ روميءَ[2] جيئن هُن کي ڦوليو پر ڪونہ هو!
ڪيترا تاريخ ۾ ڇيتا سُتل آهن اڃا؟

---

[1] نوٽ: گُرداس پور_ اوير پنجاب هندستان ۾ لاهور جي مشهور ناول نويس قدسيہ بانوءَ جو مادر وطن هو.

[2] دي شيخ يا چراغ هَمي گشت گرد شهر
گز دامر و دَد ملولمر و انسانمر آرزو ست

(رومي)

[ترجمو: ڪالهہ شيخُ ڏيئو کڻي شهر ۾ ڦري رهيو هو (۽ چئي رهيو هو) ڍور ڍڳا ڏسي ملول ٿي پيو آهيان، منهنجي آرزو تہ انسان آهي.]

ڪيترا راوڻ اڄي سِيتا سُتل آهن اجا؟
ننهن ڪُتل آهن اجا
ڪيترا اُن ۾ بگهڙ جا؟
آدميءَ سَپ وَجهہ وڙ جا
ڇو وڃايا؟
ڇو وڃايا؟؟

(ڇوليون ٻوليون سمنڊ جون)

آنءُ مجان ٿو
مارڪس مري ويو آهي،
آنءُ پڇان ٿو
ڏُک ٽَري ويو آهي
ڇا زئمبيا ۽ ٽَنزانيا مان؟
انگولا ۽ يوگنڊا مان؟
ٽين دنيا مان؟
اِن کي ڪيئن مِٽائيندا سين؟
هي ماٺهو جي پاهڻ ٽين ٽا
تن ۾ نظم ورهائيندا سين؟
ڏا وا ڍِڏَاِهي تصويرون
آنءُ مجان ٿو ماٽي سگهندا!
ها، پر هي جيڪي هڙپاٽون
تن ڏي هيج بہ آٽي سگهندا؟
خوشبو رَنگ، ترنم پيارا
ڪونہ متائن ٽا غم سارا
بامبي جي بستين کان ڪوتا
لُٽڪ اگهائي سگهندي آهي؟

بال ناڪري جي غُصي جِي
باهه وِسائي سگهندي آهي؟
تون ڪِٿ آهين گانڌي! گانڌي!
ڪيڏو زور اَچي وئي آنڌي!
ءِ مان پانڌي
ڇا ۾ پنهنجو پاڻ ڇُپايان؟
ڪارونيار تہ ٿَرٽو ناهي
تون ئي چَئُہ ڪِئن پاڻُ بچايان؟
آگَ وسايان
جا چوڏاري وچڙي وئي آ؟
ڇا ڪا آنءُ حماقت ڪَئي آ
آخر مون کي ڇو مرٽو آ؟
هي جو قرض صدين جو آهي
آخر ڪنهن ڪنهن کي ڀرٽو آ؟

(چوليون بوليون سمنڊ جون)



# غزل

سچ، پنڇي يا پنڇيءَ جو
وهندي پاڻيءَ تي پاڇو.

آيو آهين ڏينهن لٿي،
مَدّ پيي ٽٽرندو ٽاٻڙندو.

ڪاري ڪٽڇيءَ جهڙي رات.
پريت اسان جي آ پڇرو.

وڻ وڻ تي ڪوماڻا ڪانوَ
پن پن ۾ پڙلاءُ نہ ڪو.

ههڙي سانت، سرءُ جو واءُ،
چو نہ پري آ پيالي تو؟

تن جي توَنس سوا پيي ميتَ،
ڪوئي ماٺهو ماٺهوءَ جو!

ڪير تتيءَ جا تاوَ سهي،
ڇن ۾ آهي ڇانورڙو.

—

او مڌ ماتا ميت ڪوي!
آئين امرت اوتيندو.

پَلُ پَل وِهہ جي آهہ وٺي،
مُکَ مُک ۾ آ زهر پريو.

پهتو تو وٽ ڇو نہ اُلاءِ،
جُوالا جيون جو قاتو!

چنڊ تہ ملندو ڪونہ چڪورَ
آءُ جهٽي ڪوئي ٽانڊو!

—

پنهنجي سياست باد_ فرنگ،
ڪوڙهيءَ پوڙهيءَ رنڊيءَ جو:

مذهب وينو پاڙ مَکي،
چوراهي تي آ چَڪلو:

کھڙي ڪاڪ، اڙي ڪاٽا!
هي آ مومل جو ڪوٽو.

—

اڄ ڪائي ڳجگوڙ نہ آهہ،
سارو بن آ سانتيڪو:

شينهن مري ويا، باقي چا،
هي پنهنجا پنجوڙ ڪٽو.

—

شايد ويهي ڇَپ ماري،
اڳتي ڪوئي آهيڙيو!

رهي نہ ڪائي چال ڇُپي،
ساري بن کي باهہ ڏيو.

—

سنڌڙي! تنهنجي سينڌ ڏسي،
رات پٺائي گهوٽ رنو:

منهنجي من جي مٽيءَ ۾،
ڏاڙهونءَ جهڙو ڏنپ ڦٽو:

هينئون گهايل هرڻيءَ جيئن،
سامهون سارو واريا سو.

—

وڏوا جو مڙهه آهه ادب،
اڄڪلهه سنڌي ٻوليءَ جو:

ويندو نيٺ وسامي، هاءِ،
تمڪي تمڪي ڪو ڏيئو!

ڪيسين جلندي رهندي جوت،
ويري جنهن جو واچوڙو!

ڪرندا آخر ڪوٽ ڪڏهن،
ماروئڙو! او ماروئڙو!

ٻولي گولي ناهه، ”اياز“،
ان جو وس فقط واڪو.

ی

(ڪلهي پاتم ڪينرو)

ڪوئي اُنتيءَ جو امڪان!
سڌ پڙاڏو بڻي حيران.

ترقي تي تهذيب اڃا،
ڪيڏو وحشي آ انسان!

ساڳيا پاپيءَ جا پنجوڙَ
ساڳيو زر جو آ زندان.

ساڳيو ڏاڍي جو ڏهڪاءُ،
هيٺو اڳ جهڙو حيران.

ساڳيءَ سوريءَ تي منصور،
ساڳيو سرمد تي بهتان.

ساڳي ڳانڍيءَ لئہ گولي،
ساڳيو لال لهوءَ سان ڳيان.

ساڳي چارڻ جي چڪيا،
ساڳيو شاعر جو شمشان.

اڄ ٻي ذات مصور جي،
رَت ۾ ٻوڙي ڪائي نان.

جاري ساڳي جنگ جَدل،
عاري ساڳيو امن امان.

اڄ ٻي ويڙهه نئي سوچي،
ڪنهن جو ويڙهو ٿيو ويران.

ڪنهن ماتا جي ممتا مُئي
ڪنهن نينگر جو نڪتو پرانُ،

ناگاساڪي ڪافي ناهه،
سيڪجهه ناس ڪندو نادان!

ميخاني ۾ پيو نه پتو،
ٻاهر رات هيو طوفان.

هاريو مَيءِ جو جام "اياز"،
ساڳيو نه رهيو هي انسان.

٨

(ڪلهي پاتم ڪينرو)

اڇڙو آهين جي تون، آءُ،
ڪيسين سانڍيان مان سوداءُ!

ڪنهن تي ڄاتو اي انسان،
توکي ڳُهندو تنهنجو ياءُ!

جيون پو ٻہ ڪري تو چوندَ،
توڙي ڏئي تو موتُ چتاءُ.

اندر سيخون، ڪوٽ ڪڙا،
ٻاهر ڪونجون، هير هُڳاءُ.

اونهاري جي اوجَل ٻاڪ،
آءُ، اڱڻ ۾ منهنجي آءُ!

او زندان جي ڪاري وِلهہ!
تو ۾ آهيان آءٌ اُلاءُ.

وچ وچ موتي، وچ وچ، ويچ!
گهايل ڄاڻي منهنجو گهاءُ.

مون کي ڪوئي ڪونہ پلي،
پيار نہ ڄاڻي تو پڇتاءُ.

—

او منهنجا محبوب وطن!
تو سان ساڳيو لونءَ لڳاءَ.

هي منهنجو مظلوم قلم،
سوچيو ناهي جنهن سرچاءُ.

رَت ۾ لَت پَت پنهنجو موت،
ڄاڻان تو پر، منهنجي ماءُ:

منهنجي من ۾ آ منصور،
سُوري جنهن جي جيءَ جَڙاءُ.

—

سوچي قاتل جو قاتل،
آيو قاتل تي ڪهڪاءُ.

پر جي ڪوئي نانگ هجي،
تنهن کان ڪهڙو آهہ بچاءُ!

—

سُرَ جي بدلي ڏين ٿو سونُ،
پوپي تو وَٽِ ناهہ وِڪاءُ!

او وڻجارا وائيءَ جا،
من جو موتي ڪهڙي ياءُ!

—

گهايل من جا گهايل گيت،
جَن ۾ پيڙا جو پڙلاءُ،

جن ۾ ڏرتيءَ ڏرتيءَ ڏُک،
جن ۾ ماٺوءَ ماٺوءَ گهاءُ.

پنيت بڻبا نيٺ ”اياز“،
جُڳ جُڳ جلندا منهنجا ياءُ!

٤

(ڪلهي پاتم ڪينرو)

هي ڳات ڳاٿُ ناهي، آ ڏيلَ تي ڏياتي،
ٻهہ ٻهہ ڪري ٻري مون، هت رات رات ڪاتي.

جا تونس آ طلب ۾، سا ناهہ تنهنجي رب ۾،
تون ڪيئن سمجهندين مون ڇو آرزو اُساتي!

هي ڪفر کان ڪڙي آ، اسلام کان ٻڙي آ،
تون پيءُ، جيءُ، پَر پَر، اي گهوٽ هيءَ گهاتي.

تون پُرجهندين نہ پانڌي، جا لوڏَ آ لَڳن جي،
سا راهہَ راهہَ ناهي، جا آ سِڌي سنواتي.

اي گهورڙيا گهڙيءَ جا، سک ڪجهہ "اياز" کان تون،
مَتِ مَتِ جڏهن نئون مڏ، مرندو تڏهن نہ ماتي.

*

(ڪلهي پاتم ڪينرو)

ساري رات سَتي چِڪيا تي جَلِي جَلي رڪَ تِي،
پيچ پنيءَ جي ماڪَ- ڦڙي تي، هاٿي سارَ لڌِي!

ويهي ڪهڙا گهاوَ اُڪيليان، وچ وچ موتي ويچ!
تون تہ چوين ٿو، مَنُ بہ مڃي هِي ويندا ڦَٽ ڇُٽي!

ڪوٽ اندر جا ڳِڙڪي آهي، تنهن وٽ بيهي چَنڊَ،
سوڙهيءَ پير- ڪَڙيءَ جي هيٺان، منهنجي پيڙَ ڇُمي.

دَمُ روڪي درياهہَ ڏٺو ۽ سيرَ وسي تي وَئي،
آئي ’ساهَڻُ‘ چوندِي، ڪَائيَ جيءَ جَلِي.

آءٌ ڪلا جي ڪالي توڪي، پنهنجي پيٿَ ڏيان!
ساري جَڳَ جا پاپَ ڏٺان، مان پنهنجو رَتُ ڏئي.

تنهنجي ڪوثر توکي پهتي، مون کي ڏينم چڏي،
ڪعبي ۾ ٻي ياد اچي ٿي، مون کي ڪينجهر جي.

سنڌڙي توکي ساري ٿي ۽ توکي سنڌڙيءَ سارَ
دلڙي توکان ڌار نہ آهي، ڌارَ نہ ٿي سگهندي!

باغي آهيان، باغي آهيان، تنهنجو آءٌ سماج،
توسان وڙهندي رهندي منهنجي، هر هڪ رَتُ ڦُڙي.

ڪيئي ڏاڙهونءَ جا گل آندم، ڪاڪ ڪَڪوريءَ تان،
سنڌڙي، منهنجي مومل! مون کي تو ٿي ڌات ڏني.

حيرت آهي، منهنجا مارو مون کي ويڙِ ڏِينَ!
آءٌ اُهو جو آيس تن جا، ڪيئي ڪوٺَ پيجي.

بادل برسي برسي بَس ٿيا، نڪري سج ڏٺو-
سوريءَ تي منصور چپن تي، آندي مُرڪ مِٺي.

ٽاريءَ ٽاريءَ تي ٽمڪن ٽيون، ڪيئي مينهَن- ڦڙيون،
جهُڙ جي جهاڳ هٽائي نڪتي، چوڏهينءَ چاندوڪي.

اوءِ اُتر جا واءَ نہ لَٿِ تون پيرا پيارن جا!
مارئِ تن کي موهي ايندو ورندا ويراڳي.

سانجهہَ لٿي آ، جهانجهہَ وڄي ٿي، ڪوئي اڇٽو آهہ،
ڪُونج ڪئي آ گونجَ، هوا پيي، آهي هيجَ- ڀَري!

واریاسي ۾ پینگي پُونگي، اوسي پاسي سُڄ،
سانجهيءَ ٽاٽي تنهن ۾ اڄ، هيءَ ڪهڙي جوت جَلي؟

چَنڊَا! پرينءَ کي پرچائي ڏي، مون سان ڪيئن رُٺو!
تون ئي چَئہ مون ساريون راتيون، ڪائي ننڊ ڪَئي!

روح اسان جو رم جهم رم جهم، اکڙيون آڳ۔ اُلا،
رڳَ رڳَ مان ويراڳُ وسائيندي، آ تَندُ تَپي.

آءُ پٿائي، آءُ ميان، مان تو بن جيئان ڪيئن!
يارا اسان سان ڪاڪِ۔ ڪنڌيءَ تي ڪائي گهارِ گهڙي!

ڏس تون، مون سان تنهنجيءَ سنڌڙيءَ ڪيڏا ڪيسَ ڪيا!
پوءِ بہ اُن جي لاءِ وڙهي مون، پنهنجي جان ڏِني.

پيارَ ڏني جا پيڙا، تنهن جي جوت نہ مرٽي آهہ،
جڻ تہ خُدا جيَ خالي هَٿ ۾، تو ڪا شمع جهلي.

جنهن لَئہ تون واجهائين وينو آڏيءَ رات "اياز"،
سو ايندو سو ايندو پيارو توڏي پاڻ ڪَهِي.

٨

(وڄون وسڻ آئيون)

تون نانھ تہ ھي چَنگ، چَڙو چَندُ نہ ڏي ساءِ،
اي سيرَ- مُئي! آءُ، ھلي آءُ، ھلي آءُ!

ڪا راتِ نئين، ريت نئين آڻ اسان لاءِ،
جئن پريت پُراڻي نہ ٽٽي، وارِ نئون واءُ!

مان جاڳ بہ ھان، آڳ بہ ھان، راڳ بہ آھيان،
سَچُو بہ سندم سَنگ، پِٺائي بہ سندم پاءُ.

ڪعبي جو پرستارُ نہ ڪاشيءَ جو طلبگارُ،
سڀ دينَ ڌرم ٿاھ ٿکيءَ جا، نہ مٿو ڪاءُ!

تون سَچُ بہ آن، مَچُ بہ آن، جيءَ جَلِي سندَ!
جرڪاءِ جيئيون ماءُ، ڪڏھن سوچ نہ سرچاءُ!

ڪر جانِ بہ قربانُ، مُڙي موت نہ چارڻ!
انسانَ تي ايمان رکي، چَنگ ڪٽي آءُ.

مون سندُ ڏٺي، ھندُ ڏٺي، سَچَ چوڻ لاءِ،
ھڪ "شَيخ اياز" آھ، ٻيو نہ ڪٽي ماءُ.

٭

(وچون وسڙ آئيون)

هيءَ سَينَ نہ ڏيندي چَينَ، اُتي ڏِسُ! ڪوئي آيو آ پيارا!
هي شايد ساڳيو رَمتو آ، اڳ جيئن اُچايو آ پيارا!

جنهن وقت چراغ شام ٻَري ۽ ميخاني ۾ جام ڀري،
تنهن وقت اسان جو پنڌ پري، پنهنجو ٻہ پرايو آ پيارا!

جنهن وقت اسان جي تَندُ تَپي ۽ سازُ تَپي آواز جَهپي،
تنهن وقت ڀَلِي ڪو ڪَنڌُ ڪپي، جو آيو ڳايو آ پيارا!

ڏس ڏس ماٺوءَ جي مٿيءَ ڪي، مون ڳوڙهي ڳوڙهي سان ڳوهي،
ڪهڙو نہ لَسايو آ پيارا، ڇا جام ٻٽايو آ پيارا!

آ چوڌاري مهراڻُ مَتو جنهن جو نہ پَهي، جنهن جو نہ پتو
هِي روحُ جزيرو حيرت جو جنهن منجهہ سمايو آ پيارا!

ڪنهن ڪاريءَ چڳ تي رات ڳُٺي، ڪنهن ٻاڙهي ڳَل تي باک ڦُٽي،
اِئن وقت ڪَٽيو، اِئن عُمر لٽي، سڀ سانگ سجايو آ پيارا!

هي ڪارو ڪارونيارُ تہ ڏس، هُو ڏورانهون ڏهڪارُ تہ ڏس!
مون ڪيڏيءَ جَر جي جهاڳَ مٿان هي ديپُ جلايو آ پيارا!

هيرا تہ ڏسو ڪَنڪر نہ هَٽو ايندو نہ وري هي وڻجارو،
ڪُجهہ ڏات ڏسو پو بات ڪيو، هي شورُ اجايو آ پيارا!

هيءَ پنهنجي ڪرٽي پرٽي آ، پر سنڌُ "اياز" نہ مرٽي آ،
آخر هيءَ رات گذرٽي آ، تو ڇو گهبرايو آ پيارا!

8

(وچون وسط آئيون)

ساري شهر وسايا پٿر، جن سان چڪنا چُور هيو،
پوءِ بہ هُن تي نعرا ماريا، مُڙس تہ ڪو منصور هيو!

وستيءَ وستيءَ، نگريءَ نگريءَ، گيت اسان جي گونجَ ڪئي،
چانڊوڪيءَ ۾ چَنگ وڳو تي، رات پرينءَ جو پُور هيو.

ڪالهہ وفا جي ويراني ۾، ڪهڙي هرٽي اُجَ مُئي!
سُڄ ازل جي اَڪِ لڳو تي، اُن ۾ ايڏو نُور هيو!

دريا دريا هُن جو مَن هو صحرا صحرا نيڻ هُيا،
پَل جو پانڌيئڙو آيو هو، ويٺو هُن کي دور هيو.

ڏينهن تتي جو آيو آهين، اڳ ۾ آئين ڇو نہ "اياز"،
ڇِپري ڇِپري چانوَ هُئي، جنهن وقت نِمن ۾ ٻُور هيو!

۸

(وڄون وسڻ آئيون)

بي موت مُئا، تولاءِ ڪُٺا، انسانَ هزارين مان نہ رڳو،
هن دنيا ۾ اي ديس! هيا، نادان هزارين مان نہ رڳو.

جي راهِ اَجل ڪنهن ورتي آ، هن پُونءِ ڪئي ٻي پرتي آ،
هيءَ ڌرتي توڪي پرتي آ، مهمان هزارين مان نہ رڳو.

اَڪ ساري راتڙ نہ جهَپڪي آ، ۽ شبنم شبنم ٽپڪي آ،
جي باکَ گهُري ٿي، ٻَڪُ تہ، اي زندان! هزارين مان نہ رڳو.

ٿو ساري ڪوبہ نہ سُڄَ مئا، هو رڄ- مُئا جي اُڄ- مُئا،
ڇا پاپِي پرڪي پُڄَ- مُئا، ارمان هزارين مان نہ رڳو.

ڇو چنڊ اسان ڪي رات - ٺري، ڏي چانڊوڪيءَ جو زهر پري؟
آ ڪيڏو پويون پَهر پري! حيران هزارين مان نہ رڳو.

تون ڇئہ نہ ڪچان، تون ڇئہ نہ لچان، پر توکان هڪڙي ڳالهہ پڇان؟
تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين، اعلان هزارين مان نہ رڳو.

هي دوُر "اياز" گذرٽو آ، ۽ پنهنجو وارو ورٽو آ،
ڪو ٻارَڻُ نيٺ تہ ٻرٽو آ، امڪانَ هزارين مان نہ رڳو.

۸

(وچون وسط آئيون)

جي پنهنجو نُور نچوئي ويا، ۽ تنهنجي جوت جلائي ويا،
سي لڙڪ مٽيءَ ۾ لوئي ويا، پر ڇا ڇا موتي پائي ويا!

سي ورڻ ’ورڻ‘ لوڏي واءُ ٿيا، سي پَنَ پَنَ ۾ پڙلاءُ ٿيا،
جي بَنَ بَنَ بينَ وڄائي ويا، جي تن من واري ڳائي ويا.

مون ڌرتي تنهنجا ڏِڱَ ڏٺا، مون تن جا لوئَل لِڱَ ڏٺا،
جن وڙهندي وڙهندي جان ڏني، سي وارا وِيرَ وڄائي ويا.

اڄ ڪوبہ ڳچيءَ ۾ ڳَٽُ نہ آ، ڪو مڙس اُنهن جو مَٽُ نہ آ،
جي سارا ڪوٽ اُڏائي ويا، سي گهوٽ اسان کي گهائي ويا.

مون اڻ- ٿيٽا انسان ڏٺا، مون سوريءَ تي سؤمان ڏٺا،
اي ڌرتي! ڇا ڇا ڪونڌر ها، جي پنهنجا ڪنڌ ڪپائي ويا!

مون ويندي تن جا پير ڏٺا، مون ڇا ڇا مُڙس مٽير ڏٺا!
جي ڪيئي سِج اُپاري ويا، جي ڪيئي سِجَ سمائي ويا.

مون ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ ڏٺا، مون ساٽا ساٽا سنڌَ ڏٺا،
مون ڇا ڇا مائيءَ لال ڏٺا، جي لوئيءَ لڄَ بچائي ويا!

سي جيءَ جيارا ماڻهو ها، سي سڀ کان پيارا ماڻهو ها،
جن ساهه ڏئي، ويساهه ڏنو جي دل ۾ درد دکائي ويا.

ڪلهه رات مسافر آيا ها، جن پنهنجا جيءَ جلايا ها،
تي چا چا جرڪا چاڻ ڪري، هُو ڪيڏا مَچ مچائي ويا!

چا چا نه وَسيهرَ- وَنگَ هُيا! پر نانگا يار نِسنگ هُيا،
جي تنهنجو روپ نِکاري ويا، جي تنهنجي سِينڌَ سجائي ويا.

چا نعرا ها چا نينهن هُيا! هُو مڙس هُيا يا شينهن هُيا!
جي ڏونگر- ڏيلُ ڏڪائي ويا، گجگوڙ ڪري گرمائي ويا.
آ ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه مٽيا، پر مون کي اهڙا مڙس وڻيا،
جي سارو جَڳُ جرڪائي ويا، پر پنهنجو پاڻُ ٻُلائي ويا.

جن پاسو ورتو ڪُوڙَ ڪنان، هي مُڙس نه ويندا مُور مَنان،
جِن واڪي واڪي وَس ڪيا، جي سارو سَچ ٻُڌائي ويا.

هو بادل بادل آيا ها، جن جَل ٿَل ڀال ڀلايا ها!
اي ڪيت ڪِڙو او شال ٿڙو! هو پنهنجا مِينهن وسائي ويا.

ويا پريت ڏئي هُو پاڻيارا، اڄ ڪينجهرَ تن جا ڪاڻيارا،
چا راڳا تن سان رُجَ ڪيا، جي تنهنجي اُڄ اُجهائي ويا!

هر پيار- پتنگا ڪامي ويا، ۽ ڪيڏو دور اُڏامي ويا!
پر تنهنجي منهنجي ڏيئي ۾، هُو پنهنجي جوت سمائي ويا.

اڄ چوهڙ اُنهن جا چوليءَ ۾، اڄ ٻولَ انهن جا ٻوليءَ ۾،
اي ڌرتي! تنهنجيءَ جهوليءَ ۾، جي سُورهيہ سيس ڇپائي ويا.

هي چوٽيءَ چوٽيءَ تي مشعل، هي جهوليءَ جهوليءَ ۾ گل ڦل،
ويا سانول ڇا ڇا سَڳَ ڇڏي، ڇا جندڙيءَ کي جرڪائي ويا!

ڇا سمجهي تن کي جيءَ جَڏِي، آ تِن جي ڳاڙهي ڳالهہ وڏي،
ها ڇا ڇا ارڏا ڪَنڊَ اَڏي! جي توکي مَيندي لائي ويا.

هي برهہ بہ ڪوئي ٻَڙُ آهي! ڇا جاڻني اُنَ جي جَڙَ آهي!
مون اُن ۾ ڪيڏا ڌار ڏٺا، جي ڇانوَ ڪري، مَن ڀائي ويا.

اي آري! تنهنجي آڏَ هُئي، پر ڏونگر ڏاڍا ڏاڍَ ڪيا!
هي تنهنجا پيارا پيرا ها، جي پنهنجو پنڌ پڄائي ويا.

ڪٿن توکي ڪاري ٻاٽَ ميان، تي ڇٽنگ ڪري چمڪات اچان،
آ ٽِم ٽِم ٽِم لاٽ اچان، جا جوڳي، ڪالهہ جلائي ويا.

هيءَ جان تہ اڄٽي وڃٽي آ، پر مرندي مات نہ مڃٽي آ،
مون اهڙا سَوَ ساوَنت ڏٺا، جي پنهنجو هَٺُ هلائي ويا.

ڏِسُ! ٻاک ٻليري آئي آ، ڏِسُ! سنڌُ مٿان سَرهائي آ!
ڇو تن جي لاءِ "اياز" رُنين، جي مارُو ماڳُ مَٿائي ويا!

(وچون وسڻ آئيون)

ڌُرا داڙ اسان اَٺموٽَ،
ڳاڙها ڳاٽَ، ڳچيءَ جي ڪوٽ.

نيزا نيزا لوڪ- نِهارَ
آيو آنهه نغاري چوٽَ!

کهڙيءَ ڪُوهَ- ڪَنئيءَ جي لاءِ،
تون هي ڪيرائين تو ڪوٽَ؟

ڇا ڇا جوکا تنهنجا جاٽَ!
اونهيءَ ڪَڌ، اُتاهان ڪوٽَ!

ريتو ريتي، گيڙوءَ ويس،
آيو آنهه ينائيءَ اوٽَ.

مَرندين مڙهه سان ڪونه "اياز"!
اَڄُ، اَڄُ منهنجا ڳاڙها گهوٽَ!

٨

(وچون وسٹ آئيون)

هيءَ کهڙي مُوڙهِي مَت، لوڪو!
ڏرتي بہ تہ آ جَنت، لوڪو

هِي گُنهنبا ويسَ ڪٿيريءَ تي!
اڄ پريت وڃائي پَت، لوڪو!

هي پيرَ پٿيهر جهڙا ها،
جي پنڌ پيا پَربَت، لوڪو!

ڪو مانجهاندي جو ماڳُ بہ آ؟
آ ساري واٽ اُتَتَ، لوڪو!

اِئن ڪير سڏيندو سوريءَ ڪي!
ڪنهن ڳالهہ مٿان آ ڳَتَ، لوڪو!

ڪنهن ميندي‌ءَ رُت جي ريت ڪئي،
هِئن لالُ لهو لَت پَت، لوڪو!

هي پيارَ ڪٽا، تورا ۽ گهٽا،
ڪَئي آهِ پني پورت، لوڪو!

هي سپنا منهنجي جهولي‌ءَ ۾،
هي‌ءَ آڏي رات اُٽت، لوڪو!

ڪُجهه 'شاهه' ڏني، ڪجهه 'شيخ' ڏني،
هن سنڌڙي‌ءَ کي صورَت، لوڪو!

(وچون وسڻ آئيون)

ڪنهن ڪيئن چيو ڪنهن ڪيئن چيو پروائي سڀ ڪي واتِ هُئي!
هيءَ ڪا تہ سُريلي آگ هئي، هيءَ ڪا تہ ٻري برساتِ هئي!

هي آڌيءَ آيل سُپنا ها، جي جاڳَ۔ جَلايل سپنا ها
ڇا رم جهم رم جهم روپ هيا! ڇا برکا رُت جي راتِ هئي!

ڇا ڇٽنگون ڇٽنگون ڇنگَ هيا! ڇا تن ۾ آگَ۔ اُسنگَ هيا!
تي ڇا ڇا جرڪا جيءَ ڏنا، ڇا تَو ڪي پنهنجي تاتِ هئي!

ڪنهن ڪونہ سُڃاتو ڳاتي ڪي، هن ڏرتيءَ جي مڌماتي ڪي
هو ڪير هُيو! ڪيڏانهن ويو! ڪا ٻيد ٻري هيءَ باتِ هُئي!

جي دل جا داوَ سڃاڻين ها، تون ڄاڻين ها، تون ڄاڻين ها!
جا ماتِ هُئي سا جيتَ هئي، جا جيتَ هئي سا ماتِ هئي!

تو هونءَ تہ جهونا ساز ڏنا، پر ڇا نہ نوان آواز ڏنا!
تو ڇا ڇا گيت "اياز" ڏنا، ڇا ڏاتر تنهنجي ڏاتِ هئي!

٩

(وڃون وسڻ آئيون)

”ديسي سيڻَ ڪَجن، پريسي ڪهڙا پرين!“

*(هڪ پهاڪو)*

آ ڪيڏي پيڙَ پهاڪي ۾،
هن جهوني ڦَٽَ جي ٽاڪي ۾!

اي ڏرتي، ڇا ڇا دانهن ٻُڌي،
مون تنهنجي واڪي واڪي ۾!

۽ تنهنجي گهايل مُرڪَ ڏٺي،
مون پنهنجي لُونءَ لياڪي ۾!

۽ تنهنجي پيتَل لُڙڪ ڪَيو
ڪو ناتو ڇٽَنگ ڇُڻاڪي ۾!

جڻ مون پنهنجي تصوير ڏٺي،
اڄ پِٽَ ڏٽيءَ جي خاڪي ۾!

(پرچون وسطيٰ آئين)

پَلي آس تَر مان نہ آ توهَرن،
پتائي! ڏسين تو وڃون تيون وَرن؟

اُتر ڏانهن ٻَڪرالِ ٻهڪا ڪيا،
ڪَري ونگَ آگمر اِجهو تا وَسن!

پَون تا نَوان ڳَنڍَ ڳنڍير ۾،
پِٺُن تي وري ڪَر ڪنيا ڪُونپَٽَن.

جهلن تا پيا جيءَ جا جهُولٽا،
ڇُلن تا، مٿاهان ڇَمر تا ڇُلن!

ٻَنا ٻوڙُ وسندين ٻَڪَربُوس تي،
گهٽي وقت ڪان تيون گهٽائُون گٽِن.

سَوين ڪيت تنهنجا، سوين مارويون،
نہ زيريون، نہ زنجير جن کي جهَلن!

پڳائون ڪَڙا ڪوڙ جي ڪوٽ جا،
پَليا ڪونہ پيرن مٿان پيڪَڙن!

ٻہ تي ڏينهن واهيت ڪندا هي وزير،
نہ چَؤگان رهندا، نہ چاري مٿن.

ڏِنَئہ سَڌَ اهڙي، سَوين سيڪڙو
مَٿَن تي مِڙي ويا، پيو پِيا پِئن.

ڪَٽي چَنگَ چارڻَ اُچارڻ لڳا،
اُهي بولَ، ڪلهہ ٻڙڪَ باقي نہ جن.

سَوين سَڌَ، تن جا پڙاڏا هزار،
اُڀي ڪان لِمي گيت تا گُونجَن.

ڏنو ڏيهہ آ ڏُرت، ڏاڍو ڏُڪارُ،
ڪَرين ماڙَ ڪائي تہ مُوڏي مَرَن!

سڄو ڏيهہُ ڏاتا ڪَري جي اُڀا،
لڪين عيد جا چَندَ اُڀري پَوَن!

نہ جهانگي جهِجن، ڪنهن ٻہ جهوريءَ هتي،
نہ سانگي ڪَنهين کي ٻہ سُنگي ڏِينَ!

ڪَٿيريون مَٽيريون، ڇپر ڪَٽ تي،
ڏئي حال احوال، ڦاٽا سبن!

وَهن اَئِٽ، ٻَهڙا ڪٽي باڻِڙيون،
اَسُر ويلَ نِوڙي گهَرن ۾ گهِرن!

سدا مامتا جي رکين لاج تون،
سدا چٽنگ ٻارين وسائيل چُلهن!

نہ مارنگ تن جا اُجهاميل ڏسان،
نہ آونگ تن جا اَيوڳا لڳن!

ٻَيي لاءِ ڳولا ڳُتي ديس جي،
نہ لولا لُڇائن، نہ لوليون لُڇن!

نہ پورهيت ٻَڌن پيٽ کي هٿن پٿيون،
نہ هاري ڪڏهن رَتُ سان ريجِ ڪَنِ!

جڏهن رات ٿئي، ننڊ جي گود ۾،
سڀو وقت مارو سَتابا سُمهن!

سدا هير تنِ جو هندورو ٿئي،
سدا اَمُن َ آزادگيءَ ۾ اُٿن!

ڪڏهن سنڌُ جي سينڌ ميري نہ ٿئي،
ڪڏهن موڙَ تنهن َجا نہ مُرجهائجن!

وَسي يٿَ تنهنجي يلارا سدا،
يَلي ديَس پرديسَ سارا وَسَن!

اسان سنڌ وارن ازل کان "اياز"
ڪنهين َ لاءِ مَندي سمائي نہ مَن.

٭

(وجون وسط آئيہ ن

هِن انڌي ديسَ انڌيري جي،
تون سورين ڳالهہ سَويري جي!

ڪو ڏوبي- گهاٽُ تہ ڳولي ڏي،
تي اَوُجَر هن مَن ميري جي.

هُوءَ هل هوا مان جهپٽي آ،
مون ڳاَلهہ ڪَئي مَس ڳيري جي!

ڪُجهہ وقت ڪڪائين سارَ هُئي،
هِن اڪڙين جي آڪيري جي.

اڄ وِچُ وَراڪا ڏئي ساڙي،
هَر هُرڪُر هِن آهيري جي.

چو جاءِ جُوالا تي ڳولي،
اي دل! تو پنهنجي ديري جي؟

تون پَٽَ پرين، پر تنهنجي پڳ،
چا ڪَندِ هئي، ڪانڌيري جيَ!

چا ڄَر ۾ جارَ "اياز" هُئي،
ڪنهن جيءَ- جَلي جي جيري جي!

٭

(وجون وسڻ آئيون)

مان ٻارُ ته ناهيان، اي جيجل،
جو چنڊ ڏسان آئيني ۾!

ڪا اَرتي آتر ويلا آ،
جا گهاوَ وجهي تي سيني ۾.

هوُ بَرڪا بَرڪا اڇڙو آ،
پر ڪَهڙي ماسَ مَهيني ۾؟

ڪو ساحِلُ ساحِلُ سُپنو هان،
مان ساري راتَ سَفيني ۾.

هي ديسُ ٻري تو نفرت سان،
هي ديسُ ڪَڙهي تو ڪيني ۾.

تو اَمرت لاءِ "اياز" ڏسان،
مان پنهنجي خوُنَ پسيني ۾.

٨

(وجون وسط آئيون)

هيءَ هُرڪُر رَين- بَسيرن جي،
تي ويندي ساکَ سَويرن جي.

جي واڳَ وٺين ها ڏاڍهَن جي،
چو ڪاڻ ڪڍين ها ڏيرن جي؟

او شال! عُقابن سان اتڪان،
مان واهَر تي واهيرن جي!

آ رات لَڙي، هوُ اڇٽو آ،
تون ڇوڙِ نہ پايَل پيرن جي.

مون مُرڪي پنهنجو پاند ڏنو،
رُتِ آئي ڳاڙهن ٻيرن جي!

ميهارَ ملَڻَ جي ويلا آ،
ڪَر ڳالهہَ گهَڙن ۾ گهيرن جي.

تي ساري سنڌ "اياز" نچي،
ڇا ڇَمر ڇَمر آندءِ ڇيرن جي!

(وڃون وسط آئيون)

اي قوم! ٻُڏايا تي قِصا، ڪلهه توکي مون تقديرن جا،
اڄ باغيءَ باغيءَ جي سِر تي، تو تاجَ ڏسان تعزيرن جا.

ڪو ڪيئن نہ ٻوڙي مقتل ڏي، آ رَتَ ۾ خوشبو مينديءَ جي،
ڪو ڪيئن نہ موٽي زندان ڏي، تا زُلف ڇڪن زنجيرن جا!

اڄ لالَ لَهوءَ جي سَرگم تي، تي مُنهنجي ڌرتي رقص ڪري،
مُنهن هيڏ تيا غدارن جا، بي شرم وڏيرن پيرن جا.

هي ماٺهو وهَ جو ڍُڪ تيا، جئن لُڪَ لڳي تئن رُڪُ تيا،
اڄ آزاديءَ جي نعري سان، سڀ دَردَ ويا دلگيرن جا.

هَر دوکي جي ديوار ڏٺي ۾ اُن جي سَر سَر سان نہ ملي،
اڄ ٻوڙي هرڪو ديوانو، تو ڪوليَ بَنَدَ اَسيرن جا.

اڄ هَرڪنهن جو هي رايو آ، تو نينهُن ”اياز“ نيايو آ،
تو ڳاتا گيتَ بغاوت جا، تو لاتا زنگَ ضميرن جا.

8

(وجون وسط آئيون)

جيجل! ڪهڙي ٻيجل آندي، هيءَ تُنبي جي تانَ؟
سِر جي سَٿَ ڏئي تو آچي، هرڪو ڌُهرا دانَ!

منهنجا گيت گهُتَيرِءِ تي ڪانئر، هاٿي ڪيئن ڪندين؟
گَرجي گوُنجي هن ڌرتيءَ جي ستر لک زبانَ!

مل مان تا مزدور اَچن، يا واڳهَ ڪٽن تا وڪَ،
چَيتي جٽن ڪُجهه چيتي آيا، ڪيڙهي ڪيت ڪِسَان.

گونگا ماٺهو ٻوڙا ماٺهو ماٺهو ٻوُٿَ ٻَڌل،
للڪارون للڪارون تي ويا، لُڏي ويا ايوانَ.

گهَنن گهنن گهَن ڌرتي گونجي، جنتا جاڳي اَڄُ،
ڏَنن ڏَنن ڏَن ڏِڳَ پيا ڪن، آزاديءَ اعلان.

جهَنَن جهَنَن جهڻڪار اچي ٿي، ٽا زنجير ٽُٽن،
ڪَنن ڪَننَ ۾ واجٽ آيا، زورَ ڀڳا زندانَ.

چَنن چَننَ مان آگَ اُڏاڻي، ڀهتا اُڀَ اُلا،
تَننَ مَننَ مان چرڪي نڪتا، آپي جا اپمانَ.

پَننَ پَننَ ۾ ٻُٺَ اچي ٿي، ڀهرين، پوءِ ”اياز“،
ٻَنَ ٻَننَ کي ڏونڏاڙن ٽا، تيزيءَ سان طوفانَ.

(وجون وسط آئيون)

جي تو اجا نہ ڄاتو آ ڪير ديس واسي،
تنهنجو جنم اجايو تنهنجي متي اٽاسي!

آيو ويو سڪندر، سيوهڻ اجا اتي آ،
هو ڪيرتر ڪڙو آ، ويندا رهيا وناسي.

لالڻ! نوان لکن ۾ نڪتا نياڻ آهن،
ايندا جتي لُڪن ۾ پانڌيئڙا پياسي.

هي شام جو مياٽي، هي سون رنگ پاٽي،
تڙ تي بہ چار ڏيئا، نڙ تي بہ چار لاسي!

منهنجي اکير ڇا هي؟ هي چٽ چيت من ۾،
مندر اداس ڏيئو اڌ رات، ديوداسي.

جي وک کي وڌائين، اڄ ماڳ ڏور ناهي،
ڏونگر ڏري پيو آ، ساهس تہ ڏار ساسي!

(ڪپرتو ڳن ڪري)

پاڻ کان ڪنهن هَرڻ جيان نہ ڀڄو
رڻ ۾ رهڻو آ، وڻ جيان نہ ڀڄو.

سِڪَ ۽ چِڪَ ۾ رهي ويچو
ٻار جي مُنهَن ڏي ٿَڻ جيان نہ ڀڄو.

آسمانن ۾ شور تي گهاريو
وِڄُ وانگر وَسڻ جيان نہ ڀڄو.

نہ ڏٽي آ، نہ ڪو ڏنار آهي،
مِينهَن جي ڏينهن ڌڻ جيان نہ ڀڄو.

ساٿيو! ڳورهاري ڌرتيءَ تي،
وقت کان اڳ جَمڻ جيان نہ ڀڄو.

پيرَ ڪوڙي رهو پهاڙن تي،
پٿرن جي ڪِرڻ جيان نہ ڀڄو.

رَتَ روڪي وڙهو "اياز" اجان،
ڪانئرن جي ڀڄڻ جيان نہ ڀڄو.

(راج گهاٽ تي چنڊ)

سو وقت بہ اچڻو آ ساٿي! هي خوابُ حقيقت ٿي ويندو،
جذبات اِئين اُڀري ايندِي، هر حرف قيامت ٿي ويندو.

هي ٿنيا ٽوٽيون ڦاهيءَ جا، رَهندا نہ وڏيري شاهيءَ جا،
ڪو آزاديءَ اشارو جڻ هي لفظ ’سياست‘ ٿي ويندو.

ڪا سُهڻي ڪو ميهارُ ٻُڏو پر پارِ هزارن ۾ ويندا،
درياهہَ جڏهن دَڙ لاٿا پو، هوُ سارو دَهشت ٿي ويندو.

جنهن وقت بہ نڪتي سجَ ڪَني، ٿِي پنهنجي چانديءَ جيئَن ٻَنِي،
وَرُ سارِيندو آ جِيئَن وَني، انسانُ محبت ٿي ويندو.

دنيا تہ ’اياز‘ ڦِري پيئي، ڏِس! ڏِسُ! ديوارِ ڪِري پيئي!
هي رَنج تہ سارو سپنو آ ۽ آخر راحت ٿِي ويندو!.

(سورج مکيءَ سانجهہ)



# قطعا

اسان لاءِ سيد تہ ڪا شيءِ نہ آ،
اسان لاءِ شاعر وڏي بات آ.

وسامي نہ سگهندو انهيءَ جو ڏيئو
مڃان تو تہ هن وٽ اُها ذات آ.

❖

ڪير هن حال جو سبب آهي؟
ڪاتي آهي، جي تنهنجو رب آهي!

نعمتون بي حساب سانڍي رک،
منهنجي مانيءَ ڳپو طلب آهي!

نوعِ انسان سان ايترو انڌير!
پو بہ آهي خدا؟ عجب آهي!

چاندني رات ڪي ”اياز“ ڏسي،
ڪجهہ مڃان تو تہ ڪوئي رب آهي.

❖

(يونيورسٽي آڪاس)



# ثم سِثا / ھائیکو

ايڏا اوچا ڪوٽ!
کهڙي واٽ وٺي ويا
گهوڙن سوڏا گهوٽ؟

▣

بَس، راتيون ڪاٽيون،
هيلَ نہ مورن جون هيون
ڏونگر ڏياٽيون.

▣

ٽِيهين ٽي ٽِمڪي
راتاهي جي رات آ
چُپ پئي چِمڪي.

▣

ڪُتا ڀَؤنڪن ٽا،
ڪاري رات اَڪُت آ
چاري چؤنڪن ٽا.

▣

سُنَ بہ ڪيڏي سُنَ!
مون وانگر چڻ ننڊ ۾
پُڻ جهُڻ ڳن تا ڳُنَ!

▣

ڪيسين رهندا ڪوٺَ؟
اُپري ايندا اوچتو
ڄارين جا ڄاموٺ.

▣

ڪارونجهر ڪوريو
اچا پنڌ پهاڙ جا
ڏونگريو ڏوريو!

▣

آڌي رات، اَبوءِ!
هاڙهو هوت هٽي ويا
پرهہ نہ ڦُٽي پوءِ!

▣

لــوڙائُــو لــوچـــو!
پوُنءِ ڦُٽي ڦاڪون ٿئي
اِن ڪان اڳ سوچو!

▣

گھاتو سوچ تہ يارَ
ڪنھن پَر ماريون مَڇَ ڪي
ڪنھن پَر وجھون ڄار؟

▣

ڇيھي ڪھڙو ڇيھہُ!
مون لـءِ سارو سنگھروُن
ھي ڏاڏاڻو ڏيھہ!

▣

اُتي جي آڏرَ
ھُو جي ڪنڌ ڪپار تان
ڪِريا منجھہ ڪلر!

▣

لُنءَ جي ڪنھن لاڙي،
لُنءَ ڪي وري لاڙيو
پنھوارن پاڙي.

▣

تنوارون تاڙي،
پوءِ بہ نہ پيا مينھڙا
پنوھارن پاڙي.

▣

سج پيو ساڙي
ڇَنو ڪوئي چانورو
پنوهارن پاڙي؟

▣

ڏِڱَ مُئا ڏاڙي،
لاش مٽيءَ ۾ لوئيا
پنوهارن پاڙي،

▣

ڏني ڏهاڙي
هيڏا هاچا تي ويا
پنوهارن پاڙي!

▣

اندرُ اُجاڙي
سجا پرتا سُج سان
پنوهارن پاڙي،

▣

مارِيون ماڙي،
گهَر گهَر عُمرڪوٽ آ
پنوهارن پاڙي،

▣

قات جڏهن قاڙي،
وسي ڪوئي وَڏ ڦڙو
پنوهارن پاڙي!

▣

آڪيان چا آئون،
ڪيڏا ڳنڍ ڪپارَ تان
لُٽي لاٿائون!

▣

آڪيان چا آئون،
ڪيڏا ٻيڙا ٻارِ ۾
ٻوڙي تاريائون!

▣

آڪيان چا آئون،
وه وا ڪهنبو باک جو
لڳن سان لائون!

▣

آڪيان چا آئون،
ڳاڱين ڳاڙها گلڙا
چپن تي چائون!

▣

آکيان چا آئون،
مون کي ماري ماڳ،
چا تي سوچيائون!

▣

امر ڪارونجهر،
چا هوُ مور مري ويا
ڏيئا جي ڏونگر؟

▣

امر ڪارونجهر،
راسوڙي جون راتڙيون
ٻريون نہ ٻيهر!

▣

امر ڪارونجهر،
اڄ نہ ويرا واهہ تي
ڪارونيارَ ڪڪر!

▣

امر ڪارونجهر،
ٻابيها، رَتُ پنکيا
هيلَ بہ تنهنجي ٽَر.

▣

امر ڪارونجهر،
ڪانگَ اُڏائي هَٽڙا
ٽڪا متي ٿَر.

▣

امر ڪارونجهر،
ماروءَ پوپان ڏينهڙا
ڍولي ايڏي ڏَرا!

▣

امر ڪارونجهر،
آيو سِجُ ڪپار تي
ڪيسين ننڊَ نگَر؟

▣

امر ڪارونجهر،
ڪيڏي ننڊ نگر اَلا
ڪيڏي نِنڊ نگر!

▣

مون سوچيو: ”درياهہ....
”ڳپر اڳيان ڪيترا
ڪندو ڳُنَ اَٿاهہ!“

▣

مون سوچو: ”طوفان....
”پاڙئون وڻ پٽي وجهي
”اهڙو ڪو امڪان؟“

▣

مون سوچو: ”تارا.....
”ڪيسين جهُڙ جي جهاڳ ۾
”ڏيندا ڏيکارا؟“

▣

مون سوچو: ”واريان
”سارو لڪيو ليک جو
يا ٽاٽو تاريان؟“

▣

تو سوچو: ”هُو ماڳ
اڇٽو آهي اوچتو
جاڳ اجا ڪجهہ جاڳ!“

(واتون قلن چانئيون)

سمجهو تا لوڪو!
راهُو مرڻو ڪونہ آ،
مري ويو ٻيو ڪو.

▣

مان جنهن ٽوليءَ ۾،
تنهن وٽ ٻاڙهي سچ جون
ٻاهوُن ٻوليءَ ۾.

▣

هي ڇا تو چاهيان؟
ڏنل ڏاڏاڻن جي
لوئِي ڪيئن لاهيان!

▣

موتَ نہ ڪاڏي ماتِ،
وري سِڄُ لَهو لُهان
راهوڪيءَ تي رات!

▣

منهنجا ڪيتَ ڪرا،
ڇو هِي فوجي وڻن تي
بندوقون، پَهرا؟

(راج گهاٽ تي چنڊ)

ڪيڏيون تباهيون!
آهن ساريءَ سنڌ ۾
باهيون ئي باهيون!

▣

ماٺ بہ ايڏي ماٺ،
هاڻي ڪجهہ چپ چور تون
توڙي ڪائئون ڪاٺ!

▣

ڪنهن سان لنوَ لائي،
ڳاڙها ڳانا پٽ جا
ڳچيءَ ۾ پائي؟

▣

وڃ هٽن تا مون،
هن اونداهيءَ رات ۾
سارو وقت مِرون.

▣

اڄ بہ مئا بارَ
ڊالر اگهہ چڙهي ويو
روزاني اخبار.

▣

نيث تہ پڪڙي پيھہ،
هُئي رستي تي لاش وٽ
ڪيڏي ڳپا ڳيھہ!

▣

ڪيڏا مرن ٿا،
پو بہ شهر وهي پيو
پو بہ نہ ڏرن ٿا!

▣

ڏِس، هي ڪير هُئو؟
تڙ تڙ سان بندوق جي
جيڪو آهہ مئو.

▣

هيءَ ڪلاشن ڪوف،
دهشت گرد لهو لهان
ءِ چؤطرف خوف.

▣

ياٿوُ ڪو آتت؟
موت وسي ٿو مينهن جئن
سارا نالا رَتُ.

▣

چوڌاري اَنڌيرُ،
سياسي ماڻهو شَهر جا
چڙ ڪاريءَ تي پيرُ.

▣

زالون توڙي مرد
ڪمري ۾ ڏيمي بتي
ڪيئي دهشت گرد.

▣

گهٽيءَ ۾ فانوسُ
پاڻ لڪائي تو وچي
ٺلقي ۾ جاسوسُ.

▣

گويا ڙي گويا!
ڪالهہ ڪراچيءَ شهر ۾
لاش پئي لويا.

▣

منهنجي دُعا منجهہ،
اُهي سڀ انسان ها
جيڪي آهن ڏنجهہ.

▣

اڄ اي آزادي!
سِج ڏني آڪاس ۾
ڪنهن جي منادي.

▣

چا جي. ايم. سيد
آهي تو وٽ اڳ جيان
اَڄُ بہ مُقيدُ؟

▣

گويا، ڙي گويا!
هتان جيئن اسپين ۾
لاش ڪڏهن لويا؟

▣

اڄڪلهہ گوليءَ ۾،
مان جو ڪجهہ تو کي چيو
ڪالهہ پروليءَ ۾.

▣

ڪنهن ڪنهن مارينڍؤ؟
ڪيسين پنهنجي موت جو
ٽاٽو تارينڍؤ!

▣

ڪيڏي رتوڇاڻ،
رستا ڏُٻا رت جا
ڪنهن ڪي ڪنهن جي ڪاڻ!

▣

چنڊُ متانئس زرد،
هو جو ڳليءَ موڙ تي
آهي دهشت گرد.

▣

ڌرتي، او ڌرتي!
تنهنجي ڪارڻ ڪيتري
پيڙا مون وَرتي.

▣

ڪيڏا تاڪوڙا!
ڪالهه اِئين ماڻهو مُئا
جڻ ڪي ماڪوڙا!

▣

چرِ ۾ سرگوشي،
لاش وڃن ٿا وَئن تي
ڪيڏي خاموشي!

▣

گھاٽو اُڏاٽو
ڇا اڄ ڪنهن راڪيٽ سان
ٽاٽو اُڏاٽو؟

▣

ماٺهو يا سايا،
اورنگيءَ ۾ ڪير، جي
لاشَ کڻي آيا.

▣

پير وڃي تيڏانهن،
آهي اڳتي ڪرَبلا
جو بہ وڃي جيڏانهن.

▣

آهہ ڪراچي ڪيئن،
ماڻهو روز مرن پيا
مينهن وَساڙن جيئن.

▣

ڪوئي ڏڌُ نہ ڏڌُ،
ٻاهر هلن گوليون
ڇانئٽ پيرُ نہ ڪڍُ!

▣

واهه جو تنهنجا بيان!
ڪيڏي چٽسالي ڪئي
آهه گولين جي نشان!

▣

دور تي گهوڙي سوارُ
لاش ڪيڏا،
اقتدار!

▣

هي پڄيرو ۾ عوامي انقلاب،
تيز جٺن تقدير هن جي،
ايترو اُن کان شتاب.

▣

هُو ٻنل وردي وڃي تي،
پر ڪلاشن ڪوف پرسان
آڻَ اڄ ڪنهنجي مڃي تي!

▣

ڇا ٻڌو تو؟
ڇپ هُيس تلوار وانگر،
داستان گو.

▣

شاعري سان ڪئن جهلينديں؟
جو بہ ڏمي دار آهي
جنگ ٿيندي، جنگ ٿيندي

▣

ديد منهنجي تي ڏسي،
هو فلاحي مملڪت
دور جهڙي 'ناروي

▣

موت وانگر مَچ آهي،
شاعري تنهنجي ائين جئن
مورڙئي جو رَڃ آهي.

▣

ڪيئن ڪِدايان ڪنڌ،
ڏونگرَ ڏينهن لهي ويو
پوءِ بہ نہ پهگو پنڌ.

▣

(مِينهن ڪٽيون)



# ڈیڈ سِٹا

نارو تہ وٺي ويندين،
واڳون بہ اَٽيئي پر، چارو تہ وٺي ويندين.

کھڙو نہ تنبورو آ؟
ٽِي باھہ ٻري جنھن مان، ھٿ لاءِ تہ ڪورو آ!

تيسين تہ صديون ڪُرندو
ٻيھار اَچِي جيسين، ڪا سَٽَ ھَٽي سُرندو!

ڪيڏو نہ مُٺو آھين!
تون ڪُڙم منجھان ھوندي ڇا لاءِ ڪُٺو ناھين؟

ھي ڏينھُن ڏَرڙ جٺَن آ،
جنھن مَنجھہ ڇُپيل منھنجو جڻ شعر ڳَرڙ جٺَن آ!

ڇا زَھر پِيارينديِن؟
سقراط جيان مون کي ٻيھار جِيارينديِن؟

توتي تہ رکِي آهي!
سُقراط تہ ناهيان مان، پر زهر چَکي آهي.

ڪا باک اُپرٽي آ،
هن سچ جيان سچ جي، ڪا ساک اُپرٽي آ.

هِي سِرَ نہ سِرُون آهن!
جيڏانهن بہ ڏس ٻيلو، ڪيڏا نہ مِرُون آهن!

تون آنهہ تہ پاڻيءَ ۾؟
هوشو بہ مُئو هو پَر تِي ويڙهہ مياڻي ۾؟

هاڻي تہ دَرندا ها،
ڪنهن وقت تہ جڙ مون وٽ انسان پرندا ها!

تون هونءَ مَرِي ويندينءَ،
اي سِنڌُ بَچِي ويندينءَ، جي هاڻِ تَرِي ويندينءَ.

ڪيڏي تہ ڪُڏي ڪرسي،
مونکي تہ اچي ڪِرسي، تو نانءُ ٻڏي ڪُرسي!

ڇا سَچُ مَرِي ويندو؟
ڇا رَڪَ وَچِي رهندِي، هي مَچُ ٻري ويندو؟

اڄ ڪالهه مڪين وانگر،
انسان ڪڏهن ٿيندا آزاد پکين وانگر؟

واپارَ سُمهي پيا سَپُ!
ڪيڏا نہ هَڏا چُوسي، هاتارَ سُمهي پِيا سَپُ.

ڪهڙي نہ صَدي آهي!
واڳون نہ جِتي ڪيئِي، اهڙِي بہ ندي آهي؟

اڳ جيئَن نہ جوکو ٿي،
هاٽي تہ هَلو سوچي، ٻيهار نہ دوکو ٿي!

گهَرُ گهَرُ گهاٽي ۾،
ٽاٽيدار تہ وينو آهي، پنهنجي ٽاٽي ۾.

(اننلب وليون)

چا لاءِ جھُرِين تو تون!
جي روس اھو ناھي چو پاڻُ نہ تِين تو تون؟

هڪڙا تہ سَهن وانگر
پيا ڏس تہ لڳن تا پيا، ناهرَ جي نَنهن وانگر.

اي مِينهن! مرڻ ايندا،
تون تار ترائي ڪر، هر رات هرڻ ايندا.

اي ٻاٽَ ڪري ڏاڍا،
هوءَ چپ وَئي اُڏِري، چِرڙاٽَ ڪري ڏاڍا!

چا ٽِياس مٿان ٽنگجُون؟
بي موت مَرُون يارو! ڳالهيون نہ ڪيون جنگ جون؟

چا لاءِ ڪَنهيَئہ ڪِيارِڙي؟
سَچ چَئہ تہ بري ٻُک ڪان، چا آهہ نہ ٻُوٽارِڙي؟

ڪجهہ خوابَ چُپائي رک،
بِي راتِ بہ اچڻي آ، اُن لاءِ بَچائي رک.

هڪ انقلابي، باغي، نئين دنيا جو سپنو ڏسندڙ آزادي پسند، انساني ڀائپي، برابري ۽ پُر امن انساني سماج جي خواهشمند شاعر طور، شيخ اياز جو نعم البدل برصغير جي شاعرن ۾ ته شايد ڳولڻ ئي عبث آهي. بغاوت، مزاحمت ۽ آزادي ته ابتدا کان ئي هن جي شاعريءَ جا سڀ کان محبوب ۽ مرغوب موضوع رهيا آهن. جديد دنيا جي شاعرن ۾ ورلي ڪو شاعر هوندو جنهن آزاديءَ جي حق ۾ ايترو ڪلام لکيو هوندو جيترو اياز لکيو آهي. هن آزاديءَ کي پنهنجي تخيل ۽ تفڪر ۾ ايترو ته ڳوهيو رَچايو ۽ پچايو آهي، جو اها هن جي فڪر جو اصل جوهر ۽ عرق بڻجي پئي آهي. هن تند کي تلوار ٺاهيو ته آزاديءَ لاءِ ڪوڙ جي ڪوٽ جا ڪنگرا ڊاهيا. ته آزاديءَ جي لاءِ ظالم ۽ ڦورو طبقن سان ويڙهه ڪاڏي، ته آزاديءَ جي لاءِ غلاميءَ ۽ محڪوميءَ سان نفرت ڪئي، ته آزاديءَ جي لاءِ- ۽ اها "آزادي" به اياز وٽ اچي، پنهنجي رائج تصور کان وڌيڪ وسيع، گهڻ رنگي ۽ گهَري بڻجي ٿي پوي. مرضيءَ سان جيئڻ جي حق کان وٺي، مرضيءَ سان سوچڻ ۽ لکڻ جي حق تائين، اياز وٽ آزاديءَ جا سهسين ذائقا ۽ رنگ آهن. هن روايت جا زنگ لڳل ذهن فن جي ريگمال سان رَهڙي صاف ڪيا ۽ سمورا زنجير ٽوڙي ڦٽي ڪيا. هن جي شاعري خوف، خاموشي، فرسودگي، فاشزم، ملائيت ۽ مذهبي تنگ نظري، نسل پرستي ۽ انتها پسنديءَ جو لاجواب رد آهي.

اياز کي نه ڪفر جي فتوائن ڪنبايو نه الحاد جي الزامن، نه دشمنن جون سازشون کيس جهڪائي سگهيون، نه دوستن جون بيوفايون. هُن سمورا وار پنهنجي سيني تي سَٺا. ڪتابن تي بندشون قبول ڪيون، جيل ڪاٽيا ۽ شهر بدريون ڏٺيون- پر نه جهُڪيو نه پنهنجيءَ ڳالهه تان هٿ کنيائين. هُن جي ذات ٽوڙي ذات ۾ بغاوت ۽ ويڙهه ڪائي سگهڻ جي جيڪا سگهه هُئي، سا هُن جي پوري دؤر ۾ ڪنهن وٽ به نه هُئي. البت هن جڏهن جڏهن پنهنجي راهِ تبديل ڪئي، ته ان جو ڪارڻ ڪنهن جو دٻاءُ، تشدد، جيل، فتوي، جبر، خوف، لالچ ۽ مصلحت نه هو پر هن جي پنهنجيءَ دل جو فيصلو هو. اياز جي تحرير هجي يا شخصيت، پنهنجي دور ۽ ان جي غالب غاصب قوتن ۽ فاشسٽ روين جو شديد انڪار آهي. دراصل اياز ۾ انڪار ڪرڻ جي موجود بي پناهه قوت ۽ جرئت ئي هن کي مزاحمت جو آفاقي استعارو بڻائي ڇڏيو آهي.

**اسحاق سميجو**